ABC CERTIFIED

# مهراڻ

نمبر 1/2022ع



سنڌي ادبي بورڊ



# هيءَ جا لات ”لطيف“ جي

رات سَهائِي، پُون سَئِين، پِرتَ نَئين پَنڌُ پُورِ،
مَيا! مَحبوبَنِ جي هَلِي وانءُ حُضُورِ،
جي چُٽڪَنِ چِتَ ۾، سي ڪيئَن سَڄَڻ ڏُورِ،
الله لَڳِ اَسُورِ، مون کي نيئَي ميڙَئين.

(سُر ڪنيات)

***

**سمجهاڻي:**

رات چنڊ ۽ تارن جي روشنيءَ واري (چانڊوڪي) آهي. واٽ سنئين سڌي ۽ صاف آهي. نئون نينهن لڳو آهي. سو تون پنڌ کي چڪ (تيز هل). اي ميا، (ڪيئن بہ ڪري) مون کي محبوب جي اڳيان هلي حاضر ڪر. اهي محبوب جيڪي هر هر پيا ياد پون، جيڪي منهنجي دل ۾ موجود آهن، سي ڪو پري ٿي سگهندا. (هاڻي ڪجهہ بہ ڪر) الله جي واسطي، وڏي اسر ويلي (رات جي پوئين پهر) هلي مون کي محبوب وٽ پهچاءِ.

(شاهہ جو رسالو) محقق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
**شارح: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو**
ڇاپو پهريون: 2016ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار
عالم سڀ آباد ڪرين



## طالب المولىٰ رحہ

معمور يوسفاڻي مرحوم
عمرڪوٽ

جابجا جلوه نمائي، طالب المولىٰ سندي،
ربّ ڏي آ رهنمائي، طالب المولىٰ سندي!

خادمِ علم و ادب، آهي مگر مخدوم سو،
محفلن ۾ روشنائي، طالب المولىٰ سندي!

سنڌ ساريءَ جي اديبن، شاعرن، هر بزم ۾،
وات هر ڪنهن آهه وائي، طالب المولىٰ سندي!

مُلڪ و مِلت ۽ ادب لئہ، علم ۽ ٻوليءَ جي لئہ،
ٿي عجب خدمت رسائي، طالب المولىٰ سندي!

سنڌ ساريءَ جي حسينن کي ڏنو 'معمور' مون،
سونهن سيني ۾ سوائي، طالب المولىٰ سندي!
(ماهوار 'فردوس'، جون- جولاءِ 1957ع)

(11 جنوري قبلا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي 29هين ورسي جي نسبت سان)

ٽماهي

# مهراڻ

ABC CERTIFIED

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 72 — جنوري- مارچ 2022ع — نمبر 1

**سرپرست**

**مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘**

**چيئرمين**

**ايڊيٽوريل بورڊ:**

**ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ**

**ڊاڪٽر نواز علي شوق**

**ڊاڪٽر اسد ’جمال‘ پلي**

**سيڪريٽري**

**سيد سڪندر علي شاهه**

**ايڊيٽر**

**ثميناه ميمڻ**

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

# مخدوم خليق الزمان ”خليق“

(سنڌ جو بهادر سياسي اڳواڻ ۽ شاعر)



جنم:- 13 فيبروري 1949ع

وفات:- 14 مارچ 2022ع

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# سوچ-لوچ

نئين سال جنوري- مارچ 2022ع جو ٽماهي ’مهراڻ‘ جو پرچو اوهان پڙهندڙن تائين پهتو آهي، گذريل سال جيان هن پرچي ۾ به مواد، موضوع ۽ معيار کي ڌيان ۾ رکيو ويو آهي. علمي ادبي تاريخي مواد کي سهيڙڻ انهيءَ مواد کي چنڊڇاڻ ڪري سنوارڻ ۾ ايڊيٽوريل بورڊ جي معزز ميمبرن جو تعاون ۽ رهنمائي پڻ شامل آهي ۽ اسان جي هر پيري اها ڪوشش هوندي آهي ته ’مهراڻ‘ جو پرچو گذريل پرچي کان وڌيڪ خوبصورت هجي، ۽ پڙهندڙن ۽ لکندڙن کي معيار مطابق مثبت موٽ ملندي رهي. اسين مهراڻ جي نون ۽ پراڻن ليکڪن جا تهه دل سان شڪرگذار آهيون، جن هميشه اسان سان تعاون جو سلسلو برقرار رکيو آهي ۽ آئينده به سندن اهڙو تعاون جاري رهندو.

**پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي ميٽنگ:**

تاريخ 14- فيبروري 2022ع تي پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ڊاڪٽر ڏُرمحمد پٺاڻ جي صدارت هيٺ ٿي گذري: ڪميٽين جي ميمبرن (1) ڊاڪٽر نواز علي شوق، (2) ڊاڪٽر اسد ’جمال‘ پلي، (3) سيد شبير ’هاتف‘، (4) سيڪريٽري سيد سڪندر علي شاهه ۽ پبليڪيشن شعبي جي محترم رفيق جماليءَ شرڪت ڪئي. ميٽنگ ۾ پبليڪيشن شعبي جي ڪارڪردگيءَ تي غور ڪيو ويو ۽ اهم فيصلا ڪيا ويا.

**مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ کي ٻيهر چيئرمين مقرر ڪرڻ تي بورڊ پاران مبارڪباد:**

سنڌ حڪومت وڏي وزير مراد علي شاهه صاحب جي منظوريءَ سان مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ کي وڌيڪ چئن سالن لاءِ 7 مارچ 2022ع کان 6 مارچ 2026ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو آهي، انهيءَ سلسلي ۾ 25 مارچ 2022ع تي بورڊ جي ملازمن مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ کي بورڊ جي ٻيهر چيئرمين مقرر ٿيڻ تي گلن جي ورکا ڪري ڀرپور آجيان ڪئي. ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ انهيءَ ڏينهن تي چيئرمين صاحب بورڊ جي مختلف سيڪشنن ۽ آفيسن جو دورو پڻ ڪيو ۽ ڪارڪردگيءَ کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ لاءِ هدايتون پڻ ڏنيون. ۽ بورڊ جي ملازمن پڻ چيئرمين صاحب کي ڀرپور سهڪار جو يقين ڏياريو.

**8 مارچ عورتن جو عالمي ڏينهن:**

هر سال عورتن جي عالمي ڏينهن طور ملهايو ويندو آهي، جنهن جو بنيادي مقصد عورتن جي بنيادي حقن طرف ڌيان ڏيڻ ۽ عام عورتن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ آهي ۽ انهي سلسلي ۾ سڄي دنيا ۾ عورتن جي ترقي، بهتريءَ ڀلائيءَ جي حوالي سان پروگرام ڪري عورتن جي اهميت ۽ ڪردار کي پيٽا پيش ڪئي ويندي آهي، پر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڪنهن به سماج ۾ مرد ۽ عورت جو برابريءَ وارو ڪردار لازم ۽ اهم آهي. ٻنهي جي گڏيل عملي ڪردار کانسواءِ ڪابه ترقي ناممڪن آهي، ۽ حڪومتي ليول تي پڻ عورتن جي بنيادي مسئلن طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي، جن ۾ بنيادي تعليم، عورتن جو علاج ۽ سرڪاري نوڪري پڻ ڏيڻ آهي.

هِن دفعي اسان ايڊيٽوريل جو باقي حصو ايڊيٽوريل بورڊ لاءِ رکيو آهي، جيڪو ايڊيٽوريل جي ميمبر محترم ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ تحرير ڪيو آهي.

**ثميٺه ميمڻ**
**ايڊيٽر ’مهراڻ‘**

**سنڌي ادبي بورڊ جو تعارف:**

سنڌي ادبي بورڊ 1951ع ۾ قائم ٿيو. ان کان پهرين 1950ع ۾ هاءِ پاور ايگزيڪيوٽو ڪميٽي فار سنڌي لٽريچر قائم هئي. هيءَ اعليٰ اختيارن واري ڪميٽي ”سنڌي ادب لاءِ صلاحڪار بورڊ“ جيڪو آگسٽ 1940ع ۾ قائم ٿيو هو، انهي جي رٿن ۽ فيصلن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ قائم ٿي هئي، اڳتي هلي ”سنڌي ادب لاءِ صلاحڪار

بورڊ“ کي ختم ڪيو ويو ۽ هاءِ پاور ايگزيڪيوٽو ڪميٽي فار سنڌي لٽريچر جي ميمبرن جو تعداد ستن مان وڌائي يارنهن ڪيو ويو ۽ ان کي سنڌي ادبي بورڊ جو نالو ڏنو ويو. هيءُ اِهو بورڊ آهي جيڪو هِن وقت قائم آهي. بورڊ جي ٺهڻ وقت ان جو چيئرمين جناب آغا غلام نبي پٺاڻ وزير تعليم سنڌ هو. ان کانپوءِ قاضي محمد اڪبر صاحب وزير تعليم ٿيو تہ پاڻ بورڊ جو چيئرمين ٿيو. 1954ع ۾ بورڊ جي نئين سر تشڪيل ٿي ۽ وزيراعليٰ سنڌ جناب محمد ايوب کهڙو صاحب بورڊ جو چيئرمين مقرر ٿيو. ان بعد 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ کي هڪ خودمختيار اداري جي حيثيت ملي ۽ ان جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ آئين منظور ڪيو ويو. هن نئين جوڙجڪ ۾ بہ کهڙو صاحب بورڊ جو صدر ۽ سائين جي.ايم.سيد نائب صدر مقرر ٿيا. سيپٽمبر 1961ع ۾ بورڊ جي ٻيهر نئين جوڙجڪ ٿي ۽ حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر محترم نياز احمد کي نومبر 1961ع تائين ٽن مهينن لاءِ بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو.

13 نومبر 1961ع کان ٻهريون ڀيرو سنڌي ادبي بورڊ ۾ عوامي وابستگي ۽ نمائندگي جو دور آيو. جڏهن ڪنهن سرڪاري عهديدار بجاءِ سنڌ جي عوام جي محبوب نمائندي سنڌي ادب جي بي لوث خدمتگذار قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ صاحب کي سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. پاڻ اڳ ۾ بہ 1955ع ۽ 1961ع ۾ بورڊ آف گورنرس جا ميمبر رهي چڪا هئا. ۾ هڪ خودمختيار اداري جي خودمختيار چيئرمين طور پاڻ ٻهريون دفعو بورڊ جو انتظام سنڀاليائون. حڪومت جي احسن آفرين قدم سان صحيح معنيٰ ۾ اسين بورڊ جي مڪمل ڪارڪردگيءَ جي حَسين شڪل ڏسون ٿا. مئي 1968ع ۾ بورڊ جي نئين تشڪيل ٿي ٻيون دفعو قبلہ مخدوم صاحب چيئرمين ٿيا. ٽيون ۽ چوٿون دفعو 1972ع ۽ 1974ع ۾ چيئرمين مقرر ٿيا. پنجون دفعو قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ صاحب 5 فيبروري 1989ع کان ٽن سالن لاءِ بورڊ جا چيئرمين مقرر ٿيا. ڇهون دفعو 12 ڊسمبر 1991ع کان ٽن سالن لاءِ چيئرمين مقرر ٿيا ۽ انهيءَ عرصي دوران پاڻ 11 جنوري 1994ع تي وفات ڪيائون. قبلہ سائين جن جي هن جهان مان بهتر جهان ڏانهن سفر بعد مختلف چيئرمينن وٽ بورڊ جون واڳون رهيون. 4 جون 2010 کان 11 مارچ 2014ع تائين ٻهريون دفعو ۽ 12 مارچ 2014 کان 7 مارچ 2019 تائين ٻيون دفعو قبلہ مخدوم جميل الزمان ”جميل“ سائين سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمين مقرر ٿيا. 8 مارچ 2019ع کان قبلہ مخدوم سعيد الزمان ”عاطف“ صاحب جن بورڊ جا چيئرمين آهن.

هن ايڊيٽوريل ۾ اسين مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ جي 2022ع واري وقت ۾ ٿيل ڪمن ۽ منعقد ڪيل تقريبن جو خصوصي ذڪر ڪريون ٿا، هنن تقريبن جون رپورٽون اسان مهراڻ جي هن پرچي ۾ تفصيل سان شامل ڪيون آهن.

**(الف) مشاعرو:**

خميس ڏينهن 13 جنوري 2022ع تي آل سنڌ سنڌي مشاعرو، مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ آڊيٽوريم ۾ منعقد ٿيو. هن مشاعري ۾ سڄي سنڌ مان شاعرن شريڪ ٿي پنهنجون نڪور لکڻيون پيش ڪيون.

**(ب) ڪتابي ميلو:**

تاريخ 13-14 ۽ 15 فيبروري 2022ع تي ٽن ڏينهن جو ڪتابي ميلو منعقد ڪيو ويو. موجود ٽن سالن ۾ باوجود ڪرونا جي افراتفري جي هيءُ ٽيون ڪتابي ميلو هئو. هن ٽن ڏينهن جي ڪتابي ميلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ کان علاوه سنڌ ۽ خاص طرح حيدرآباد جي ڪيترن ئي ادبي ادارن ۽ پبلشرن طرفان دُڪان سجايا ويا ۽ سنڌي ڪتابن جو وڪرو ٿيو.

**(ج) سنڌي ادبي بورڊ جي سابق چيئرمينن کي سندن خدمتن عيوض پيش ٿيا**

هيءُ شاندار پروگرام 13-14 ۽ 15 فيبروري تي سنڌي ادبي بورڊ جي مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ آڊيٽوريم ۾ منعقد ٿيو.

(1) تاريخ 13 فيبروري تي سائين مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ ادبي ڪانفرنس جي صدارت جناب مخدوم سعيد الزمان عاطف‘ صاحب ڪئي. مهمان خاص جناب شبير ’هاتف‘ شاهہ صاحب ۽ اعزازي مهمان جناب سرفراز راڄڙ صاحب ۽ جناب مختيار ملڪ صاحب جن هئا. هن ڪانفرنس کي ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو

صاحب ۽ ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ صاحب پڻ خطاب ڪيو. هن موقعي تي جناب قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جن جي حياتي تي هڪ تعارفي آڊيو _ وڊيو ڊاڪيومينٽري پڻ پيش ڪئي وئي. باقي ڇهن نشستن جي صدارت جناب شبير 'هاتف' صاحب، ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ صاحب، ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب ۽ ڊاڪٽر اسد جمال پلي ڪئي. هنن تحسيني نشستن ۾ بورڊ جو تازن ڇپيل 15 ڪتابن جي رونمائي پڻ ڪئي وئي.

**(د) افتتاح**

(1) بورڊ جو جهنڊو، (2) باب جي.ايم.سيد بورڊ جو مُک دروازو، (3) مخدوم جميل الزمان 'جميل' بسپلي سينٽر، (4) بورڊ جي نئين آفسيٽ پرنٽنگ مشين جو افتتاح

**(ه) پيڙهہ جو پٿر:**

محترم چيئرمين صاحب طرفان بورڊ جي اينڊ پروگرام تحت هيٺين پروجيڪٽس جي پيڙهہ جا پٿر رکيا ويا.

(1) سيد ميران محمد شاهہ انتظاميہ بلاڪ، (2) شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ريسرچ لائبريري، (3) شهيد بينظير ڀٽو اسڪالر هاسٽل، (4) ملازمن لاءِ رهائشي ڪوارٽرس

**ٻگهہ چوڙي پنڌ پيا:**

**مخدوم خليق الزمان 'خليق':**

تازو 14 مارچ 2022ع تي سنڌ جو بهادر سياسي اڳواڻ، اعلیٰ معيار جو شاعر، قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ جو ٻيو فرزند مخدوم غلام محمد عرف خليق الزمان 'خليق' لاڏاڻو ڪري ويو. انالله وانا اليه راجعون، مخدوم صاحب جي وفات، مخدوم خاندان سروري جماعت سان گڏ سڄي سنڌ لاءِ نہ وسرندڙ ۽ نہ پرجندڙ خال آهي. مخدوم خليق الزمان صاحب جڏهن سنڌ پيپلزپارٽي جو صدر ٿيو تہ سنڌ جي جيالن ۾ ساهہ پئجي ويو. ايم.آر. ڊي ۾ ٻئي دفعا سنڌ ۾ پنهنجي وجود جو مڪمل احساس ڏياريائين. نہ جيل کان مڙيو نہ ڏکين پنڌ پيچرن کان. بلوچستان جي مچ جيل کان وٺي نارا جيل حيدرآباد، سکر سينٽرل جيل ۽ ڪراچي جيل جون ياترائون ڪيائين. جيل ڀريو تحريڪ ۾ جڏهن مخدوم صاحب اعلان ڪيو تہ سڄي سنڌ جا جيل جيالن سان سٿجي ويا. خاص ڪري سروري جماعت جا ڪارڪن تہ لسٽون لڪرائڻ ۾ اڳرن کان اڳرا هئا. جڏهن محترم مرتضیٰ ڀٽو پاڪستان موٽيو تہ هن سچي ۽ حق آگاهہ انسان محترم مرتضیٰ ڀٽو صاحب جو ساٿ ڏنو. حالانڪہ کيس خبر هئي تہ "عشق جي راهن مٿي ڪانوا اُيا آهن." مگر پاڻ پير پٿون ڪرڻ لاءِ تيار هئو ۽ ڪنهن راهہ جي رڪاوٽ جي پرواهہ نہ ڪيائين. 1972ع ۾ هالا واري سيٽ تان صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر 1988ع ۾ ٽنڊوالهيار واري تڪ تان ايم.اين. اي ۽ 1991ع ۾ سينيٽر رهيو.



سندن ولادت 13-فيبروري 1949ع تي هالا ۾ ٿي. پاڻ گريجوئيشن ڪيائون. 1972ع کان باقاعده شاعري شروع ڪيائون. قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ سائين کان اصلاح ورتائون. ڪيترن مشاعرن ۾ مخدوم صاحب جي زير صدارت پنهنجي شاعري پيش ڪيائون ۽ دادِ تحسين حاصل ڪيائون. سندن شاعري وقت جي مشهور فنڪارن پڻ ڳائي ۽ عوام جي زبان تي آئي. کين شاعريءَ ۾ بہ جلدي مقبوليت ملي تہ سياست ۾ بہ جلد مٿاهون مقام ماڻيائون.

الله پاڪ کين غريق رحمت ڪري. سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جا ميمبر، ٽماهي 'مهراڻ' جو سٽ، سيڪريٽري ۽ سڀ ملازم سنڌي ادبي بورڊ جي لائق ۽ فائق چيئرمن محترم سعيد الزمان 'عاطف' سان ۽ پوري مخدوم خاندان سان غم ۾ شريڪ آهن ۽ ڏکي دل سان دستِ دعا آهن تہ الله پاڪ مخدوم خليق الزمان کي غريق رحمت ڪري ۽ سندس اڳتي جو سفر سٺائو ڪري. ايندڙ مهراڻ ۾ انشاءالله سندن زندگيءَ ۽ ڪارنامن تي هڪ ڀرپور مضمون شامل ڪبو.

هيءُ لوڪ ادب جي سهيڙڻ جي اُها رٿا آهي. جنهن هڪ طرف سنڌ جي منتشر لوڪ ادب کي محفوظ ڪيو ۽ ٻئي طرف ڊاڪٽر صاحب کي دنيا کان داد تحسين ڏياريو. يونيسڪو کين خاص ڪميٽيءَ ۾ ميمبر طور شامل ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ 1955ع ۾ هن رٿا جي منظوري ڏني ۽ هن اسڪيم جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي مقرر ڪيو. تعلقي وار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، جن کي مواد موڪلڻ جو ماهيانو معاوضو ڏنو ويندو هو ۽ مرڪزي ڊڪشنري آفيس ۾ ئي لوڪ ادب جو ڪم شروع ٿيو. اڪثر ڪارڪن اُهي ئي هئا جن سان ڊاڪٽر صاحب جون هنڌ هنڌ ڪچهريون به ٿي چڪيون هيون. ڪي ٻيا به مددي ڪارڪن حاصل ڪيا ويا هئا.

طريقه ڪار هيءُ هو ته جيڪو به مواد ايندو هو سو مرڪزي آفيس ۾ موجود هيڊ ڪارڪن شيخ محمد اسماعيل ۽ ٻيا ڪارڪن ڇنڊ ڇاڻ ڪندا هئا. ڊاڪٽر صاحب شام جو ڇهين بجي ايندا هئا، اُن مواد کي ڏسندا هئا، ڪارڪنن سان صلاح ڪندا هئا ۽ درستيون ڪندا هئا. مختلف روايتن مان هڪ جي چونڊ ڪندا هئا ۽ اُهائي روايت متعلقه جلد ۾ موڪليندڙ تعلقه ڪارڪن جي نالي سان شامل ٿيندي هئي، جيڪا فوٽ نوٽ ۾ ڏني ويندي هئي. مون به 1957ع ۾ سانوڻ فقير جا ڪي بيت محمد سومار شيخ جي ذريعي روانا ڪيا. 1962ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرر ٿيس ته ڊڪشنري/ لوڪ ادب آفيس ۾ ويندو هوس. هڪ اهڙي شام جو اُتي ويس ته ڊاڪٽر صاحب آيا. ڪارڪنن سان هٿ ملائڻ کان پوءِ هڪدم مواد ڏسڻ ۽ شيخ محمد اسماعيل کي صلاح ڏيڻ ۾ مشغول هئا ته گهران چانهه اچي وئي. ايلاچيءَ جي خوشبوءِ واري خوش ذائقه چانهه جو ڪوپ مون کي به مليو. چانهه جي هن ڪوپ مان مون کي ڊاڪٽر صاحب جن جي خوش ذوقيءَ جو به اندازو ٿيو. آءٌ موڪلائڻ لڳس ته شيخ محمد اسماعيل کي چيائون ته ميان عبدالجبار کان به مدد وٺندا رهو. اُن همت افزائيءَ واري جملي مون ۾ جذبو پيدا ڪيو ۽ جڏهن به ڪا شيءِ ملندي هئي اُها ڪارڪنن کي ڏئي ايندو هوس. شيخ محمد اسماعيل ۽ ممتاز مرزا سان ٿوري گهڻي ڳالهه ٻولهه کان پوءِ هليو ويندو هوس، متان ڪارڪنن جو وقت ضايع ٿئي! ڊاڪٽر صاحب جن جو مٺيون جملو منهنجي ڪنن ۾ پيو پڙندو هو. انهن ئي ڏينهن بلڪه 1953ع ۾ جڏهن "تاريخ معصومي" ۽ "ٻيلاين جا ٻول" جو مطالعو ڪيو هوم ته ڊاڪٽر صاحب جن کي پنهنجو اُستاد، رهبر مثالي محقق ۽ هيرو سمجهڻ لڳو هوس. سندن باقي زندگيءَ جي ڪاهوڙ ۽ جاکوڙ ثابت ڪيو ته منهنجي سندن باري ۾ عقيدت ۽ راءِ صحيح هئي.

سنڌي ادبي بورڊ لوڪ ادب جي هيءَ رٿا ڊاڪٽر صاحب جي حوالي ڪئي ۽ 1957ع کان مواد گڏ ٿيڻ شروع ٿيو. پوري رٿا بندي ۽ صنف وار مواد جي تقسيم ڪئي وئي. 42 جلدن جو هيءُ مواد تيار ٿيو. نثر ۾ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون، سنڌ جا عشقيه داستان، ٻاهريان عشقيه داستان هڪ طرف هئا ته نظمي مواد ٻئي طرف هو. ڪن صنفن تي هڪ کان وڌيڪ جلد به تيار ٿيا ۽ ڇپيا. ڊاڪٽر صاحب جن هر صنف بابت مفصل مقدما لکيا ۽ موضوع جو ڪوبه پهلو تشنه نه ڇڏيو. لوڪ ادب جي هنن جلدن جي موضوع وار تقسيم، مواد جي چونڊ، ترتيب ۽ رٿابندي ڌيان ڇڪائي ٿي. لوڪ ادب جي دنيا ۾ هيءَ رٿا منفرد ۽ نشانبر آهي.

**ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو**
رسالو مهراڻ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ نمبر
تان کنيل

# لافاني ڪلام

ٽئينءَ ۾ چوٿين صدي هجريءَ ۾ جيڪي عرب ۾ عالم سياح سنڌ ۾ آيا، تن جي احوالن ۾ تذڪرن مان اهو پوريءَ طرح سان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي زبان، سنڌ ملڪ جي قومي ۾ ملڪي زبان هئي. بزرگ بن شهريار 'ڪتاب الهند' ۾ هن طرح سان لکي ٿو تہ "الور جي هڪ هندو راجا منصوره جي مسلمان حاڪم عبدالله بن عمر هباري ڏي لکي موڪليو تہ قرآن پاڪ ۾ مذهب اسلام جي عقائد ۾ تعليم تي سنڌي زبان ۾ ڪتاب لکرائي ڏانهنس موڪلي. عبدالله هڪ عراقي نسل جي سنڌي عالم ڪان ڪلام پاڪ جو ترجمو ۾ اسلامي عقائد ۾ تعليم تي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي موڪليا" پهريون ڪتاب سنڌي نثر ۾ ۾ پويون نظم ۾ هو. ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ چوٿين صدي هجريءَ دوران سنڌ ۾ سنڌي نثر بہ نظم سان گڏ موجود هو ۾ اهو ڪنهن نہ ڪنهن نموني ۾ لکيو بہ ويندو هو. پر ان مان اها خبر پئجي ڪانہ ٿي سگهي تہ انهيءَ اڳاتي نثر جي صورت ڪهڙي هئي؟ عربن جي ڪاھ وقت، چچنامي ۾ بيان ڪيل راجا ڏاهر جي ڪن سنڌي خطن جو پتو پوي ٿو، جنهن مان اسان جي مٿي بيان ڪيل ڳالھ جي ڪنهن حد تائين تصديق ٿئي ٿي تہ سنڌي نثر مروج هو. پر چچنامي واري صاحب ان اصل سنڌي خط جو ڪوبہ نمونو نہ ڏنو آهي، تنهنڪري اهو چئي نٿو سگهجي تہ اهي خط ڪهڙي رسم الخط ۾ هئا.

**قريشي حامد علي خانائي**

رسالو مهراڻ 1971/4ع تان کنيل



ٻڍو خان قاصد لغاري
ٽنڊو الهيار

# سير اگهم ڪوٽ*

سرزمين سنڌ جي سيني ۾ سندس پراڻي تهذيب ۽ تمدن جا ڪافي ذخيرا سمايل آهن، بيوفا وقت جي گردش جي ڪري ڪيترا شهر آباديون ۽ واهڻ ڦٽي قبرستان بڻجي ويا ۽ انهن مان ڪيترا آثار قديمه اڄ به يادگار طور دل کي راحت بخشيندڙ آهن.

افسوس جو بي توجهي جي ڪري اهي عظيم يادگار تاريڪيءَ جي خاموشيءَ ۾ مضمر ٿي هميشه لاءِ ختم ٿيندا ٿا وڃن. اهڙين قديم بستين مان اگهم ڪوٽ به هڪ آهي، تاريخي لحاظ کان اگهم ڪوٽ جو هيءُ ڦٽل شهر تمام پراڻو آهي. چچنامه ۾ لکيل آهي ته جڏهن راجا ڏاهر جي پيءُ چچ برهمڻ سنڌ جي ٻڌ ڌرم راجا راءِ سهاسيءَ کي چالبازيءَ سان ختم ڪري سنڌ مُلڪ تي قبضو ڪيو هو، تڏهن اگهم ڪوٽ تي راجا اگهم لوهاڻو راڄ ڪندو هو. سنه 93 هجريءَ ۾ محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي ته ان وقت اگهم ڪوٽ جو شهر نهايت اوج تي هو ۽ اسلامي فوجن ديبل بندر هٿ ڪرڻ کان پوءِ اچي هن شهر تي قبضو ڪيو، انهيءَ کان پوءِ محمد بن قاسم سپاهه سميت سنڌ جي اترين علائقي ڏانهن روانو ٿي ويو.

هن وقت مڪاني ماڻهو اگهم ڪوٽ کي اگهاماڻو ڪري ڪوٺيندا آهن.

وڏن کان روايت آهي ته هيءُ شهر بن پيءُ پٽن جي نالي سان سڏبو آهي يعني اگهام نالو پيءُ جو ۽ ماڻو نالو پٽ جو (والله اعلم) اگهم ڪوٽ جو هيءُ عظيم خاموش شهر تعلقي ماتلي ۾ ٽنڊوالهيار ۽ ٽنڊو غلام علي روڊ کي نزديڪ اولهه طرف ٻه فرلانگ کن پنڌ تي آهي.

روڊ کي ڇڏي جڏهن اگهم ڪوٽ جي ڦٽل شهر ڏانهن وڃبو (جيڪو سينٽر مقام جي صورت ۾ آهي) ته مقام جي اوبر طرف لڳ هڪ ڦٽل واهه (ڍوري) جا نشان آهن چون ٿا ته اهو ٻورو ڪنهن سمي سنڌو درياهه جي هڪ ڇاڙهه هو ۽ ٻاراهو وهندڙ هو.

سنڌو درياهه هميشه پنهنجا وهڪرا بدلائيندو رهيو آهي، درياهه جي رخ بدلجڻ جي ڪري انهيءَ منڪوره ڍوري به آهستي آهستي صرف ساوڻ جي مند ۾ وهندڙ واهه جي وڃي شڪل اختيار ڪئي اهو ٻورو جنهن کي بگهياڙ ۽ سرفراز به سڏيو ويندو هو ۽ اگهم ڪوٽ کان اُتر کان ڏکڻ طرف وهندو هو.

سال 1932ع ۾ نون واهن جي نڪرڻ کان پوءِ هي ڍورو هميشه لاءِ ڦٽي ويو.

ٻوري مان لنگهي ستو نهار ڪبي ته هڪ عاليشان ۽ نئين مرمت ٿيل مقبري تي نظر پوندي اهو مقبرو اولياءِ حضرت شاهه عبدالمجيدؒ جو آهي، جنهن کي عام طرح سان شاهه مجيد ڪوٺيو ويندو آهي، مقبري جي ڏکڻ طرف اڏاوت ٿيل ڪچيون جايون آهن، جيڪي فقيرن جا اوتارا آهن.

هر مهيني جي چوڏهين تاريخ سنو ميلو ٿيندو آهي جتي اوري پري جا معتقد ماڻهو حاضري ڏيڻ ۽ زيارت ڪرڻ لاءِ ايندا آهن ۽ مولود جي پڙ محفل ٿيندي آهي.

اوتاري جي احاطي ۾ هڪ نلڪو پڻ لڳل آهي، نلڪي جو پاڻي ساڪرو ڇهرو آهي ۽ ڦٽن ڦرڙين وارا بيمار ماڻهو ان کي لڪيءَ جي پاڻيءَ وانگر استعمال ڪندا ۽ وهنجندا آهن.

---

هيءُ مضمون مرحوم رئيس ٻڍو خان اداره 'مهراڻ' کي خصوصي اشاعت لاءِ موڪليو ۽ اشاعت کان پهرين پاڻ 24 آگسٽ 2021ع بروز اڱارو وفات ڪري ويو، هن سلسلي جو هڪ مضمون مرحوم محمد حسين ڪاشف جو پڻ ڪافي سال پهرين ٽماهي مهراڻ ۾ شايع ٿي چڪو آهي. (ايڊيٽر)

مالڪ محبوب جي قدرت آهي ۽ ڪيترا مريض پڻ شفاياب ٿيا آهن. اوتاري کان اُتر طرف لڳ مسجد بہ آهي. سلمهون ٿلهي تي اولياء صاحب شاهہ عبدالمجيد جو مقبرو آهي مقبري جو دروازو ڏکڻ طرف آهي ۽ سندس اڳيان سيمينٽ سان پڪو ٿيل احاطو بہ آهي.

سال 1968ع کان اڳ هن مقبري ۾ وڃڻ ۽ زيارت ڪرڻ بہ ڏپ ٿيندو هو ڇو تہ مقبري جون پٽيون ڏکڻ ۽ اوڀر طرف واريون بلڪل ڪِريون پيون هيون ۽ گنبذ بہ صرف ٻن پٽين جي آڌار تي زبون حالت ۾ بيٺل هو ۽ اندر ڪِن ڪچرو پيل هوندو هو.

اسان جا وڏا ڳالهہ ڪندا آهن تہ اٽڪل 50 کن ورهيہ ٿيندا جو مقبري جون ٻہ پٽيون برسات ۾ ختم ٿي ويون هيون ۽ گنبذ انهيءَ زبون حاليءَ ۾ باقي ٻن پٽين تي بيٺو رهيو، سال 1968ع ۾ رب ڪريم ڳوٺ گلاب لغاري جي هندو سيٺ کي توفيق ڏني ۽ مسلمان معتقدن بہ گڏجي مقبري جي مرمت جو ڪم شروع ڪرايو ۽ نئين مرمت جي ڪري مقبرو هاڻي تمام عاليشان ٿي ويو آهي، جنهن ۾ ڇهہ تربتون آهن. روايت موجب اولهہ پاسي واري تربت شاهہ عبدالمجيد جي آهي ۽ ٻيون مزارون سندس پوين فقيرن جون آهن.

شاهہ عبدالمجيد جي زيارت ڪري اوڀر ۽ اُتر طرف اچبو تہ تمام وڏا وڏا دڙا ڏسڻ ۾ ايندا.

انهن دڙن ۾ هينئر ڪافي شگاف پئجي ويا آهن، جيڪڏهن غور سان ڏسبو تہ انهن ۾ ڪٿي ڪٿي زمين جي سطح کان اُٺ ڏهہ فوٽ مٽي ڪوئلي ۽ ڇار جا بہ ٽي تهہ ڏسڻ ۾ ايندا ٿي سگهي ٿو تہ پنهور وانگر هتي بہ آبادين جا ٻہ ٽي دور آيا هجن.

وڏا ڳالهہ ٿا ڪن تہ پراڻي پاڻي جي زماني ۾ ماڻهو انهن دڙن کي کوٽي مٽي اُٺن تي ڪٽي زمين ۾ پاڻ طور وجهندا هئا هڪ همراهہ دڙي کي کوٽي رهيو هو تہ اندران ڪنجهي جون ست سٽيل ٿالهيون نڪتيون ۽ ايترو تہ سڙي ختم ٿي ويون هيون جو فقط هٿ لڳائڻ سان ختم ٿي ويون. دڙن کي ڪڏا پئجي وڃڻ سبب هن وقت بہ منجهانئن قسمين قسمين مٽيءَ جا ٺڪر ڀڳل ٽٽل حالت ۾ ٻاهر ڏسڻ ۾ ايندا جن مان ڪاشيءَ جا ٿانوَ، ٺڪر جي چاڏين جا ٺڪر، چلم ۽ حُقي جا ٺڪرا، ٻارن جي راند جا اُٺ ۽ مٽي جا پڪل بلور، جنديون، پٿر جون ڀڳل چڪيون، ڪوڏا ۽ ڪوڏيون مطلب تہ اڳهر ڪوٽ ۾ ٺڪر جو تمام ڪثرت سان رواج هو سڀ کان جندين جا ٺڪر تمام گهڻا ڏسڻ ۾ ايندا.

انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڊوري ۾ پاڻي جام هئڻ سبب هتي ساريون تمام گهڻي انداز ۾ ٿينديون هيون، جيڪا هن علائقي جي خاص پوک هئي.

ڪاشيءَ ۽ ٺڪر جي ٿانون تي عاليشان گلڪاري ٿيل آهي ۽ ڪم بہ اهڙو تہ سچو ۽ عمدو ٿيل آهي جو اڄ بہ انهن ڪاشيءَ جي ٺڪرن کي ڏسي ائين ٿو معلوم ٿئي تہ هي ٿانوَ ڪلهہ جا ٺهيل آهن ۽ ڪلهہ ئي ڀڄي پيا آهن.

خاص طور برسات جي موسم ۾ انهن دڙن مان عجيب و غريب قسم جون شيون ماڻهن کي هٿ اينديون آهن، جن کي ڏسي ماڻهو اچرج ۾ پئجيو وڃي، بنده پڻ هڪ ڏيئو ڏٺو هو، جيڪو تمام خوبصورتيءَ سان ٺهيل هو ۽ بلڪل صحيح سلامت هو ۽ ان کي پوءِ ڳوٺ جي مسجد شريف ۾ ٻاريو ويو.

ڏيئي جي شڪل صورت موجوده ڏين کان بلڪل مختلف آهي. اندر تيل وجهڻ واري هنڌ خانا ٺهيل هئا جن خانن مان سوراخن وسيلي وٽ کي اماڻيو پوندو هو ڏيئي جي روشني تمام سٺي هئي.

دڙن جو معائنو ڪري شاهہ عبدالمجيد جي مقبري کان اُتر طرف وڃبو تہ جامع مسجد ڏسڻ ۾ ايندي جيڪا پڻ مٿاهين جڳهہ تي آهي. جامع مسجد جي احاطي کي ٻاهران ديوار آيل آهي، اندر داخل ٿيڻ لاءِ ڏکڻ ۽ اوڀر کان صدر دروازا آهن.

مسجد ۾ اندر وڃبو تہ معلوم ٿيندو تہ ڏکڻ طرف احاطي ۾ مدرسي جي جڳهہ ڏسڻ ۾ ايندي، سنڌ جي ٻين قديم شهرن وانگر اڳهماڻو بہ ديني تعليم جو وڏو مرڪز هو، جتي ڪيترائي بزرگ عالم فاضل تعليم ۽ تبليغ اسلام ۾ هر وقت مشغول رهندا هئا.

مسجد جي احاطي وارو اڀرندو دروازو جيڪو هينئر بہ سلامت حالت ۾ آهي ۽ جنهن تي اذان (بانگ) ڏيڻ لاءِ چاڙهيون ٺهيل آهن، جڏهن انهيءَ بانگي

تي چڙهي چوطرف نظر ڊوڙائبي ته اٽڪل 200 کن ايڪڙن ايراضيءَ تي ٺٽل شهر جو نظارو ڏسڻ ۾ ايندو.

جامع مسجد ۽ سندس احاطي واري پيڙهه مضبوط پٿر جي ٻڌل آهي، چون ٿا ته اهي پٿر جهنبدي پاٽڻي جي تائين (ڍوري) ۾ ٻيڙين تي ايندا هئا ۽ پوءِ شهر تائين اُٺن وغيره تي ڪٽي ايندا هئا.

ديوارن جي پٽڻ پيڙهه تمام اونهي رکيل آهي ۽ ويڪر 3 فوٽ کن ٿيندي. مسجد شريف جي اڳيان وراندو آهي ۽ مسجد کي ٽي دروازا آهن هن وقت صرف ٻه پٽيون اولهه ۽ اوڀر واريون موجود آهن.

ڪجهه سال اڳ اُتر ۽ ڏکڻ وارا پاسا به سلامت هئا مگر لالچي ماڻهن پئسن جي ڳولا ۾ پٽن جي پڙ ۾ مسجد جي اندر کڏا کوٽيا، انهيءَ ڪري ديوارون ڪمزور ٿي وڃي پٽ کي لڳيون. مسجد جي ڊيگهه چاليهه فوٽ ۽ ويڪر پنجويهه فوٽ کن ٿيندي، اولهه واري سلامت پٽ ۽ عاليشان پٿر جو محراب ٺهيل آهي ۽ جنهن تي تمام سهڻي ۽ سادي گلڪاري ٿيل آهي.

محراب جي ٻنهي پاسن ۾ پاين وانگر ننڍا ٿنڀا ٺهيل آهن، جيڪي محراب جي حسن کي ٻوٻالا ڪيو بيٺا آهن. محراب جي مٿان حاشي ۾ عربي ۽ فارسيءَ ۾ عبارت لکيل آهي.

عبارت جو ترجمو هن ريت آهي:

(1) فرمايو الله تعاليٰ ۽ پوءِ پوڪاريو ملائڪ ۽ اهو بيهي نماز پڙهي رهيو هو. محراب ۾ اي رب منهنجا قبول ڪر. اسان کان تحقيق تون ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين.

(2) يا خدا مهابي شفاعت ڪندڙ مخلوق جي همت ڏجائن ساري جهان کي.

(3) هڪ مسجد آهي ڪافي عزت واري جو هميشه انهيءَ ۾ عزت ۽ فرحت آهي.

(4) زماني جي بادشاهه کان پوءِ پراڻي ٿي چڪي آهي، جنهن کي تعمير ڪئي، منهنجي اولاد هميشه لاءِ.

(5) ڪريمڏنه اسحاق پڻ محمد آهي اسماعيل ۽ طيب احمد ۽ ڪرامت آهي.

(6) ڪم ڪيو استاد اسان جي جيڪو ذات جو ڪيريه آهي.

ابوطالب ڪاريگر سُنو سنگتراش آهي.

(7) عاجز چيو تاريخ جي باري ۾ بنا تڪليف جي جو گڏ ڪندڙ جهان کي جنت ۾ آهي.

فارسي عبارت جي آخري فقري يعني "جامع جهاياني جنتي" مان مسجد شريف جي راس ٿيڻ جو سن ابجد جي حساب موجب 657 هجري نڪري ٿو.

مسجد جي ڇت لاءِ گنبذ وغيره جو ڪوبه نشان ڪونهي وڏي عمر جا ماڻهو هن وقت به ڳالهه ٿا ڪن ته 60 کن ورهيه اڳ اسان مسجد اندر ڪاٺ جا شهتير پراڻي حالت ۾ ڪِريل ڏٺا هئا، جن تي عاج جا ڦُندڻ لڳل هئا ۽ هينئر به دروازن مٿان ڪاٺ لڳل ڏسڻ ۾ ايندو.

اولهه واري پٽ ۾ پراڻي طرز تي هوا لاءِ منگهه ٺهيل آهن، فرش جون به اجا چند سِرون بلڪل سلامت آهن جيڪي عمده ڪاشيءَ جون ٺهيل آهن.

ڪمال ته ڏسو ته صديون گذرڻ کان پوءِ به اجا تائين رنگ سلامت اٿن. مسجد ۾ فرش ختم ٿي وڃڻ ڪري اندر پيڙهن جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا، شايد مسجد ڀريائين ننڍي ٺهيل هئي ۽ پوءِ وري ۽ وڌائي ڪيس ضرورت مطابق ٺاهيو ويو، غور ڪري ڏسبو ته سڄو ڪم تمام مضبوط ۽ عاليشان ٿيل آهي، مگر بيوفا وقت جي رفتار هر شيءِ کي زوال ڏانهن ڌڪيندي رهي ٿي.

هن مسجد جي معائني ڪرڻ کان پوءِ ڏڙن مان لنگهي اوڀر طرف سڌ پنڌ تي نهار ڪبي ته هڪ ٻي مسجد جا نشان هڪ مٿاهين هنڌ تي ملندا، مٿي چڙهي وڃڻ کان پوءِ معلوم ٿيندو ته ڪابه پٽ سلامت ڪانهي، اوڀر طرف هڪ ننڍي کوهه جا نشان ملندا، جنهن ۾ مٽي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. مسجد جي پاسي ۾ جيڪي پيڙهن جا نشان ڏسجن ٿا تن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هتي به ڪو مدرسو وغيره هو هي مسجد وتائي فقير جي سڏجي ٿي، ۽ وتائي فقير جي اها مسجد مشهور آهي. هن مسجد کان پوءِ وري اُتر طرف اچبو ته ڏڙن پڙن جو البت دنگ اچي ويندو ۽ هن جاءِ تان اولهه اوڀر طرف هڪ پٿنتل ڏسڻ

۾ ايندي، جيڪا ٻوري تائين آهي اهو وتائي فقير جو گهيڙ سڏجي ٿو. هن وقت انهيءَ جاءِ تان واڻ ڪورس آهي. چون ٿا ته اهو به ٻوري مان نڪرندڙ هڪ واهه هو جيڪو شهر جي وچ مان وهندو هو، ۽ جنهن کي گاندريو واهه ڪري سڏيندا هئا. مقام جو سير ڪندي واڻ ڪورس کان ٿورو اُتر طرف روانو ٿبو ته هڪ ٻي مسجد ڏسڻ ۾ ايندي. منجهس اندر وڃڻ خطري کان خالي ڪونهي، بلڪل زبون حال آهي. پيهي وڃڻ سان پتو پوندو ته اها ٽن گنبذن واري مسجد آهي، هن وقت فقط وچ وارو گنبذ سلامت آهي ۽ پاسن وارا گنبذ به ختم ٿي ويا آهن. هن مسجد جي پيڙهه به بلڪل مضبوط آهي.

مذڪوره مسجد کان اُتر طرف هڪ ننڍو مقبرو ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن کي عام طرح مڪاني ماڻهو پير پوٽن يا قادري پيرن جو قبو ڪري چوندا آهن.

اگهمڪوٽ جا قادري پير علمي ادبي خزاني ۽ خدمت خلق جي ڪري هند سنڌ ۾ مشهور آهن، جن مان حضرت شاهه لطف الله قادريؒ هڪ نهايت زنده دل صوفي درويش ٿي گذريو آهي.

شاهه لطف الله قادري سنڌيءَ ٻوليءَ جو عظيم شاعر ۽ اديب پڻ هو.

مذڪوره قادري پيرن جو مقبرو بلڪل زبون حال آهي. اندر ٽي تربتون آهن، نالن وغيره جي ڪابه خبر ڪانهي، فرش پٿر جو ٻدل آهي، هن قبي جي زيارت ڪري اُتر طرف نهاربو ته اگهمڪوٽ جي مشهور معروف اوليا مخدوم محمد اسماعيلؒ سومري جو عاليشان مقبرو ڏسڻ ۾ ايندو. صديون گذرڻ کان پوءِ به بنا مرمت جي هڪ شاندار صورت ۾ بيٺل آهي، مٿاهين ٿلهي تي هئڻ ڪري نظارو پڻ سٺو آهي.

چون ٿا ته مقبرو ۽ پاسي واري مسجد مخدوم اسماعيل پنهنجي حياتيءَ ۾ پاڻ ٺهرايا هئا. (والله اعلم) مخدوم صاحب جي درگاهه ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڏکڻ طرف کان گنبذ واري دروازي مان لنگهڻو پوندو آهي.

دروازي جي مٿان حاشي ۾ ڪاشيءَ جي سِرن تي هيءَ فارسي عبارت لکيل آهي جيڪا صديون گذرڻ ڪري به صاف پڙهڻ ۾ اچي ٿي:

**عبارت:**

چراغ مسجد و محراب منبر، ابوبکر عمر و عثمان حيدر،
چراغ مسجد و محرابہ محمد و علي و فاطمہ شبير شبر.

طلب زدکہ مخدوم اسماعيل مراد بهر مرادکہ آئي بہ مطلبہ برسي اين درگاهہ آنجا هست" کہ ظاهرو باطن چہ قبہ اينست کہ تابہ قيامت زنور حق آباد سال وفاتش ز فاضلي پرسيده" جواب دادکہ ظل الله هست." دارم ياد تاريخ چهاردهم ماهہ ذوالحج 996هجري.

ترجمو فارسي عبارت:

طلب ڪر جو مخدوم محمد اسماعيل وٽ جنهن مراد لاءِ ايندين مطلب کي پهچندين، هي درگاهه شريف اها جاءِ آهي، جو ظاهر ۽ باطن اگرچہ قبہ آهي مگر قيامت تائين الله جي نور کان آباد آهي، سال هن جي وفات جو فاضل کان پڇيم جواب ڏنائين ظِلاالله آهي معنيٰ الله جي رجعت جو سايو آهي، ياد رکيم تاريخ 14 مهينہ ذوالحج 996هه.

مذڪوره دروازي مان لنگهبو ته ٻن پڪين ديوارن جي وچ ۾ هڪ گهٽيءَ مان هلڻو پوندو، پٽيون پنج فوٽ ڪن اوچيون ٿينديون. ٿورو اڳتي هلي درگاهه شريف ۾ داخل ٿبو، مقبري جو دروازو ڏکڻ طرف آهي ۽ ساڄئي طرف کان عاليشان هڪ گنبذ واري مسجد به آهي جنهن کي اولهه کان سواءِ ٽنهي طرف دروازا آهن مسجد لڳ اوپر طرف مدرسي جا پڻ نشان آهن.

چون ٿا ته انهيءَ جاءِ تي ويهي اولياء صاحب درس و تدرسي جو ڪم ڪندو هو.

مقبري توڙي مسجد جي اڳ واري حصي ۾ ڪاشيءَ جو تمام عاليشان ڪم ٿيل آهي، جيڪو ڪاريگرن جي قابليت ۽ ايمانداري جي ساک پري ٿو، جهڙوڪ ڪاريگر هن ڪم تان ڪالهه رخصت ٿيا آهن، مگر افسوس جو متولين جي بي توجهيءَ جي ڪري

---

مون کي ياد اچي رهيو آهي ته مخدوم صاحب جي درگاهه واري مسجد ۾ محراب مٿان حاشيه ۾ 1228هه (1228هجري) لکيل هو. جيڪو غالباً اگهمڪوٽ جي تباهه ٿي وڃڻ کان پوءِ مرمت وارو سال هو، مگر حاشيه ۾ هن طرح لکيل هو: "ڪل نفس ذائقة الموت" 1228هه، هاڻي مسجد جي نئين مرمت کان پوءِ اُهو ميسارجي ويو آهي. (راقم)

هاڻي هيءَ سمورو ڪم آهستي آهستي ختم ٿيندو ٿو وڃي، مقبري ۾ اندر چار تربتون آهن، مٿانئن پيجرو ڪونهي، روايتن موجب اولهه پاسي واري تربت مخدوم محمد اسماعيل جي پوٽي ابوالقاسم جي آهي ۽ ان کان اوڀر لڳ واري تربت مخدوم محمد اسماعيل ۽ باقي به تربتون سندس فرزندن مخدوم حامد الله ۽ مخدوم يحييٰ جون آهن، جيڪي وڏا عالم ۽ فقيهه ٿي گذريا آهن ۽ ٻاهران احاطي ۾ سندن پوين جون تربتون آهن.

مقبري جي اندر به سادي مگر من موهيندڙ گلڪاري ٿيل آهي، هن مقبري ۾ به صفائي ۽ مرمت جو ڪوبه بندوبست ڪونهي، مگر جڏهن اندر داخل ٿبو ته قلب کي راحت ۽ خوشبوءِ محسوس ٿيندي.

مخدوم صاحب سنڌ جو ناميارو اوليا ٿي گذريو آهي، سنڌ جا ٻيا به ٽي مشهور بزرگ مخدوم آدم ٺٽوي، مخدوم نوح ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو سندس همعصر هئا.

هڪ راويت موجب ته مخدوم صاحب پاڻ اصل ٻئي هنڌ ڪڇ جا رهاڪو هئا ۽ حج جي ارادي سان سفر تي نڪتا ته آگهاماڻي جي پراسرار علمي ۽ ديني رونق ڏسي تبليغ دين جي لاءِ هن شهر ۾ سڪونت پذير ٿيا.

مخدوم صاحب جي هٿ تي ڪيترن ئي ماڻهن بيعت ڪئي، ۽ ڪيترا غير مسلم اسلام تي اچي مسلمان ٿيا، انهن مان سنڌ جو مشهور اولياء وتايو فقير به شامل آهي، وتايو فقير اصل هندو کتري هو ۽ عمرڪوٽ جو رهاڪو هو، ڪنهن بهاني سندس ماڻٽ اچي اگهم ڪوٽ ۾ ويٺا جتي عيال سميت مسلمان ٿيا ۽ وتائي فقير جو نالو شيخ طاهر رکيائون، مگر پاڻ اصلوڪي نالي سان مشهور آهي.

وتايو فقير به مخدوم محمد اسماعيل جي پوين جي شاگردن مان هڪ آهي جيڪو هن فيض جي چشمي مان فيضياب ٿيو، سندس هرهڪ نقل ۽ گفتو معنيٰ ۽ سلوڪ جو موتي آهي، سندس مزار ٽنڊوالهيار کان اولهه طرف ٽن ميلن جي پنڌ تي حيدرآباد روڊ تي "ڦبي" ڳوٺ وٽ آهي.

سنڌ جي مختلف حصن ۾ وڏن شهرن ۾ مخدوم صاحب جا هن وقت به معتقد موجود آهن، جيڪي هميشه حاضري، ڏيڻ زيارت ڪرڻ ايندا آهن.

اولياء جا مجاور ميان صاحب جيڪي مقام کان اوڀر طرف وينل آهن، تن کي به سنڀاليندا آهن، هر سال چيٽ مهيني جي 27 تاريخ شاندار ميلو به لڳندو آهي، جنهن تي پري اوري جا ماڻهو اچي ڪٺا ٿين ٿا. پنجاهه کن ورهيه اڳ مخدوم محمد اسماعيل جي پوين مان مخدوم فتح محمد هر سال ذوالحج مهيني ۾ اولياء صاحب جو عرس ڪندو هو، مگر ان جي فوت ٿيڻ کان پوءِ اها رسم ختم ٿي ويئي، شايد هن وقت مخدوم صاحب جي پوين مان ڪوبه ڪونهي نه ته ضرور بزرگ تي پيرو ڪن ها.

مخدوم صاحب جي درگاهه کان ڏکڻ طرف هڪ ڪچي ٿلهي تي اوليا صاحب سيد ڏتي جي مزار آهي جيڪو پڻ وقت جو درويش ٿي گذريو آهي، سندس پويان اڄان تائين چنبڙ شهر جي ويجهو ديهه ميران خوري ۾ رهن ٿا.

مذڪوره سيد جي زيارت ڪري مخدوم صاحب جي مقبري جي لڳ اولهه طرف اچبو ته هڪ زبون حال قبر ڏسڻ ۾ ايندي، چون ٿا ته اها تربت اولياء مخدوم صاحب جي مريد ڪوريءَ جي آهي جيڪو فقير هڪ مجذوب درويش هو، ساڳئي جاءِ تي هڪ پٿر به پيل آهي، معلوم ٿئي ٿو ته اهو ڪنهن قبر جو مٿيون حصو آهي، انهيءَ پٿر تي فارسيءَ ۾ هن طرح عبارت لکيل آهي:

"تاريخ فوت بيبي ماهم غره شعبان روز دوشنبه" بوقت نماز ظهر سنه 170 (170هجري)"

غور ڪري ڏسبو ته 170هجريءَ واري دؤر ۾ هتي عربن جي حڪومت هئي، شايد ان وقت به عربي سان گڏ فارسي زبان به رائج ٿي چڪي هئي تان جو انگريزن 1843ع ۾ جڏهن سنڌ فتح ڪئي تڏهن به سنڌ جي سرڪاري زبان فارسي هئي، مٿئين فارسي عبارت جو ترجمو هن طرح آهي ته: تاريخ وفات بيبي ماهم مهينه شعبان ڏينهن سومر وقت نماز اڳين 170هه. ٻي طرف اهو به گمان آهي ته هيءَ سال 1170هه تحرير ٿيل

آهي جنهن جي پهريون انگ (1) ڊنل ٿو ڀانئجي، هن وقت بيبي صاحبہ تي پڻ چوکنڊي تعمير ٿيل آهي.

مخدوم صاحب جي درگاهہ کان ڏکڻ اوڀر طرف ڪچيون پٽيون ڏسڻ ۾ اينديون، ان کي مخدوم جو اوتارو چيو وڃي ٿو، ڇت تي ڪجهہ ڪاٺ بہ پيل آهي، باقي پٽيون وغيره حالات ذار ۾ پهچي چڪيون آهن.

ڏسڻ مان معلوم ٿيندو تہ اوتارو شهر جي ڦٽي وڃڻ کان پوءِ ضرورت پٽاندر ٺاهيو ويو هو ۽ ساڳئي جاءِ مخدوم فتح محمد بہ اچي خيرات وغيره ڪندو هو ۽ ان وقت اوتارو اڏيل ۽ رونقدار هو، اوتاري جي ڀر ۾ هڪ مسجد بہ آهي جنهن کي پٿڻ واري مسجد ڪري ڪوٺين ٿا ديوارون گهٽيون ختم ٿي چڪيون آهن، البت اوڀر طرف واري ديوار سلامت آهيس، شايد هن جاءِ تان ٻوري جو پٿڻ هو، تنهنڪري پٿڻ واري هيءَ مسجد مشهور آهي.

هن مسجد کان اُتر طرف اچبو تہ هڪ کهنو کوهہ آهي جنهن ۾ هن وقت بہ پاڻي ڏسڻ ۾ ايندو پاڻي بہ مٺو آهي، مگر حفاظت نہ هئڻ ڪري سِرون وغيره نڪري ويون آهن، هيءُ کوهہ بہ مخدوم اسماعيل جو سڏجي ٿو. کوهہ جي پاسي ۾ عيدگاهہ جا پڻ نشان ملن ٿا، جتي ٻئراج کان اڳ اوري پري جا ماڻهو گڏ ٿي اچي عيد نماز پڙهندا هئا، اهو اجتماع عام ماڻهن جي محبت جو هڪ وڏو ثبوت هو. مگر هينئر اها محبت ڪانهي حسد جي ڪري هن وقت هڪ پاڙي ۾ نماز پڙهڻ لاءِ الڳ الڳ جماعتون ٿين ٿيون.

اهي نظارا ڏسي اُتر طرف اچبو تہ هڪ ننڍي پٽ ڏسڻ ۾ ايندي ۽ منجهس ڄار جو وڻ پڻ نظر ايندو، جتي ڳوٺ پاهڙ لغاري جي بخاري سيدن جون تربتون آهن، انهن ساداتن مان سيد فقير محمد شاهہ بخاري وفات 1229هہ وقت جو هڪ وڏو اولياء ٿي گذريو آهي. جنهن جو بيان ڪتاب تحفة الڪرام ۾ پڻ آيل آهي، سندس عزيزن جو اولاد اجا اگهم ڪوٽ جي ويجهو ڳوٺ پاهڙ لغاري ۾ رهن ٿا. جن ۾ سيد ولي محمد شاهہ، سيد حسن شاهہ، حاجي شاهہ محمد شاهہ، سيد وڏل شاهہ معروف شخص آهن. هيءُ زيارت ڪرڻ کان پوءِ سامهون هڪ زبون حال مقبرو ڏسڻ ۾ ايندو. جنهن جو گنبذ 1964 واري برسات ۾ ڪِري ويو آهي، اهو قبو سعيد خان مندواڻي بلوچ جو آهي، جيڪو ميرپورخاص ۽ حيدرآباد جي ميرن جي هڪ گهرو جنگ سال 1929ع ۾ مارجي ويو، سعيد خان کي مير صاحبن جو صوبو چوندا آهن، سعيد خان ميرن جو ڪمانڊر هو ۽ مير صاحبان جو مٿس تمام گهڻو اعتماد هو.

سعيد خان مندواڻي بلوچ هڪ لڙائيءَ ۾ مارجي ويو، جيڪا وَل جي نالي سان مشهور آهي، ۽ پوءِ مير صاحبن هن وفادار سپهہ سالار ۽ بهادر جوان تي قُبو ٺهرائي ڇڏيو، سندس خاندان جا ڀويان اڄ بہ ڳوٺ نصير خان مندواڻي ۾ آباد آهن، جن ۾ ڳوٺ جو چڱو مڙس رئيس نصير محمد خان مندواڻي بلوچ سابقہ ايم.ايل.اي هڪ نهايت سخي مرد معروف مشهور شخصيت هو، جيڪو 10 محرم الحرام 1411هہ مطابق 2 آگسٽ 1990ع بروز خميس تي وصال ڪري ويو.

مذڪوره ڳوٺ اگهم ڪوٽ کان اُتر طرف ٻن ميلن ڪن پنڌ تي واقع آهي، سعيد خان مندواڻي جي قبي کان سامهون ڏکڻ طرف هڪ چوديواري آيل آهي، جنهن ۾ مندواڻي خاندان جي معزز شخصيتن جون تربتون آهن.

سعيد خان جي قبي کان ستو اولهہ طرف هڪ ٻيو مقبرو آهي، جنهن جي ٻنهي پاسن اولهہ توڙي اُتر کان بہ ڊنل نظر ايندا، شايد اهي بہ مقبرا هئا مگر ايام لنگهي وڃڻ ڪري وڃي پٽ پيا. مذڪوره درگاهہ شريف قريشي پيرن جي سڏجي ٿي. هڪ روايت موجب تہ اهي پير سگورا مُلتان جا آهن ۽ ٻئي روايت موجب تہ اهي ٺٽي جا هئا پوءِ اچي اگهم ڪوٽ ۾ رهيا. (والله اعلم) هيءُ مقبرو بہ زبون حال آهي گهڻو وقت اڳ تر جي هڪ سخي مرد مرحوم رئيس مير محمد خان مندواڻي موجوده نصير محمد خان مندواڻي جي والد) البت دروازي وغيره جي سٽي مرمت ڪرائي هئي.

مخدوم محمد اسماعيلؒ جي مقبري کان اُتر طرف تقريباً هڪ سؤ قدمن جي فاصلي تي سندس نياڻي بيبي عائشه جي هڪ وڏي ڪچي ٿلهي تي چوڪنڊي ٺهيل آهي، جيڪا زمين کان اندازاً 12 يا 13 فوٽ مٿي آهي ۽ اُن ۾ ڪنهن به وڏي مرد يا ڇوڪرائي ٻار يا پيٽ واري عورت کي اندر داخل ٿيڻ جي اجازت ڪونهي. ڇو ته هيءُ پرهيزگاري جو اعليٰ مقام آهي.

مخدومؒ جي مقبري جي اُتر طرف چند قدمن تي مرحوم پير حُسين شاهه جيلاني ڍوري واري جي درگاهه آهي جيڪو قادري سلسلي جو وڏو پير ٿي گذريو آهي. سندس ئي پاڙي ۾ سندس ئي خاندان جون سوين قبرون آهن. جن کي چوڏاري پڪو ڪوٽ آيل آهي تربتون پڪيون ٺهيل آهن مگر ڪنهن تي به ڪتبو نه آهي.

اولياء مخدوم اسماعيل سومري جي هٿ تي ڪيترا غير مسلم هندو به بيعت ڪري مسلمان ٿيا، جن ۾ پري کان آيل ويتو ۽ ماڻڪ به مسلمان ٿيا، جيڪي پٽ جو واپار ڪندا هئا، سندن اولاد پاٽولي سڏجي ٿو، پاٽولي ٽنڊي الهيار ۽ حيدرآباد وغيره شهرن ۾ اڄ به موجود آهن.

سال 2001ع ۽ 2002ع ۾ محترم روشن عيسائي پاٽولي جيڪو انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد ۾ سيشن جج هو تنهن مخدومؒ جي درگاهه ۽ مسجد شريف جي سهڻي مرمت ڪرائي آهي، درگاهه جو سڄو اڳيون احاطو ٿلهو سنگمرمر سان سينگاريو ويو آهي.

هن وقت اگهم ڪوٽ جي آثارن کي محڪمه اوقاف پنهنجي تحويل ۾ ورتو آهي، اُميد ته بچيل قديم آثارن کي محفوظ ڪري صدين جي هن تاريخ کي زندگي بخشي ويندي. محڪمي طرفان هتي ڪجهه ملازم پڻ رکيا ويا آهن. حڪومت طرفان جيڪڏهن 1500 سؤ سالن کان مٿي تاريخ رکندڙ هن برباد ٿيل شهر جي کوٽائي ڪرائي وڃي ته هڪ تمام وڏو تاريخي خزانو ملڻ جي اُميد آهي.

## نئون ڪتاب




ڪتاب: جوئين اڪ (شاعري)
شاعر: منل جسڪاڻي
قيمت: -/300 رپيا
ڇپرائيندڙ: ڊول فقير فائونڊيشن. سنڌ

**ممتاز بخاري**
سکر



# ميٽافڪشن Metafiction ڇا آهي؟

اڄوڪي دور جي ادب ۾ ميٽافڪشن هڪ اهڙو اسلوبي بيان آهي، جنهن سان ادب پنهنجي اوائلي سچائپ سان هاڻوڪي فن ۾ جڙي ويو آهي. ادب، آرٽ ۽ ٻين مضمونن ۾ عام طور ۽ تنقيدي نگاهه سان ميٽا جي حوالي سان ميٽافزڪس، ميٽافزيڪل، ميٽافر وغيره جهڙن اصطلاحن جو ذڪر تمام گهڻو ڪيو ويندو آهي. ان ڪري ميٽافڪشن تي اچڻ کان اڳ ميٽا جي حوالي سان ڪجهه اصطلاحن کي سمجهڻ ضروري آهي. جيتوڻيڪ انهن مان ڪن جو واسطو فلسفي يا سائنس جي علمن سان آهي، پر جڏهن گڏيل مواد جي ڳالهه ايندي ته انهن کي سمجهڻ ضروري آهي ۽ ٻيو ته ادب جو واسطو سمورن علمن سان پئي ٿو، ان ڪري انهن جو هڪ ٻئي سان سڌو يا اڻ سڌو واسطو جڙيل رهي ٿو.

**ميٽا** Meta

ميٽا جو مطلب اهو آهي ته مواد پنهنجو پاڻ بابت ڪا ڳالهه ڪري يا بيان ڪري ان کي ميٽا چئبو آهي. آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ ميٽا جي معنيٰ 'پاڻ يا پنهنجي صنف بيان ڪرڻ' آهي. هونئن ميٽا يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ 'کانپوءِ يا وس کان ٻاهر' آهي. هڪڙو مثال هي آهي ته: 'انگن بابت انگ' اهو ميٽا اظهار آهي. ان کي ڊيٽا ميٽا چئبو يعني ڊيٽا بابت ڊيٽا. ميٽا جو مطلب اهو به آهي ته ڪنهن به شئي يا ڳالهه کانپوءِ ڇا.

**ميٽا فزڪس/ ميٽافزيڪل** Metaphysics/ Metaphysical

هونئن ته فزڪس سائنس جي هڪ اهم شاخ آهي ۽ اهو رفتار، ڇڪ، بجلي، آوازن، لهرن، مشينن، ايٽمن جي بناوٽ وغيره جو علم آهي. جيئن مٿي پاڻ ميٽا جو هڪ مطلب 'کانپوءِ' ڏنو آهي. انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا موجب ميٽا فزڪس جو مطلب 'فزڪس کانپوءِ' آهي. ميٽا فزڪس جي تعريف گهڻي ڀاڱي هن طرح آهي: 'هيءَ فلاسافي جي هڪ شاخ آهي جيڪا پهرين سبب ۽ حقيقت جي نوعيت کي اپٽاريندي آهي.' ڪجهه لغتن ۾ ان جو هڪ ٻيو مطلب، 'دماغ، ذهن ۽ معلمري، مادي ۽ خاصيت، امڪان ۽ حقيقت ۾ تعلق جاچڻ' آهي.

ميٽا فزيڪل فلاسافيڪل خيال آهي. گهڻي ڀاڱي شاعراڻي ادب ۾ هوندو آهي، اهو عقلي به هوندو آهي ته 'هجڻ' کان اڳتي وارين شين تي به خيال آرائي ڪندو آهي. خدا جي هجڻ بابت سوال اٿارڻ واري فلسفياڻي فڪر اپٽارڻ به ميٽافزيڪل ۾ اچي ٿو.

**ميٽافر** Metaphor

ڪنهن به صنعت Figure of Speech ۾ ڪنهن لاءِ ڪا ٻي سڌي مشابهت ڏيڻ ميٽافر آهي. جي ڪنهن کي چالاڪ ڏيکارڻو آهي ته ان لاءِ سڌو چئجي ته هُو ڪانءُ آهي اهو ميٽافر آهي جي چئجي ته هُو ڪانءُ وانگر سياڻو آهي ته اها تشبيهه سڏبي. ٻيو مثال هُو شينهن آهي. چئبو ته هو شينهن وانگر طاقتور آهي ته اها تشبيهه چئبي. ميٽافر وانگر ادب ۾ استعارو ۽ مبالغو به هوندو آهي جن کي پرسونيفڪيشن Personification هائپربول Hyperbole چئبو آهي انهن کان ميٽافر Metaphor ڪيئن ادب ۾ مختلف ٿي سگهي ٿو.

**ميٽانويا** Metaneb

ڪا ڳالهه ڪندي اوچتو بيان بدلائڻ کي ميٽانويا چئبو آهي. جيئن، "مان توکي قتل ڪندس." جي جاءِ تي بيان مٽائي چيو وڃي. "توکي سزا ملندي." ان کي آڪسفورڊ ادبي ڊڪشنري ۾ A beyond language چيو ويو آهي.

## ميٽافڪشن Metafiction

ميٽافڪشن Metafiction اصطلاح ڪو گهڻو پراڻو ناهي. ويهين صديءَ ستر واري ڏهاڪي ۾ استعمال ٿيڻ شروع ٿيو ۽ ايڪويهين صديءَ جي ادبي ڌارائن ۾ اهو افسانوي ادب جي نثري فارم توڙي اسلوب ۾ اهم حيثيت ڪري ويو آهي. جو ته هي هڪ شعوري طور بيان ٿيندڙ افسانوي ادب آهي، جنهن ۾ بيان ڪندڙ يا وري ڪردار کي خبر هوندي ته اهي به ان بيان ٿيندڙ نثر جو حصو آهن ۽ هو ان ڳالهه کي مڃيندو آهي ته هي بيان افسانوي ڪهاڻي ئي آهي ۽ هو ڪنهن ٻاهرين ۽ اٽل حقيقت جي دعوا ڪندي نظر ناهي ايندو. ليکڪ john Wolfgang Roberts پنهنجي مقالي Metafiction: An Introduction on Dramatizing the Boundaries of Social Discourse ۾ لکي ٿو: "لفظ ميٽا فڪشن وليم ايس گاس William S Gass 1978ع ۾ پنهنجي هڪ مقالي Philosophy and the form of Fiction ۾ ڪتب آندو." سندس خيال آهي ته ان بعد ڪيترن ئي ٿيورسٽ اهو اصطلاح استعمال ڪيو آهي. هن وقت جديديت ڪانپوءِ واري افسانوي ادب جي بيان جي فارم ۾ اهم حيثيت اختيار ڪري ويو آهي ۽ ڪو امڪان ناهي ته هي اڳتي هلي هڪ ڌارا يا لاڙو به بڻجي وڃي. وليم ايس گاس هجي يا پيٽريشياوا توڙي ادب جا مختلف انسائيڪلوپيڊيا هجن انهن موجب ميٽافڪشن جيفري چاسر جي چوڏهين صديءَ جي ڪم The Canterbury Tales، سترهين صديءَ جي منڍ ۾ لکيل سروانتيس Miguel de Cervantes جي ناول Don Quixote "ڊان ڪيهوٽي"، لارنس اسٽرين Laurence Strene جي ارڙهين صديءَ جي ڪم The Life and opinion of Trastam Shaandy. Gentelman ۾ به ملي ٿو. ويهين ۽ ايڪويهين صديءَ ۾ به جان بارٿ جي 1960ع ڪانپوءِ آيل ڪهاڻين جي مجموعي Lost in the Fun House، مارڪ زيڊ ڊينيلو سڪ Mark Z. Danielewsk جي ناول House of leaves ۾ به ملي ٿو. عربي ٻوليءَ جي ناول نگار يوسف المحيميد جو ناول "لفظ موتي' جيڪو انگريزي ۾ The Dead'S Gossip جي نالي سان ڇپيو آهي، اهو ميٽافڪشن فارم جو ڀرپور ناول آهي. ميٽا فڪشن جي ٿيوري تي ڪم ڪندڙ وليم ايس گاس جي ناول Willie Master's Lonesome Wife ۾ به ميٽافڪشن آهي. جيڪڏهن سنڌي ادب جي ڳالهه ڪجي ته سنڌي ٻوليءَ جو افسانوي ادب به ڳالهه ڪرڻ واري طرز يا وري آکاڻي جي بنياد تي بيٺل آهي. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي پهرين طبعزاد ناول 'دلوراءِ' (ليکڪ مرزا قليچ بيگ) ۾ اڻسڌي طرح آنڊل ميٽافڪشن ملندو ته 'جهان آرا' (عبدالرزاق عبدالسلام) ۾ به اڻسڌي طرح استعمال ٿيل ملندو. علي بابا جي ناول 'موهن جو دڙو' ۾ سڌي ريت ملندو. سنڌي ٻولي جي سنڌ ۽ هند ۾ لکيل افسانوي ادب ۾ سڌي طرح توڙي اڻسڌي طرح ميٽا فڪشن موجود هوندو آهي.

ميٽافڪشن اهڙو افسانوي ادب آهي جيڪو پنهنجي افسانويت کي پاڻ ئي اظهاري ٿو. بيان جو جيڪو شعوري اسلوبي طريقو استعمال ٿيندو آهي ان جي بيان ڪندڙ کي بيان وسيلي ئي خبر پوندي آهي ته اهو ناول يا ڪهاڻي جو حصو آهي ۽ اهو بيان، جيڪو ڪهڙي به افسانوي صنف ۾ هجي، افسانوي آهي. ۽ جيڪڏهن بيان ڪندڙ ڪردار پاڻ ڪردار آهي ته ميٽافڪشن واري ادب ۾ هُو شعوري طور ان ڳالهه کان آگاهه هوندو آهي ته هُو ان جو حصو آهي. ميٽافڪشن فارم ادب ۾ ناول سان گڏ ڪهاڻي، ڊرامي ۾ به آهي ته فلم يا مووي جي اسڪرپٽ ۾ شامل هوندو آهي. جڏهن ته ڪجهه شاعريءَ ۾ به ميٽافڪشن نظر اچي ٿو، جنهن کي عام طور ته جديديت ڪانپوءِ واري ادبي رويي جو هڪ عنصر سمجهيو ويندو آهي. جيڪڏهن وڌيڪ سمجهڻ لاءِ ڳالهه سولي ڪجي ته افسانوي ادب جي ڪنهن به صنف ۾ بيان ڪندڙ به قبول ڪري ۽ يا وري اها صنف به پنهنجي افسانويت قبول ڪري ته ان کي ميٽافڪشن ادب چئبو. ان سلسلي ۾ پيٽريشاوا Particle waugh جي 1984ع ۾ ڇپيل ڪتاب Metafiction The Theory and Practice of self-Conscious fiction جي 2001ع واري اي لئبري ايڊيشن موجب:

"Metafictional novels tend to be constructed on the Principle of a Fundamental and Sustained opposition: the Construction of a Fictional illusion (as in traditional realism) and the

فارم ۾ پيو ميٽافڪشن جو تجربو ظفر جوڻيجي جي ناول 'اُجهاميو پران' ۾ نظر اچي ٿو جنهن ۾ هر ڪردار جي ڪهاڻي پوري بيان ٿي وڃي ٿي ۽ انهن ڪهاڻين جي بيان جو ذريعو ۽ ڪردار پنهنجي ڪهاڻيءَ سان اڳتي وڌندا رهن ٿا. ان دوران ناول جي اٿت ۽ ناول جي بيان کي بہ ناول جي مواد ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جيئن باب 03 ۾ آهي:

”آئون توڏانهن مواد موڪلي وساري چڪو هئس. ۾ تو بہ تہ ڪا موٽ نہ ڏني. گنريل هفتي تنهنجي چٺيءَ سميت ٽائيپ ٿيل ٿهو بہ مليو آهي. تو مون کي واعدو ياد ڏياريو آهي تہ مون هام هڻين تہ آئون ناول ۾ بيان ٿيل واقعياتي دُرستگيون ڪندس.“

ساڳي ناول جي ساڳي 03 باب ۾ آهي تہ: ”هاڻي اچون ٿا تنهنجي مواد تي. تو نوجوانن جي سوچڻ جي انداز کي چڱي نموني نڀايو آهي. باقي ڪردارن جي چونڊ، بيهڪ ۽ ناول جي مواد ۾ سندن حصي پتيءَ بابت توکي سنگيتا ٻڌائيندي.“

'اُجهاميون پران' پنهنجي اسلوب ۽ بيان ۾ ناول جي لکجڻ جي ڪهاڻي بہ بيان ڪري ٿو تہ ان سان گڏ ان ۾ آيل ڪردارن جون الڳ الڳ ڪهاڻيون بيان ڪري ٿو ۽ اهي ناول جي بيان جي اٿت سان ڳنڍجي ان جو حصو بڻجن ٿيون. ايئن هن ناول ۾ سڌي ۽ اڻسڌي طرح بہ ميٽافڪشن ملي ٿو، خاص ڪري ڪردار ميٽافڪشن فارم بڻائين ٿا.

سنڌي ادب ۾ ميٽافڪشن جو هڪ ٽُڪ ۽ ستو سنئون مثال علي بابا جي ناول 'موهن جو دڙو' مان هن ريت آهي. هي ناول هن بيان سان شروع ٿئي ٿو:

”اڄ کان گهڻو اڳي، هزارها ورهيہ اڳي، جڏهن هن ڌرتيءَ تي ديوتائن جو راڄ هو. جڏهن سج، چنڊ، باهہ، پاڻي نانگن، ٻوٽن ۽ ٻتن کي پوڄيو ويندو هو، جڏهن هي دنيا هڪ ويران جهنگ هئي، جڏهن انسان جانور هو اهو دنيا جو عجيب دور هو، انهيءَ دور ۾ روشني ئي روشني هئي، انهيءَ دور ۾ اوندهہ ئي اوندهہ هئي، انهيءَ دور ۾ ٺهڪ ئي ٺهڪ هئا، انهيءَ دور ۾ روڄ ئي روڄ هو، انهيءَ دور ۾ اڻڳڻت خدا هئا، انهيءَ دور ۾ ڪو خدا نہ هو... هيءَ انهيءَ دور جي ڪهاڻي آهي.

هيءَ ڪهاڻي هڪ پيچري کان شروع ٿئي ٿي. هي پيچرو پنجن ندين واري ڏيهہ جي هڪ زمين دوز شهر 'هري پايا' مان جاري ٿئي ٿو ۽ اڄ کان اٽڪل پنج هزار ورهيہ اڳ جي زمين دوز شهر، موهن جي دڙي جي ڪنڌرن ۾ ختم ٿئي ٿو. هي پيچرا بہ اسان جي زندگيءَ ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. دنيا هڪ وڏي ڪتاب جيان آهي، ۽ هي پيچرا ان تي اکرن جيان جڙيل آهن، جن ۾ ابتدا کان اڄ تائين بيشمار قومن جون ڪهاڻيون دٻيل ٿيل آهن. عجيب عجيب، پراسرار، هيبتناڪ ڪهاڻيون، جن کي ٻڌڻ سان ٻُت جا وار ڪانڊارجي وڃن. هي پيچرو بہ اسان کي هڪ اهڙي ئي ڀيانڪ ۽ پراسرار ڪهاڻي ٻڌائي ٿو.

تکي هوا لڳي لڳي، پيچري جي ذهن تان ڪن ورهن جي ڌنڌ ۽ ڌوڙ اڏائي، هن جي ذهن ۾ دٻيل ڪيترن پراڻن پيرن جا نشان پڌرا ڪري رهي آهي.“

سنڌي ادب ۾ اها ٽيڪنڪ ان جي شروعاتي لوڪ ادب جي آکاڻي ۽ داستان واري افسانوي ادب کان ئي موجود رهي آهي. علي بابا جي ان شروعاتي حصي کي ڏسبو تہ اهو افسانويت ۽ حقيقت جي وچ ۾ تعلق پيدا ڪري ٿو ۽ جيڪو شعوري طور ئي ڪيل هوندو آهي.

ميٽافڪشن جو فارم ڏينهون ڏينهن پڙهندڙ جي ذوق وٽان بہ ٿيندو پيو وڃي جو ان جو بنياد افسانوي ادب جي داستان جي اوائلي انداز واري بنياد تي ئي رکيل آهي. ان تي تجربو جان بارٿ Lost in the Funhouse جي ڪهاڻين کان وٺي کان وٺي بورخيس بہ ڪندي نظر اچي ٿو. هتي پرڏيهي ادب مان خورخي لوئي بورخيس جي هڪ ننڍڙي ڪهاڻي جو ڪجهہ حصو ڏيون ٿا جيڪا ميٽافڪشن جو هڪ بهترين نمونو آهي. خورخي لوئي بورخيس Jorge Luis Borges جي 'مسئلو' A Problem جي عنوان سان اها ڪهاڻي نقاد ۽ ڪهاڻيڪار اظهر نوناري ترجمو ڪئي جيڪا ”روزاني پنهنجي اخبار“ جي هفتيوار

ميگزين "پنهنجو ميگزين" ۾ 10 نومبر 2019ع تي ڇپي هئي:

"اچو ته فرض ڪيون ته هڪ پني جي ٽڪري تي جيڪو عربي متن موجود آهي اهو ٽوليڊو مان مليو هو ۽ تاريخي رسم الخط پڙهندڙ اهو واضح ڪن ٿا ته اهو متن ان ساڳي سائيڊ همٽ بيننگيلي لکيو جنهن کان سروانتيز ڊان ڪيهوٽي ورتو هو. ان ۾ اسين پڙهون ٿا ته هيرو (جيڪو، هر ڪوئي ڄاڻي ٿو، ته اسپين جي رستن تي تلوار ۽ نيزي سان رلي ٿو ۽ ڪنهن به سبب لاءِ ڪنهن کي به چيلينج ڪري ٿو) ڪي ڪافي لڙاين کان پوءِ اها ڄاڻ پوي ٿي ته هن ڪنهن ماڻهو کي ماريو آهي. ان درجي تي اچي ٽڪرا ٽٽن ٿا: هاڻي مسئلو گمان يا فرض ڪرڻ جو آهي ته ڊان ڪيهوٽي ڪهڙو تاثر ڏي ٿو.

جيستائين مان سمجهان ٿو ته ٽي امڪان موجود آهن. پهريون ناڪاري آهي. ڪا خاص شئي نٿي ٿي، ڇاڪاڻ ته ڊان ڪيهوٽي جي فريبي دنيا ۾ موت جادو کان وڌيڪ نرالو ناهي ۽ ان جو ڪو سبب به نه آهي ته هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو جنگ ڪري ٿو يا اهو سوچي ٿو ته هُو جنگ ڪري ٿو، ڏندڪٿائي جانورن ۽ جادوگرن سان ان کي رڳو هڪ ماڻهو جو قتل پريشان ڪندو."

بورخيس جي اها ڪهاڻي پينگوئين بوڪس Penguin Books پاران 1999ع واري ايڊيشن ۾ شامل آهي، جنهن ۾ سندس ڪجهه ڪهاڻين جا مجموعا گڏ ڇپيا ويا آهن. سندس انهن ڪهاڻين ۾ ميٽافڪشن ۽ جادو ئي حقيقت نگاري وارو اسلوبي فارم آهي. اهي ڪهاڻيون Andrew Hurley انگريزي ۾ ترجمو ڪيون آهن ۽ ڪتاب جو نالو Jorge Louis Borges Collected Fiction آهي. ان ڪهاڻي A Problem جو انگريزي ترجمي وارو متن به هتي ڏجي ٿو:

"let us imagine that a piece of paper with a text in Arabic on it is discovered in Toledo, and that Paleographers declare the text to have been written by that same cide Hamete Benengeli from whom Cervantes derived don Quixote. In it, we read that the hero (who, as everyone knows, wandered the roads of spain armed with a lance and sword, challenging anyone for any reason) discovers, after one of his many combats, that he has killed a man. At that point the fragment breaks off, the problem is to guess, or hypothesize, how don Quixote reacts.

So far as I can see, there are three possibilities. The first is a negative one: nothing in particular happens, because in the hallucinatory world of don Quixote, death is no more uncommon than magic, and there is no reason that killing a mere man should disturb one who does battle, or thinks he does battle, with fabled beasts and sorcerers.

ايڪويهين صديءَ جي افسانوي ادب مان جيڪڏهن مثال ڪڍجي ته اهو ادب جو نوبل پرائيز ماڻيندڙ حوزي ساراماگو Jose Saramago جي ناول The Gospel According to jesus Christ مان ڪٿي سگهجي ٿو، جنهن ۾ ڪيئي سٽون آهن، ننڍڙو مثال هن ريت آهي:

"The most incredible part of our story, however, is yet to come, after the slave Salome accompanies jesus to the cave and leaves him there at his request, Leave me alone between these dark walls, that I may hear my first cry in the deep silence, if echoes can last that long."

"اجان، اسان جي ڪهاڻي جو يقين نه ڪرڻ جهڙو حصو اڳتي اچڻو آهي، غلام سيلوم حضرت عيسي سان هن غار ۾ ايندو ۽ هُو سندس ئي هن گذارش تي ڪيس اتي ڇڏي ويندو ته، مون کي هنن اونداهي ديوارن اندر ڇڏي وڃو، جيئن مان هن گهري خاموشيءَ ۾ پنهنجي پهرين رڙ ٻڌي سگهان، جيئن ان جو پڙاڏو گهڻو وقت گونجندو رهي."

ناول ۾ ڪهاڻين جي ڪجهه ٽرايولاجين کي به ميٽافڪشن جي فارم ۾ لکيو ويو آهي. جڏهن ته دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ڪيترائي طرز جا ناول ۽ ناويلا به ميٽافڪشن ۾ آهن. سنڌيءَ ۾ اهڙو مثال لعل پشپ جو سوانحي ناول 'لعل پشپ' ۽ وينا شرنگي

جي مونولاگ اسٽائيل ۾ لکيل ناول 'منهنجا معصوم سڄڻ' ۾ نظر اچي ٿو، پر اهڙن ناولن ۾ اڪثر ميٽافڪشن جو اٽڪل طرح وارو قسم استعمال ٿئي ٿو. اسلوبيت ۾ مزاح ۽ طنز توڙي چٽر واري انداز سان به افسانوي ادب ۾ ميٽافڪشن وارو فارم قائم ڪيو ويو آهي. ان حوالي سان نقاد 'وان ڪيهوٽي' جو مثال به ڏيندا آهن. ان ڪري ئي هن فارم ۽ اسلوبيت کي 'جديديت ڪانپوءِ' واري افسانوي ادب ۾ اهميت ڏني ويندي آهي. ڏٺو وڃي ته ميٽافڪشن هڪ اهڙو اسلوب (Style) ۽ فارم بڻجي ٿو، جنهن سان پڙهندڙ، ليکڪ ۽ مواد جو هڪ ٻئي سان تعلق قائم ٿي ويندو آهي، جهڙوڪر اُهي مواد جي سمجهاڻي کي سمجهي ان سان گڏجي ويندا آهن.

فلم يا موويءَ ۾ به ڪو ڪردار هلندي فلم جي وچ ۾ اچي افسانويت ۾ حقيقت بيان ڪرڻ شروع ڪندو آهي، جيئن اويس حسين ۽ ايم. ايف. حسين جي لکيل هندستاني فلم 'مينا ڪشي' ۾ نواب جو ڪردار ادا ڪندڙ اداڪار رگهووير وقفي وقفي سان ظاهر ٿئي ٿو ۽ هو ڪردارن، ڪهاڻي ۽ شهرن بابت آگاهي ڏئي موويءَ جي ڪهاڻيءَ جي افسانويت ۾ حقيقت آڻي ٿو. اهڙي طرح رڪ جافا، اماندا سلور ۽ ڊيرڪ ڪوئلي جي لکيل اسڪرين پلي واري مشهور انگريزي سائنس فڪشن فلم "جراسڪ ورلڊ" Jurassic World کي به ميٽا فڪشن فلم چيو ويندو آهي. هڪ ٻيو بهترين مثال جيڪو وان ڊورمائيل Jeco Van Dormael جي لکيل ۽ هدايتون ڏنل انگريزي ۽ يورپ جي ٻين ٻولين ۾ رليز ٿيل فلم 'نو باڊي' No Body آهي. اهڙي قسم جا ڪيترائي ٽي وي ۽ اسٽيج، ويب وڊيوز ۽ اينيميٽيڊ فلمون، دنيا جي سوين ٻولين ۾ ٺهيون آهن، انهن مان ڪيترين ئي سچين ڪهاڻين يا واقعن يا مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتن جي جيون ڪٿائن جي بنياد تي آهن.

## حوالا سنڌي:


1. بيگ، مرزا قليچ، 'دلوراءِ' (ناول)، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ 1964ع وارو ايڊيشن.
2. عبدالرزاق عبدالسلام، 'جهان آرا' (ناول)، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ 2007ع وارو ايڊيشن.
3. علي بابا، 'موهن جو دڙو' (ناول)، سنڌ آرڪائيوز گورنمنٽ آف سنڌ 2017ع، ص: 17.
4. رسول ميمڻ، 'قالو بلا' (ناول)، پوپٽ پبليڪيشن. خيرپور ميرس، 2012ع.
5. ظفر جوڻيجو، 'اجهاميو ٻران'، ڪويتا پبليڪيشن، 2015ع، ص، 61.
6. اظهر نوناري، هفتيوار 'پنهنجو ميگزين' 10 نومبر 2019ع، ص: 10.
7. موويز:
1. مينا ڪشي، 'انڊين هندي موويءَ'، رليز سال 2 اپريل 2004ع

<u>Movies References:</u>

1. Jurassic World, USA English Movie, Released 29 May 2015
2. No Body, English movie Released on 12 September 2009.

References:

1. Encyclopedia Britannica (Online)
2. Oxford Literary Dictionary (Online)
3. John Wolfgang Roberts, Metafiction: an introduction on Dramatizing the boundaries of Social discourse (Online research Paper)
4. Patricia Waugh, Metafiction: The Theory and Practice of Self- Conscious Fiction, Taylor $ Francis e- Library, 2001 (First Published in 1984)
5. Borges, Jorge Louis, Collected Fiction, (Translated by Andrew hurley, Penguin book, 1999, page: 308.
6. Saramago, Jose, the Gospel According to jesus Christ, A harvest book. Harcourt. Inc, 1993, page, 148- 49.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
مترجم: محمد اسلم ڀلي
عمرڪوٽ



# اسلامي تهذيب جون اعليٰ تصنيفات*

عالمي تمدن جي تاريخ ۾، اسلامي تمدن بنيادي طور تي ايمان ۽ علم تي ٻڌل تهذيب رهي آهي. قرآني نزولِ ايمان ۽ علم جي بنياد کي مضبوط ڪيو. هن مضمون ۾ علم جي ڳولا ۽ بهتر کان بهتر جي حاصلات ۽ پڻ اسلامي سماج جي مخصوص خصوصيتن کي مختصر طور بيان ڪجي ٿو.

مسلمان امت ۽ اسلامي تعليمات جي شروعات قرآن پاڪ جي لفظ 'پڙهه'! سان ٿئي ٿي، جنهن تعليم جي حصول کي لازمي قرار ڏنو. قرآن پاڪ بذات خود علم جو هڪ لازوال سرچشمو آهي، ۽ وحيءَ علم جي غير متنازع برتري کي قائم ڪيو ۽ ايمان وارن کي حڪم مليو ته اُهي وڌ کان وڌ علم حاصل ڪن. حضرت محمد ﷺ فرمايو ته هر مرد ۽ عورت تي لازم آهي ته هو علم حاصل ڪن، چاهي اهو چين ۾ ڀي چو نه هجي، يعني ڪنهن ٻه ملڪ، استاد ۽ ٻولي ۾ دستياب هجي. اتي اِها ٻه وضاحت ڪئي وئي آهي ته انسانن جي سکيا لاءِ علم کي لکيو وڃي ته ان ۾ واڌارو ٿئي ۽ انسان اڻڄاتل علم کان واقف ٿي سگهي. ماڻهن لاءِ واضح ڪيو ويو ته اُهي علم حاصل ڪرڻ لاءِ ڏسڻ ۽ سوچڻ سان گڏوگڏ غور ۽ فڪر ڪن. ابتدا ۾ اسلام زندگي گذارڻ جو طريقو جيڪو قرآن ۾ پيش ڪيو ۽ حضرت محمد ﷺ ان ڪتاب يعني 'قرآن' جا استاد بڻجي ويا. ان ڪان پوءِ علم جي اوليت ۽ ان جي سکيا جي تصور کي پڻ واضح ڪيو ويو.

جيئن اسلامي سماج، تعليم جي طرف راغب ٿيو ته ننڍپڻ (ٻارن) جي تعليم (تعليم الاطفال) کي مسلمان معلمن جي نظر ۾ تعليم جو بنيادي مرحلو سمجهيو ويو. نتيجي طور پهريون تعليمي ادارو "يونيورسل پرائيمري اسڪول" قائم ٿيو. اهو پرائيمري اسڪول ڪنهن ٻه ڇت هيٺان هوندو هو، جيڪا ان وقت موجود هوندي هئي، جيئن: مسجدون، استادن جا گهر، محلات، ڪتاب گهر، خيمه ۽ ريگستان جي ڪليل هوا پڻ شامل هئي. مشرقي اسلامي دنيا ۾ هن کي مڪتب جي نالي سان ڄاتو ۽ سڃاتو ويندو هو ۽ ڏوراهون ڏور ملائشيا ۽ انڊونيشيا ۾ 'پنڊوڪ' معنيٰ 'ڪوٺي' چيو ويندو هو. تعليمي نظام جي وڌيڪ ترقي سان 5 صدي ۾ مدرسن جو نظام وجود ۾ آيو، جن کي مسجدن جي ٻاهران ٺاهيو ويندو هو.

اڳتي وڌندي عالمن کان قرآن جي معنيٰ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ۽ مختلف قرآني اڀياس (علوم القرآن) سامهون آيا جيڪي سيوطي جي ڪم جا اهڃاڻ هيا.

قرآني مطالعي جي ڪري ٻين شعبن، جيئن سائنسي علمن جي ترقي جو رستو هموار ٿيو.

---

* هيءُ مضمون بنيادي طور تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب "اسلامي تهذيب جون اعليٰ تصنيفات" جو مقدمو آهي. ڊاڪٽر صاحب جو هيءُ ڪتاب انگريزي زبان ۾ (The great books of Islamic Civilization) جي نالي 1989ع ۾ "پاڪستان هجره ڪائونسل- اسلام آباد" ڇپايو، هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب اسلامي تهذيب تي 81 مشهور تصنيفات جو تعارف ڏنو آهي، جن ۾ مذهب ۽ اخلاقيات، تعليم ۽ تلاش علم، قانونن جي ترتيب ۽ سائنسي ارتقا، تصوف، تقابل، اديان، فلسفيانه خيالات، سياسي تدبرانه خيالات، انتظام ۽ انتظامي سارسنڀال، عدليه ۽ قانون، تاريخ، سوانح عمري، سماج، تهذيب، ڪائنات جو مطالعو، جاگرافي ۽ فطري سائنس ٻين موضوعات تي ڪتاب شامل آهن. موضوع جي اهميت جي مدنظر اسان جي هن نوجوان مترجم هن ڪتاب جو مقدمو ترجمو ڪيو آهي جيڪو مهراڻ جي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪريون ٿا. (ايڊيٽر)

حديث ۽ سنت جي مدد سان وحي الاحي (قرآن) کي سمجهيو ويندو هو، ۽ ان جي ڪري حديثن جو تمام گهڻو مطالعو بہ ڪيو ويندو هو. ان مطالعي سان آزاد سائنس ترقي ڪئي ۽ جنهن ۾ خاص طور تي ابن صلاح جو ڪم حديث جي سائنس جو تعارف آهي. ان سان گڏوگڏ 'امام الغزالي'، 'احياءُ العلوم الدين' ۽ 'ڪيمياءِ سادات' ۾ ايمان ۽ علم ساڻ عقيدي ۽ عمل ۾ روحاني ۽ عقلي رويي جو بيان ڪيو آهي.

قرآني نزول انسانن کي پڙهڻ، مشاهدو ڪرڻ، سوچڻ ۽ ٻيهر سوچڻ، جستجو ۽ تحقيق ڪرڻ ۽ وڌيڪ کان وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏني، تہ جيئن هو نہ رڳو خالق جي وجود جي حقيقت کي سمجهي سگهي پر خود پاڻ کي سڃاڻي ۽ پنهنجي فطرت کان آگاهہ ٿي سگهي. مؤمنن مان وڌيڪ بهتر ماڻهن قرآن جي سڏ تي لبيڪ چيو ۽ ان کي سنجيدگي سان ورتو ۽ خدا جي تخليق کي وڌيڪ سمجهڻ ۽ سکڻ لاءِ انهن مشاهدو ڪرڻ، سوچڻ ۽ غور ڪرڻ شروع ڪيو. انهن جي تحقيق علم جي دائري کي ايتري قدر وڌايو جنهن جي تاريخ ۾ اڳ ڄاڻ نہ هئي ۽ مختلف تعليمي شاخن ۽ سائنس جي ترقي جو سبب بڻيا.

جيئن تہ علم هر ممڪن ذريعن سان حاصل ڪرڻو هو تہ ان ڪري مسلمان محققن يوناني، هندستاني، ايراني ۽ چين وارن کان ترجمي ذريعي علم حاصل ڪرڻ ۾ هر ممڪن ڪوشش ڪئي. ٻي صدي هجريءَ جي پهرئين چوٿائي تائين، مسلمان عالمن غير مسلم قومن جي ادبي روايتن کان واقفيت حاصل ڪري ورتي هئي. علم جي اهميت تي قرآني زور ۽ علم حاصل ڪرڻ لاءِ مسلمانن کي نبي ڪريم ﷺ جي حوصلا افزائي، علم جي حصول لاءِ اسلامي برادريءَ ۾ هڪ زنده مثال هيو. پوءِ پهرئين صدي هجريءَ ۾ ان نظريي زور ورتو ۽ ٻي ٽي صدي عيسويءَ ۾ علم جي حصوليت ۾ وسعت پيدا ٿي.

ان مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ 339هہ ۾ فارابي اِهو پهريون شخص هو، جنهن علم جي معلوم مقدار (Quantum of Knowledge) کي ترتيب ڏيڻ لاءِ احساءُ العلوم (Ihsa'al-Ulum) لکيو. هن جي لکڻي جو انداز فلسفياڻو هو. فلسفي جي بنياد تي مختلف سائنس جي تشريح ۽ درجہ بندي ڪي خوارزمي 365هہ ۾ پنهنجي ڪتاب 'مفتاح العلوم' ۽ سندس رسالي 'Brethren of Purity' سان گڏوگڏ ابن سينا 428هہ ۾ انسائيڪلوپيڊڪ الشفاءِ (Encyclopedic Al-Shifa) ۽ پنهنجي اهم معاهدن (Categories of Rational Science) "اقسام العلوم العقليه" ۾ هن تصور کي پيش ڪيو آهي. انهن سڀني علمبردارن جو عام طريقو اهو هو تہ علم کي سهيڙيو وڃي ۽ سڀني ماپن ۾ شامل ڪيو وڃي. خوارزمي سائنس يا علمن کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو ۽ ان جو بنيادي مقصد مختلف علمن جو مفهوم ۽ اصطلاحن / اصلاحن کي واضح ڪرڻ هو. 377هہ ۾ ال نديم جڏهن الفهرست (Catalogue) کي مرتب ڪيو تہ Bibliography کي درجہ بندي جي مفهوم ۾ خاص اهميت حاصل ٿي. ان سان گڏوگڏ ڪجهہ مصنفن علم جي هر دائري يا رُخ کي بيان ڪرڻ بجاءِ پنهنجي ڪمن ۾ مخصوص مضمونن ۽ سائنس تي بحث ۽ وضاحت ڪرڻ کي ترجيح ڏني.

مثال طور، فخرالدين الرازي 'حدائق الانوار في حقائق الاسرار' ۾ سٺ، جڏهن تہ الدواني 'انمدهج' (Unmudhij) ۾ ڏهن ۽ ال سيوطي 'ال نڪايه'(al-Niqaya) ۾ چوڏهن مضمونن / سائنسن / شعبن جو ذڪر ڪيو آهي.

انهن ڪمن ۾، بنيادي طور تي ڪنهن لاڳاپيل (Bibliographical) معلومات شامل ڪرڻ بدران هر سائنس جي عام پيشڪش ڪئي وئي هئي. ان کان پوءِ چار سؤ ڪتابن جا حوالا ڏئي، محمد ابراهيم الاڪفاني 749هہ / 1348ع پنهنجي ڪم 'ارشاد القاصد في اقصيٰ المقاصد' (Irshad al-Qasid fi Aqasa al Maqasid) کي ترتيب ڏنو، جنهن ۾ هن علم تعليم ۽ علم جي عام تعارف کان پوءِ سٺ شعبن / سائنسن تي تجزيو ڪيو. تنهن کان پوءِ 'مقدمہ' جي ڇهين باب ۾ 'ابن خلدون' سائنس کي ٻن مکيہ ڀاڱن ۾ ورهايو آهي، هڪ تہ اهو آهي جنهن کي فطري علم چئبو، جيڪو انساني فڪر جي

سنئين سڌي پيداوار آهي، هن جو تعلق ڪنهن خاص فرد سان ناهي هوندو پر پڻ جو تعلق اسلامي جماعت سان آهي. اصل ۾ 'ابن خلدون' جي سائنس جي درجه بندي خوارزمي جي ڪم سان ملندڙ جلندڙ آهي، پر عام فهم ۾ هن جيڪو شعبن کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي، تنهن ۾ هي تمام گهڻو پختو آهي. اهڙي ريت فارابيءَ جي ڪتاب 'احصاءُ العلوم' شروع ٿيندي علمن کي مختلف اندازن ۽ مقصدن سان بيان ڪيو ويو ۽ پڻ ان جي درجه بندي ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ڪتاب منظر تي آندا ويا. جڏهن ته اهو، درجه بندي وارو ڪم تاشڪوپرزاده جي ڪتاب 'مفتاح السعاده' ۾ پنهنجي عروج تي پهتو، جنهن ۾ هن مڪيه ۽ اهم طريقن جي بهترين ۽ اعليٰ ترڪيب پيش ڪئي. اهڙيءَ ريت فارابي سندس تعارف ۽ متعارف ڪرايل درجه بندي جي اسڪيم کي هيٺ ڏنل اصولن ۽ تصورن کي منطقي شڪل ۾ بڻايو، ۽ پوءِ علم کي (Encyclopedic) طول و عرض ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جي مضمونن ۽ سائنس ۾ عام پيشڪش يا نظريو نه آهي پر مختلف ليکڪن ۽ انهن جي ڪتابن جي باري ۾ (Bibliography) معلومات جو مجموعو آهي، جتي منگولن جي هٿان بغداد جي اعصابي مرڪز کي تباهه ڪيو ويو اتي وري تاشڪوپرزادي جي ڪم جون خوبيون جن اسلامي تمدن جي ذهني ورثي کي محفوظ ڪرڻ ۾ اعليٰ ڪردار ادا ڪيو. ان ۾ وري عثماني دؤر جا حاصلات به شامل آهن ۽ پوءِ وري سندس ڪم علم جي درجه بندي تي تمام گهڻو اثرائتو ثابت ٿيو. حاجي خليجي 'انسائيڪلوپيڊڪ ڪشف الزنون' کي بنيادي طور تي انهن ئي اصولن تي بيهاريو. تاشڪوپرزادي علم جي درجه بندي وارو عمل، پختگي واري مرحلي تي پهتو، جنهن کي هن 'علم تقسيم العلوم' جو نالو ڏنو، وڌيڪ ان جي وضاحت ڪبي ته ان جو مطلب ٿيندو ته 'علم جي منظم درجه بندي جي سائنس'؛ جيڪا مشاهدي جي نظر مان گذري هجي.

پاڪستان هجرا ڪائونسل پاران 1984ع ۾ هڪ منصوبي جي منظوري ڏني وئي ته جيئن مسلمان بزرگن، عالمن ۽ سائنسدان جي علمي ڪاميابين کي اجاگر ڪيو وڃي. جن علم جي راهه ۾ ۽ ان کي اڳتي وڌائڻ ۾ بي مثال ڪارناما سرانجام ڏنا. ان منصوبي تحت علم جي مختلف شعبن مان هڪ سؤ اهم اسلامي ڪتاب چونڊيا ويا ۽ انهن کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو ته جيئن ان علم کان ماڻهو واقف ٿي سگهن ۽ ان ۾ وسعت پيدا ٿئي. ڪائونسل جي منظوري ملڻ کان پهرين مون کي ڪتابن جي سڃاڻپ واري زميواري سونپي وئي. ان مهم ۾ لاڳاپيل ماخذ مواد جو پڙهڻ خاص طور تي (text) ۽ ان جي تشريح ٿيل (Edition) ۽ عام حوالن جو ڪم پڻ شامل هو. اِهو هڪ محنت وارو ڪم هيو، جنهن دوران مون تقريباً 76 عنوانن تي مختصر نوٽس ڪنيا جن کي هاڻي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. اميد آهي ته اهي ضرور عام پڙهندڙن لاءِ ڪارآمد ثابت ٿيندا.

جيتوڻيڪ هن ڪتاب 'Great books of Islamic Civilization' ۾ مختلف ڪتابن جا حوالا ڏنا ويا آهن، پر ان ۾ ڪو منفرد انتخاب ناهي ڪيو ويو. انهيءَ پيشڪش جو مقصد هر ڪتاب ۽ ان جي مصنف بابت مڪمل معلومات فراهم ڪرڻ ناهي ۽ نه ئي ڪا نئين معلومات ڏيڻ آهي، پر صرف هر ڪتاب ۽ ليکڪ جو مختصر تعارف ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، حاشيه ۽ حوالا به شامل ڪرڻ کان پرهيز ڪئي وئي آهي، گنوگڏ هر حساب کان پڙهڻ جي لائق بڻايو ويو آهي. ان سان شامل مصنف جو پورو نالو، سندس جنم، ۽ وفات جا سال يا جنهن دؤر ۾ هن ترقي ڪئي، ان جو تعليمي پس منظر ۽ پيشه ورانه ڪم کي نوٽ ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي وئي آهي ته جيئن ڪتاب جي تصنيف جي نقطه نظر کي بهتر انداز ۾ ڏسي سگهجي. ان وضاحت کي ضروري تفصيلن تائين محدود ڪيو ويو آهي. جتي اصل بيانن (Statements) ۽ راين (Opinions) جو حوالو ڏنو ويو آهي ۽ انهن جو مقصد (Purport) ۽ مادو (Substance) مهيا ڪيو ويو آهي ۽ اهڙن اظهارن کي (Single and double inverted commas) ۾ رکيو ويو آهي.

اهو به واضح ڪرڻ ضروري آهي ته هي ڪم نه ته تحقيق تي مبني آهي ۽ نه ئي ڪي (commo and Colon) ڪاما ۽ ڪالون ڪنهن ڪتابي شڪل و صورت وانگر ڏنل آهن. اصل مقصد اهو آهي ته پڙهندڙن کي ليکڪ ۽ ڪتاب کان متعارف ڪرايو وڃي. ان مقصد لاءِ ان کي گڏ ڪيو ويو ۽ پڙهڻ جي قابل بڻايو ويو. جيترو ممڪن ٿي سگهيو آهي، ته مطلوبه معلومات اصلي نسخن مان يا وري ان جي ترجمي مان ۽ پڻ ثانوي ذريعن (Secondary Sources) ۽ حوالن جي ڪم مان ورتي ويئي آهي.

جڏهن ماضي سان انهن ڪتابن جو معاصرو ڪيو وڃي ٿو ته اِهي پنهنجي اصليت ۽ خاصيت ۾وقت جي فريم ۾ ٺهڪيو اچو بيهن. هن 20 صدي جي آخري چوٿائي ۾ جيڪا شيءِ اڻواقف ۽ عام لڳي ٿي، اِها مڪمل طور تي اصل شڪل ۾ موجود هئي، جنهن انساني علم ۾ وڏي اڳڀرائي ڪئي.

اها ڳالهه نوجوانن ۽ دانشورن جي جذبي کي وڌائڻ لاءِ ڪافي آهي ته اسلامي فڪر، ثقافت ۽ تهذيب جا عظيم ڪتاب جن جو جزوي طور تي هن اشاعت ۾ احاطو ڪيو ويو آهي، انهن ۾ ابتدائي محققن، عالمن ۽ سائنسدانن جي ڪاميابين جو رڪارڊ موجود آهي.

آئون انهن سڀني نامور ليکڪن جو ٿورائتو آهيان جن جي ڪم مون کي هن قابل بڻايو ته آئون هن ڪتاب جي ڇاپي تيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ويس. مختلف ادارن کان مدد ملي، خاص طور تي 'سليماني پبلڪ لائبريري استنبول'، 'زهريه لائبريري دمشق'، 'شاهي محل لائبريري رباط' طرفان.مليل مدد جو شڪرگذار آهيان. ان سان گڏوگڏ پاڪستان جي نامور ڪاتب 'سيد نفيس راقم' جو به ٿورائتو آهيان جن هن ڪتاب جي ٽائيٽل جي ڪاليگراف ڪئي، ۽ پڻ پاڪستان هجرا ڪائونسل جي جناب 'محمد اسرار الرحمان' جو جنهن جي ڀرپور نگراني ۾ ڇپائيءِ جو ڪم مڪمل ڪيو ويو.

## نئون ڪتاب



ڪتاب: لهر لهر خوشبو
شاعر: آڪاش ميراڻي
موضوع: شاعري
ڇاپو پهريون: 2018ع
قيمت: -/250 رپيا
ڇپيندڙ: مرڪ پبليڪيشن ڪراچي

لاڪا عبدالرزاق الديبلي (ڏيبلو)
مترجم: ڊاڪٽر اسد جمال 'پلي'
عمرڪوٽ

(قسط پهرين)



# ڏيپلو - ديبل

اسڪائيليڪس جي مهر مان اسان کي انڊس ساڳا جي جاگرافي متعلق ابتدائي معلومات ملي ٿي. ڇهين صدي عيسوي ۾ مشهور هندو- ڌرمي تصنيف "بريهت سمهيتا" ۾ سوويئر ديس کي ڀارت ورش جي مرڪزي علائقي کان اُتر- اولهه کان ۽ اولهه ۾ ڏکڻ- اوڀر جا علائقا انهن جو حصو ٻڌايا ويا آهن. ساڳئي ڪتاب جو مصنف ورهميرا 'گنگا- جمنا' جي سنگم کي ڀارت ورش جو مرڪزي علائقو سمجهي ٿو، جنهن موجب سوويئر ديس جي علائقائي جاگرافي ۾ مغربي دريائي نظام جون واديون ڪُرنُواس جي اهم علائقي سميت شامل هيون.

ڪُرنُواس ويدي رياست ڪُرُڪيتر جو مذهبي انتظامي دارالخلافت هو، 1952ع ۾ ڀارت جي آثار قديمه جي اداري هرياڻه جي پراڻي ماڳ، 'هستناپور' جي کنڊرات کي 'ڪرونواس' جي باقيات قرار ڏنو آهي. هيءُ علائقو درياهه سنڌ جي تهذيبن جي ايڪائي جي ماتحت ندين راوي، ستلج بياس ۽ هاڪڙي (سرسوتي) جي وچ وارو مذهبي عقيدي ۽ رُتبي جي پويتر جاءِ هئي، جنهن کي 'پنجند' چئبو هو ۽ اڄ بہ ساڳي نالي سان پڪارجي ٿي.

منهبي تقدس جي ڪري ڏکڻ ايشيا المعروف ڪُرُڪيتر ۾ ان جي (ڪُرُنواس) حيثيت معتبر ۽ ممتاز هئي ۽ اڄ ان جاءِ تي ملتان قائم آهي. محترم ايم.ايڇ.پنهور صاحب (سنڌ جي ڇهه هزار سالہ آبڪاري تاريخ) موجب ڇهين صدي قبل مسيح ۾ ويدي رياست جا ٺوس ثبوت موجود آهن، جيڪا پنهنجي بختاور بادشاهه 'ڪُرُ' جي نالي سان 'ڪُرُڪيتر' مشهور هئي. هندو ڌرمي تصنيف 'بريمهت سمهيتا' ۽ يونانين جي جاگرافيائي نقطهٔ نظر کي ڏکڻ ايشيائي درياهي تهذيبن جي نظام جي شاهدين کي ملائبو تہ پورو علائقو 'انڊس ساڳا' جو حصو نظر ايندو.

ڪُرُڪيتر جي دريائي تهذيب ۾ سنڌوءَ کي مرڪزي حيثيت حاصل هئي ۽ ان کي مهمان جيون ديوتا سمجهيو ويندو هو ۽ باقي ندين کي ان جون داسيون سمجهيو ٿي ويو. اهو سبب هو جو مشرق جا رهواسي پنهنجي هنن مغربي 'سوويئر' ماڻهن جي اطاعت پنهنجي لاءِ عبادت سمجهندا هئا، ۽ انهن جي حيثيت هڪ مهاتما (پاڪ روح) وانگيان سمجهندا هئا. ڪُرُڪيتر جي بادشاهي گهراڻي جي پهرين نسلي شاخ 'ملي' قبيلن جي هٿ ۾ هئي ۽ 'ملتان' انهن 'ملي' قبيلن جي نالي جي جاگرافيائي شناخت آهي.

يونانين سنڌو درياهه کي رور انڊس (River Indus) جو نالو ڏنو جنهن جي معنيٰ آهي 'مرڪزي دريا' سنڌو، مذڪوره درياهي نظام ۾ مرڪز ثقل جي حيثيت رکندو هو. انهيءَ نسبت سان درياهِ سنڌ جي سيني هيٺاهن علائقن کي 'انڊيا' چيو ويو جيڪي انڊس لاءِ هڪ مستند حوالو آهن.

جنهن علائقي کي عام طرح هند چيو ويو آهي، اهو يونانين وٽ متحده تهذيبن جو علائقو انڊيا آهي. جنهن جي وراثت جا امين سنڌو سوويئر آهن، هيروڊوٽس موجب 'هخمانشي' ڪياني شهنشاهه دارا اول (519-15ق.م) هن علائقي (انڊيا) کي پنهنجو ويهون صوبو ٺاهيو. هيءُ واقعو اروڙ جي فتح سان روايت ڪيل آهي، هيروڊوٽس موجب انڊيا (هند) مان سنڌس مراد موجوده سنڌ علائقو آهي، اهو متحده

تهذيب جو علائقو جنهن جا وارث انڊس ساڳا المعروف سوويئر ديس وارا آهن.

چهين صدي قبل مسيح جي شروعاتي ڏهاڪين ۾ پانبو برهمڻ بغاوت سبب ڪُرڪيتر ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. اوڀر ۾ باغي ثقافت ڀارت ورش جي نالي سان وجود ۾ آئي ۽ اولهه ۾ سنڌ ورش بمعنيٰ سوويئر ديس جي نالي سان قائم رهيو.

'پانبو برهمڻ اتحاد' ويدن جي ڌرمي عقيدن ۾ ٽوڙ- مروڙ ڪري اوتار جي غير ويدي عقيدي ۽ پرميشور جي بتن جو رواج آندو.

انهيءَ نئين روايت جا باني برهمڻ هئا جن جي باغيانه ڪوشش سانئين شراڪتداري واري ڌرمي ثقافت جنم ورتو، جنهن جو مرڪز ڀارت ورش ٿيو، ٽين صديءَ عيسوي ۾ هن ڌرم هندو ڌرم جو ثقافتي نالو اختيار ڪيو، هيءُ وقت راءِ ۽ سيتا جي دور سان منسلڪ آهي، باغي ڌرمي ثقافت ڀارت ورش ڪُرڪيتر واري جنگ جو ڌرمي لڙائي مهاڀارت وارو مذهبي نالو ڏسي پاڻ کي ويدن جي تعليم ۽ ڪُرڪيتر ويدي تهذيب و ثقافت کان پاڻ کي الڳ ڪيو.

سنڌو اتهاس ۾ ڪُرڪيتر جنگ کي بغاوت جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو، هن جنگ جي ماحول کي اگر اسين 1947ع واري تقسيم هند جي حالات ۾ مطالعو ڪريون ته ٻنهي جو پسمنظر ساڳيو نظر ايندو. اُهو دور ٻه- قومي نظريي جي بنياد تي تقسيم جو پهريون دور محسوس ٿيندو، ان بعد اندازاً اڍائي هزار سالن بعد 1947ع ۾ ٿيل تقسيم سنڌ ان جو ٻيو مثال آهي. انهن ٻنهي تقسيمن جي وچ ۾ مسلمانن جو دور اچي ٿو جنهن ۾ جنوبي ايشيا کي مسلمانن متحد ڪري هندستان جو نالو ڏنو. جنهن سان عظيم ڪُرڪيتر ويدي تهذيب جون يادون تازه ٿين ٿيون.

هن بحث مان هڪ ٻيو به نتيجو نڪري ٿو ته ڏکڻ ايشيا ۾ ڪُرڪيتر جا امانتدار ملي نسل وارا هئا، جن جو تعلق پهريائين ويدن ۽ پوءِ ويدن جي نوس شڪل ٻڌ سان هو، ان بعد اها ارتقا اسلامي تهذيب ۾ منتقل ٿي ۽ متحده هندستان جو ڏکڻ ايشيا جي نقشي تي وجود برقرار رهيو ۽ 1947ع ۾ اهو وجود ٻيهر ٻه قومي نظريه تحت تقسيم ٿيو. دراصل مسلم ثقافت ئي ڪُرڪيتر جي تاريخي عظمت کي هڪ متحده رياست ۾ رکيو بعد ۾ ٻيهر تقسيم ٿيل ٻن حصن ڀارت ورش ۽ سنڌ ورش (ٻوڌي رياست) کي مسلمانن هڪ متحد هندستان جي شڪل ۾ آندو. اهڙي طرح ويدي ثقافت توحيد جي عقيدي جي امانتدار ٿي. اکنڊ هند جو نعرو ٻه سنگ پريوار بجاءِ پهريائين ويدي ۽ بعد ۾ مسلم تهذيب ۾ مدغم ٿيڻ وارن جي روايت نظر اچي ٿو. لهٰذا سنگ پريوار يعني بت پرستن جو نعرو 'اکنڊ ڀارت' هڪ کوکلو ۽ غير وجودي نعرو آهي جيڪو دراصل علامه اقبال جي تراني "سارے جہاں سے اچھا ہندوستاں ہمارا" کي رد ڪرڻ لاءِ ايجاد ڪيو ويو. علامه اقبال جو هيءُ نظم هڪ تمام اعليٰ فڪر طرف اشارو آهي، فڪر اقبال جي درست تدوين هئڻ گهرجي ۽ ٻه قومي نظريي ۽ قيام مسلم هند (پاڪستان) کي انهيءَ تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي. هنن مختصر حقائق مان اها ڳالهه ثابت ٿي وڃي ته سوويئر ديس ئي برصغير جو ثقافتي ورثو آهي. ان ورثي جي موجوده شڪل پاڪستان آهي. پاڪستان ۽ ڀارت ۾ ثقافتي ۽ نظرياتي محاذ آرائي جو تعلق پڻ بيان ڪيل پسمنظر سان آهي.

ڪُرڪيتر جي تقسيم کان پوءِ جنوبي ايشيا ۾ ٻه ديسن جي تهذيب جو دور شروع ٿيو، قديم ويدي ثقافت، ٻڌ جي تعليم سان گڏ سنڌو ورش جي نالي سان هڪ نئين ابتدا ٿي. ويدي سورما هيٺاهين علائقن ڏانهن منتقل ٿيا ۽ اروڙ (موجوده سکر ۽ روهڙي جي وادي) هن ثقافت جو نئون دارالخلافه ٿيو. هيءُ ثقافت ٻڌن جي آشيرواد سان ويدن جي قديم عقيدن جي امين ثابت ٿي. اروڙ سڀ کان پهريائين ٻڌمت جي مقدس

چمائي ويهي رهيا. هن کان متي چترمان (چترال)، ڪابلستان ۽ زابلستان تائين سڄو ملڪ باختري يونانين جي قبضي ۾ رهيو. ڪشانن پنهنجو دارالخلافت گنترا (سوات) کان پشاور منتقل ڪيو.

تاريخي تحريرن ۾ سن 287ع تائين هي سوويئر نسل جا هي ٽين دور جا چارئي قبائلي گروهه مضبوطي سان واديءَ سنڌ جي مختلف علائقن تي حڪمران بنجي ويئا. سڪندراعظم کان پوءِ هنن پنجن صدين ۾ سوويئر تهذيب سياسي، معاشي، دفاعي ۽ ڌرمي ثقافت ۾ تمام راسخ ۽ مضبوط ٿي چڪي هئي. هنر ۽ ڪاريگرين جو دور شروع چڪو هو. گجرات جي ’باريگاز‘ بندرگاهه سميت ٽن وڏن جزيرن تي هنن جي هاڪ ۽ ڌاڪ هئي. اهڙي طرح پنهي طرفن جي بيروني واپار جي واڳ هنن جي هٿن ۾ هئي، ان وقت نه صرف صنعت ۽ تجارت ۾ ترقي ٿي هئي پر ڪپهه جي پيداوار پڻ وڌي ۽ سوٽي ڪپڙي ۽ شربتي ململ جي صنعت ۽ واپار ۾ وڏو انقلاب پيدا ٿي چڪو هو ۽ عربستان سان گڏ يونان تائين هنن جنسن جي تقاضا وڌيڪ ٿيڻ لڳي. ايم.ايڇ پنهور صاحب جي اها ڳالهه مڃڻ ۾ ڏکي نه آهي ته سنڌ ۾ پڪي تعميرات ٽين ۽ چوٿين صدي عيسويءَ ۾ شروع ٿي آهي. موئن جو دڙو خواهه ننگر پارڪر جون پراسرار تعميرات جن تي چيرولي پلستر ۽ گلڪاري جا نمونا هن ئي دور جا جي تعميرات جا مظهر آهن.

سنڌ ۾ مضبوط ثقافت ۽ طاقتور نسلي تشڪيل جاساز و سامان هن دور سان ئي لاڳاپيل آهن.

287 ق.م ۾ ايران جي ساسانين بيهر سنڌ تي غلبو حاصل ڪيو، مگر 70 سالن جي قليل عرصي ۾ سٿين تبت جي ٻن منگول قبيلن يوئيچي ۽ هون جي مدد سان ساسانين کي واپس ڌِڪي ڇڏيو. هن ئي وقت کان سنڌ ۾ مشترڪ خاندانن جي حڪمراني جو سلسلو شروع ٿئي ٿو. هن ترتيب جو پهريون خاندان واهليڪا جي نالي سان مشهور ٿيو. هن خاندان جي قيادت سٿين جي هٿ ۾ هئي. هن مضبوط اتحاد جي پريشاني ۾ ايران جي حيراتان ۽ زابلستان جي وادين ڏانهن چيڙچاڙ شروع ٿي، جنهنڪري سڀ سوويئر قبائل پاڻ ۾ اتحاد تي مجبور ٿي ويا، هي سڀ قبيلا جيڪي مختلف علائقن جا حڪمران هئا، اهي ٻڌ ڌرم جا سچا پيروڪار هئا. هنن سيني گڏجي 500ع ۾ راءِ خاندان جو بنياد رکيو. جنوبي ايشيا جو هيءُ پهريون خاندان هو جنهن راڄائن جي نسبت سان ’راجپوت‘ جي ڪنيت اختيار ڪئي.

.هيون سانگ (منگوليا جو هئو) پنهنجي منهبي تصنيف ۾ لکيو آهي ته هي قبيلا باختري يوناني، سٿي، پارٿي، ڪشان، يوئيچي ۽ هون هئا جن جي خمير مان راجپوت نسل ٺهيو، جن جو سڄي خطي تي ڌهڪاءُ هو، هن راجپوت نسل جا سرواڻ سٿي هئا.

راءِ خاندان سوويئرن جي پنجين نسلي تشڪيل هئي جيڪي تمام بهادر هئا ۽ هنن اوير ۾ پارٿي ثقافت ۽ اولهه ۾ ايران جي سگهاري شهنشاهت کي ڪليل ميدان ۾ شڪست ڏئي پنهنجي طاقت جي ڌاڪ ڄمائي.

سٿي يا ساڪا قبيلي جو تعلق سٿيا جي علائقي سان هو، جيڪو علائقو دريا ’آمو‘ ۽ دريا ’قابل‘ جي سنگم تي ڪئسپن سمنڊ جي سرحد جو پراسرار جادوئي علائقو چيو ويو آهي. هِتان جا ماڻهو قدآور، جسيم ۽ سهڻا هئا، هي بولان لڪ کان 70ع ۾ سنڌ ۾ داخل ٿيا ۽ پٽل (پاتال) تي قبضو ڄمايائون. هي سٿي ئي آهن جيڪي بعد ۾ ’ساڪاياسڪا‘، ’لاڪا‘ ۽ پوءِ اپير سڏيا ويا. سٿي پنهنجي علائقي سبب ساڪا يا سڪا پاٽيءَ جي علائقي سبب، لاڪا سنڌ ۾ جابلو لڪن مان اچڻ سبب ۽ اپير (جداگانه) سٿي قوم جي سماجي روين سبب سڏيا ويا. لاڪا اڳتي هلي لاڪا ۾ تبديل ٿي ويا، سنڌ ۾ لاڪو، هنس پکي کي چئبو آهي ۽ سياري ۾ سائبيريا مان ايندڙ پکين کي لاڪا چئبو آهي ۽ اهي پکي دريا جي ڪناري هلندا آهن ته ’لاڪي ڄاڃي‘ سڏيا ويا آهن.




لاڪا عبدالرزاق الديبلي

اپير نهايت سخت گير روايتن جا مالڪ هئا، ڪنهن سان رشتيداري نہ ڪندا هئا. رشتا وٺندا هئا پر ڏيندا ڪونہ هئا. سن 500ع ۾ مشترڪ خاندان جي روايت ڪان پوءِ باقي قبيلن مان رشتا وٺڻ جو رواج پيو پر ڏيڻ جو رواج پوءِ ڪونهي. ان ڪان پهرين هو صرف اُجين جي برهمڻن مان شاديون ڪندا هئا. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ اپيرن جي سخت گير روايتن جي پاسداري سبب اُتر گجرات کي اپير چيو ويو.

رياست سڪاڊيپ پنهنجي وجود ڪان وٺي سن 500ع تائين ڇهہ سئو سال آزاد ۽ خودمختيار حيثيت ۾ قائم رهي. 287 ۾ ايران جو طاقتور ساساني حڪمران بهمن اردشير بہ سٿين تي غالب نہ پئجي سگهيو.

پاتال (پاتل) سٿين ۽ پارٿين جي وچ ۾ بفرزون جي حيثيت رکندو هو. پارٿين جي بي حسي ۽ ايرانين جي ساز باز جي نتيجي ۾ هڪ دفعو پيهر پاتال تي فارس جو قبضو ٿي ويو، فارسين ان جو نالو تبديل ڪري بهمن اردشير جي نالي سان بهن آباد رکيو ۽ سٿين سان سرحد مقرر ڪري، دفاعي سرحدي عهدنامو قائم ڪيو. هتي دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ سڪندر جون قائم ڪيل عارضي فوجي ڇانوڻيون ايندڙ حڪمران کي تحفظ ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيون ۽ جڏهن برهمڻن جو سنڌ تي غاصبانہ قبضو ٿيو تہ هي بئي ماڳ انهن جا منظور نظر رهيا. اها تعميراتي جاگرافيائي سوچ نہ صرف سڪندر جي دوانديشي ثابت ڪري ٿي بلڪ سڪندر باقاعدي سنڌ جي تعمير جو معمار ۽ محسن نظر اچي ٿو.

سٿي بادشاهن جا خاص لقب هئا جيئن پترس يعني راجا جو پٽ، اندروم يعني سوويئر ديس وارن سڄن مٿان قربان ٿيڻ وارو، سترتيفس يعني تلوار ۽ جنگي گُرن جو ماهر، ڌرميڪس يا ڌرميسَسَ يعني ڌرم وير ۽ عادل، مهاتس ۽ مهاتڪس يعني عظيم بادشاهہ، راجا دراجس ۽ راجا راجس يعني بادشاهن جو بادشاهہ ۽ مهاراجس يعني وڏو بادشاهہ.

مٿيان القاب سٿين جي قائدانہ صلاحيتن جي نشاندهي ڪن ٿا. اسان جي بيان ڪيل احوال جي شاهدي ڏين ٿا، هنن ڳالهين جو تعلق پاتل المعروف ديپ جي جاگرافيائي خطي سان آهي، هيءُ اهو سنڌ ڌرتي جو حصو آهي، جنهن کي تاريخي تحقيق ۾ مناسب حيثيت سان بيان نہ ڪيو ويو آهي ۽ هن بيان جي نہ هجڻ ڪري ڪيترائي مسئلا سنڌ جي تاريخ اڄان تائين مونجهارن جو شڪار آهن.

اسان جو هيءُ سمورو بحث ڪا عام روايت نہ آهي پر ڪافي مشهور تحقيقي ڪتابن جو تجزياتي اختصار آهي، هنن ڪتابن جا مصنفين دور دراز علائقن جا، مختلف خيالن، مذهبن ۽ نظرين جا آهن جن جي ارتقا اڄ ڪان ٽي هزار سال اڳ ڪان وٺي 20 صدي عيسوي جي ماهر آثار قديمہ جي تجزيات سان جُڙيل آهي. انهن قابلِ اعتبار تصانيف ۾ ويدن، پارسي پوڏين، مهاڀارت، مهاڀاشہ جي پنجتلي سنسڪرت جي پراڻ، يونانين جي تصنيفن جا حوالا عرب مورخن تائين شامل آهن.

هنن حوالن ڪانسواءِ موجوده دور جي محققين خاص طرح هن موضوع تي لکندڙ محقق جن ۾ ايچ ٽي لئمبرڪ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، معمور يوسفاڻي، انجنيئر محمد حسين پنهور ۽ ٻين جي تصنيفات جا نچوڙ ۽ حوالا شامل آهن، اهوئي وڏو دليل آهي جنهنڪري هيءُ اختصار قبوليت جي هر معيار تي پورو آهي ۽ قابلِ قبول تحرير آهي.

هن وقت بہ پاتل المعروف ديپ جي سرزمين تي ڪيتريون ئي زميني شاهديون موجود آهن، جيڪي سٿين جي نالن سان پنهنجو وجود برقرار رکيو اچن. افسوس رڳو ان ڳالهہ جو آهي تہ نہ عام محققين هنن حقائق طرف توجہ ڏنو نہ وري بيان ٿيل ڳالهين جي رد

يا سچ طرف سوچيو. صرف غلط طريقي سان منسوب ٿيل ڳالهين کي جيئن جو تيئن قبول ڪيو.

ننگرپارڪر ۾ موجوده رڻ ڪڇ، 'سڪاڊيپ' جي ڊيلٽا جا تمام اهم علائقا آهن. انهن علائقن ۾ ڪي اهڙا ڳجها رستا به آهن جن کي مقامي لهجي ۾ گهيڙ (Pass) يا چارا چيو وڃي ٿو. محترم معمور يوسفاڻي صاحب پنهنجي مشهور تصنيف، 'لطيف جا ٿر تان پيرا' ۾ هنن گهيڙن يا چارن کي 'چوڏهن چارو ڪچڙو' سڏيو آهي، معمور صاحب هنن سيني چارن جا نالا به پنهنجي تصنيف ۾ ڏنا آهن. انهن مان هڪڙو ڦيناپور وارو گهيڙ سڏبو آهي. جڏهن برساتون هي چوڏنهن چارا بند ڪري ڇڏينديون آهن، ته ماڻهو ڦيناپور جي گهيڙ وٽان لنگهي وڃي بابا حاجي پير جي مزار تي خيراتون ڪندا آهن. 1947ع ۾ تقسيم هند کان فوراً پوءِ خاردار تارن کي وڇائي ڇڏيو آهي ۽ رستو بند ڪيو ويو آهي.

سَٽي حڪمرانن، هاڪڙي درياهه تي بندرگاهه تعمير ڪيو، هيءُ بندرگاهه بعد ۾ پارينگر جي نالي سان ياد ڪيو ويو. 'پريپلس' وٽ هن بندرگاهه جو نالو اوراِيه (Oraia) لکيل آهي. رياستَ جي ٻين حصن سان رابطو رکڻ لاءِ پارينگر جو محل وقوع نهايت اهم آهي، ننگرپارڪر جو موجوده نالو پڻ پارينگر جو پسمنظر بيان ڪري ٿو، رياست سڪاڊيپ جي تڪميل ۾ خشڪي جي رستن ۾ هن بندرگاهه جو اهم ڪردار آهي.

هن وقت ننگرپارڪر جي هڪ علائقي جو نالو 'ستي ڏيرو' آهي، جيڪو هڪ يونين ڪائونسل سان منسوب آهي. 'ڏيرو' يا 'ڏيرا' جو نالو هن علائقي ۾ موجود ٽن عمارتن سان منسوب آهي، هڪ عمارت ننگرپارڪر شهر مان ڪارونجهر ڏانهن ويندڙ رستي تي موجود آهي. ٻي عمارت پوڏيسر ۾ آهي، جيڪو شهر جي داخلا واري اهم رستي تي آهي. جتي سلطان محمود غزنوي جي فوجي ڪمانڊر ۽ گجرات جي گورنر محمد شاهه بيگڙو جي تعمير ڪرايل خوبصورت مسجد پڻ موجود آهي. ٽي محل نما عمارت ننگرپارڪر کان ويهارو ڪلوميٽر اُتر ۾ موجود آهي، جنهن کي 'گوڙي' جي نالي سان سڏجي ٿو ۽ 'گوڙي جا ڏيرا' جي نالي سان مشهور آهي.

حسبِ روايت ٽنهي عمارتن کي 'جين ڌرم' جي مندرن سان منسوب ڪيو ويو آهي، ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته 'جين مت' ويدن جي منظر 'پلٽ شالائن' تي مشتمل ويدي مذهب جي هڪ پُختي شڪل هئي. گوتم ٻڌ جين مت جي پانشالائن جو ٻالڪو (طالب) هو ۽ بعد ۾ سندس تعليمات 'ٻڌمت' جي نالي سان مشهور ٿيون. ٻئي ڌرم پنهنجي نالن ۾ الڳ ليڪن تعليمات ۾ ويدن جي روايتن جي تسلسل جا 'امين' آهن. ويدن جي تعليم ۽ اصولن تي يقين رکڻ وارا ماڻهو پهريائين جين مت ۾ پوءِ ٻڌمت جي تعليمات جا تابع هئا.

(هلندڙ)



**ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ**
لاڙڪاڻو

# ورهاڱي کان اڳ جي غير مسلم شاعرن جي ڪلام جو مطالعو

سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جو دامن ايترو تہ وسيع آهي، جنهن جي اندازي لڳائڻ لاءِ گهڻ ۾ گهڻ منهنجي هڪ حياتي تہ پوري پئجي نہ ٿي سگهي. اسان جي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ مفڪرن پنهنجي لياقتن ۽ صلاحيتن جا اهڙا تہ جوهر ڏيکاريا آهن، جو ڏسڻ سان ڏندين آڱريون اچي وڃن ٿيون. لطف جي ڳالهہ وري اها آهي تہ اسان سندن انهن سمورين لياقتن ۽ صلاحيتن کي نہ تہ پرکي سگهيا آهيون، ۽ نہ وري انهن جي شاهپارن ۽ ادبي ڪاوشن کي نِت نون اندازن سان پڙهي ۽ پرجهي سگها آهيون.

تحقيقي ميدان ۾ قدم رکڻ کان پوءِ اهو شدت سان احساس ٿيڻ لڳو تہ اسان سنڌي علم ادب جا ڪيترا موضوع اڻ ڇپيا ڇڏي ڏنا آهن، ۽ اها سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي مستند تاريخ لکڻ جي تقاضا آهي تہ انهن موضوعن تي قلم کنيو وڃي. ورهاڱي کان اڳ جي غير مسلم شاعرن جو ڪلام بہ مون کي ائين اڻ- ڇهيو نظر آيو.

مختلف ڪتابن ۽ رسالن جا ورق ورائيندي، مون کي اهڙن 200 شاعرن جي ڪلام پڙهڻ ۽ ڏسڻ جو موقعو مليو. جيئن جيئن انهن جا نوٽس وٺندو ويس، تيئن تيئن اهو ڪلام منهنجي ذهن ۾ هڪ خاڪو ٺاهيندو ويو، ۽ اهو خاڪو اڄ هن مطالعي جي صورت ۾ اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

منهنجو هي مقالو تنقيد کان وڌيڪ هڪ مطالعو ئي تسليم ڪيو وڃي، جنهن ۾ مون ڪوشش ڪري غير مسلم شاعرن جي ڪلام جا غير مانوس پهلو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هي مطالعو طويل ترين ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ حوالن ۽ حاشين ڏيڻ کان گريز ڪئي اٿم.

**(1) قادر جي قدرت**

1- دوائو چميلي، موتيا ۽ مگرا ۽ لال گلابي ئي ڦول ٽڙن ٿا،
حسن عجيب ۾ بانس تي پوراسي، پون پون ڪري سڀ ڀوئر ڦرن ٿا،
نور نهاليءَ ۾ جوت جماليءَ تي جان فدا ڪر، جيت ڪرن ٿا،
سبز چمن ۾ اي ڦول ڦلن سي، پاڻ گهمائي لک جيو مرن ٿا.

2- ڪٿ جهاڙ ڦري، ڦول ڇڳي، ڪن ٻول مٺا ٻلهار پکي،
چون چون کي ڪرن ٽپ ٽاپ اٿن، للڪار ڪري لک وار پکي،
ٻهہ، ٻول ڪيو، من مست ڦرن، چڪراٽ ڪيو، ڇڇڪار پکي،
ڪٿ لات ڪري بلبل سا مٺي،ڪٿ ڪانگ لنون ڪانگار پکي.

3- ڪٿ ٻرنڊ ڦرن، سوٻونڊ ڳجهون، ڪٽي ماس مٺي، سرٽيون ٽيون ڪرن،
وچ شهر ڪتا، دردر سي گهميو، ٻونڪار ڪيو، ٽڪري تي وڙهڻ،
گهر گهر ۾ ڪٺا گهر جا ڏٽي، ڇشڪار چڪيو لک لک سسي ڦرن،
ٻلٽيون جي اڇن، جهٽ چال ڏيو، چنبن ۾ وجهو، چوها سي ٽرن،

4- صد ڪيل خوشيون هيءُ جيو ڏسي، لک، ٽول ڏنا تنهن کي تو ڏٽي،
ڪنهن کي حسن گهٽو، ڪنهن کي عقل گهٽو، خوب ڏنو تو ڏن ڪٽي،
سڀ جوڙ ۾ جوڙ هي جيو عجب، درخاڪ وڏي تو نور مٽي،
چو ڪير آهي، ڪاٽون سو آيو، هيءُ جيءُ وڃي ڪٿ پاڻ هٽي.

**(2) ڪنڊلي**: ڪنڊلي سنڌي شاعريءَ جي اها صنف آهي، جا ڇهن مصرعن تي مشتمل ٿئي ٿي ڪنڊليءَ جي پهرين مصرع جو پهريون لفظ ۽ آخري مصرع جو آخري لفظ ساڳيا هجن ائين ڪٿي چئجي تہ انهيءَ جي شروعات ۽ پڇاڙي هڪجهڙي ٿئي ٿي ان ڪان سواءِ هن صنف جون واري سان ايندڙ بہ مصرعون پاڻ ۾ هم قافيہ ٿين ٿيون ۽ ٻي مصرع جو پويون اڌ، ٽين مصرع جي شروعات ۾ ورجايو وڃي ٿو. مختصر لفظن ۾ ائين چئجي تہ هڪ دوها ڇند ۽ هڪ رولا ڇند ڪي ملائڻ سان هڪ ڪنڊلي ٺهي پوي ٿي.

ورهاڱي کان اڳ هوتچند سنگومل ٽيڪواڻي هڪ مشهور ڪنڊلي گو شاعر ٿي گذريو آهي. هن هيٺ سندس بہ ڪنڊليون ڏجن ٿيون:

**زال**

1. ڏوڙ منجهان ڏن ڪري، سا سندر ٿي زال،
ڏن مان ڏوڙ ڪري، اها سچ ڇئبي تہ جنجال،
سچ ڇئبي تہ جنجال، زال مان جال ٿي ڄاري،
استري گهر رکيڪ هجي، وزير گهر نت خواري،
گرهست سوبي جوءِ سان، ڪٿي هجي، نت ڪوڙ،
"هوت" ڏنيہ ناري اها، جا ڏن ڪري مان ڏوڙ،

2. گاڏيءَ جا ڦيٿا ٻئي، آهن استري پرش،
نار جو ناهي ميل جي، ڪنڌو ڇا هڪ مڙس؟
ڪنڌو ڇا هڪ مڙس، اهي ڏک سک ۾ ڀاڱي،
هڪ ڦيٿي گاڏي هلي نہ، ٻن سان هلندي ساڳي،
گهر بہ ننيو آهہ راڄ، هلي جان جوءِ نہ ويندي آڏي،
سک سان بيڙو پار، "هوت" جئن ٻن ڦيٿن سان گاڏي.

**(3) لاڏو**: "لاڏو" لفظ "لاڏ" مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پيار. لاڏو اسان جي لوڪ ادب جي شاعريءَ جي اها صنف آهي، جنهن ۾- پٽ پياري يا لاڏلي بابت پيار ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪيو وڃي. لاڏي جا ڪيترائي قسم ٿين ٿا، جيئن: ڄمڻ جا لاڏا، ڇنيءَ جا لاڏا، جيٺن جا لاڏا ۽ شاديءَ جا لاڏا. شاديءَ جي لاڏن جا وري الڳ الڳ قسم ٿين ٿا. سنڌ جي ڪيترن ئي غير مسلم شاعرن لاڏا چيا آهن، هن هيٺ هوت چند ٽيڪواڻي جو هڪ لاڏو مثال طور ڏجي ٿو.

اڄ لاڏي ڪي پرٿايان ٿي، آئون گيت آنند جا ڳايان ٿي،
لاڏو اسان جو جڳ جڳ جيئي- وڏي ويجهي شل ۽ نيڪ ٿئي،
ساهہ برابر پانيان ٿي..........
ڪري سين سان شال پلائي- ڪانہ سنديس ڪا ٻتون لڳائي
پر سادي تہ وراهيان ٿي..........
ونو سکي شل ونيءَ ڪي رکندو- جوڙو اهو جيڏن منجهہ ٻکندو
سرهاڻ لاڏي ڪي لايان ٿي..........
پڳوان جوڙي ڪي نيڪ بڻائي، گڻ هريءَ جا هردم ڳائي
پريو تو در سيس نمايان ٿي..........

**(4) مورو**: مورو سنڌي لوڪ جي اها مقبول عام صنف آهي، جنهن ۾ عشق ۽ محبت، فراق ۽ وڇوڙي، حسن ۽ جمال جون حڪايتون ۽ رسم رواجن جي موضوعن تي اپٽار ڪيو ويندو آهي، فن جي لحاظ کان هيءَ صنف ٻن ٽڪن ۽ وراڻي تي ٻڌل هوندي آهي. هن جون ٻئي ٽڪون هم قافيہ هونديون آهن، ۽ انهن ۾ رديف جو استعمال بہ جائز آهي.

انگريزن جي دور جي آغاز کان وٺي ورهاڱي جي انجام تائين سنڌ ۾ اڻ ڳڻيا عروضي شاعر ٿي گذريا آهن، جن جي صفت ۽ ثنا ۾ اسان جون ادبي تاريخون ڀريون پيون آهن.

سنڌ جي مسلمان شاعرن جيان هتان جي غير مسلم شاعرن جي وڏي اڪثريت عروضي شاعري ڪئي، بلڪ انهيءَ سان انصاف به ڪيو آهي. سنڌ جي عروضي شاعريءَ جي تاريخ ۾ ديوان ليلارام سنگهه "خاڪي" ۽ ڪشنچند "بيوس" ليکراج "عزيز"، پرسرام "ضيا"، هوندراج "دکايل"، ڪيئلداس "فاني"، هرومل سدا رنگاڻي ۽ هري دلگير جهڙن غير مسلم شاعرن کي اعليٰ مقام حاصل آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي انهن ناميارن عروضي شاعرن کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي اهڙا شاعر ٿي گذريا آهن، جن عروضي شاعريءَ سان ڀرپور انصاف ڪيو آهي، جنهن جي مختصر جهلڪ هن مضمون ۾ نظر ايندي.

هن ڪتاب ۾ عروضي شاعريءَ جي مکيه صنفن کي ذهن ۾ رکي مختلف شاعرن جو ڪلام ڏنو ويو آهي. ان هوندي به ڪجهه صنفون ڪتاب ۾ جوڳي جاءِ وٺي نه سگهيون، جن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

**1. تاريخ:** عروض جي اصطلاح ۾ شعر جي ڪنهن لفظ، فقري، عبارت، مصرع يا بيت جو اهڙي نموني استعمال ڪيو وڃي، جنهن جو جيڪڏهن ابجد جي حساب مطابق رکي عدد ڪڍجي ته سن ۽ سال نڪري اچي. سنڌ جي ڪيترن ئي عروضي شاعرن مختلف واقعن تي اهڙيون تاريخون لکيون آهن، جن ۾ مسلمانن سان گڏ غير مسلم شاعر به اچي وڃن ٿا. هن هيٺ به مثال ڏجن ٿا. سرڳواسي پرسرام "ضيا" جي ڪتاب "تصوير احساس" جي سال طبع تي چيل "عزيز" جي تاريخ.

وه واهه اڄ ضيا جي ڇپيو شعر جو ڪتاب، احساس جي سچ آهي سا تصوير بي نظير،
ٿي جستجو "عزيز" لکان سال طبع جو، هاتف چيو مر کن ۾ "نظم آهه، دلپذير"

1933

"هرومل خادم" جي لکيل تاريخ:

چيم دل ۾ "خادم" ڪڍان سال طبع، ورهين جو پيو ڏسٿو نشيب وفراز،
'هوس' جي ڪڍ 'هي' ڪو لک سال طبع. "سخن جو ڪليو. باغ بس دلنواز."

1948 - 5 = 1943

**2. رباعي:** رباعي جي لغوي معنيٰ آهي چئن مصرعن وارو ڪلام. علم عروض جي اصطلاح ۾ رباعي انهيءَ شعر کي چئبو آهي جنهن ۾ رڳيون چار مصرعون هونديون آهن ۽ جنهن جي پهرين، ٻي ۽ چوٿين مصرع پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن. رباعي بحر هزج مثمن اخرب ۽ بحر هزج مثمن اخرم جي ٻارهن قسمن جي وزنن ۾ چئي سگهبي آهي غير مسلم شاعرن هن صنف ۾ به پاڻ ملهايو آهي. ٻن شاعرن جون رباعيون ڏجن ٿيون.

جوهراج نرملداس جون رباعيون:

خبر ناهي ته ڪهڙي دم اسان جي الوداع ٿيندي، اسان جي جان جسمي قالبان نڪري جدا ٿيندي،
روئيندين کي اکيون لاشي مٿان يا دور لاشي کان، خبر ناهي اسان جي حق پڇاڙيءَ ڇا قضا ٿيندي.

ڪيڻ پيئڻ ۾ جيڻ پانيون تن پرستيءَ ۾، رهون ٿا محو مداين جي موج مستيءَ ۾،
گهڙي ڪا ويهي وچاري اکئين ڏسڻ گهرجي، ته ڇا هي حال حقيقت جو هاءِ هستي ۾.

هرومل سدا رنگاڻيءَ جي رباعي:

ماٿهو ٿا چون سڀ ٿي ڪرائي تقدير، تقدير مگر آهي اسان جي تدبير،
ناهيون ٿا اسين حال منجهان مستقبل، ماضيءَ ۾ جيئڻ حال جو ٿو ٿئي تفسير.

**3. قصيدو:** عروضي شاعريءَ جو اهو قسم جنهن ۾ شاعر پنهنجي ذاتي جذبن، امنگن ۽ نظرين جي ڀرپور ترجماني ڪري، ڪنهن حاڪم جي وڏائي، سورهيه جي ساراهه، ناماري جو ناموس يا ڪنهن فطرتي توڙي قدر شئي جا گڻ يا اوگڻ ظاهر ڪري ٿو.

سنڌي زبان ۾ قصيده گوئي ڪا ايتري قديم ڪانهي، ان هوندي به سيد ثابت علي شاهه کان وٺي ويندي اڄوڪن شاعرن تائين سنڌ جي غير مسلم شاعرن به هن صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي.

”عزيز“ جي قصيده ”بهار“ مان اقتباس هيٺ ڏجن ٿا.

قدم زمين تي رکي ڪين ٿي هوائے بهار، بهار ۾ هي ڏسو ناز ۽ ادائے بهار،
گڙي ٿي رعد ته چمڪي ٿي چوطرف بجلي، وطن تي ساز طرب جو ڪنيو هوائے بهار،
شگفتگيءَ جو گلن کي مليو پيام آهي. چمن ۾ بلبل ڳائي ٿي اڄ نوائے بهار،
اُڏامي ڏي ٿو پپيهو پيام موسم گل. ٻڌائي ڪوڪ ٿي ڪوئل سندي صدائے بهار.... الخ

**4. مربع:** مربع عروضي شاعريءَ جي نظم جو اهو قسم آهي، جنهن جي پهرين بند ۾ ٽي مصراعون هم وزن ۽ هم قافيه هونديون آهن، باقي بند جون ٽي مصراعون جدا قافيه رکنديون آهن. پر چوٿين مصرع وجي پهرين بند جي مصراعن سان هم قافيه ٿيندي آهي.

ورهاڱي کان اڳ جي غير مسلم شاعرن شاعريءَ جي انهيءَ صنف تي به طبع آزمائي ڪئي آهي. هن هيٺ ”عزيز“ جي شاعريءَ مان مثال ڏجي ٿو.

لٽجي چانڊوڪيءَ ۾ چمن شب جو، ٿو ٽئي چاڪ پيرهن شب جو،
پڻ فلڪ پيو سبي ڪفن شب جو. پٽ اڪيون صبح آشڪار ٿو ٿئي.
ويو لڪي چنڊ شرم کان سارو، رهيو باقي ڪو چرخ تي تارو،
ٻڌي هڪ ٻئي پنيان ويو سيارو. پٽ اڪيون صبح آشڪار ٿو ٿئي.

**5. مرثيه:** ڪو ڪونتر ڪسجي پئي، يا جاني جدا ٿي وڃي، ائين ڪٿي چئجي ته ڪو اهڙو ويڇو پئجي وڃي؛ جو وري ملڻ مشڪل ٿي پوي ته اهڙين حالتن ۾ انسانن جي اندر مان هڪ عجيب قسم جي آهه نڪري ٿي ۽ سندس دل جدائي ۾ تڙپڻ لڳي ٿي. جڏهن اهڙن جذبن جو اظهار شاعريءَ ۾ ڪيو وڃي ته ان کي ”مرثيو“ سڏيو وڃي ٿو. سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتن ڪيترن ئي مرثيه گو شاعرن کي جنم ڏنو آهي، جن ۾ اسان جا غير مسلم شاعر به اچي وڃن ٿا. ”ارجن“ جي مرثيه جو هڪ بند هيٺ ڏجي ٿو:

تنهنجي ڪري خزان کي منڙا بهار سمجهيم هن رنج ۽ مصيبت راحت ٿي يار سمجهيم.
هن بي قرار دل کي ڪجهه ٿي قرار سمجهيم ٿي زندگيءَ جو توتي دارومدار سمجهيم.
چا سچ ته چئو اي منڙا مون کي ڇڏي وڃين ٿو.

پرسرام ”ضيا“ جي هڪ مرثيه جو بند آهي:

جو تڪڙ ايڏي ڪئي تو اي اچڻ واري قضا ڪجهه ته ترسين ها، نه ترسڻ ۽ رهڻ واري قضا.
ڪجهه ڇڏين ها ضد، نه ضد پنهنجو ڇڏڻ واري قضا ڪجهه هڻين ها، تون نه اي هرگز هڻڻ واري قضا.
توکي پيءُ اولاد کان آخر جدا ڪرڻو نه هو تو ڏنو داغ الم توکي اهو ڏيڻو نه هو.

**(ب) ترجمو ٿيل شاعري:** سنڌ جي غير مسلم شاعرن جي ڪلام جو مطالعو هڪ ٻئي نقطه نگاهه سان به ڪري سگهجي ٿو. اهو آهي سندن ترجمو ٿيل شاعريءَ جو تجزيو. اسان جي غير مسلم شاعرن نه رڳو پنهنجي تخليقي قوتن سان سنڌي شاعريءَ جي تاريخ جي جهولي ڀري آهي، پر هنن انهيءَ ۾ ترجمو ٿيل شاعري جو به اضافو ڪيو آهي. ڪين مشرق توڙي مغرب ۾ جيڪا به سٺي شاعري نظر آئي آهي. هنن انهيءَ جو اوس ئي ترجمو ڪري سنڌ واسين کي سڳند وٺرائي آهي. هن هيٺ سندن انهيءَ منظوم ڪلام جا مثال ڏجن ٿا:

سرو تياڳي ڪري سرو ڀوڳ، سڀ ڪرم ڪري رهي وچ يوگ،
ڪرم ڪري ڇڏي ڦل ڪامنا، ڪرم ڪري ڇڏي ايمانا،
ڇڏ لوڀ ڏن ڪنهن جو نہ تڪ، هو مٺي ماري يوگ سک اٽڪ.

مذهبي ڪتابن کي ڇڏي جڏهن اسان مذهبي ۽ روحاني شخصيتن جي نالن تي نظر ڪيون ٿا تہ غير مسلم شاعرن جي ڪلام ۾ انهن جي اثر جي بہ ڪمي نظر نہ ٿي اچي. هن هيٺ ٻہ مثال پيش ڪجن ٿا:

ننڍي کنڊ جي نامور ڏات۔ ڌڻي ڪاليداس جي ڪوتا "ميگهہ دوت" جو نانڪرام ڏرمداس منظوم ترجمو هن ريت ڪيو آهي:

برهہ جي بيمار کي ورهيہ ورهيہ هڪ گهڙي تن سڪي تاڪيون ٿيس ڪاٽي رات رڙي
ميگهہ ڏنو آڪاڙ جو، مٿان رامگري چوٽيءَ سان چڪري، جڻ هاٿي کيلي بند سان.

منگهارام ملڪاڻي ٽئگور جي شاعري کي هيئن ٿو مانوس ڪرائي:

پرارٿا پريو ٿو ڪريان، تڙي ڪڍ هيڻائي دل مان سگهہ ڏينم تان آنند مان، دک ۽ سک سڀ پيو سهان
سگهہ ڏينم تان پنهنجو پيار، سڦل شيوا ۾ ڪريان هربار سگهہ ڏينم مسڪينن تان، هٽ ڪنهن نان آئون ڪٽان
سگهہ ڏينم ٻلوان اڳيان، گوڏن ڀر هرگز نہ ڪران سگهہ ڏينم تچ ورتڻ ڪان، اوچو پنهنجو من رکان
سگهہ ڏينم هيءَ سگهہ ارپيان، تنهنجي اڇا کي پريم منجهان

غير مسلم شاعرن پنهنجي مذهبي ۽ روحاني ٻولين کان سواءِ جن ٻين ٻولين جا منظوم ترجما ڪيا آهن. اهي آهن فارسي ۽ اردو.

جن غير مسلم شاعرن فارسي شاعريءَ کي سنڌي ۾ مانوس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تنهن ۾ ديوان ڏيارام اڳري جاءِ والاري. سندس شاعريءَ جا ڪتاب فارسي شاعرن- خاص ڪري مولانا رومي ۽ شمس پير تبريز جي ڪلام جي حوالن سان ڀريا پيا آهن. سنڌ جي هن نامور دانشور مولانا رومي جي مثنويءَ مان دفتر ٽئين جي حڪايت ستين جو منظوم ترجمو هن ريت ڪيو آهي:

خود ڪان خالي سندس ڪرٿي ناهي، سڀ ڪنهن وست ۾ سلسلو آهي.
سلسلو گپت، خود گپت، تہ بہ ويساهہ نہ رک تون سپت.
هڪ درويش گهري روزي بنا محنت، گهر آيس هڪ جانور ڄاڻائين غنيمت.
درويش جو ڏاڍو جنهن ماريو ڦريو هو، جانور هو تنهنجو ان فرياد ڪيو.
حضرت دائود گنريل پروريو، خون ٿئل لاشو ڀاڻ هلي ڏيکاريو.
خونيءَ بدمعاش کي ڦاهيءَ چاڙهيو، سندس سمورو مال درويش کي ڏياريو.

ننڍي کنڊ جي اردو شاعرن مان اقبال کي سنڌ واسي غير مسلم شاعرن ۾ مقبوليت حاصل رهي، ۽ سندس ئي ڪلام جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو ويو. ليڪن سنڌ ۾ ڪيس مانوس ڪرائڻ وارو غير مسلم شاعر هئو. "بيوس". بيوس جو مشهور نظم "ڪڙڪبيتو" بہ اقبال جي نظم "جگنو" جو منظوم ۽ آزاد ترجمو آهي. هن هيٺ هڪ وڌيڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

تازو تري اچي ٿو، دل تي اهو زمانو، جنهن ۾ اڏيو اجهو مون آزاد آشيانو.
وڇڙي وطن ولر ڪان، هي حال ٿي رهيو آهہ، دل غم کي پي رهي آ، غم دل کي پي رهيو آهہ..

سنڌ جي غير مسلم شاعرن جي منظوم ڪلام جي مطالعي ڪرڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندن منظوم ترجمو ٻن خصوصيتن جي حامل آهي يعني ڪيترن شاعرن شاعريءَ جو ترجمو اهڙي نموني سان ڪيو آهي جو اصلي شاعر جو اصلي خيال برقرار رهي ٿو. ڪن شاعرن وري آزاد نموني سان منظوم ترجما ڪيا آهن. انهيءَ ڪري سندن اهڙي قسم جي شاعريءَ ۾ نہ رڳو اصلي شاعر جي خيالن جي جهلڪ نظر اچي ٿي، بلڪ سندن فن ۽ فڪر جو بہ عڪس ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

**قاضي مقصود احمد**
مٽياري



# سنٿال

## (سنڌ جي تاريخ ۾ ذڪر ڪيل هڪ هندستاني قبيلو)

هند ۾ سنٿال قبيلو جهار ڪنڊ، اوڙيسا، اولهه بنگال، بهار، آسام، ڇتيس ڳڙهه ۾ تمام وڏي تعداد ۾ موجود آهي. جهار ڪنڊ رياست بهار کي ورهائي جوڙي وئي هئي، جنهن جي پنجن وڏن ضلعن ۾ سنٿالي آباد آهن، جن ۾ پاڪڙ، دمڪا ۽ گودا ضلعا به شامل آهن ۽ اهوئي هنن جو بنيادي علائقو آهي. پنجن ضلعن تي مشتمل هن علائقي کي سنٿال پرڳڻو چئبو آهي. مٿي ڄاڻايل علائقن کان سواءِ پر پاسي جي ڪيترن ئي رياستن ۾ هن قبيلي جون مختصر آباديون پڻ موجود آهن. جڏهن ته پر پاسي جي ٻين ملڪن ۾ به هن قبيلي جي آبادي موجود آهي. جهڙوڪ: بنگلاديش، نيپال، ڀوٽان، ان کان علاوه جاوا، سماترا ۽ نيوزي لئنڊ ۾ به هن قبيلي جي آبادي موجود آهي. انگن اکرن مطابق ڏکڻ ايشيا ۾ هن قبيلي جي آبادي هڪ ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهي. قبيلي جي مک گوترن جو تعداد ٻارهن آهي، جن جا نالا هن ريت آهن:

هانسده (Hansda)، مرندي (Mardi)، سورن (Soren) هيءُ قبيلو سپاهه جو ڪم ڄاڻندو آهي. مُرمُو (Murmu)، هيءُ قبيلو پڄاري طبقي ۾ شمار آهي. ڪسڪو (Kisku) هي راڄائي قبيلو آهي. بيسرا (Besra) هي قبيلو هارپو ڪندو آهي. ٽوڊو (Tudu)، بسڪي (Baskey)، هيمبروم (Hambrom) چوڙي (چوڙے Chorai)، بيڊيا (Bedia) ۽ ڳا نڙيار (Gondwar). اهي قبيلا وڏيڪ ننڍن قبيلن ۾ ورهايل آهن.

هن قبيلي جي ٻولي سنتڙي سڏبي آهي، جنهن کي رومن اکرن ۾ 'Santali' لکندا آهن، جڏهن ته ديوناگري اکرن ۾ 'Santhali' لکندا ۽ اچاريندا آهن. سنٿالن کي ڪولن جي نسل مان ۽ 'سنتڙي' کي آسٽرياسيٽڪ زبانن جي منڊا زبانن واري خاندان مان ڪرواڙ نالي سان مشهور ماڻهن جي گروهه سان جوڙيو ويو آهي. يعني هيءَ زبان آريائي ڪانهي ۽ هن کي دراوڙي ٻولين ۾ شمار ڪيو ويو آهي. لسانيات جي ماهر پال سڊويل جي چوڻ مطابق منڊا زبانون اٽڪل 4000- 3500 سال اڳ انبو چائنا مان اڙيسا جي ساحلي علائقي ۾ پهتيون. اوڻهين صديءَ جي وچ تائين هن ٻوليءَ جو ڪو به تحريري رڪارڊ موجود ڪونه هو. انگريزن هن قبيلي جي تاريخ سان گڏ ٻوليءَ جي لغت ۽ روايتن تي مشتمل مواد کي 1860ع کان سهيڙڻ شروع ڪيو. هن قبيلي جي ٻوليءَ لاءِ ستن قسمن جون لپيون استعمال ۾ رهيون آهن، جيڪي بنگالي، اوڙيا، آسامي، ديوناگري ۽ رومن اکرن کان علاوه ٻين پرپاسي جي مشهور ٻولين سان لاڳاپيل آهن. جڏهن ته سنتڙي ٻوليءَ جي پنهنجي لپي پنڊت رگهوناٿ مُرمُو (Pandit Raghunath Murmu) (1905ع کان 1982ع) 1925ع ۾ ترتيب ڏني، جنهن کي اول چيڪي (انگريزيءَ ۾ Ol Chiki) چيو ويندو آهي. ان لپيءَ جي تشهير 1939ع کان ڪئي وئي. اها لپي هن وقت انڊيا جي ستني رياستن توڙي پرپاسي وارن ملڪن ۾ سنتڙي زبان لاءِ استعمال ڪئي ويندي آهي.

هن قبيلي جو مذهب سرناڌرم (Sama Religion) سڏبو آهي. محققن جو چوڻ آهي ته هيءُ مذهب سنڌ جو قديم مذهب آهي، جنهن ۾ فطرت جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. هن مذهب جي ديوين ۽ ديوتائن ۾ مرنگ بورو

(Marang Buru)، جاهيرائيرا (Jahcracra) ۽ مانجهي (Manjhhi) جا نالا اچن ٿا. سنٿال، روحن ۽ بدروحن کي به مجيندا آهن. اهي پنهنجي پوڄن کي شامان اوجها (Shaman Ojha) چوندا آهن. ياد رهي ته شامان، ٻڌ مذهب جي ٻاوي کي به چوندا آهن. تنهنڪري چئي ٿو سگهجي ته اهو لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ اڳ ۾ ئي مروج هو يا ٻڌ مذهب جي اثر ڪري شامل ٿيو آهي. هن مذهب ۾ وڏن جي عبادت ڪرڻ جي جڳهه کي جهاڙ ٿان (Jahod Than) ۽ جهاڙ گهر ۽ راڄ جي مکين جي ويهڻ ۽ فيصلا ڪرڻ جي جڳهه کي (Manjhi Than) چوندا آهن.

جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي ته انگريزن جي دور ۾ سنٿال قبيلي جي باري ۾ جيڪا تحقيق ڪئي وئي، ان ۾ کين ڏکڻ ايشيا جا پراڻا رهواسي قرار ڏنو ويو ۽ سندن تعلق سنڌو ماٿر سان ڄاڻايو ويو آهي. سنڌيءَ ۾ پيرومل مهرچند آڏواڻي به پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ جي اڳاڻن رهواسين جي حوالي سان ڪولن ۽ سنٿالن جو ذڪر ڪندي ڄاڻايو آهي ته سيوهڻ توڙي موهن جي دڙي مان ڪولن ۽ سنٿالن جا هڏاوان پڃرا مليا آهن، پر اها معلومات فقط نالي جي حد تائين آهي ۽ سنڌ ۾ 'سنٿالن' جي آباديءَ بابت اسان جي ڄاڻ نري گهٽ ٻڙيءَ جيتري آهي. وڏ ۾ وڏ اها خبر پئي ٿي ته اهو قبيلو صدين کان هندستان ۾ بنيادي طور تي بهار جي علائقي ۾ آباد نسل آهي، جيڪو اتان کان مٿي ڄاڻايل پر پاسي جي علائقن ۾ پکڙيو آهي.

ڊاڪٽر آفتاب ابڙو صاحب بهار صوبي جي هڪ آفيسر ڊاڪٽر نرمل ڪمار ورما جي تحقيق جي باري ۾ لکي ٿو ته "ڊاڪٽر نرمل ڪمار ورما بهار صوبي جو هڪ آفيسر هو. ڪيس ڪم ڪندي سنٿال پرڳڻي جي ڪيترن ئي علائقن ۾ وڃڻ ٿيو. ڪيس سنٿالي ثقافت پاڻ ڏانهن موهيو. هُو خوشي ۽ مذهبي ڏڻن ۾ به ساڻن گڏ هوندو هو. سنٿالي پوڄا پاٺ وقت ڄانورن جي ٻاري سان ڪي چڻ ڪيندا هئا، جن هن جو ڌيان ڇڪايو. هڪ ڏينهن گهر اچي هن سر جان مارشل جو ڪتاب 'Mohenjo Daro and the Indus Civilization' کولي ڏٺو ته ڪيس انهن تصويرن ۽ سنٿالين جي مذهبي چڻن ۾ تمام گهڻي هڪ جهڙائي نظر آئي. هو ان واقعي کان پوءِ جنون جي حد تائين ان موضوع جي کوجنا ۾ لڳي ويو. هن سنٿالين جا 12 گوتر گهميا ۽ هر گوتر مان 75، 75 مختلف نوعيت جا چڻ حاصل ڪيا. ان کان پوءِ انهن چڻن کي سنڌو لپي (Indus Script) سان ڀيٽي ڏٺو. هن 180 اهڙا چڻ ڳولهي ڪڍيا، جن جو اچار ديوناگري لپيءَ ۾ موجود هئو. تڏهن هو ان نتيجي تي پهتو ته پوڄا جا اهي چڻ موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان مليل مهرن تي چٽيل چڻن جهڙا آهن. پوءِ هن محنت ڪري هڪ مڪمل لپي جوڙي ورتي.

هڪ ڊاڪيومينٽري ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته هن آفيسر پنهنجي ليکن ۾ موهن جي دڙي ۽ هڙپا کي سنٿالي تهذيب جا ماڳ قرار ڏنو آهي. يعني سنڌو تهذيب جي جڳهه تي سنٿالي تهذيب جو نالو استعمال ڪيو اٿس. هتي وضاحت ڪري ڇڏجي ته سنڌو تهذيب جا اڏيندڙ، سنڀاليندڙ ۽ وارث اهي ماڻهو آهن، جيڪي حالتن جي جبر جي باوجود سنڌ، سنڌيت ۽ سنڌي ٻوليءَ جو نالو بچايو ويٺا آهن. باقي نسلي حوالي سان منهنجو موقف اهو آهي ته سنڌي، دنيا جي قديم قوم آهي ۽ انسانن جو نسل سنڌ نالي خطي مان ئي دنيا ۾ پکڙيو آهي. سو سڄي دنيا سنڌ جي نالي واري خطي سان پرخلوص محبت ۽ عقيدت جي شرط تي سنڌو تهذيب جي آثارن تي فخر ڪرڻ جي حقدار آهي، باقي في الوقت ته سنٿالن جو ڏکڻ ايشيا ۾ اچڻ جو عرصو ئي انهن قديم ماڳن جي بربادي‍ءَ کان پوءِ جو ڄاڻايل آهي، جيڪو مٿي ٻڌايو ويو آهي ۽ ٻيو ته سنٿال قبيلو پنهنجي نالي سان سنڌ جي لکت واري تاريخ ۾ راءِ گهراڻي جي حڪمرانيءَ جي دور کان گهڻو اڳ تائين به اسان کي ان دور جي سنڌ ۾ نظر نه ٿو اچي، جنهنڪري سنڌو تهذيب کي سنٿالي تهذيب

ڪوڙڻ جي دعويٰ جو پنڌ پراهون آهي. هن قسم جي دعويٰ ڪن ٻين نندڙن نسلي گروهن جي به آهي، جيڪي تاريخ ۾ پنهنجي شناخت جي لاءِ سرگردان آهن ۽ گروهي مفادن لاءِ عظيم تهذيب کي مسخ ڪرڻ ۾ رڌل آهن. اهڙن گروهن کي سنڌو تهذيب سان جڙڻ لاءِ مثبت طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي. سنٿال تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ ترقي يافته زندگي گذاريندڙ لوڪن ۾ شمار نه رهيا آهن. مٿي جيڪو ڀيرو مل جي حوالي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سيوهڻ ويجهو ۽ موهن جي دڙي مان ڪولن ۽ سنٿالن جا هڏاوان پڃرا مليا آهن، ان بيان مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هڪ علائقي تي ٻئي علائقي جي ماڻهن جي دعويٰ داخل ڪرڻ جي لاءِ اهڙيون ڪوششون انگريزن جون شروع ڪرايل آهن. نه ته ڪولن ۽ سنٿالن جو نسل ايڏو به مختلف نه هو جو انهن جي ڍانچن جي سڃاڻپ ٻين نسلن جي مقابلي ۾ ايتري آسانيءَ سان نالو وٺي الڳ نموني سان ڪري سگهجي. البته اهو ممڪن آهي ته سنتڙي جو اچار خود به 'سنڌ' لفظ سان جڙيل هجي، جيڪا لکين ڪلوميٽرن تائين پکڙيل وسيع تهذيب رکندڙ سلطنت ۾ ڳالهائبي هجي ۽ اهي ساڳيا نظر ايندڙ چٽ عظيم سنڌو تهذيب جي اثر ڪري سنٿالي قبيلي وارن استعمال ۾ آندا هجن. ان لحاظ کان سنڌو تهذيب جي معمارن ۽ محافظن ۾ سنٿالن کي شامل ڪرڻ جي لاءِ وڌيڪ تحقيقي ثبوت خود سنٿال ئي پيش ڪري سگهن ٿا.

هيءَ مضمون ان لاءِ لکيو ويو آهي ته سنٿالن جو نالو انگريز دور کان سنڌ جي تاريخ ۾ اچي رهيو آهي، جنهن جي تحقيق لاءِ مناسب مواد هتي پيش ڪري ايندڙ دور جي لکندڙن کي وڌيڪ تحقيق لاءِ اتساهه پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هتي واضح ڪبو هلجي ته ڪي محقق ڪولن، ڀيلن ۽ اوڏن کي به سنٿالن ۾ ليکيندا آهن. حالانڪ انهن جي ٻولي به ٻي آهي ۽ اهي پوءِ جي زماني جي مخلوط قبيلن جون برادريون آهن، جن تي تحقيق الڳ نموني سان ڪرڻ گهرجي.

## حوالا:


1۔ تاریخ ہند، ای مارسڈن، ترجمہ لالہ جیارام، خلیفہ عماد الدین، بک ہوم، 2005ع۔

2. 'سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جو اتهاس'، جٺرام داس دولترام، مرتب رکيل مورائي، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، 2016ع.

3. قديم سنڌ، ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو.

4. 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا'، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.

5. 'سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق جو جائزو'، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، پيڪاڪ ڪراچي، 2015ع.

6. Santhal People-Wikipedia

7. Culture, santhal, santhal gotra

8. JOHAR An Ethnographic Documentary on Santhals

6. Jharkhand-wikiwand

مرتب لفظ، جامع سنڌي لغات موجب: "مُرَتَّبُ: صفت. (ع. رَتَبَ = درجي وار رکيو) ترتيب ۾ رکيل- درست ڪيل- ترتيب ڏنل- سنواريل- ٺهيل- ٺهيل- ڍنگ سان لڳايل- قريني سان ٺاهيل- باقاعده- درست- تيار. تاليف ڪيل- گڏ ڪيل (ڪنهن ڪتاب ۾ ڪي مضمون وغيره). (بلوچ، 1988: 2633)

- **مرتب (Complex) جو دائرو**

دراصل، 'مرتَّب' جو اصطلاح ٻوليءَ جو هڪ ايڪو آهي، جنهن هيٺ ٻن لفظن/ جملن کي ملائي استعمال ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ملايل حالت ۾ هڪ جزو/ حصو 'پروَس' (Dependent) ۽ ٻيو 'آزاد' (Independent) هوندو آهي. مٿي ڏنل مثال موجب 'سَ = ساڻ' آهي، ليڪن 'سَ' جو پروَس جزو ٻوليءَ ۾ الڳ سان، 'ساڻ' جي معنيٰ ۾ ڪم نہ ٿو آندو وڃي، بلڪ ٻئي ڪنهن معنادار لفظ سان ملي، 'ساڻ' جي معنيٰ ڏيندو. جڏهن تہ ٻن معنادار آزاد لفظن جي جوڙ کي 'مرڪب لفظ' ڪوٺيو ويندو آهي، جيئن: اڳڪٿي، صورتخطي، اڄڪلهہ وغيره.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي مرتب لفظ جي وضاحت ڪئي آهي: "مرتَّب لفظ (Complex word) اهو آهي، جنهن ۾ هڪدم ويجهن جزن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ جزو پَروس روپ آهي." (جيٽلي، 1990: 25- 42)

ڊاڪٽر غلام علي الانا ان بابت لکي ٿو: "اهو لفظ جنهن سان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پَروَس صورتون شامل ڪيل هجن، اهڙي لفظ کي 'مرتب لفظ' (Complex word) چئبو آهي. مثال طور: سُپت، واڇٽ، پُٽيتو، ڪٽمنڙو، اٿهوند، اڃاڻ، اٺجاٽپ، ڏتڙ، سُچيتائي ۽ ڪپتيو وغيره. (الانا، 2010: 242)

عربي لغتن جي مدد سان 'تجنيس مرتب' جو اشتقاق هن ريت رکجي ٿو:

تجنيس مُرتَّب: [تجنيس- تَفعِيل- مصدر (جَنَسَ = هو پچي راس ٿيو) جنسوار ڪرڻ، جنسي ترتيب ڏيڻ + مُرتَّب- مَفعَّل- اسم مفعول (رَتَبَ = هو ثابت قدم رهيو، هو قابو رهيو، هو سڌو رهيو) سڌو بيٺل- قابو ڪيل] صنايع بدايع موجب ڪنهن شعر يا بيان ۾ اهڙو گڏيل لفظ جنهن جو هڪ جزو پروَس صرفيو (Morpheme) هجي، ٻيو الڳ سان معنادار مستعمل لفظ هجي. يعني لفظ جو هڪ جزو الڳ سان معنيٰ نہ رکي، ليڪن ٻئي جز سان ملي معنيٰ جوڙيندو هجي، جيئن: سَوير. چاٽايل لفظ ٻن جزن جو مرتب آهي، 'سَ = ساڻ + وير = وقت' وقت ساڻ- وقت تي- مناسب وقت.

اهڙي پروس جزي سان لفظ تہ مفرد صورت ۾ ملي ويندا، ليڪن انهن مان ڪنهن شعر ۾ هڪ لفظ جي هجڻ سبب، تجنيس مرتب ۾ شامل نہ ڪري سگهبو، جيئن:

جڏهن محبوبَ، ڪَر موڙين، تڏهن چانيءَ مٿان چوڙين،
ڪڏان هڪ ڪانَ، ٻيو ٻوڙين، بدن بيڪار هڪ ڏک سان.
(ڪليات احمد- پاڳو ٻيون، 2017: 378)

مٿئين شعر ۾ 'بيڪار' لفظ ٻن جزن (بي = سواءِ + ڪار/ ڪال = ڪم- وقت) جو جوڙ آهي. شعر ۾ لفظ هڪ ئي آهي، ان جو همجنس 'ڪار' موجود ڪونهي، جنهن سان پيٽ ڏئي سگهجي، ان ڪارڻ هڪ لفظ جي هجڻ سبب ان کي تجنيس مرتب ۾ شامل نہ ڪبو. دراصل، تجنيس جو اصطلاح تڏهن ڪم آڻي سگهجي ٿو، جڏهن ساڳي سٽ يا شعر ۾ پيٽ جي صورت ۾ 'لفظ' ۽ 'مرتب لفظ' ڪم آندو ويو هجي، جيئن مولوي صاحب چئي ٿو تہ:

موتيا گل خواه موتي، ملهہ چوڻ مون لاءِ موت،
مَلِ ڪٿان آئيان، اَمَلِ تي، جيئن مِلين تيئن مِلِ منا.
(ڪليات احمد- پاڳو ٻيون، 2017: 36)

مٿئين شعر ۾ 'مَلِ/ مَلهہ' ۽ 'اَمَلِ/ اَمَلهہ' جا لفظ، ساڳي سٽ ۾ ڪم آندل آهن. 'اَمَلِ' مرتب لفظ آهي، جيڪو پروس اڳياڙيءَ 'اَ...' سان، ترتيب ۾ آيو آهي. اَملِ/ املهہ: (اَ = نہ + مَلِ/ مَلهہ = بها- قيمت- قدر- مول) جنهن جو ڪو ملهہ ئي نہ هجي- بي بها. هڪ ئي شعر جي ساڳي سٽ/ شعر ۾ ڪم آيل 'مل ۽ امل' لفظن سبب ان کي تجنيس مرتب جو مثال سڏبو.

- **'تجنيس مرتب' ۾ اڳياڙيءَ (Prefix) وچياڙي (Infix) ۽ پڇاڙيءَ (Suffix) جو تصور**

تجنيس مرتب مان مراد ڪنهن شعر يا بند ۾ اهڙا همجنس لفظ ڪم آڻڻ آهي، جنهن ۾ هڪ لفظ: 'مفرد' هجي ٻيو: 'مرتب'. مرتب لفظ جا ٻہ جز ٿين ٿا، هڪ: آزاد، ٻيو: پروَس. پروَس جزن جا ٻہ نمونا ٿين ٿا: هڪ: لفظ جي اڳياڙي (Prefix)، ٻيو: لفظ جي پڇاڙي (Suffix)، جيئن:

➢ **اڳياڙي** (Prefix):

دشمن سان دوستي، پَر دوست دشمن اڄ لڳي،
با وفا سان بي وفائي، بي وفا بلڪل پسند.
(ڪليات احمد- پاڳو ٻيون، 2017: 217)

مٿئين بند جي ٻن سٽرن وارن قافين ۾ 'لَک ۽ اَلک' لفظ ڪم آندا ويا آهن. 'اَلک (اَ = نہ + لَک = ظاهر) جيڪو ظاهر نہ هجي- باطن ۽ 'لَک = ظاهر.

الله الله ڪَر اَوير سَوير، چڙهيون گرنديون، ڦرنديون ڦير،
پلن جا وٺ پلاءِ، تون پير، سچ تہ سَونهان جن اهڙا شير،
وھ واھ، تن جي سوڀ سڀاڳ، دنيا درگذر جو ماڳ،
ساٿ سنيُوڙو جانبَ، جاڳ.
(ڪليات احمد- ٻاڳو پهريون، 2017: 380)

مٿئين شعر ۾ 'اَوير ۽ سَوير' لفظ تجنيس مرتب جو مثال آهن. اوير (اَ = نہ + ويرَ = وقت) وقت نہ هجڻ- دير هجڻ؛ سَوير (سَ = ساڻ + وير = وقت) وقت ساڻ- درست وقت تي.

آهن سَهنج اَهنج سان، پيڙا برقرار،
آهن سهنج اهنج گڏ، اي سچي سماچار...
(نور القرآن- منظوم ترجمو، مولوي احمد ملاح)

سورة انشرح: آية 5- 6 جي منظوم ترجمي جي پهرين سٽر ۾ 'سهنج ۽ اهنج' مرتب لفظ آهن. سَهنج (سَ = ساڻ + هنج = جهولي- سُک) سؤلائي- سُک ۽ اَهنج (اَ = نہ- سواءِ) ڏکيو- ڏک، ساڳي سٽر ۾ ٻئي لفظ ڪم آڻڻ واري حرفت 'تجنيس مرتب ۾ ڳڻي ويندي

✍ 'اَ/اد = مٿي- وڌيڪ' اڳياڙيءَ سان

سڄڻ، توکان سوا سَند سَند، سَٽ سَٽ سُور جا سَٽڪا،
ڦٽي ڦوڙاءِ ڦوڙي دل، اَڦٽ ڦٽ، ڦٽ مٿي ڦٽڪا.
(ڪليات احمد- ٻاڳو ٻيون، 2017: 65)

مٿئين شعر ۾ 'اَڦٽ ۽ ڦٽ' لفظ ڪم آندا ويا آهن. اَڦٽ: (اَ/اد = مٿي- وڌيڪ + ڦٽَ = زخم- چاڪ) زخم کان وڌيڪ زخمي ٿيڻ- اتي جو اتي زخمي ٿيڻ- هڪ ڏک سان ڪِرڻ.'

✍ 'آ = وڌيڪ- چوڌاري' اڳياڙيءَ سان

لُڙڪ لَڙهہ لالڻ، ڏسي، اوڏو نہ 'احمد' ڪي اچين،
ويهہ اکين ۾ آب پوندو آٿري، تون آ ٿري.
(ڪليات احمد- ٻاڳو ٻيون، 2017: 545)

مٿئين شعر ۾ 'آٿري ۽ ٿري' لفظن جو استعمال 'تجنيس مرتب' سڏبو. آٿري (آ = وڌيڪ- چوڌاري- ابتڙ + ٿرڻ = ٺڏو ٿيڻ) ٺڏو ٿيڻ- سڪون ۾ اچڻ- ماٺ ٿيڻ.

✍ 'اڻ = سواءِ' اڳياڙيءَ سان

اڄ سُڃاڻين ڪينَ سهڻا، سچ سَيئي، صدقي وڃان،
اَڻ سُڃاڻو وٺ سُڃاڻو، اِيءَ ڇَلا ڪهڙي سبب.
(ڪليات احمد- ٻاڳو ٻيون، 2017: 104)

مٿئين شعر ۾ 'اڻ سڃاڻو ۽ سڃاڻو' تجنيس مرتب جا مثال آهن.

'ري' رهن ٿا رُوح ڪهڙي ماڳ، موئي کان پڇاڻ،
خاڪ خاڪي، رُح باقي، ايئن چون ٿا سڀ سُڄاڻ،
جو ڪري انڪار ان کان، سو عقل جو اڻ سُڄاڻ،
پَر پساهن جي پَسڻ کان، آهہ نيڻن کي نقاب،
هَي، هتان جي ويا، نہ آيو ڪنهن بہ جانيءَ کان جواب،
ڪوهہ چاٽان ڪوٽ ۾، ڪيئن ٿيو هَميراٽو حساب.
(ڪليات احمد- ٻاڳو پهريون، 2017: 253)

مٿئين شعر ۾ 'اڻ سڄاڻ ۽ سڄاڻ' تجنيس مرتب جا مثال آهن.

✍ 'اَو = خراب- گهٽ' اڳياڙيءَ سان

اٿئي 'احمد' هتي اَوسر، اَٿي ساٿيهہ سامهون سَر،
تہ هوءِ سانوڻ سدا تو سَر، بهاري بخش باريءَ جي.
(ڪليات احمد- ٻاڳو ٻيون، 2017: 538)

متئين شعر ۾ 'اوسَر ۽ سَر' لفظ ڪم آندا ويا آهن. اَوسَر: (اَوَ = خراب- گهٽ + سَر = سُڪار) ڏُڪار.'

✍ 'پَر = پرايو' اڳياڙيءَ سان

وري يار منهنجي وسڻ جا ڪيا ويس،
وَٺو ۽ وسي پيو، وسي ديس پَرديس.
(ڪليات احمد- ڀاڳو ڀيون، 2017: 300)

متئين شعر ۾ 'ديس ۽ پرديس' لفظ ڪم آندا ويا آهن. پرديس: (پَر = پَرايو + ديس = وطن) ڌاريو وطن.

✍ 'ڏُ = خراب' اڳياڙيءَ سان

ڏُک وڏيو ڏولائو ٿيو، پيو ڏُڪارن تي ڏُڪار،
پئي پٽن 'پاٽي ڙي پاٽي' جي پُڪارن تي پُڪار،
سَڻ سڀاجها سائين، سڏڙا، ڪَر سُڪارن تي سُڪار،
ڪَر چڱو گولن سندو گذران، مولا، مينهن وساءِ.
(ڪليات احمد- ڀاڳو ڀهريون، اڻ ڇپيل واڌاري ۾ موجود)

متئين بند ۾ 'ڏڪار ۽ سُڪار' لفظ، تجنيس مرتب جو مثال آهي ڏڪار (ڏ = خراب+ ڪار/ڪال = ڪم-وقت) روزگار جي ڪمي سُڪار (سُ=سٺو+ڪار/ڪال =ڪم-وقت) خوشحالي-روزگار جي فراواني

ڏاتر، لاهين ڏُک، ڪي ساٿيهه سنيران سُک،
ماڙين ماڙي آهيان، ميڙين ماڙو مُک.
(ڪليات احمد- ڀاڳو ڀهريون، 2017: 307)

متئين شعر ۾ 'ڏُک ۽ سُک' لفظ ڪم آندا ويا آهن. ڏُک: (ڏُ = خراب + کَن = ڪو ٺڻ) اهنج- پيڙا- تنگي ۽ اَڌر: (اَ = نه- ڪان سواءِ ÷ ڌر = ٽيڪ- آڌار) نڌڻڪو- بي واهه- لاوارث- ويچارو.

✍ 'سَ = ساڻ' اڳياڙيءَ سان

ڪڏيا ڦوڙاءِ مون ڦرها، ڪٽي ڪاهي وڃان ڪرها،
سَري صحبت ته سڀ سَرها، نه ٿئي 'احمد' اَراهُون ڪو.
(ڪليات احمد- ڀاڳو ڀيون، 2017: 481)

متئين شعر ۾ 'سَرها ۽ اَراهُون/ ارهو' لفظن جو استعمال 'تجنيس مرتب' سڏبو. سَرهو (سَ = ساڻ + رهڻ = گذارڻ- بسر ڪرڻ) خوش ۽ اَرهو (اَ = نه- سواءِ + رهڻ = گذارڻ) ناخوش.

سَڌر جو آهِ سڀڪو ۽ اَڌر جو،
نه ڪو غمتار ۽ غمخوار وارث.
(ڪليات احمد- ڀاڳو ڀيون، 2017: 168)

متئين شعر ۾ 'سَڌر ۽ اَڌر' لفظ ڪم آندا ويا آهن. سَڌر: (سَ = ساڻ + ڌر = ٽيڪ- آڌار) ڌڻڪو- خوشحال- راڄ ڀاڳ وارو ۽ اَڌر: (اَ = نه- ڪان سواءِ + ڌر = ٽيڪ- آڌار) نڌڻڪو- بي واهه- لاوارث- ويچارو.

ساهه سالن ڪان سِڪي ٿو، وَر سڀاجها ۽ سَڀوجهه،
ياد ڪريو يارَ، واهن آب اکين مان اَڀوجهه.
(ڪليات احمد- ڀاڳو ڀيون، 2017: 168)

متئين شعر ۾ 'سَڀاجهو، سَڀوجهه ۽ اَڀوجهه' لفظ ڪم آندا ويا آهن. سَڀاجهو: (سَ = ساڻ + ڀاڄهه = رحم- ديا) ڀاڄهارو سَڀوجهه (سَ = ساڻ + ڀوجهه = سمجهه- عقل- فهم) سمجهه وارو ۽ اَڀوجهه: (اَ = نه- ڪان سواءِ + ڀوجهه = سمجهه- عقل) بي سمجهه.

✍ 'سُ = سٺو- چڱيءَ طرح' اڳياڙيءَ سان

ڏينهن سُڪيو ڏينهن ڪان، ڏُکيو نه ڏينهن ڏيکار تون،
تون نه ڏينڌين، ڪير ڏيندو، ڏيهه جو ڏاتار تون.
(ڪليات احمد- ڀاڳو ڀهريون، 2017: 166)

متئين شعر ۾ 'سُڪيو ۽ ڏُکيو' لفظ ڪم آندا ويا آهن. سُڪيو: (سُ = سٺو- چڱيءَ طرح + کَن - ڪو ٺڻ) خوشحال- سَڳر- سولو (سنڌيلو: 1980) ۽ ڏُکيو: (ڏُ = خراب- گهٽ + ) نڌڻڪو- بي واهه- لاوارث- ويچارو.

سؤ شڪر الحمد لله، سال ٿيا سالم سُڪار،
ڏينهڙا ڏولاءِ جا ويا، ڏور ٿيا ڏيهه تان ڏڪار،
مرحبا، آيو محمد، ويا مَري مُلحد مَڪار،
ٿيا شروع نوبت نغارا، اي يلا آئين يَلي.
(ڪليات احمد- ياڳو پهريون، 2017: 127)

مٿئين شعر ۾ 'سُڪار ۽ ڏڪار' لفظ ڪم آندا ويا آهن. سُڪار: (سَ = سنو- چڱيءَ طرح + ڪار/ ڪال = ڪم- وقت) خوشحالي ۽ ڏڪار: (ڏ = خراب + ڪار/ ڪال = ڪم- وقت) تنگي- خراب وقت.

سدائين هُيون جي سُهاڳڻ پَريون،
ٿيون ڏينهن هڪ ۾ ڏهاڳڻ پَريون،
ٻُڪون هاڻ پوڳين ياڳڻ پَريون،
پريءَ رُوءِ پريشان هڪ منٽ ۾.
(ڪليات احمد- ياڳو پهريون، 2017: 499)

مٿئين شعر ۾ 'سُهاڳڻ ۽ ڏهاڳڻ' لفظ ڪم آندا ويا آهن سُهاڳ: (سَ = سنو- چڱيءَ ريت + ڀاڳ = ياڳو- حصو- نصيب) سٺي قسمت- سنو ڀاڳ ۽ ڏهاڳ: (ڏ = خراب + ڀاڳ = ياڳو- نصيب) خراب قسمت- ٽٽل ڀاڳ.

مُرون ماڻهن جي مارڻ لئي، ڪَڙا نت خُون ڪارڻ لئي،
ڪيَس چولي چپر راهي، سڄڻ ڄاڻي سڄاڻي اَت.
(ڪليات احمد- ياڳو ٻيون، 2017: 126)

سُهيا سُگهڙ سڄاڻان، ڄاڻو وڏا ٻه ڄاڻان،
پر وئي پسهه پڄاڻان، ٻولي نه پرڪ جهت پَت.
(ڪليات احمد- ياڳو پهريون، 2017: 153)

مٿئين شعر ۾ 'سُڄاڻان- ڄاڻان' لفظ ڪم آندا ويا آهن. سُڄاڻان: (سَ = سنو- چڱيءَ طرح + ڄيا = ڄاڻڻ) چڱيءَ طرح ڄاڻڻ- پڄاڻڻ. ('سڄاڻڻ' ۽ 'ڄاڻڻ' ساڳئي بنياد جا لفظ آهن)

✍ 'ڪُ = خراب' اڳياڙيءَ سان

منجهه دين نه ذرو زور، جان گُلي وات ڪُوات ڪان،
پوءِ جو ڦري ڦيريال ڪان، مالڪ مڃي سو مور،
نه جنهن جو ڇڄڻ نه ڇيهه سين، سا پڪڙيائين ڏور،
سائين سڀ ڪنهن طور، سُڻندڙ ۽ سڃاڻ گهڻو.
(نور القرآن- منظوم ترجمو، مولوي احمد ملاح)

متي ڄاڻايل سورة البقره: آية 256 جي منظوم ترجمي ۾ لفظ 'وات- ڪُوات' ۾ ڪُوات لفظ مرتب آهي. ڪُوات: (ڪ = خراب + وات = سڌو رستو- هدايت) خراب رستو- ونگي وات- گمراهي.

✍ 'نه/ نر/ نس = نه- حرف نفي' اڳياڙيءَ سان

نه نيڪار جي نوڪري ڪار ۾
پَلن ساڻ پيڙو نه پاڙو لذيذ.
(ڪليات احمد- ياڳو ٻيون، 2017: 243)

مٿئين شعر ۾ 'نيڪار ۽ ڪار' لفظ ڪم آندا ويا آهن نيڪار: (نر = نه + ڪار/ ڪال = ڪم- وقت) بيڪار- نڪمو. 'نيڪار' لفظ مرتب آهي، 'ڪار' سان گڏ هجڻ سبب ان کي تجنيس مرتب ۾ ليکيو ويندو.

✍ 'وِ = پري- جدا' اڳياڙيءَ سان

تون وِسارين مَر وِسارين، آئون وساريان ڪنهن طرح،
تون نه سارين وَر نه سارين، آئون نه ساريان ڪنهن طرح.
(ڪليات احمد- ياڳو ٻيون، 2017: 207)

مٿئين شعر ۾ 'وسارين ۽ سارين' لفظن جو استعمال 'تجنيس مرتب' ڪوٺبو. وسارڻ (وِ = پري- جدا- گهٽ + سارڻ = ياد ڪرڻ) ڀلائڻ- دل تان لاهڻ- ياد نه ڪرڻ.

'تجنيس مرتب' جي حوالي سان مولوي صاحب جي شاعريءَ ۾ ڪافي مثال هوندا، ڇاڪاڻ تہ صاحب موصوف تجنيس حرفي ۽ هم قافيا لفظن استعمال ڪرڻ جو وڏو شائق هيو. ساڳين اڳياڙين سبب، هيءَ تجنيس بہ 'هم قافين' جي ويجهو سمجهڻ گهرجي.

➢ فارسي- عربي مرتب لفظ

✍ 'بِ = سان- حرف جر' اڳياڙيءَ سان

احد ڪان ڪُل، بہ 'احمدَ'، رُل، گهَڙي پيا گل، نہ بلبلِ پَل،
ڪرم سان ڪُل، بچان بلڪل، بچان بلڪل آهاهاها.
(ڪليات احمد- ڀاڱو ٻيون، 2017: 82)

مٿئين شعرَ ۾ 'ڪُل ۽ بلڪُل' لفظن جو استعمال 'تجنيس مرتب' ڪولبو. بلڪل/ بِالڪُل (بِ= سان- حرف جر ڪُل = سمورو- سراسر) بنهہ سراسر.

✍ 'با = سان' اڳياڙيءَ سان

دشمن سان دوستي، پَر دوست دشمن اڄ لڳي،
با وفا سان بي وفائي، بي وفا بلڪل پسند.
(ڪليات احمد- ڀاڱو ٻيون، 2017: 217)

مٿئين شعر ۾ 'با وفا ۽ بي وفا' لفظن جو استعمال 'تجنيس مرتب' سڏبي. با وفا (با = سان + وفا = نڀاءُ ڪرڻ- پورو ڪرڻ) ۽ بي وفا (بي = سواءِ + وفا = نڀاءُ).

✍ 'بَر = تي' اڳياڙيءَ سان

واهہ، ماٺا ماٽڪين جا، مانَ ماٽڪ ماٽيا،
برقراريءَ سان بدلجي، بي قراري پوش پوش.
(ڪليات احمد- ڀاڱو ٻيون، 2017: 305)

مٿئين شعر ۾ 'برقراري ۽ بي قراري' لفظن جو استعمال 'تجنيس مرتب' سڏبي. برقراري (بر = تي + قرار = ويهڪ- قيام- فرحت) قائم- ثابت ۽ بي قراري (بي = سواءِ + فرحت- سڪون- ڌيرج) سڪون نہ هجڻ.

ٽيَس هن علم مان آئون، اڳهاڙي سِر ٽيڻ وارو،
ٽيو مون بخت بالا، يا بلا بَرسر ٽيڻ وارو.
(ڪليات احمد- ڀاڱو پهريون، 2017: 359)

مٿئين شعر ۾ 'سر ۽ برسر' لفظن جو استعمال 'تجنيس مرتب' سڏبي. برسَر (بر = تي- مٿان + سَر = مٿو) مٿي تي

✍ 'بي = سواءِ' اڳياڙيءَ سان

ڏي مزو مشتاق کي، جيڪي ملي معشوق کان،
آبرو، بي آبرو يا انب، انبوري بہ سوپ.
(ڪليات احمد- ڀاڱو ٻيون، 2017: 117)

'آبرو ۽ بي آبرو' لفظن جو استعمال 'تجنيس مرتب' ۾ ڳڻبو. (بي = سواءِ + آبرو = عزت).

ناهہ مون کي اختياري، آهيان بي اختيار،
مون کي ميڙڻ خواهہ مارڻ، مڙ مُيَسر تنهنجي هٿ.
(ڪليات احمد- ڀاڱو ٻيون، 2017: 148)

'اختيار ۽ بي اختيار' (بي = سواءِ + اختيار = وس- زور- مرضي)، تجنيس مرتب آهي.

ڪوپ واري قبر پڻ، ڪاري قيامت ڳالهہ ڳجهہ،
سخت دم سڪرات جو، مَهندان ٻَرن ٽا مُور مَچ،
آئون پيادو پنڌ گهٽو، بي پهچ کي پروزَ پهچ،
سونَ صافي مون سوديو، ڪُل ڪمايم ڪوڙ ڪچ،
ڪم نہ چانديءَ ساڻ چوکي، لطف مان لاهيان نہ آس.
(ڪليات احمد- ڀاڱو پهريون، 2017: 191)

'پهچ' ۽ 'بي پهچ' جو استعمال 'تجنيس مرتب' جو مثال آهي. بي پهچ (بي = سواءِ + پهچڻ = رسڻ).

حال پايو، حال هن بي حال جو في الحال هيءُ،
دوست ڏاران ڏوڙ ۾ ڏڙ، دل ڪئي دلبند بند.
(ڪليات احمد- پاڳو پيون، 2017: 216)

'حال ۽ بي حال'، بي حال (بي = سواءِ + حال = هلندڙ وقت- حالت- ڪيفيت) تجنيس مرتب آهي.

لڳي ريت، بي ريت پر سان پريت،
پلي ڏي نہ مون تي بيانات نات.
(ڪليات احمد- پاڳو پيون، 2017: 118)

'ريت ۽ بي ريت'، (بي = سواءِ + ريت = دستور- طور طريقو)، تجنيس مرتب آهي.

✍ عن = ڪان (حرف جر)

مُڙين تو نہ مارڻ ڪان منهنجا پرين،
بهادر تي بيٺين کُهڻ تي قريب.
ڏينهان رات ڏيندي مرض سان مَتا،
اچي پيَم اوڏو اَجل عَنقريب.
(ڪليات احمد- پاڳو پيون، 2017: 112)

'قريب ۽ عنقريب' انهن ٻن قافين جو استعمال 'تجنيس مرتب' سڏبو. عنقريب (عَن = سان (حرف جر) + قريب = ويجهو) ويجهي سان.

✍ 'لا = نہ- حرف نفي' اڳياڙيءَ سان

اڄ قبوليا قوم ڪهڙا ڪم، ڪنهين ڪم جي بجاءِ،
مُلڪ ۾ لامذهبي، مذهب مُسلم جي بجاءِ.
(ڪليات احمد- پاڳو پيون، 2017: 509)

متئين شعر ۾ 'لامذهبي ۽ مذهب' لفظن جو استعمال 'تجنيس مرتب' سڏبي. لامذهبي (لا = نہ- حرف نفي + مذهب = دين) بي ديني.

✍ 'نا = نہ- حرف نفي' اڳياڙيءَ سان

چاڪ مان ناچاڪ بَت، چاڪون بنان دل چاڪ چاڪ،
لال لڙڪ ساڻ لوئي، بوند بيهي ڪنهن نہ پَت.
(ڪليات احمد- پاڳو پيون، 2017: 121)

متئين شعر ۾ 'چاڪ ۽ ناچاڪ' لفظن جو استعمال 'تجنيس مرتب' ڪوٺبو. ناچاڪ (نا = نہ- حرف نفي + چاڪ = چڱو ڀلو- تندرست)

✍ 'هم = ساڳيو' اڳياڙيءَ سان

دوست هَمدَم، بيهہ دَم دَم، دَم ڏيان تون پوءِ وڃ،
ڪر ڪرم، قربان قدمن تان ٿيان تون پوءِ وڃ.
(ڪليات احمد- پاڳو پيون، 2017: 194)

متئين شعر ۾ 'همدم ۽ دم'، همدم (هم = ساڳيو + دم = ساهہ) ساڳيو ساهہ، تجنيس مرتب آهي.

- **اختصار/ حاصل مطلب/ نتيجو**

✍ تجنيس جو اصطلاح تڏهن ڪم آندو ويندو آهي، جڏهن ڪنهن شعر يا بند ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ همجنس لفظ ڪم آندا ويا هجن. ان لحاظ ڪان چئي سگهجي ٿو تہ 'تجنيس' جو لاڳاپو لفظن جي گهاڙيٽي سان آهي.

✍ تجنيس مرتب، تجنيس اشتقاق جو هڪ جز آهي. اشتقاق ۾ ٽن قسمن جا لفظ: 'مرڪب لفظ'، 'مرتب لفظ' ۽ 'مشتق لفظ' شامل هوندا آهن.

✍ تجنيس مرتب جي لفظن ۾ بہ ٽن قسمن جي جزن کي جاچيو ويندو آهي: 'اڳياڙي'، 'وچياڙي' ۽ 'پڇاڙي'. هتي صرف 'اڳياڙين' کي مرڪوز رکيو ويو آهي.



**اعظم ڀٽي**
ٽنڊو محمد خان

# سنڌ جو تاريخي علمي ۽ ادبي مرڪز
# ٽکڙ جون لائبريريون

سنڌ جا لاتعداد اهڙا ماڳ آهن، جن جي تاريخي علمي ۽ ادبي اهميت صدين پڄاڻان موجوده دور ۾ به قابل تحسين رهي آهي. اهي ماڳ نه رڳو علم ۽ ادب جو گهوارو بڻيل هئا، پر اتي جو ثقافتي، علمي ۽ ادبي ورثو توڙي درسگاهون ۽ لائبريريون به 'هنڌين ماڳين هُو' واري چوٽي جي مصداق رهيون. موجوده وقت ۾ اڪثر طور هاڻي انهن لائبريرين جا صرف تنڪرا باقي وڃي بچيا آهن. هڪ وڏو علمي ۽ ادبي ذخيرو وقت جي جبر جو شڪار بڻجي پنهنجو وجود وڃائي ويٺو، تڏهن به ان جي تاريخ جا ڌنڌلا عڪس اڃا به ڪي آهن. انهن تاريخي ماڳن ۾ سنڌ جي جڳ مشهور علمي ۽ ادبي مرڪز 'ٽکڙ' جو به شمار ٿئي ٿو، جتي لڳ ڀڳ سترهين صديءَ کان علم ۽ ادب جي هاڪ هئي، جتي هاڻي صرف پُراڻين يادن جا داستان ۽ ڳالهين جا ڪيئي ڳوٺ جُڙيل آهن، عملي طور ٽکڙ جون شاندار درسگاهون نه پنهنجو وجود وڃائي ويٺيون، پر اتي جي انهن اڪثر لائبريرين جو ڪو به وجود باقي نه رهيو آهي، جن کي ڏسڻ ۽ انهن مان فيضياب ٿيڻ لاءِ ۽ ڏُورانهن علائقن کان ماڻهو کهي اچي علم جي اُڃ اُجهائيندا هئا. ٽکڙ جي لائبريرين جو عُروج به ڪڏهوڪو موڪلائي ويو، باقي نالي ماتر جيڪو ڪجهه بچيو آهي، سو يا ته گُمنام آهي يا وري هڪ وڏي ۽ عام اڪثريت جي اکين کان به اوجهل آهي، اهي تاريخ جون يادون اهڙا چُنل قٽ آهن، جن تان جڏهن به ڪڙيون لاهڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي ته ۽ هانءُ جهريو پوي. ٽکڙ جيڪو شعر و ادب جو مرڪز هو، اتي جي علمي ۽ ڪتابي ذخيري جي اهميت به ڪنهن کان لڪل نه هئي پر موجوده وقت ۾ اهو سڀ ڪجهه ڪک پن ٿي ويو، جيڪا ڏاڍي ڏکوئيندڙ ڪيفيت آهي. اها ڪيفيت عام طور رڳو ٽکڙ سان لاڳو ناهي، پر سنڌ جي اڪثر ذاتي نوعيت جي لائبريرين جي به اها ئي حالت رهي. ان جا به ڪوڙ سارا سبب آهن، جن ۾ لاپرواهي، چوري چڪاري کان وٺي اُڏوهيءَ جي آزار تائين، ڪجهه پٽسن عيوض ڪباڙين حوالي ٿيڻ کان وٺي بيحرمتيءَ جي خوف سبب درياءَ حوالي ٿيڻ تائين اهو الميو لڳ ڀڳ سموري سنڌ جو جڻ ته قَنل نصيب بڻيل رهيو. انهن عام مُروج المين کان ٽکڙ جي سرزمين به آجي نه رهي سگهي. جنهنڪري ماضيءَ جي علمي، ادبي تاريخ جا شاندار ۽ ناياب دفتر جڻ ته مٽي بڻجي ويا. ان لحاظ کان ٽکڙ جي لائبريرين جي مختصر ۽ ڏکوئيندڙ تاريخ هيٺين ريت آهي :

**حافظ محمد يوسف جي لائبريري:**

حافظ محمد يوسف ولد حافظ محمد هارون اڳئين ٽکڙ ۾ پيدا ٿيو، تذڪره شعراء ٽکڙ موجب حافظ محمد يوسف 1528هجري ڌاري پيدا ٿيو ۽ سندس وفات تذڪره شعراء ٽکڙ ۾ 1322هجري ڄاڻايل آهي، سندس ولادت جو سال غلط ڄاڻايل آهي. مهراڻ جي 'سوانح نمبر' ۾ سندس ولادت جو سال 1258 هجري لکيل آهي، جيڪا لکت به اسدالله شاهه 'اسد' ٽکڙائي جي ئي آهي.

ٽکڙ ۾ سڀ کان پهرين لائبريري حافظ محمد يوسف جي هئي، جيڪا پاڻ وسين شهمير شاهه يعني ٽکڙ کان پهريئين ڳوٺ مان پاڻ سان کڻي آيو هو. اُن ۾ شايد ڪجهه قيمتي مخطوطا هئا. جيڪي پوءِ سندس پٽن حافظ هارون 'دلگير' ۽ اُن ڪانپوءِ حافظ عبدالله 'بسمل' جي حصي ۾ آيا. ان بابت سنڌ جي ناماري شاعر امداد حسينيءَ جو چوڻ آهي ته "ماسي آست (حافظ عبدالله 'بسمل' جي گهر واري) ٻڌائيندي هئي ته اُهي مخطوطا ۽ پنا وغيره اسد الله

شاهه 'اسد'، 'بيخود' حُسيني هُن کان وٺي ويو هو. جنهن مان حافظ يوسف جو فارسي ڪلام، حافظ هارون 'دلگير' ۽ حافظ عبدالله 'بسمل' جو ڪلام پوءِ 'تذڪره شعراءِ ٺٽو' ۾ ڇپيو. اصل مخطوطا ڪيڏانهن ويا ان جو ڪو ڏس پتو ڪونهي!"

**علامه اسد الله شاهه "فدا" جي لائبريري:**

علامه قاضي سيد اسدالله شاهه 'فدا' سيد الهه بخش شاهه جو فرزند هو، اڳيئين ٺٽو ۾ ڄائو. تذڪره شعراءِ ٺٽو موجب سندس ولادت 15 شعبان 1385 هجري ۽ وفات 27 رجب 1244هجري ڄاڻايل آهي. جن سالن ۾ سراسر غلطيون آهن. سائين جي.ايم.سيد پنهنجي ڪتاب 'جنب گذاريم جن سين' ۾ سندس ولادت 15 شعبان 1285هجري مطابق 30 نومبر 1869ع ۽ وفات 27 رجب 1344هجري مطابق 10 فيبروري 1926ع ڄاڻائي آهي.

ٺٽو ۾ علامه قاضي سيد اسدالله شاهه 'فدا' جي به وڏي لائبريري هئي، جنهن جي باري امداد حسيني چوي ٿو ته "مون ٻُڌو هو، پر مون اُها لائبريري ڏٺي ڪانه هئي! ان ۾ عربي، فارسي، سنڌي ۽ اردو ڪتاب هئا. ۾ - دريءَ جي پٽين سان ڪٻٽ رکيل هئا ۽ انهن ۾ اهي ڪتاب سجايل هئا. علامه قاضي اسدالله شاهه 'فدا' جي لاڏاڻي کانپوءِ اُها لائبريري به زبون ٿيڻ لڳي. هڪڙا ڪتاب چوري ٿيڻ لڳا ته ٻيا وري پٽ تي ڪري ڦاٽڻ ۽ لتاڙجڻ لڳا! پوئٽرن ڪتابن جي 'بي حرمتي' جو عُذر ڄاڻائي سڄي لائبريري درياهه ۾ ٻوڙي ڇڏي! ان جو نتيجو اهو نڪتو جو خود علامه اسد الله شاهه 'فدا' جو ڪلام به نه مليو ! 'تذڪره شعراءِ ٺٽو' ۾ به سندس جيڪو ڪلام آهي اُهو به رسالن جهڙوڪ 'بهار الاخلاق' وغيره مان ڪنيو ويو هو. هوڏانهن علامه دائود پوٽو پنهنجي ڪتاب 'مقالا ۽ مضمون' جي لکڻي بعنوان "ميين عيسي' جي تربت جي تلاش ۾" منجهه صفحي نمبر 64 تي لکي ٿو ته "افسوس جو شاهه صاحب جي وسيع لائبريري اَڌوهيءَ جو کاڄ ٿي وئي ۽ منجهس شاهه صاحب جا تصنيف ٿيل ڪتاب به موجود ڪونه هئا. ٿورا ڪتاب حديث ۽ تفسير تي هئا."

**محمد هاشم 'مخلص' جي لائبريري:**

سنڌي ادب ۾ نثر ۽ نظم جي حوالي سان هڪ وڏو نالو محمد هاشم 'مخلص' ميمڻ 1278هجري مطابق 1869ع ڌاري ٺٽو ۾ ڄائو ۽ 2 فيبروري 1934ع تي ميرپورخاص ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. کيس ٺٽو ويجهو سندس اباڻي قبرستان 'شاهه ميران' ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. ٺٽو ۾ لائبررين جي حوالي سان محمد دائود 'تاج' ٺٽائي جو چوڻ آهي ته "ٺٽو ۾ وڏي ۾ وڏي لائبريري محمد هاشم 'مخلص' جي هئي". مخلص جي وفات بعد ان لائبريري مان اڌ کان وڌيڪ ڪتاب محمد خان 'غني'، هاشمي اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس، گاڏي ڪاتي حيدرآباد منتقل ڪيا. جنهن بعد ان ۾ به ڪتابن جو اضافو ٿيندو رهيو، باقي به چڱا خاصا ڪتاب ٺٽو واري گهر ۾ ئي رهيا. فيبروري 1961ع ڌاري محمد دائود 'تاج' ٺٽائي، جڏهن ٺٽو مان لڏي اچي ٽنڊي محمد خان شهر ڪي پنهنجو مسڪن بڻايو ته ٻئي سامان سان گڏ اهي ڪتاب به پاڻ سان گڏ کڻي آئي، ٽنڊي محمد خان واري گهر ۾ رکيائين. ان دوران محمد خان غني پاران ٻي شاديءَ کانپوءِ سندس ڳوٺ اچڻ وڃڻ بند ٿي ويو ۽ ڪتاب سندس ٻهرين گهرواريءَ جي سنڀال هيٺ رهيا. ٺٽو واري گهر ۾ رکيل ڪتابن جي حوالي سان محمد دائود 'تاج' ٺٽائي جي شعري مجموعي 'زندگي آهي سفر' جي مهاڳ ۾ امداد حسينيءَ لکيو آهي ته "منهنجو ننڍپڻ جو گهڻو وقت تاج ٺٽائيءَ جن جي گهر گذرندو هو ۽ جڏهن ڪتاب پڙهڻ جي چُوس پئي تڏهن سندن گهر جو هڪ پاڻبو اسان جو اڏو هوندو هو، جنهن ۾ مخلص جي لائبريري جا ڪتاب ڍير لڳا پيا هوندا هئا. اها لائبريري ائين تباهه ٿي وئي، جيئن منهنجي ڏاڏي علامه اسدالله شاهه 'فدا' جي لائبريري تباهه ٿي وئي." محمد دائود تاج ٺٽائي موجب شاگرديءَ واري وقت ۾ کيس سندس والد ٽين جماعت پرائمري ڪان ئي حيدرآباد ۾ تعليم ڏيارڻ لاءِ اتي رهايو، جتان بعد ۾ ائين جماعت ۾ ئي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ کيس ڪراچي ۾ رهڻو پيو، جتي هن مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ ڪاليج ۾ داخلا ورتي، جنهن بعد کيس 1957ع ۾ سٽي ڪورٽ ۾

محفوظ ٿي سگهيو. اهڙي قسم جي تصديق امداد حسيني ۽ محمد دائود 'تاج' ٽکڙائي پڻ ڪن ٿا.

**خواجہ محمد حسن جان سرهندي جي لائبريري:**

خواجہ محمد حسن جان سرهندي 6 شوال 1278هجري مطابق 1869ع ڏاري قندار ۾ پيدا ٿيو ۽ 2 رجب 1365هجري مطابق 6 جون 1946ع تي ٽنڊي سائينداد ۾ وفات ڪيائين. ڪيس گنجي ٽکر جي دامن ۾ 'مقبره شريف' جي قبرستان ۾ سُپردِخاڪ ڪيو ويو. اسدالله شاهه 'اسد' ٽکڙائي پنهنجي تاليف 'تذکره شعراء ٽکڙ' ۾ لکي ٿو ته "سندس خانداني ڪُتبخانو (جو حضرت صاحب جن هجرت وقت به پاڻ سان اُنن تي ڪٺائي آيا هئا) نهايت اعليٰ پيماني جو آهي. منجهس ڪيترا قلمي ڪتاب موجود آهن. خواجہ صاحب خُود به ڪتابن جو چڱ عاشق هو. ڪيترائي قلمي توڙي ڇپيل ڪتاب مصر توڙي ٻين ملڪن مان آڻي، پنهنجو ڪُتبخانو سينگاريائين." (ص- 57، ڇاپو ٻيو، 2005ع)

خواجہ محمد حسن جان سرهندي جي لائبريري، جيڪا هن وقت ٽنڊو سائينداد (ٽنڊو محمد خان) ۾ قائم آهي، ان جو تذڪرو ڊاڪٽر عبدالرسول قادري، 'سنڌ جا ڪُتبخانا' نالي پنهنجي ڪتاب ۾ پڻ ڪيو آهي، هُو لکي ٿو ته ان لائبريري جا سنڀاليندڙ خواجہ عبدالله جان سرهندي عرف شاهه آغا ۽ خواجہ محمد هاشم جان سرهندي به رهيا. منهنجي خيال ۾ اها لائبريري ٽکڙ جي قديم ڪُتبخانن ۾ به شمار ڪري سگهجي ٿي، جيڪا بعد ۾ ٽنڊي سائينداد منتقل ٿي، ڇاڪاڻ جو 1315هجري ۾ خواجہ عبدالرحمان جان سرهندي جي وفات بعد خواجہ حسن جان سرهندي، 1316هجري ۾ ٽنڊي سائينداد کي اچي پنهنجو مسڪن بنايو هو. خواجہ محمد حسن جان سرهندي جي لائبريري جي سار سنڀال هن وقت نامياري عالم پير آغا عبدالوحيد جان سرهندي جي هٿ وس آهي. جنهن پڻ ان لائبريري ۾ تمام گهڻو واڌارو ڪيو آهي. هي لائبريري هن وقت به ٽنڊو محمد خان ضلعي جو وڏو علمي ذخيرو آهي. سنڌي ٻولي جي ڀلوڙ شاعر امداد حسيني جي بقول ته "جي اهو ڪتبخانو ٽکڙ کان ٽنڊي سائينداد پهتو ته پوءِ اهو ٽکڙ لاءِ به هڪ اعزاز آهي."

**حافظ عبدالله 'بسمل' جي لائبريري:**

حافظ محمد عبدالله 'بسمل' ولد علامہ حافظ محمد يوسف 4 شوال 1306هجري مطابق 2 اپريل 1886ع تي ٽکڙ ۾ ڄائو ۽ 21 صفر 1371 هجري مطابق 20 آڪٽوبر 1950ع تي وفات ڪيائين.

ٽکڙ ۾ سندس لائبريري هئي، جيڪا علامہ دائودپوٽي جي به ڌيان هيٺ هئي. 19 آڪٽوبر 1951ع تي علامہ دائودپوٽو حافظ محمد عبدالله 'بسمل' جي اولاد جي زناني مڪتب ۾ آيو هو، اهڙو تذڪرو ڪندي پنهنجي ڪتاب 'مقالا ۽ مضمون' جي مضمون 'ميين عيسيٰ جي تربت جي تلاش ۾' منجهه صفحي نمبر 64 ۽ 65 تي لکي ٿو ته "مير الهه بخش ٽالپر اتي اڳيئي اسانجي انتظار ۾ ويٺو هو ۽ جناب مرحوم قاضي سيد اسدالله شاهه صاحب ۽ جناب مرحوم حافظ 'بسمل' جا ڪتاب اتي معائني لاءِ آڻي رکيا هئائين، افسوس جو شاهه صاحب جي وسيع لائبريري اڌوهيءَ جو کاڄ ٿي وئي ۽ منجهس شاهه صاحب جا تصنيف ٿيل ڪتاب به موجود ڪونہ هئا، ٿورا ڪتاب حديث ۽ تفسير تي هئا، جن سان منهنجي گهڻي دلچسپي ڪانہ هئي، باقي جناب مرحوم حافظ عبدالله 'بسمل' جا جيڪي به ڪتاب هئا سي گهڻي تعداد ۾ سلامت هئا، فارسي شاعرن جا ڪيترا اهڙا ديوان، مثنويون ۽ ڪليات موجود هئا، جي هاڻي عام طرح مشڪل ملي سگهن، ازانسواءِ هڪ نسخو 'خزانہ عامره' ۽ 'حاجي بابا اصفهانيءَ' جو موجود هو، مون رڳو ٽنڊيرام وارو 'تاريخ معصومي' جو سنڌي ترجمون ۽ 'مختارنامون' تصنيف مرحوم مير حسن علي خان جو پاڻ لاءِ چونڊيا ۽ اهي مرحوم جي فرزند مونکي سوغات طور بخش ڪري ڏنا، وٽن حافظ هارون جو ڪيترو ئي ڪلام انتشاري حالت ۾ موجود هو، جنهن

جي ڪنهن ڪرڻ لاءِ ڪين استدعا ڪئي ويئي. ڳالهين ڪندي وٽانئن خبر پيئي ته ڪشنچند ليڪراج ’عزيز‘ جي سموري ڪُليات جناب حافظ ’بسمل‘ صاحب جي تصنيف ٿيل آهي. اي غريبي! حيف آهي توتي جو هڪ اديب مفلسي ۽ مسڪيني سببان تنگ ٿي پنهنجي جگر جو ولوڙيل رت، ٿورن پئسن تي ٻين کي وڪڻي ڏئي! ۽ حيف آهي اهڙن خريدارن تي جو اهڙن جي محنت جو رڳو سکڻن لفظن ۾ اعتراف به نه ڪن.“ اتي هڪ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته حافظ عبدالله ’بسمل‘ کي ڪوبه نرينو اولاد ٿي نه هو ته پوءِ علامه دائود پوٽي صاحب کي ڇاپايل ڪتاب سوغات طور بخش ڪري ڪنهن ڏنا. بزرگ شاعر محمد دائود ’تاج‘ ٽڪڙائي موجب حافظ عبدالله ’بسمل‘ جي وفات بعد سندس لائبريري ’بسمل‘ جي گهرواريءَ کي راضي ڪري علامه دائود پوٽو پنج سئو روپين جي رقم عيوض پاڻ سان کڻي ويو هو.“ اهڙي تصديق حافظ عبدالله بسمل جي وڏي ڏوهٽي حافظ محمد هاشم ميمڻ مرحوم، محمد دائود تاج ٽڪڙائي سان ڪئي هئي .

**سيد ميران محمد شاهه لائبريري:**

سيد ميران محمد شاهه ولد سيد زين العابدين شاهه 19 مارچ 1898ع تي ٽڪڙ ۾ ڄائو ۽ 28 جمادي الثاني 1383 هجري مطابق 16 نومبر 1963ع تي وفات ڪئي، گنجي ٽڪر تي مقبره شريف جي قبرستان ۾ مدفون آهي.

سيد ميران محمد شاهه جي نالي سان هن لائبريريءَ جو بنياد 2008ع ڪانپوءِ پي پي دور حڪومت جي قيام بعد وڏي لاڳت سان رکيو ويو هو. لائبريريءَ جي عمارت جي اڏاوت جو ڪم ڪنهن قدر ٿيو ۾ اڄا تائين ان جي تڪميل هڪ وڏو سوال بڻيل آهي. سيد ميران محمد شاهه لائبريريءَ جي عمارت ته موجود آهي پر نه ته ان تي لائبريريءَ جي نالي سان ڪو بورڊ وغيره نصب ٿيل آهي نه ئي وري ڪتاب نالي ڪنهن شيءِ جو ڪو وجود آهي.

ٽڪڙ جي ڪُتبخانن بابت نامور شاعر امداد حسيني جو چوڻ آهي ته ”اصل ۾ چاهي ته انهن لائبررين، جيڪي تباهه ٿي ويون/ دريا بُرد ڪيون ويون، جو ذڪر ڪرڻ ائين آهي جيئن ڇُتل ڦٽ تان ڪڙي لاهڻ“ واقعي به اهي اهڙا ڇُتل ڦٽ آهن، جن تان جيڪو به ڪڙيون لاهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، ان جو جيءُ جهُري ٿو پوي .

## حوالا:


1. ٽڪڙائي، محمد دائود ’تاج‘، ’زندگي آهي سفر‘، بزم ادب ٽڪڙ 2001ع
2. ٽڪڙائي، اسدالله ’اسد‘، ’تنڪره شعراء ٽڪڙ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيو 2005ع
3. قادري، ڊاڪٽر عبدالرسول، ’سنڌ جا ڪتب خانا‘، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، ڇاپو پهريون مارچ 2008ع
4. جي.ايم.سيد، ’جنب گذاريم جن سين‘، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2004ع
5. مهراڻ، ’سوانح نمبر‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو/حيدرآباد، 1990ع
6. دائودپوٽو، علامه عمر بن محمد، ”مقالا ۽ مضمون“، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد- ڀٽ شاهه، ڇاپو پهريون، نومبر 1978ع
7. امداد حسيني سان سوشل ميڊيا وسيلي ڳالهه ٻولهه
8. محمد دائود تاج ٽڪڙائي سان ڳالهه ٻولهه
9. واحد بخش’عندليب‘ ٽڪڙائي جي فرزند سيف الله ڪنڀار سان ڳالهه ٻولهه

ٿيڻ ٿو چاهي، پر سندس کوٽي نيت کيس خوار ۽ خراب ڪري ٿي توبہ تائب ٿي، پنهنجو ڌنڌو ايمانداريءَ سان ڪرڻ لڳي ٿو. ٻي ڪهاڻي خليفو ڪهنگ، بادشاهہ ۽ وزيرن بابت آهي جنهن ۾ بادشاهہ جادوئي زور تي ڪهنگ پکي ٿيئي ٿو ۽ پنهنجي دشمنن کي ناڪام ڪرڻ بعد ٻيهر انساني شڪل ۾ اچي ٿو.

**ٻہ جاڙا ڀائر:** ٽن ڪهاڻين تي مشتمل آهي جنهن ۾ پهرين ڪهاڻيءَ ۾ ٻہ جاڙا ڀائر پنهنجي والدين کان جدا ٿي تڪليفون ڏسن ٿا وري سکي سهنجي حياتي ڪٽين ٿا. ٻيءَ ڪهاڻيءَ ۾ ڀاءُ ۽ ڀيڻ جو قصو آهي.

**نيلو پکي:** هڪ ننڍو ناول آهي جنهن ۾ هڪ بادشاهہ جي راڻي ملٽيجي ڌيءَ سان ظلم ڪري ٿي ۽ پنهنجي ڌيءَ ٻئي ملڪ جي بادشاهہ کي پرڻائڻ چاهي ٿي، پر انهيءَ ۾ کيس ناڪامي نصيب ٿيئي ٿي جو بادشاهہ نيلي پکيءَ جي روپ ۾ ٿي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح اڳيان هلي ظالم راڻيءَ کي شڪست ملي ٿي. بادشاهہ دلفريب ۽ شهزادي گل چهر جي شادي ٿيئي ٿي.

**ٽي ديو يا راڪاس:** پاڻي، هوا ۽ باهہ کي ٽي ديو يا راڪاس سڏيندي انساني حياتي ۾ انهن بنيادي عنصرن جي سائنسي اهميت هن آکاڻيءَ معرفت سمجهائي ويئي آهي.

**شمرانہ عرف شيطان جي ناني:** هڪ چالاڪ عورت جو قصو بيان ڪيل آهي جا ماڻهن کي ٺڳي ٿي ۽ اهڙيءَ ريت ڪيترائي ماڻهو سندس حرفت جو شڪار ٿين ٿا.

انهيءَ کان سواءِ پڻ چند ڪتاب ٻالڪ ادب ۾ مرزا صاحب لکيا آهن جن جو ڪل ڪاتو ارڙهن تائين چيو وڃي ٿو. پندرهن ڪتابن کي سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي. هيءُ ڪهاڻين/آکاڻين جا ڪتاب مرزا صاحب انهيءَ وقت لکيا ۽ ترجمو ڪيا، جڏهن پوريءَ دنيا ۾ غير مرئي قوتن، قصن ۽ بادشاهي راڄن جي آکاڻين جو دور هو. انهيءَ ڪري سندن گهڻين ڪهاڻين ۾ بادشاهہ، راڻيون، شهزادا، شهزاديون، وزير، امير، سوداگر، جن، پريون ۽ ديو ڏيکاريل آهن. جن جو موجوده حقيقت نگاريءَ جي دور سان واسطو ناهي، پر انهن ڪهاڻين کي جڏهن پڙهجي ٿو تڏهن هڪ تجسس ۽ جستجو وارو شوق پيدا ٿيئي ٿو. منظرنگاري، سونهن، فطرت جا نظارا، ٻوليءَ جو اثرائتو هئڻ انهن ڪهاڻين جي دلڪشيءَ جا اهم سبب آهن. انهيءَ کان سواءِ مرڪزي خيال طور مرزا صاحب هيءُ ڪهاڻيون خاص سنڌي ٻالڪن جي تعليم ۽ تربيت جي پهلوءَ کي نظر ۾ رکي پرڏيهي ادب مان آنديون تہ جيئن پڙهندڙن جي دل کي نيڪي، اخلاق، محبت، مروت، اخلاص ۽ ڀلائيءَ ڏي موڙجي. مرزا صاحب ٻارن جي مختلف عمر جي احساسن، جذبن ۽ دلي، دماغي، پهچ مطابق لکيو آهي. سندن سوچ مطابق ٻارن ۾ درسي ڪتابن کان سواءِ ادب پڙهڻ جو شوق قائم ٿيئي ۽ هُو دنيا جي حالتن کان واقف ٿين، ڪين ٻين قومن جي اُٿ ويهہ ۽ مذهبن جي ڄاڻ ملي. ٻارن جي عمر موجب هُو نوان نوان لفظ سکن خود بہ لکڻ ڏي مائل ٿين.

هنن ڪهاڻين معرفت مرزا صاحب ٻارن جي ذهني سطح يعني پنجن کان ارڙهن سالن تائين جي ٻارن کي همٿ، محبت، شجاعت، پيار ۽ عشق کان آگاهہ ڪيو آهي. سندن ڪجهہ ڪهاڻين لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اهي رومانوي قصا يا عشقيہ داستان آهن جيئن: ’وامق عذرا‘، ’شهزادي قمر برگ‘ جن کي ٻالڪ ادب ۾ نہ شمار ڪرڻ گهرجي. آئون سمجهان ٿي تہ چلڊرن ائڪٽ مطابق ٻاراڻي وهي پوريءَ دنيا ۾ ارڙهن سالن تائين شمار ٿيئي ٿي. ارڙهن سالن جي ٻار کي سڃاڻپ ڪارڊ جاري ٿيئي ٿو ۽ هو وڏن ۾ شمار ٿيئي ٿو. پندرهن کان ارڙهن سالن جي عمر وارن ٻارن جي سمجهہ ۽ سڃاڻپ جي لحاظ کان پيار ۽ محبت جي سچائيءَ کي سمجهڻ لاءِ انهن قصن جي اهميت بلڪل موجود آهي. مٿئين نڪتي مطابق آئون اهو چوڻ چاهيان ٿي تہ مرزا صاحب ٻالڪ ادب ۾ ارڙهن سالن تائين جي عمر جي ٻارن لاءِ بہ لکيو آهي. جنهن ۾ رومانوي ڪهاڻيون اچن ٿيون، ڪي ننڍيون دلچسپ آکاڻيون آهن تہ ڪي رومانوي ۽ عشقيہ قصا آهن تہ لوڪ ادب جون ڏند ڪٿائون بہ آهن، پر انهن سڀني ۾ سندس فن ۾ مقصديت جو پڙ ڳرو آهي.

ڊاڪٽر ادل سومرو چوي ٿو تہ،

قائداعظم جي جشن سو سالہ جي موقعي تي مرتب ڪيو . ان جي پيش لفظ ۾ لکن ٿا:

”جشن سو سالہ قائداعظم 1976ع جي مطبوعات ڪميٽي جي خواهش تي قائداعظم جي انهن قولن کي ڪن چيپيل ڪتابن ۽ وفاقي وزارت تعليم اسلام آباد ۾ محفوظ ۽ قائداعظم جي ڪاغذن جي ذخيري مان مرتب ڪيو ويو آهي.“

هيءُ مفيد ۽ ڪارگر ڪتابڙو قائداعظم اڪيڊمي ڪراچي مان ڪيترائي دفعا شايع ٿي چڪو آهي.

### 3. ديوان شوق افزا عرف ديوان صابر:

ديوان شوق افزا يا ديوان صابر سنڌ جي هڪ قديم شاعر مير محمود صابر جو اردو ديوان آهي. جنهن کي بلوچ صاحب وڏي محنت سان مرتب ڪيو ۽ 44 صفحن تي مشتمل عالمانہ مقدمو بہ لکيو. هن ديوان ۾ صابر جا ڪل ڇهہ سو سورنهن غزل آهن.

بلوچ صاحب معمول مطابق وڏي محنت ۽ سگهڙائپ سان ديوان شوق افزا مرتب ڪيو ۽ مير محمود جي حالات زندگي لکي. اهي لکن ٿا تہ مير محمود اردو شاعريءَ جو باوا آدم دکن (گجرات) جو ولي ڪانپوءِ شاعرن ۾ شامل هو.

بلوچ صاحب جو مرتب ڪيل ديوان شوق افزا جي اشاعت 1984ع ۾ اردو سائنس بورڊ لاهور ۾ طرفان ٿي.

### 4. مولانا آزاد سبحاني- تحريڪ آزاديءَ جو هڪ وڏو رهنما:

مولانا آزاد سبحاني برصغير پاڪ ۽ هند جي وڏن عالمن مان هڪ هو. ان پاڪستان قائم ڪرڻ لاءِ تحريڪ پاڪستان ۾ ڀرپور حصو ورتو، ڀر پاڪستان وجڻ بجاءِ پارٽي مسلمانن جي خدمت جي جذبي لاءِ اتي ئي رهيو. مولانا آزاد سبحاني فلسفيانہ ذهن رکندو هو. فلسفي دين جي تعليم جي لاءِ هن ڪانپور ۾ هڪ مدرسو بہ قائم ڪيو هو.

مجلس علملہ ريسرچ سوسائٽي آف پاڪستان جامعہ پنجاب جي اجلاس 87- 1986ع ۾ بلوچ صاحب تجويز پيش ڪئي تہ وطن جي آزاديءَ جي انهن رهنمائن جي سوانح مرتب ڪئي وڃي جنهن تي خاطر خواهہ ڪم نہ ٿي سگهيو. ان اجلاس ۾ مولانا آزاد سبحاني جي سوانح مرتب ڪرڻ جي ذميواري بلوچ صاحب پاڻ قبول ڪئي. هن مولانا آزاد سبحانيءَ جي سوانح تي ڪتاب لکڻ جا ٻہ سبب بيان ڪيا آهن. پهريون هيءُ تہ مولانا تحريڪ پاڪستان ۾ ڀرپور حصو ورتو هو ۽ ٻيو سبب هيءُ تہ پاڪستان قائم ٿيڻ کان ڪجهہ مهينا اڳ جڏهن بلوچ صاحب ڪولمبيا يونيورسٽي آمريڪا ۾ ڊاڪٽريٽ جي تحقيق لاءِ رهيل هو تہ ان زماني ۾ مولانا آزاد سبحاني آمريڪا آيو هو. ان زماني ۾ هن کي مولانا کي ويجهڙائيءَ سان ڏسڻ جو موقعو مليو ۽ هو مولانا جي قلندرانہ شخصيت، علم جو درياءُ ۽ خاص ڪري ان جي وڏي همت کان گهڻو متاثر ٿيا. بلوچ صاحب کي مولانا جي ان وصف تمام گهڻو متاثر ڪيو تہ پاڪستان حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ مولانا پاڪستان نہ آيو ۽ ڀارت ۾ ئي رهي اتان جي مجبور مسلمانن جي خدمت ڪندو رهيو ۽ باقي حياتيءَ جا ڏينهن اتي ئي گذارڻ جو فيصلو ڪيائين. آمريڪا ۾ رهڻ دوران مولانا سان بلوچ صاحب جو ويجهڙائيءَ جو تعلق قائم ٿيو ۽ گڏيل ملاقاتون ٿينديون رهيون. مولانا جڏهن نيويارڪ مان وڃڻ لڳو تہ اهو پنهنجو شعري بياض بہ بلوچ صاحب کي ڏئي ويو.

ان ڪتاب لاءِ بلوچ صاحب مولانا آزاد سبحاني جي مستند حالات زندگي، تحريڪ پاڪستان ۾ مولانا جو ڪردار، مولانا جو فڪر ۽ فلسفو مولانا جي ڇپيل سفرنامي مان چونڊ ڪرڻ، ان جي شاعريءَ جي چونڊ ۽ مولانا جي رباني تحريڪ بابت انگريزي مضمون پيش ڪيا آهن. بلوچ صاحب مستند معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ مولانا جي نينگري محترمہ ناظرہ خاتون کان انٽرويو بہ ورتو. شروعات ۾ ڏهن صفحن تي مشتمل پيش لفظ بہ لکيو آهي. هيءُ ڪتاب فيبروري 1989ع ۾ ريسرچ سوسائٽي آف پاڪستان پنجاب يونيورسٽي لاهور مان شايع ٿيو.

### 5. ديوان ماتم:

ديوان ماتم حيدرآباد (سنڌ) سان تعلق رکڻ واري شاعر حاجي فضل محمد ماتم جو ديوان آهي، جنهن کي وڏي محنت سان بلوچ صاحب مرتب ڪيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1990ع ۾ شايع ڪيو. ڪتاب ۾ ديوان جي مخطوطي جا ڪجهہ عڪسي صفحا بہ شامل ڪيا آهن، جن مان خبر پوي ٿي تہ ديوان جو قلمي نسخو نهايت ڳريل حالت ۾ هئو، جنهن ۾ مصرعن جي



معمور يوسفاڻي
عمرڪوٽ

# وتايو فقير*
## (لوڪ ڪردار)

سنڌ جي سر زمين، جيڪا عالمن، اڪابرن، بزرگن درويشن ۽ فقيرن جي ڌرتي آهي. تنهن تي ڪئين نالي وارا ۽ سدا حيات انسان ٿي گذريا آهن، جيڪي صديون گذرڻ کان پوءِ به جيئن جو تيئن ياد آهن.

اهڙن انسانن ۾ وتائي فقير جو نيڪ نالو، نه رڳو شامل آهي، پر عوام جي دلين تي وڏن ۽ سونهري اکرن ۾ لکيل به آهيَ. اِهو ان ڪري، جو وتايو فقير، نه فقط نالي جو فقير هو. پر اُهو هڪ سچو پچو فقير ۽ ملڪ جي هڪ عظيم تاريخي شخصيت پڻ هو، جنهن جي نالي ۽ ڪارنامن کان، سنڌ جو هرڪو ماڻهو واقف آهي ۽ اُهو به ايتري قدر جو شهرن خواهه ڳوٺن جي هر ڪنهن گهر ۾ سندس ذڪر آهي ئي آهي. بيشڪ حضرت شهيد گرهوڙي رحه ههڙن مردن لاءِ فرمايو آهي ته:

"مرد مرن ڪين ڪي، مرن مردو دا."

بلاشبہ، وتايو فقير مرد هو، اهڙو مرد، جيڪو "طالب المولیٰ مذڪر" واري وصف سان ته سينگاريل هو. پر 'مرد- مومن' ۽ 'مرد- قلندر' جي دنيا کان به گهٽو اڳتي، اهڙن مردن مان هو، جن کي لاڪيٽي لطيف پنهنجي رسالي ۾ اجهو هيئن ياد فرمايو آهي.

سڪا منهن سنڌن، پيرين پراٽا ڪپيڙا،
سا جوءِ ڏوري آئيا، سونهان جت منجهن،
ڳجها، ڳجهيون ڪن، تهان پراهين پنڌ جون.

هتي سوال ٿو اٿي ته، اها جوءِ ڪهڙي؟ ڪٿي؟ ۽ ڪيئن آهي؟ جواب، پڻ پٽ ڏٽي کان ئي ملي ٿو ته:

---

* 'وتايو فقير' تي هيءُ مضمون مرحوم معمور يوسفاڻي صاحب 1985ع ۾ لکيو. ساڳي سال جناب عبدالقادر منگي صاحب (ان وقت اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوالهيار) وتايو فقير تي هڪ شاندار ڪانفرنس ڪرائي، ان ڪانفرنس ۾ محترم معمور يوسفاڻي هڪ ٻيو مقالو تحرير ڪيو ۽ پڙهيو، جيڪو ان وقت ڪانفرنس جي مقالن سان گڏ منگي صاحب ڪتاب ۾ شايع ڪيو، اهڙي طرح محترم معمور يوسفاڻي صاحب جا وتائي فقير تي ٻه مضمون آهن. وتائي فقير تي بعد ۾ 2007ع، 2019ع، 2020ع ۽ 2021ع ۾ محترم عبدالقادر منگي صاحب (سابقہ سيڪريٽري ڪلچر)، محترم رشيد احمد زرداري (ڊپٽي ڪمشنر، ٽنڊوالهيار) ۽ محترم ولي محمد (بلوچ صاحب ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار) پڻ شاندار ڪانفرنسون ڪرايون آهن، هيءُ مضمون پنهنجي اهميت ۽ افاديت ۾ اهم آهي ۽ مرحوم معمور يوسفاڻي صاحب جي فرزند جناب ڪرم الله پلي صاحب خاص تماهي مهراڻ جي اشاعت لاءِ معمور يوسفاڻي لئبرري مان ارسال ڪيو آهي. (ايڊيٽر)

ڏوٽي سا ڏورين، جا جوءِ سئي نه ٻڌي،
پاسا مٽي پهٽين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
ويا ات ووڙين، جت نهايت ناهه ڪا.

وتايو فقير، هونءَ ته ڏاڻهس منسوب، خوش طبعي ۽ ڪل پوڳ وارن نقلن جي ڪري مشهور آهي ۽ انهن جي واسطي سان ئي سڃاتو وڃي ٿو، پر جيڪڏهن ٿورو غور سان ڏسبو ته هُو هڪ اهڙي تاريخي شخصيت ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن لاءِ ڪنهن قسم جي اعتراض ۽ بحث جي گنجائش نه آهي.

دستاويزي لحاظ کان، وتائي فقير جو ذڪر سڀ کان پهرين، سنڌ جي وڏي محسن، ميرعلي شير "قانع" ٺٽوي، جي بي بها ۽ لافاني تصنيف "تحفة الڪرام" ۾ ٿي ملي ٿو، جيڪو ڪتاب، فقير صاحب جي وفات کان اٽڪل پنجاه سال کن پوءِ 1181هه ڌاري مڪمل ٿيو هو. (1)

تحفة الڪرام جو مواد، جيڪو نهايت اهم ۽ قيمتي آهي، سو لازمي طرح، ڪتاب جي تڪميل واري سال کان گهڻو اڳ آهستي آهستي گڏ ٿيو هوندو، جيڪو عرصو پاڻان وتائي فقير جي وفات کي ويجهو پهچي ٿو، جنهن مان اهو ٿو ظاهر ٿئي ته مير صاحب کي، وتائي بابت مليل مواد، اهڙن ماڻهن کان حاصل ٿيو هوندو، جيڪي وتائي فقير جا ننڍا همعصر هوندا. ٿي سگهي ٿو ته انهن مان ڪي راوي اهڙا به هجن جيڪي وتائي جي بلڪل قريب رهيا هجن. انهيءَ لحاظ کان تحفة الڪرام جو اهو مواد، ويساهه جي لائق ۽ اعتبار جوڳو آهي.

تحفة الڪرام کان پوءِ جن ڪتابن ۾ وتائي جو احوال اچي ٿو، انهن ۾، مير عبدالحسين سانگيءَ جو فارسي زبان ۾ لکيل ڪتاب "لطائف لطيفي" ۽ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جو ڪتاب "لواريءَ جا لال" پڻ وڏي اهميت وارا آهن. جن کان پوءِ مهر ڪاڇيلويءَ جو ڪتاب "جنوبي سنڌ کي چند قلعي" شيخ محمد سومار جي تصنيف "بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ"، محمد اسماعيل عرساڻي ۽ الله بخش ٽالپر جي تاليف "وتايو فقير"، محمد موسيٰ انڙ جو ڪتاب "تحفن جي مٺ"، نذير حسين پنهور جو ڪتابڙو "وتايو فقير" ۽ مختلف اديبن جا، مختلف رسالن ۽ اخبار ۾ شايع ٿيل مقالا ۽ مضمون به ڳڻي سگهجن ٿا. جيڪي سڀئي، وتائي جي تعارف جا بنيادي ماخذ آهن جن جي دائري ۽ عوامي روايتن جي روشنيءَ ۾ جيڪر فقير صاحب جي زندگيءَ تي نظر وجهنداسون، ته ان جو مختصر خاڪو هيٺين طرح بيهندو.

وتائي فقير جي ولادت، سنڌ جي مشهور شهر "اگهاماڻي" يا "اگهم ڪوٽ" ۾ ٿي. جتي ئي هن مخدوم محمد اسماعيل سومري وٽ ابتدائي ديني تعليم حاصل ڪئي.

جيئن ته هي ٻاراڻپ کان ئي پيءُ جي سائي کان محروم ٿي ويل هو. ان ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نه سگهيو. (2) ۽ ماءُ سان گڏ، گهرو ذميداريون سنڀالڻ لڳو. جنهن ۾ هني ٻارو ۽ مال جي سنڀال شامل آهن (3)

وتايو فقير، هونءَ الله لوڪ انسان هو، جنهن جو دنياوي ڪاروبار ۽ ڪمن ڪارن سان ڪو به لڳاءُ ڪونه هو، پر ظاهري طرح هو زماني سان هلندو رهيو ۽ پنهنجي اصلي ۽ فقيرانه روپ کي ڪل پوڳ ۽ خوش طبعيءَ جي پردي پويان لڪائي رکيائين. (4)

.فقير صاحب جو دستور هئو ته ڳالهه ئي ڳالهه ۾، رستي تان ٿڙيل انسانن کي سمجهائڻ خاطر، ٿيل واقعي کي دهرائي ڪل پوڳ جي انداز ۾ سچ به چئي ويندو هو ۽ غلط معاشري تي طنز به ڪري ويندو هو. (5)

هن جي رهڻي ڪهڻي ۽ هلت چلت اهڙي هئي جو عام طرح ته سڀئي ڪيس چريو ۽ ٻالو ٻولو سمجهندا هئا، پر اصل ۾ هو وڏو داناءُ انسان هو. جيڪو واقعن جو فائدو وٺندي، اهڙي سياڻپ واري ڳالهه ڪري ويندو هو، جيڪا ان واقعي مان حاصل ٿيل نتيجي جو نچوڙ هوندي هئي. (6)

وتائي فقير جي گفتگوءَ جو اهو به ڪمال هو، جو سندس چيل گفتن مان ڪيترا گفتا، مشهور عام بنجي، چوڻين جي شڪل اختيار ڪري ويا آهن ۽ اڄ به گفتگو توڙي لکت ۾ استعمال پيا ٿين.

سندس مزار مبارڪ ٽنڊي الله يار کان 3 ميل اولهه طرف، شاهي رستي جي لڳ، اتر طرف، شيخ لوهيٽڙي جي قبرستان ۾ آهي.

آخر ۾ مختصر طور هيئن چوندس ته وتايو فقير هڪ وڏي تاريخي شخصيت هجڻ سان گڏوگڏ، خوش طبع، کل مک، چرچائي، حاضر جواب، سالڪ، سياڻو، سچار، صوفي، مفڪر، فلسفي، سياح ۽ وڏو عظيم انسان هو، جنهن سموري زندگي، فقيرانه روپ ۾ گذاري ۽ پنهنجن انوکن ۽ نرالن ٻولن جي ذريعي، انسان ذات جي رهبري ڪئي، جنهن جو اثر اڄ به جاري ۽ ساري آهي.

بيشڪ الله وارن جو وڏو شان ۽ مان آهي، سندن وصف قرآن ۾ به آهي ته حديث ۾ به. هو الله پاڪ جا اهڙا نيڪ بندا آهن، جيڪي هڪ لمحي لاءِ به رب جي حڪم کان ٻاهر نٽا نڪرن ۽ سندن هرڪو عمل پنهنجي خالق ۽ مالڪ لاءِ آهي.

راهه شريعت هليا، تفڪر طريقون
حال حقيقت رسيا، معرفت ماڳون
ناسوت، ملڪوت، جبروت، اي انعام لٽون
لاهوت لنگهيون، هاهوت مٿي هليا.
(لطيف)

## حوالاءِ واڌارا

(1) ڊاڪٽر گربخشاڻي، 'لواريءَ جا لال' ڪتاب ۾ لکيو آهي ته وتائي فقير، شيخ حاجي عبداللطيف ڪي سندس نيڪ فرزند سلطان الاولياء خواجه محمد زمان جي پيدا ٿيڻ بابت واڌائي ڏيندي سندس پنيءَ تي چميون ڏنيون هيون. جڏهن ته خواجه صاحب جي ولادت جو سال 1125هه آهي ته لازمي طرح وتائي فقير جي وفات 4- 5 سال ان کان پوءِ ٿي هوندي. انهيءَ لحاظ کان وقائي فقير جي وفات جو سال 1130هه ڪٿيو ويو آهي. جنهن موجب 1181هه تائين 50 سالن جو عرصو ٿئي ٿو.

(2) ڪن ڪتابن لکيو آهي ته "وتايو فقير اصل هندو هو ۽ وڏو ٿيڻ تي اسلام جي خوبين کان متاثر ٿي مسلمان ٿيو هو" (ڏسو عرساڻي ۽ ٽالپر جو ڪتاب وتايو فقير صفحو 2 ۽ 3) پر اها روايت جنهن ۾ ٻڌائين ٿا ته "وتايو فقير ننڍپڻ ۾ ئي مخدوم اسماعيل سومري جي مدرسي ۾ پڙهڻ وينو هو" سا، پهرين ڳالهه کي رد ٿي ڪري ٿي ۽ اهو ثو ثابت ٿئي ته وتايو فقير صغيرپڻ ۾ ئي ماٽنن سان گڏ مسلمان ٿيو هو يا سندس مائٽ، هنجي ڄمڻ کان پهرين مسلمان ٿيل هئا. ٻئي طرف وتائي فقير ڏانهن منسوب نقلن مان ڪوبه نقل، هندو ڪلچر جي ترجماني ڪونه ٿو ڪري.

(3) محمد اسماعيل عرساڻي ۽ الله بخش ٽالپر- "وتايو فقير" آر- ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد صفحو 4، 5، 23، 26، 31.

(4) ........... ، صفحو 5، 7،8، 12، 13، 14، 15، 16، 16، 21،ع 23.

(5) ........... صفحو 2، 5، 11، 18، 22، 23.

(6) ........... صفحو 6، 7، 9، 14، 16، 17، 18 ۽ 22.

(7) ........... صفحو 7، 13، 8، 5، 22.

(8) ........... صفحو 21، 13، 24، 15.

(9) ........... صفحو 9، 10 ۽ 11.

ڊاڪٽر گربخشاڻي، "لواريءَ جالال" بحواله روزانه عبرت محمد پناه قرڙي جو خط، 8- 9- 1984 عبرت، 000 ميرعلي شير قانع، تحفته الڪرام، سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سال 1957ع ڇاپو پهريون صفحو 547، 550 ۽ 626.

شيخ محمد سومار 'بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ'، لاڙ ادبي سوسائٽي بدين، سال 1984ع ڇاپو ٻيو، صفحو 1165.
ميرعبدالحسين ساڱي لطائف لطيف، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد سال 1967ع ، ڇاپو پهريون، صفحو 91.
(10) محمد اسماعيل عرساڻي ۽ ٽالپر. وتايو فقير، آر ايچ احمد ۽ برادرس حيدرآباد، صفحو 21 ۽ 7. ...... صفحو 4 ۽11 شيخ محمد سومار، بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ" لاڙادبي سوسائٽي بدين، سال 1984 ڇاپو ٻيو، صفحو 165.
(11) ميرعلي شير قانع، تحفتہ الڪرام، سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سال 1957ع ڇاپو پهريون صفحو 626، 627، 628.
(12) ...................... صفحو 626.
(13) مهر ڪاڇيلوي، جنوبي سنڌ ڪي چند قلعي" محمد حفيظ مهر ميرپورخاص، سال 1971ع ڇاپو پهريون صفحو 39.

## مددي ڪتاب ۽ رسالا وغيره

(1) ميرعلي شير "قانع" ٺٽوي، تحفتہ الڪرام، سنڌي ترجمو مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سال 1957ع، ڇاپو پهريون.
(2) ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي. 'لواريءَ جا لال' ڇاپو پراڻو، سال ڇاپو
(3) مير عبدالحسين "سانگي" "لطائف لطيفي"، انجمن مرڪز ثقافت شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ضلع حيدرآباد، ڇاپو پهريون، سال 1967ع
(4) محمد حنيف مهر ڪاڇيلوي، "جنوبي سنڌ ڪي چند قلعي"، محمد حفيظ مهر پاڪ مجاهد انجمن محلہ اورنگ آباد، ميرپور خاص، سال 1971ع ڇاپو پهريون.
(5) شيخ محمد سومار، "بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخي لاڙ ادبي سوسائٽي بدين سال 1984ع ڇاپو ٻيو.
(6) محمد موسيٰ ڪمال خان انڙ. "تحفن جي مٺ"، ڇپائيندڙ ڪمال خان ولد محمد اسماعيل انڙ ؟
(7) ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلو، "وينجهار" شاه محمد عباسي لاڙڪاڻو، ڇاپو ٽائون، سال 1964ع.
(8) محمد اسماعيل عرساڻي ۽ الله بخش ٽالپر. "وتايو فقير آر ايچ احمد برادرس حيدرآباد.
(9) علي احمد بروهي. 'ڄام ڄاموٽ، ڄامڙا' ڇاپو پهريون.
(10) نذير حسين ڀٽي، "وتايو فقير"، صداقت بڪ ڊپو تزد قلع شاهي بازار حيدرآباد ، سال 1981ع ڇاپو ٽيون.
(11) صوفي غلام مصطفيٰ مقالو "وتايو فقير"، روزانہ عبرت حيدرآباد 19 سيپٽمبر 1984ع
(12) محمد پناه ڦرڙو خط روزانہ عبرت حيدرآباد، 28 سيپٽمبر 1984ع

## "راوي"

(1) مولانا محمد يعقوب حاجاڻو، رهندڙ تعلقو ٽنبو الهيار ۽ ڦلڪارا
(2) دوست محمد پلي، رهندڙ ڳوٺ گل پلي، تعلقو ٽنبو الهيار
(3) مولانا عبدالحق رباني، رهندڙ نصرپور، تعلقو ٽنبو الهيار
(4) عبدالواحد هڪڙو، رهندڙ ڳوٺ حاجي جعفر هڪڙو، تعلقو ٽنڊوالهيار.

❊

مڙس: مائٽ تيڏي سڀ دردان جھلن،
تيڏي پرا سڀ مئن در پلن،
اونڏي ويندي اتون وَلن،
رَمضو راتا اتان رُلن،
احمد اڪبر ۽ اقبال،
ناحق پَرٽيس مَئن تينال.

زال: آونئي اپٽي سنجھ صباحہ
آکين تنھين کون عاليجاھ،
ڏيوين تنھين تي ساھ پَساھ،
تيڪون ميڏين دي ھي باھ،
جَلد تنھين کُون چوڙين ٽال،
ناحق پَرٽيس مَئن تينال.

زال: نکو آٽين مُنڊي چَلا،
ھَسي بنان گردن ٽلا،
نَکا ڦلڙي نکو ڦلا،
رَڳا ميڏي جيءَ دا جَلا،
مَئن هيان جهڙي ڪارن زال،
ناحق پَرٽيس مَئن تينال.

مڙس: تون تہ صفا ڪا چپ هين چهر،
تيڏي آرڊر انگل هَر هَر،
ڪتو آٽان بولا بينسر،
ڪتو آٽان جھومڪ جھالر،
ڪتو آٽان ڪڙيان ڪنمال،
ناحق پَرٽيس مَئن تينال.

مڙس: جتلا آٽان ڪانھي منوتي،
آپي ٽيوين پوت پيوتي،
ڪلھ جا اندم چڪني پوتي،
چولا اندم مڙهيل موتي،
تڏهن پي ڳر ڳر ميڏي نال،
ناحق پَرٽيس مَئن تينال.

زال: آپ پَڏائيندا ناحق تون هين،
ڪتب ۽ چانھن نہ آٽين ڏونھين،
ميٽ تہ نَوهين آٽيندا مرهين،
تيل نہ آٽين پٽيم جونئين،
هردم ميڏي آٽيي وال،
ناحق پَرٽيس مَئن تينال.

مڙس: ڪير ڏيوي مينھن پريل لوٽي،
آوي سيڪا سنھي موٽي،
هَرڪا وجي آپي اوٽي،
تون ڪا جِھڙي حاتم پوٽي،
تَيڪون مُور نہ گھر دا خيال،
ناحق پَرٽيس مَئن تينال.

زال: ڪيرَ ڏيوان جي ڪنھن ڪون ڏرڙلہ
ڳر ڳر ڪرين گنجا گرزلہ
نڪو گاھ ڪرائين پَرزلہ
ٽين ٽين اهڙي ڪرين ڳرزلہ
جھڙا ڳاوي چاندِيا جَلال،
ناحق پَرٽيس مَئن تينال.

زال: شوديِ آک نہ تون شيطان
ٽي نہ نِڌورا تون نادانَ
ظالم اپٽي روڪ زبانَ
شل ڪو قهري لڳئي ڪانَ
ڏادا ٽيا هين تون بد حال،
ناحق پَرٽيس مَئن تينال.

مڙس: ٽي ڳئي هِين تون هُڻ بيباڪ
شايد ڏيوين هُڻ طلاق
جائز ڪيتي نبيؐ پاڪ
ڏاڍي ٽيسين تون غمناڪ
سور پٽيسين پئي ڪي سال،
ناحق پَرٽيس مَئن تينال.

زال: ٻني زال آکي ضد چوڙ
ڏنهيين ڪيتا گھئي گوڙ
هل ـ چڱي ڏهون هَلون ٻوڙ
ڏنهين چَون مَن وچي وڳوڙ
نھ وڃون هڪ ٻئي نال،
ناحق پَرٽيس مَئن تينال.

شاعر: ڏِتي رب ڏنهين ساڃاھ،
چڱي مني ڏھون ڪتنين ڪاھ،
پاڙي والي عالي جاھ،
چوڙيا ڏنهين ڪون تنھن ناھ،
ڪلھ ڏنهين ڪون ڏٺم نِهال،
ناحق پَرٽيس مَئن تينال.

شاعر: 'عادل' هُڻ ڪر بند بيانَ
گھٽئي ڪيتئي وقت زيانَ
ٻاهر سڏيندا هي ڪو مهمانَ
تِنهن دا پِي ڪو ٽر ڏيانَ،
چوڙ اِها هُڻ قيل ۽ قال،
ناحق پَرٽيس مَئن تينال.

ورهاڱي ڪان پوءِ ننڍي ڪنڊ جي شاعرن هائڪو ڏانهن ڌيان ڏنو.سنڌيءَ ۾ ڪافي هائڪو لکيا ويا آهن، منهنجي تہ پوري ڪتاب "پن ڇڻ پڇاڻان" ۾ رڳو هائڪو آهن. مون هائڪو ۾ نوان تجربا ڪيا آهن ۽ پنج ڇهہ هائڪو ساڳي سٽ جي ورجاءَ سان لکي، انهن کي نظماڻي شڪل بہ ڏني آهي. "واٽون ڦلن ڇانئيون" ۽ منهنجن ٻين ڪتابن ۾ ڪيترائي مسلسل هائڪو آهن ۽ انهن ۾ سنڌيت جي خوشبوءِ آهي. آخر ڪولهڻ پڙو نہ پائيندي تہ ڇا ڪمونو (Kimono) پائيندي؟ هن مجموعي ۾ هائڪو ڪونہ آهن پر ڇاڪاڻ جو اهي بہ سنڌي شاعريءَ جي هڪ صنف ٿي چُڪا آهن، مون انهن جو هتي ذڪر ڪيو آهي جيتوڻيڪ هن ڪتاب ۾ نہ هائڪو آهن نہ ترائيل.

ترائيل فرينچ شاعريءَ جي صنف آهي جتان اهو گهاڙيتو اردوءَ ۾ ورتو ويو ۽ اردوءَ تان سنڌي ۾. ترائيل گهڻا نارائڻ شيام لکيا آهن ۽ اهي 'فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فع' وزن تي آهن. هو اُنهن ۾ ڪَن رَس پيدا ڪري سگهيو آهي ۽ اُنهن ۾ سُريلي ڌيمي ڌيمي باهہ آهي. سانيٽ ۾ بہ نارائڻ شيام تجربو ڪيو آهي پر اُهو ناڪام ويو آهي.

ڪلاسيڪي ڪافيءَ ۾ اسان شاهہ حسين، بُلا شاهہ ۽ فريد ملتانيءَ واري رواني ۽ ترنم پيدا ڪري نہ سگهيا آهيون، جيتوڻيڪ سنڌي ۾ ڪيئي ڪافيون لکيون ويون آهن، باقي دوهي ۽ گيت ۾ هندي شاعريءَ وانگر سوز و گداز پيدا ڪري سگهيا آهيون. دوهو هنديءَ جو ڪلاسيڪي شاعريءَ جو حصو آهي ۽ جديد شاعريءَ ۾ ذري گهٽ متروڪ ٿي چڪو آهي. اسان دوهي بيت يا سورٺي کي نئين زندگي عطا ڪئي آهي ۽ ان جي موضوع کي وسعت ۽ گوناگوني ڏني آهي.

**شيخ اياز**

ڪتاب: "سنڌي شاعريءَ جو سفر"

تان ورتل



## نياز پنهور
چانڊشورو

## غزل

هڪ رات بہ مون وٽ جي هو مهمان ٿئي ها،
هن جو وڏو مون تي اهو احسان ٿئي ها.
هن پنهنجي غمن کي رکو سيني ۾ لڪايو،
جي شعر لکي ها تہ ڪو ديوان ٿئي ها.
مان موت کي در تان ئي تڙي يارا! ڇڏيان ها،
جي هن جي اچڻ جو رکو امڪان ٿئي ها.
محفل ۾ سندس لهجي وڏو ڪماءُ ڪري هو،
پر ڪيس اٿي منهنجي وچڻ تي بہ تہ ارمان ٿئي ها.
هن سمجهيو تہ دولت سان مان سڀڪجهہ ئي آهيان،
سڀ ڪجهہ تہ بڻيو پوءِ بہ هو انسان ٿئي ها.
داناءُ ٿيو ڪهڙا فتح ملڪ ڪيائين!
بهتر هو ڪري نينهن هو نادان ٿئي ها.
هو ڪيل ختم پوءِ بہ اچي تون جي وچين،
سڪرات جو لمحو ڪهڙو آسان ٿئي ها.

## غزل

پنهنجي سانول سان وچن جا گيت اڄ،
چو نہ ڳايان مان بہ من جا گيت اڄ.
روح جنهن جي نور سان پُر نور آ،
مون ڇيا چندر بدن جا گيت اڄ.
دل جي ڪاغذ تي وفا جي پين سان،
مون لکيا پنهنجي وطن جا گيت اڄ.
هر پکيءَ کي مون لکي آهن ڏنا،
سنڌ جي سندر چمن جا گيت اڄ.
درد ونديءَ جو وسي پيو ديس اڄ،
گنگنايا مون جمن جا گيت اڄ.
بي ڪلن پوريا ويا وڙهندي مڻا،
’نيازا‘ لک تن جي ڪلن جا گيت اڄ.



## سرفراز راڄڙ
ڪپرو

## غزل

ڪڏهن ٻال دلبر ٿو مون سان ٻلائي،
ڪڏهن مُنهن موڙي ٿو دل کي جلائي.

اسين جي نهاريون، هن بي رُخي سان،
نَڪو لفظ مُنهن مان، نڪِي مسڪرائي.

نہ ڪو درد مُنهن جي جي ءُ ويچار اُن کي،
نہ ڪي زخم دل جي مرهم رسائي.

سڀ ئي دل جا ارمان، دل ۾ رهن ٿا،
ڪبو ڇا وچي حال، ڪنهن کي سُڻائي.

’فراز‘ آهي جيئرو تہ ان آسري تي،
اميدن جون شمعون، ٿو ٻاريو وسائي.

## غزل

ڪنهن طرح سڏيان هتي مان يار کي،
پيار ۾ پنهنجو ڪيان دلدار کي.

جيت ٿئي يا هار ٿئي قسمت ڪتي،
ڪيئن نہ ڪيئن حاصل ڪبو دلدار کي.

جانِ من، منهن ۾ ملي ويو دوبدو،
دوستو حاصل ڪبو ديدار کي.

هي سفينو ناخدا، توڪان سواءِ،
ڪيئن ڀلا پهچي وچي هن پار کي.

واعدو هن پار جو مون سان ڪيو،
پر نہ پورو ڪيو سڄڻ اقرار کي.

سنڌ تان ويا ڪئين بلاول گهورجي،
ويا ڪري پنهنجي امر ڪردار کي.

سِرَ سان آ سانگو ٻَلي خوش ٿي ڪلي،
آبرو منصور بخشي دار کي.

فرقتن ۾ ٿي فنا ويو آ ’فراز‘،
مل تہ حاصل ٿئي شفا بيمار کي.

جمن: استاد محمد جمن

عابد نياز ميمڻ
شڪارپور



## غزل

منظور سيئي مون مون کي تنهنجون تہ جفائون هن،
سمجهان ٿو جفائن ۾ ملنديون کي سزائون هن

هر ناز ادا تنهنجي دل موهي وڌي آهي،
محبوب مٺا تنهنجون وڻنديون جو ادائون هن

هر غم کي مصيبت کي سيني ۾ سمائيندي،
مون کونہ کيون ليکن دانهون کي صدائون هن

هر راهہ محبت ۾ مون ساٿ ڏنو توسان،
هر راهہ ۾ تو ڏنيون جذبن کي هوائون هن

سڀ سُور ستم تنهنجا هِن 'نياز' لڪائيندي،
توسان تہ ڪيون پوءِ بہ هر هنڌ وفائون هن

## نظم

نہ دل ۾ مير رکبا هن،
هميشہ خير رکبا هن،
سکون جا ڍير رکبا هن،
نہ ڪجھ ۾ غير رکبا هن،
بيان حق ڪر زماني ۾،
جي رهڻو ٿي زماني ۾.
نہ ٿي مايوس ڪوشش ڪر،
سچو گلزار ٿيندو ٿر،
پکا ٿيندا ڪچا هي گهر،
ڪندا ڇا غير جا هي گُر،
نہ رهہ ڪنهن جي نشاني ۾،
جي رهڻو ٿي زماني ۾.
غمن کي مات ملڻي آ،
حسين هر رات ملڻي آ،
اسان کي ذات ملڻي آ،
اها خيرات ملڻي آ،
خوشيون رک آشياني ۾،
جي رهڻو ٿي زماني ۾.

ثاقب ابڙو هالائي
هالا

## نئون سال مبارڪ

"راجا ۽ راڻي" نئين سال ۾،
پُراڻي ڪهاڻي نئين سال ۾.
رکو آہ خشڪي رکو آسرا،
ملي شال پاڻي نئين سال ۾.
پُڇي اڄ بہ ڪارج حياتيءَ سندو،
نياڻي نماڻي، نئين سال ۾.
نوان گيت ڏيو ير پراڻي ڪٿا،
ختم شد پڄاڻي نئين سال ۾.
وطن دشمنن تي رکڻ ڪک ڇڏيو،
ڦلاڻو ڦلاڻي نئين سال ۾.
سلامت رهي سنڌ ۽ سنڌ جي،
ثقافت پراڻي نئين سال ۾.

## غزل

اڄ وري ساڳي هوا، ڳالهہ ساڳي، رات ساڳي آ،
غم فراق، ۽ يادن سان، ملاقات ساڳي آ.

چيم دل کي وساري ڇڏ! وساري ڇڏ! ڪهاڻي هئي،
چريءَ دل جي جُدائيءَ ۾ سڄڻ سَڪَرات ساڳي آ.

نہ سي ميلا، نہ سي موجون، مگر چاهت تہ چاهت آ،
شُڪُر آهي خُداوندا، جو حالت ڪا تہ ساڳي آ.

سموريون محبتون ميڙي ڪٺي وئين پاڻ سان پيارا،
اسان خاطر تہ بس يادن سندي بارات ساڳي آ.

فَضُل جي ٿيو وصل ٿيندو، اسان جو نيٺ عُقبيٰ ۾،
دعائن ۾ صدائن ۾ مناجات ساڳي آ.



**الله بچايو مشتاق آريسر**
ميرپور خاص

## حمد پاڪ

تنهنجون لک لک نعمتون، کهڙيون ڳڻي کهڙيون ڳڻيان،
روز شب جون رحمتون، کهڙيون ڳڻي کهڙيون ڳڻيان

تو سڀئي ارض و فلڪ، جنّ و ملڪ پيدا ڪيا،
تنهنجون سڀئي خلقتون، کهڙيون ڳڻي کهڙيون ڳڻيان

وڻ ۽ ٻوٽا، جانور، قدرت سان پيدا تو ڪيا،
سڀئي تنهنجون قدرتون، کهڙيون ڳڻي کهڙيون ڳڻيان

گل ۽ ڦل پيدا ڪري، خوشبو رکي تو ڏار ڏار،
اڻ ڳڻيون ڪئين حڪمتون، کهڙيون ڳڻي کهڙيون ڳڻيان

جيت، جٺيا ۽ جبل، چرند و پرند سڀ ڪن ثنا،
علم جون سڀ دولتون، کهڙيون ڳڻي کهڙيون ڳڻيان

خاڪ مان خلقي تو آدم، سهڻي صورت ڪئي عطا،
تنهنجون اُن سان قربتون، کهڙيون ڳڻي کهڙيون ڳڻيان

اشرف المخلوق چئي، جِنّ و ملڪ سجدو ڪيو
ڏيون عطا جي عظمتون، کهڙيون ڳڻي کهڙيون ڳڻيان

سڀ نبي ٿيا مُقتدي، محمّد سين منهندار ٿيو
تنهنجون اُن سان محبتون، کهڙيون ڳڻي کهڙيون ڳڻيان

تو مِلي محبوبﷺ کي، قوسين کان ويجهو سڏي،
سَر ڪرايون وسعتون، کهڙيون ڳڻي کهڙيون ڳڻيان

عالمِ انسان جا ٿيا، سِلسلن تي سلسلا،
ڏار سيني صورتون، کهڙيون ڳڻي کهڙيون ڳڻيان

اُمتي 'مشتاق' کي، محبوب پنهنجي جو ڪري،
تو جي بخشيون برڪتون، کهڙيون ڳڻي کهڙيون ڳڻيان

ذڪر پيو تنهنجو ڪري 'مشتاق' دل سان روز روز،
سُک سان گذرن ساعتون، کهڙيون ڳڻي کهڙيون ڳڻيان

**بشير احمد هاليپوٽو**
ثابت آباد

## نعت

مبارڪ مرحبا آهي محمّد مصطفيٰ آيو
امام الانبيا آيو سو احمد مجتبيٰ آيو.

خدا مخلوق ساريءَ کي بنايو جنهن جي صدقي سو
مٺو محبوب موچارو نبي نورالهديٰ آيو.

فقط هڪڙو خدا ڄاڻي حقيقت ڄام عربيءَ جي،
بشر جو ويس پائي جو وٽان ربّ العليٰ آيو.

سراسر سوجهرو ٿيو جڳ سڄي ۾ شادماني ٿي،
ختم ظلمت بلاشڪ ٿي جڏهن ڪشف الدّجيٰ آيو.

پنن پڻ پنج ڪٽي ٿا نور جي شمس و قمر جنهن کان،
سراپا نور بنجي سو سڄڻ شمس الضحيٰ آيو.

حسين صورت حبيبن جي ڏسي حيران ٿيون حورون،
بدر جو تاب تابان ڪم ٿيو بدرالدّجيٰ آيو.

بلاشڪ چنڊ چوڏهينءَ جو ڏسيو جا سونهن شرمائي،
بيان ان منهن مبارڪ جو اندر سوره ضحيٰ آيو.

سوالي جنهن جي در تان ٿا سدا جهوليون ڀريو موٽن،
خزانا ڪل حوالي جنهن اهو خيرالوريٰ آيو.

امام التقيا جا اُمّتي آهيون 'بشيراحمد'،
ڀلا ٿيا ڀاڳ پنهنجا سڀ پڙهو صلِ عليٰ آيو.

## اقبال شاهين
جاتي



## غزل

شرافت ۽ صداقت جي ڪمي ڪردار تنهنجي ۾،
ھٽائي چا نٿو وڪجي ڀلا واپار تنهنجي ۾.

شرابِ غم جا اي ساقي ڀري ڏي درد جا ساغر،
پيئڻ جو حوصلو آهي اڃا ميخوار تنهنجي ۾.

خوشي جي مرڪ چپڙن تي غمازي آهي دوکي جي،
فقط پوشيده مطلب ٿو لڳي ويچار تنهنجي ۾.

اکيون انسان جي دل جي سدائين ترجماني ڪن،
لڪل انڪار ٿو پسجي مٿا اقرار تنهنجي ۾.

قيادت جي ضرورت آ حسين ابن علي جي اڄ،
يزيدي انگ آرا پيو ڏسان سردار تنهنجي ۾.

ثمود و عاد قومن جي طريقي ۾ تسلسل آ،
ملي ٿو تور ۾ گھاٽو ۽ ماپو ڌار تنهنجي ۾.

جمالِ حسن دولت جي ڪشش ايمان تي لوڏي،
رکو فنڪار ئي مليا خدا سنسار تنهنجي ۾.

محبت جو صلو ملندو انهي جي آسري 'شاهين'،
هزارين زخم ڪاڏا هن فقط هڪ پيار تنهنجي ۾.

## محمد پارڻ
سجاول



## غزل

جڏهن ٻه نيڻ تو ڪنيا گلابي گل ٽڙي پيا،
ڪلين ۾ آئي تازگي چمن ۾ چنگ چڙي پيا.
حسين ڪائنات جا نوان ٿيا روپ رونما،
جهان ۾ عجيب رنگ جنت سمان جُڙي پيا.
او ڊولڻا او ڊوليا تو راهه ويندا روليا،
ٻه ٻول ڪي جي ٻوليا پکي پکڻ مڙي پيا.
نقاب تو هٽائيو ته مسڪرايو ڪهڪشان،
ٿي آس پوري چنڊ جي ستارا جهٽ ڪڙي پيا.
هلي اچي اوهين مليا غبار دل مٿان لٿا،
اسان ته آجيان ڪئي چنڊا مگر چڙي پيا.
تو جو آرس جي موڙيو، ته جام جڳ ڪي ارپيا،
پارڻ گهٽا پيئڻ بنان خمار ۾ ٿڙي پيا.

## غزل

باوفا هو بيوفا ٿيندو وڃي،
اڄ الائي ڇو خفا ٿيندو وڃي.
ڪنهن سبب انداز هن جو اوچتو
نا مناسب ناروا ٿيندو وڃي.
ناوَ جيون جي ڪناري ڪيئن پڄي،
دور دل جو ناخدا ٿيندو وڃي.
شال ڪامل صحتيابي ڪا ملي،
درد هاڻي لادوا ٿيندو وڃي.
ناز قسمت تي گهڻو هو با خدا،
فڪر فرقت ۾ فنا ٿيندو وڃي.
هي وڇوڙي جو زمانو سخت تر،
ساهه جي لاء سزا ٿيندو وڃي.
آزمائش جي گهڙي ۾ شڪر آ،
عشق رهبر رهنما ٿيندو وڃي.
پيار تي ويساهه پارڻ آ پڪو،
سو وري پختو صفا ٿيندو وڃي.

## اردو اُترادي

ڪنڌڪوٽ

### نظم

منزلون مصيبتون پسي نہ پيار ٽوڙيو،
جي آفتون اچن اڳيان تنهن بہ منهن نہ موڙيو.

جي هٿ هانوَ تي هڻن، ٽڪر ٽڪي پوءِ دم ڪڻن،
ڏسو پرائيو پاهڻن، ڪيئن ٿا ڪنجي بت ٻڻن،
آس تي فرهاد ڪيئن پهڻ پٽ اکوڙيو-
منزلون مصيبتون پسي نہ پيار ٽوڙيو.

ڪيچ ڪاهي هيڪلي ۽ راهہ رڻ ۾ پئي رُلي،
تنهن بہ هن نہ دل پلي، وڃي پنهل سان هوءَ ملي،
اوهان بہ اهڙي سڪ سان هي ناتو نينهن جوڙيو-
منزلون مصيبتون پسي نہ پيار ٽوڙيو.

ڏسي سنڌوءَ جو وهڪرو اوهان نہ عاشقو ڏرو
گهڙا ڪٿي گهڙي ترو ملي ميهار پوءِ هجو
جڳ ۾ جيئرا سي رهيا، جنين ڪي لهر لوڙهيو-
منزلون مصيبتون پسي نہ پيار ٽوڙيو.

جي سين ڪان هي سبق سکو تہ پير پيار سان رکو
ناڻ نينهن سان لکو هي چاش چاهہ سان چکو
اٽل اڏول 'اُرڏا' ٻڌجي پيار سان پتوڙيو
منزلون مصيبتون پسي نہ پيار ٽوڙيو.



## نم ناز

ٽنڊو جان محمد

### غزل

مظلوم جي ڪري جو، وڪالت وري وري،
گهرجي اسان کي اهڙي، قيادت وري وري!

هن ملڪ جي ماڻهن مان، جو غربت ڏکي ڪڍي،
هردم پلي ڪري سو، حڪومت وري وري!

تاثير گفتگو جي، ماکي کان آ مٺي،
مون کي کپي ٿي اهڙي، شفاعت وري وري!

هر درد جي دوا ٿي ملي، منهنجي پير کان،
تنهن پير جي هلي ڪر، زيارت وري وري!

مسڪين جون خطائون، ڪري معاف تو ڇڏيون،
اهڙي رهي اسان تي، عنايت وري وري!

وارث ڏٺي تون آهين، منهنجي سر ۽ ساهہ جو،
خادم کان ڇو گهُرين ٿو اجازت وري وري!

آ ڏاج عاشقن جو، سهڻ طعنا لوڪ جا،
سِر تي پلي وسي پئي، ملامت وري وري!

حاصل ڪري وٺان مان، دنيا جو تہ هر هُنر،
رب کان ملي ڪا اهڙي، مهارت وري وري!

بيڪار بندگي، ٿيو وڃي ٿي غرور ۾
رب جي عجز ۾ ٿئي ٿي، عبادت وري وري!

تنهنجي تہ هر خطا ڪي، ڪيو مون آ درگذر،
پر دل ۾ تون رکين ٿو، حقارت وري وري!

ويئي چمار گذري، نہ ٿيو ڪم ثواب جو
هاڻي ڪريان ٿو خود تي، نِدامت وري وري!

دين محمد 'سُجاڳ' پلي
لطيف نگر



### سيف الله خالد 'سيف'

ڳالھ جو گلزار گل ڦل، شعر جو سينگار سيف،
ٿو لڳائي دل مٺان گفتار جي درٻار سيف.

ڪهڪشان ۾ ڪئين ڏئم پر چنڊ جو چمڪڻ هيو،
چانئجي ويٺو اٿئي اسٽيج تي هر بار سيف.

گفتگو ڪردار ۾ مون پروڙيو پرجهيو،
هو ثقافت سنڌ جي تهذيب ۽ اقدار سيف.

دل گھٽيرن جي ڪٿي پنهنجين ادائن سان ويو،
ڪيئن پڇون ڪنهن کان پڇون هليو پراهين پار سيف.

زندگي ۾ مون ڏٺا آيا ۽ ايندا پيا هيا،
يار يارن کان مٿا پر مختلف هو يار سيف.

ٿڪ هئا يا ڇهڪ هئا سو درد وارن کي پتو،
پر پراهين سفر لئہ، ٿي لڳو تيار سيف.

در ڪليل اوطاق جو، دل جو ڏٽي هو بادشاھ،
آجيان سان دل ڪٿي ڇاتي ڪري ڪينگار سيف.

هو لطيفن جي لطافت جو خزانو اڻ ميو،
دوستن جي هر خوشي لئہ سان هو سينگار سيف.

نشستن تي نشستون اڄ بہ خوابن ۾ 'سجاڳ'،
اڄ بہ سپنن ۾ خيالن ۾ لهي ٿو سار سيف.

لطيف حيدر
.......

## غزل

دردن کي اوهين ڇئجو، اسان جا در نہ کڙڪائي،
هاڻ ٿي مس مس سُتا آهيون، مستن کي نہ جاڳائي.

اسان ٿوهر کي ڳيتو آ، اسان هي زهر بہ پيتو آ،
دردن کي اوهين ڇئجو سُقراط کي نہ آزمائي،
دردن کي اوهين ڇئجو، اسان جا در نہ کڙڪائي.

اسان کي شام جا پاڇا آتر ۽ لاڙ ۽ ڪاڇا،
دردن کي اوهين ڇئجو، ٿي واڳون نہ ڳڙڪائي،
دردن کي اوهين ڇئجو، اسان جا در نہ کڙڪائي.

اندر ۾ عشق جا اولا، بره ۾ باھ جا شعلا،
دردن کي اوهين ڇئجو، دوزخ کي نہ ڀڙڪائي،
دردن کي اوهين ڇئجو، اسان جا در نہ کڙڪائي.

اڏي تي هي اکيون آهن ۽ سولي تي اهي سپنا،
دردن کي اوهين ڇئجو ڦندي تي نہ لٽڪائي،
دردن کي اوهين ڇئجو، اسان جا در نہ کڙڪائي.

کهڙي هي چوٽ کاڌي آ، اسان بس موت کاڌي آ،
دردن کي اوهين ڇئجو، حسينن سان نہ اٽڪائي،
دردن کي اوهين ڇئجو، اسان جا در نہ کڙڪائي.

'لطيف حيدر' آ ساڙيل، ۽ موکي مڌ جو ماريل،
دردن کي ڇئجو، تاڙي ڏئي نہ تڙپائي،
دردن کي اوهين ڇئجو، اسان جا در نہ کڙڪائي.



'مصروف' محمد حسن چانڊيو
ڪنري

## غزل

اسان تي يار چانئوڪي،
ڪري ٿي وار چانئوڪي

سوا تنهنجي سڄڻ آهي،
پرين سان بار چانئوڪي

ڪٿي پڄندي صنم توکي،
ڪري سينگار چانئوڪي

پڄي ٿي روز ڏس مون کان،
اوهان جا پار چانئوڪي

اڃي دل کي آهي گهيريو
دلي دلدار چانئوڪي

اڃان توئي ڏٺو ناهي،
مٺو منٺار چانئوڪي

وصل جي رُت وري آهي،
ڪريو ڪو پيار چانئوڪي

ملي من کي خوشي تڏهن،
ٿين ديدار چانئوڪي

واري جي وار تو واريا،
وڏي مهڪار چانئوڪي

ڀري ٿي حاضري تنهنجي،
صنم سرڪار چانئوڪي

ملڻ جو آ ڪيو مون سان،
وري ويچار چانئوڪي

مٺو 'مصروف' اڄ ايندو
سڄڻ سردار چانئوڪي

◙

ذوالفقار ٽالپر
جهڏو

## غزل

الفت ڪونهي انڌيرو آهي
سوچن تي ڄڻ پهرو آهي

جنهن جا جذبا نازڪ آهن
زرد انهي جو چهرو آهي

دولت دنيا ۾ ته رکي ٿي
سمجهن کي پنج سيرو آهي

ساٿ ڇڏي ويو هڪڙو ساٿي
وقت جو ويري ڦيرو آهي

ڪلفت ڪينو ڪون رکون ٿا،
هن جو مَن چو ميرو آهي

## غزل

وڻا جي ته وچڙي پيارن جي ڳولا،
اسان کي ته آهي سهارن جي ڳولا.

سدا سک ملڻ جي اکين آ ته سانئي
اوهان جي ته نرمل نهارن جي ڳولا.

اُداسين جي ٻارن ڇڏيو جيءُ ته جهوري
مِٺا آهي من کي بهارن جي ڳولا.

ڪڏهن ڪونه مرڪيو منهنجو هي مَنڙو
جَڏي جيءَ کي يارن جيارن جي ڳولا.

پليو پيار پنهنجو انڌيرن ۾ سائي
چَمين کي ته چنڊ سان، ستارن جي ڳولا.

◙



## زين ڪوسو

.....

### غزل

گمنام رهڻ ٿو چاهيان،
هڪ مام ٿيڻ ٿو چاهيان.
جو سونهن ڏسي دنگ رهي،
سا هام هڻڻ ٿو چاهيان.
محبوب ڳلي محبوب جي،
سا گام گهمڻ ٿو چاهيان.
سرهاڻ پري ڪا دوستي
مان شام ٿيڻ ٿو چاهيان.
ڪا پاڪ ٿيان پوشاڪ مان،
احرام ٿيڻ ٿو چاهيان.
جو آگ اجهائي دل جي،
سو جام پيئڻ ٿو چاهيان.
توتي نہ لڳي، سر تي،
الزام کڻڻ ٿو چاهيان.

### غزل

ڪوڪ ڪنائي ڪو تہ اسانجي،
جان ڇڏائي ڪو تہ اسانجي.
روز لڪئون ٿا ڳالهہ اهائي،
سوچ مٽائي ڪو تہ اسانجي.
ڪن ۾ قاتل پيار جي ٻيڙي،
پار لڳائي ڪو تہ اسانجي.
باهہ ٻري ٿي دل جي اندر،
آگ اجهائي ڪو تہ اسانجي.
دود دکي ٿو ديس سڏي ٿو،
تند تپائي ڪو تہ اسانجي.
پاڻ تہ ناهيون ڪنهن بہ ڳڻپ ۾
ڳالهہ ڳڻائي ڪو تہ اسانجي.



## ساگر علي ميراڻي

نوابشاهہ

### غزل

اسان کان پيارا چنو نہ رشتا،
هي پيار وارا چنو نہ رشتا.
ازل کان جيڪي ڳنڍيل رهيا هن،
اُهي سهارا چنو نہ رشتا.
گناهہ ان کان وڏو نہ هيو ڪو
ٻڌو خُدارا چنو نہ رشتا.
حسين آهي حيات جن سان،
اُهي سونهارا چنو نہ رشتا.
فضول جهيڙا فساد آهن،
ڪري ڪنارا چنو نہ رشتا.
چوي ٿو ’ساگر‘ هي چنڊ روئي،
چون ٿا تارا چنو نہ رشتا.

### غزل

جڏهن کان پرين هن ڪيا فاصلا،
تڏهن کان منجهيل ٿا رهن حوصلا.
انهيءَ ئي فڪر ۾ رهان ٿو پيو
ڏکيا زندگيءَ جا وڏيا مرحلا.
نئين ڳولهي دنيا وڃين اُت رهان،
هتي جا ڪري سڀ ختم آسرا.
ڏسان پنهنجو چهرو ڀلا ڪيئن مان،
ٽنل چوطرف هن رکيل آئينا.
اچن درد ’ساگر‘ ٿا ڪاهون ڪري
وڃن دل جي دنيا ڪري ڪربلا.

## شاهه مردان شاهه
چاچڙو



### غزل

ٿيا شاد آباد، ياور يگانا،
ڏنا جام ساقي، چڙي ڳل بهانا.
سوين ساز سرندا ۽ واڄا وڄي ويا،
وڳي ڇير ڇم ڇم، ٿيا ناچ گانا.
اميدن جي دنيا، رسي اوج تي وئي،
ٿيا شوق جا شغل ۽ شادمانا.
اچي سڪ وارن، سندو ساٿ سهڙيو،
لهي شاعري جا، پيا ڪارخانا.
وٺا ماڻڪن مينهن، محفل ۾ موتي،
"گلي خير سان ويا، خوشين جا خزانا."
ڇُڪو چاهه وارو مليو آهه 'مردان'،
چڙهيو رنگ محفل تي، آ شاعرانا.

### ڪافي

جي قول ڪيئي، سي پارين ها،
وڃي ديس پنهنجي، نہ وسارين ها.
تو اڄڻ جا هٿا انجام ڪيا، سي وعدا وصالي ڪيڏانهن ويا،
ڏنل سور لوهانجا نباهڻا پيا، ڪنهن واڳ وصال جي وارين ها—
جي قول ڪيئي—
اچن رس رهاڻيون ياد جنهن، وسي اکڙين مان ٿو ڏايو آب تنهن،
پري قرب قدم اچي يار ڪنهن، پنهنجو مُنهڙو مٺا تون ڏيکارين ها،
جي قول ڪيئي—
اچين اڱڻ تي ها دلدار پرين، لهي وڃن ها سڀ آزار پرين،
ڪيڏو خوش مان ٿيان ها يار پرين، مَئي محبت جي ڪا پيارين ها،
جي قول ڪيئي—
ڪري ڪرم وڏا اچ يار وري، هِت ڳڻتين ۾ ويو آهيان ڳري
ڏيئي سهڻا سير سورن جي پري، هينئن 'مردان' کي نہ مارين ها،
جي قول ڪيئي،

## زاهد ڪنڀار
ٽنڊو جان محمد



### غزل

پير تي رک پير لوين،
چاهتان جا ڍير آوين!

مين ميارن کون ڏيسان،
پل پرين ڪر دير لوين!

پيار دي هن کوڙ ويري،
ڏي نہ ڇيري ڇير آوين!

تون سياڻا صاف دل هين،
رک نہ ڪنهن لئي مير آوين!

انتظاري هي اِهائي،
چا خبر ڪا خير آوين!

دشمنا دي تون چنبي چون،
آپ کون ئي سِير آوين!

رک وڏا هَڻ حوصلا تون،
ٿي پرين تون شير آوين!

تون پنهل هين سردا سائين،
ڏور چڏ سڀ ڏير آوين!

تيڏا 'زاهد' تيڏا رهسي،
ڪر ويريان کو زير آوين!

عاجز چنو
اڏيرو لعل اسٽيشن

## غزل

سوالن ۾ اٽڪي جوابن ۾ الجهي
پئي زندگي آ عذابن ۾ الجهي

ڪجي ڪونہ ڪجھ پي لچي دل هئي ڏاڍي
وئي اڄ تہ سانئڻ حجابن ۾ الجهي

خطائن جي دلدل ڇڪيو دوزخن ڏي
عبادت اسان جي ثوابن الجهي

انهيءَ سحر ۾ ڏس پڌي ٿي تري ٿي
نظر پنهنجي اهڙو نقابن ۾ الجهي

پڙهڻ لاءِ ڪوئي نٿو ست ساري
رني شاعري آ ڪتابن ۾ الجهي

جڏهن پاڻ ويهي ڪيم ليکو 'عاجز'
حياتي سڄي آ حسابن ۾ الجهي

## غزل

پنهنجي پاڪر ۾ ڀري ڇڏ
يا تہ رُسوا ئي ڪري ڇڏ

چنڊ چانڊوڪي ڇٽي ۾
روشني تورو هري ڇڏ

پنهنجي احساس سندي تون
مون ۾ خوشبو ڪا ڀري ڇڏ

مرڪ مک تي رک سجائي
درد پاڇي کان پري ڇڏ

ڪٽڪ ڏاڏان جيئن ڇڪي ۾
ڏيل منهنجو ائينہ ڏري ڇڏ

خيال پنهنجا هاڻ 'عاجز'
دل جي ڌرتي ۾ ڌري ڇڏ

دانيال رنگريز
ميرپور بٺورو

## غزل

ڦول ٽڙيا وري کيت ڪِڙيا پرين
آ تون بہ وري محب مِڙيا پرين

نيڻ نيڻن مليا ڪيپ جاڳي پيا
سونهن تنهنجي ڏِسي مست ٿيڙا پرين

مست ڪينجهر هئي شام ٿڌڙي هئي
سَرد جُهوٽا لڳا پير ٿِڙيا پرين

يار لو همسفر درد منهنجا وٺا!
رات روئي ڏنو ڦول رَڙيا پرين

سانت دانيال جو ياد تون پي ڪجان!
پِرت توسان هئي جيءَ جڙيا پرين

## فراخ جانوري

لاڙڪاڻو



# غزل

پلپل آهن پور،
سپرين ساهه پساهه ۾!
درد اوهان جا ڏاڍلا، سانڍيان سڪ مان سور-
سپرين ساهه پساهه ۾!
هڪڙو ماڻهو تو رکي، ڪيڏا ڦريم ڪلور-
سپرين ساهه پساهه ۾!
خواب خوشين جا ڪيترا، جُهري ٿيا هن جهور-
سپرين ساهه پساهه ۾!
سونهن اوهان جي پيار جا، مهڪايا مذڪور-
سپرين ساهه پساهه ۾!
"سنڌوءَ جي ساڃاهه" هن، اڀيا شوق شعور-
سپرين ساهه پساهه ۾!
داد بنا پيا 'جانوري'، تڙپن ٿا محبور-
سپرين ساهه پساهه ۾!

# غزل

لب تي مينگهه ملهاري آهي، دل ۾ يادن- ڏياري آهي
تنهنجي سُندر سپنن سان مون، عمر سجائي ساري آهي
وڻ وڻ ڪي برسات چُميو آ، مهڪيل ٽاري ٽاري آهي
کهڙي مُنهن سان مرڪان آئون، جيجل سنڌ ڏکاري آهي
هن جا انگ سجيلا اهڙا، ڄڻ ته گلن جي ٻاري آهي
تو ڌاران ڄڻ هيءَ حياتي، ٿر جي تلسي واري آهي
گل ڦل آهن نيڻ ڪٽا پر، ڪا ڪا اک ڪتاري آهي
روز وڃي ٿي مون کي 'فراخ'، ڄڻ ته جدائي آري آهي!

## سليم رضا

ٽنڊوجان محمد



# غزل

وقت جي ورتاءَ سان، هيٺو نه ٿي
پرجي ويندءِ ڪماءَ سان، هيٺو نه ٿي

ڪر همت فرهاد جان، سنگريز بڻ
عشق ۾ پڇتاءَ سان، هيٺو نه ٿي

جنهن ۾ هَل آ، ڪوڙ ۽ دولاب جي
تون انهي ڳالهاءَ ڪان هيٺو نه ٿي

ڪرم لوهه ڪَٽيو وڃي ٿو هوش ڪر،
تون اندر جي تاءَ سان هيٺو نه ٿي

جو هلاڪي راڄ چرهٽ جيئن سڄو
اهڙي عاليجاه ڪان هيٺو نه ٿي

توکي منهن ڏيڻو آهي طوفان سان،
عارضي لن واءَ سان هيٺو نه ٿي

پير جا وڃندي رهي ٿي جنگ جي،
تون انهي پڙلاءَ سان هيٺو نه ٿي

سازشون هر پل زمانو ٿو ڪري
تون 'رضا'! انياءَ سان هيٺو نه ٿي



## حاڪم ٽوناري

.................

### غزل

تنهنجي نہ اچي ساڻ اهو ناممڪن
توڪان جي ٿيان ڌار اهو ناممڪن

مون پڪ آ پري ڪان ئي سڃاڻان ٿو سچڻ کي
پي ڪنهن ڪان پڇا پار اهو ناممڪن

شيشي کي ٽٽڻ ڪان پوءِ ملايو ئي وڃي ٿو
ظاهر نہ ٿئي ڏار اهو ناممڪن

وڙهبو تہ ڪلي ڪاڻ وڙهي حق وٺبو
لڪي جي ڪيان وار اهو ناممڪن

نانگن جا ٻچا نانگ ڪڏهن مور نہ ٿيا هِن
ڪميءَ کي اچن وار اهو ناممڪن

وڏا ۽ چڱا ڪوڙ ڏنا قوم قبيلي
چڱن ۾ چنبا چار اهو ناممڪن

وچن مون ڪيو يار ڪبو بس هڪڙو
هر جاءِ ڪيان يار اهو ناممڪن

اکين مان وهي نار جڏهن ڳل تي ڪِرن ٿا
تنهنجي نہ اچي ساڻ اهو ناممڪن

ڏسبو تہ سرِ عام ڏبو سر سنڌ تي
حاڪم ٿي هٽان ٻاڙ اهو ناممڪن

## حاجي خان ملاح

سڪرنڊ

### ڪافي

چنڊ چهرو ڏسي دل ٿي منهنجي ٺري
پوءِ تڏهن ڪان پرين منهنجي ناهي سري
پڪ ڏي تون پرين ڪڏهن ايندين وري

جيئن پياسو فصل طلب پاڻي ڪري
تيئن تولئہ دل تنهنجو درشن گهري
پڪ ڏي تون پرين ڪڏهن ايندين وري

هير اڪري ويا اُتما نڪري پيا
دل مان دردن پريا سور نسري پيا
پڪ ڏي تون پرين ڪڏهن ايندين وري

توڏي تڪيو تڪيان راهہ جلوي ڏسان
سڪ ۾ ساهہ ٿي سڏڪي ڏيان
پڪ ڏي تون پرين ڪڏهن ايندين وري

ڊير ڏک جا ڏئي وئين جُدائي ڪري
تو سوا ڪيئن حاجيءَ جي جانب سري
پڪ ڏي تون پرين ڪڏهن ايندين وري



رمضان ميمڻ

مڪلي- ٺٽو

## غزل

زندگيءَ جي درد جو درمان آهي زندگي
زندگيءَ جو مرتبو ۽ مان آهي زندگي

خواهشن جي اهميت تي سوچجي ٿو جيڪڏهن
هڪ وڏو اعزاز ۽ احسان آهي زندگي

هڪ طرف مون کي لڳي ٿي هوبهو پٿرن جيان
ٻي طرف ياقوت ۽ مرجان آهي زندگي

شهر واهڻ عشق جو اعلان آهي زندگي
حُسن جي تشهير جو سامان آهي زندگي

قاتلن جي وستين ۾ نفرتن جي ويس ۾
رحم آهي پيار ۽ رحمان آهي زندگي

زنده هوندي ٻي رهون ٿا هم نشين! مُردن جيان
زندگيءَ کان تنهنڪري نالان آهي زندگي

زندگيءَ جو پوءِ ٿي ’ميمڻ‘ ڪري ٿي حق ادا
جي درنده ناهي پر انسان آهي زندگي

◙

برج لال بيوس

دادو

## غزل

تون سدائين رهه مون سان گڏ لالڻ
تون سدائين ويهه مون سان گڏ لالڻ

توکان سواءِ رهي ڪونہ سگهان پرين
تون تہ رک هي موهه مون سان گڏ لالڻ

دل جي بہ تمنا اها هيءَ آهي
آهي هيءَ اڄ واهه مون سان گڏ لالڻ

آ نہ منهنجو ها پرين تو ۾ اڄ مَنُ
آهي هي بہ تہ ساهه مون سان گڏ لالڻ

پل بہ پل پل ٽر نہ تون ٿي مون کان
تون سدائين رهه مون سان گڏ لالڻ

پياڪ آهيان پيار تنهنجي جو جاني
تون سدائين رهه مون سان گڏ لالڻ

◙



## سيد فخرالدين شاهه

سوڀارو- مِٺي

## غزل

اسان جون عرش تي اوجهون خدا ويجهو وڃن پيئون،
ڪرڻ اسلام کي زنده ڪفن سر سان ٻڌن پيئون

مجاهد مرد آهيون ۽ هڻون ٿا حيدري نعرو
اسان جا تيز تلوارون، برابر بت ڀَڃن پيئون

اسان خالد، اسان طارق اسان ئي ابن قاسم ٿي،
اسان کان دشمنانِ دين جون دليون ڪنبن پيئون

اسان محمود غازي ٿي ڏني شهه سومناتين کي،
ڪرڻ برباد باطل کان شمشيرون سِڪن پيئون

سان فارقي ’فخرالدين‘، اسان سلطان ايوبي،
اسان جي عدل جون ڳالهيون جهانگيري هلن پيئون

## غزل

وياسين جي وڃڙي نہ موٽي ملياسين،
جتي تو ڇڏيو هو اتي ئي رهياسين

سفر زندگي جو اڌورو اڌورو،
نہ تنهنجا ٿياسين نہ پنهنجا رهياسين

سيئي سانگا لوڙي، اسانگا پلياسين،
تڏهن حال پنهنجا وڃائي ڇڏياسين

ڏٺوسين مزو ملڪ تنهنجي ۾ ناهي،
ڇڏي شهر تنهنجو اجها ٻيا اڏياسين

’فخرالدين‘ اهڙي فراقن ڦٽي دل،
مري جي، مري جي، مري جي بچياسين

◙



## ميرزا دبير

حيدرآباد

## نعت

توتي صلوات و سلام الله تا روزِ پسين،
رحمة للعالمين يا رحمة للعالمين

صاحبِ يٰسين و طٰ قُل ڪفيٰ و اِنما،
شافع روزِ جزا آهين شفيع المذنبين

رهنما و مقتدا و پيشوا بحرِ عطا،
ٿا رهن تنهنجا سلامي انبيا و مرسلين

خلق خالق جا ڪئي تخليق آهي خلق ۾
تنهنجي ئي صدقي ۾ اي محبوب رب العالمين

عرش پهرين، معليٰ ٿي ويو ان وقت کان،
تو قدم پنهنجا رکيا ان تي جڏهن سلطان دين

جِنَ ۽ انسان، مَلَڪ غِلمان سان مخلوق سڀ
تنهنجي دَر آهي سوالي سر نوائي باليقين

صاحب شَقَ القمر شمس الضحيٰ بدرالدجيٰ
تون ئي انوار هُدا تون ئي هدي للمتقين

تنهنجا نيڻن ٺار زهرا و علي ابنا هُما،
تنهنجي مدح و منقبت ۾ آهي قرآن مبين

رحم ڪر تون، رحم ڪر تون، رحم ڪر تون، رحم ڪر،
خاص رب العٰلمين يا رحمة للعالمين

مدح خوان تنهنجو ’دبير‘ اُن تي بحق فاطم،
هڪ نگاهه لطف ڪر هڪ هڪ دعا اُن جي سُڻين

◙

ڊاڪٽر رضي محمد 'رضي'
ترجمو: اسد 'جمال' پلي*
عمرڪوٽ



## غزل

'ڪمڪ' طلب هئي هيءَ دل، حلقۂ گمان ۾ هئي،
جُهڪيو جو سِرُ ته پوءِ، معبود جي امان ۾ هئي.

نجات بنجي اُها ڳالهه، اوچتو ڪتان ٿي عيان،
نه منهنجي قلم ۾ جيڪا، نه ئي بيان ۾ هئي.

خدا ڪان، مون ڪان سوا ٻيو، نه ڪجهه هئو موجود،
هڪ هستي وجود جي احساس سان درميان ۾ هئي.

عدم سان ناهي تعلق جو، هن وجود جي مِٽي،
نمودِ ذات ڪان پهرئين ئي داستان ۾ هئي.

جلاوطن جو ٿيس، حلقۂ اطاعت مان،
سندم سنڀال تڏهن ٻي، حلقۂ امان ۾ هئي.

خوشي جا، پير پَٽِيَن واري ڪي، هئي صحرا ۾،
نه هئي سا ڍنڍ ڪناري، نه سائبان ۾ هئي.

هئا زير پا، محمدؐ جي، لعل گوهر و تاج،
سندئي حبيب جي عظمت، عجيب شان ۾ هئي.

انهي ڪي خوفِ عذابِ و ثواب، گهٽ هئو 'رضي'،
رضائي رب ۾ مگن دل، عجب ڏيان ۾ هئي.

## غزل

جهڪيس جڏهن به، هادي ذيشان جي طرف،
ناڪاميون ڦري ٿيون، امڪان جي طرف.

سمجهڻ ڪان اڳ ۾ دعويٰ اُلفت فضول آ،
سَڃاڻي رسولؐ، پوءِ اچو ان شان جي طرف.

ڪيئن ٿا وڏي سگهن هي، سندئي پوئلڳ سچا،
علم و هنر ڪان عاري، هيجان جي طرف.

ٻئي گس لڳن هلڻ ۾ هڪ جهڙا ٿا صفا،
آل نبيؐ طرف يا قرآن جي طرف.

چوڪس ٿيو آ، حڪم الاهي تي جبرئيل،
نيڻن مان لڙڪ لڙيا، دامان جي طرف.

جيسين نه علم و عقل ۾ انصاف آهِ گڏ،
سوچي ٿو ڪيئن، نبيؐ جو نيشان جي طرف.

پهرين دل و دماغ آ، ڏيکاري راهِ حق،
پوءِ هو هليو، اوهانؐ جي عنوان جي طرف.

بيعيت هو چا ڪندا، جي هلندا هئا هر گهڙيءَ
آگر جهلي، ناناؐ جي، قرآن جي طرف.

مونجهارا زندگي جا 'رضي'، جڏهن ٿا اچن،
ان دم ٿي اک ڪجي ٿي، فرمان جي طرف.

* (اردو، جي معروف شاعر محترم ڊاڪٽر رضي محمد 'رضي' جي تازي شاعري جي مجموعي "بوڑھے برگد کی آخری گفتگو" جي ٻن غزلن جو سنڌي ترجمو)



**بهادر ٽالپر**
بدين

# هڪ ٻُڍڙي جو خواب

ڪنوڻ جي چمڪاٽ سان مينهن شروع ٿي ويو ته ٻُڍي شخص لُوهه پلتي رات جهڙي ڪاري ڪٽ جهوپڙيءَ ڏانهن.... جنهن کي ڪنوڻ رکي رکي ائين روشن ڪري رهي هئي، جڻ ڌرتيءَ تي ڪنهن ڪڪر جو منظر پيش ڪندي هجي....!! اوچتو آڪاس ۾ ڌماڪو ٿيو ته ٻُڍڙي جا ٻئي وارا پيرسنيءَ سبب سُن ٿي ويل حواس وري سجاڳ ٿي ويا....! هن پنهنجا ٻئي هٿ ائين ڪنن تي ڏنا.... جڻ آذان جو وقت ٿي ويو هجي...!! ٻڍڙي ڪنهن سمي پنهنجي پوٽي جي ڪنن ۾ آذان ڏني هئي.... ته ڪيس ورندي رات خواب ۾ خدا آيو هو.... ۽ ڪيس چيو هئائين: ”تنهنجي جواني ۽ تنهنجي پٽ جي جواني انهي آذان جي نالي ڪئي وئي آهي....۽ تمام جلد اوهان کي ان جو اجورو ڏنو ويندو...!!“ ٻُڍي پنهنجا ٻئي هٿ ڪنن تان لاٿا ته ڏٺائين هٿن جي سيني آڱرين ۾ رنگبرنگي منديون جرڪي رهيون هيون.... ۽ ڪنوڻ جي چمڪاٽ سان ويتر وڌيڪ ٿي چمڪيون....!!

ٻُڍو جهوپڙيءَ جي داخلي گهٽيءَ جي اندران ڪنوڻ کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.... اڳي هُو ڪنوڻ کي ڏسندو هو ته اکيون پورجي وينديون هئس.... پر هن ويل هُو پوري قوت سان ڪنوڻ جو مشاهدو ڪري رهيو هو.... جنهن مان ڪڪر ماٺهن جيان سروٽيون ڪٽي ڪيس ڏسي رهيا هئا...! هُو جيتوڻيڪ ڪيترن ئي ماڻهن سان ملاقات جو متمني هو... پر اتفاق سان سندس جهوپڙي اهڙي ويرانيءَ ۾ هئي... جتي فقط پکي پکڻ، جيت جڻيا ۽ ٻيا جانور اچي وڃي ٿي سگهيا.... البت اتان ڪنهن انسان جو گذر نه ٿي ٿيو....! ٻڍڙي وري پنهنجي پلسي واري ڪيسي مان سندس پوٽي پاران ڏنل آرسي ڪڍي ڪنوڻ جي چمڪاٽ تي پنهنجو چهرو ڏٺو.... سندس چهري تي آسماني نور چمڪي رهيو هو...! هُو آئيني ۾ پنهنجو پاڻ سان مرڪي ان خواب کي ياد ڪري رهيو هو... جنهن ۾ خدا وٽس آيو هو.... ۽ ڪيس بشارت ڏني هئائين.. هُن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا... ڪنوڻ جي چمڪاٽ سان ڪڪرن به ساڻس گڏ روئي ڏنو...!! اوچتو جهوپڙيءَ کي برسلتي طوفان اڏائي الائجي ڪٿي ڪٽي ويو.... ۽ ٻڍي جون اکيون اتي جو اتي پر ٻُڍڙي جو خواب ڪيترائي ورهيه پوئتي رهجي ويو.....!!!

◙

**مير سجاد اختر ٽالپر**
ٽنڊو جان محمد



# ٻه ڪهاڻيون

## (1) ڪُنڊي

سليم پنهنجي ڪئبن کي بند ڪري، عشاءَ جي نماز باجماعت پڙهي، پنهنجي گهر آيو ته صفوران بجليءَ جو بل هٿ ۾ ڏيندي چيو ته:

”اِجهو رهيل باقي جيڪا ڪسر هُئي سا انهن پوري ڪئي.“

سليم بجليءَ جو بل ڏسي پريشان ٿي ويو.

”مار! هيءُ ته تمام گهڻو آهي...... اهڙي ڪهڙي اسان وٽ لٽي جي چڪي پئي هلي......؟“

بل کي بار بار ڏسڻ ڪانپوءِ سليم پنهنجيءَ زال کي چيو.

زالهنس، مڙس جي ماني کٽي اڳيان رکندي چوڻ لڳي ته:

”ڏس نه..... ٻه ٽي سيور، هڪ پنکو ۽ پاڻيءَ جي موٽر جو بل 30000 هزار روپيه..... ظلم آهي يا نه......!!؟“

سليم گلاس جي پاڻيءَ سان هٿ ڌوئيندي وراڻيو:

”صُبح يادگيري سان مونکي ڏجين ته آفيس ۾ وڃي ڪو فرياد ڪريان.“

صفوران سامهين کٽ تي ويهندي چيو:

”پوءِ ڪيئن ڪنهن جي حوالي ڪندين......؟“

سليم، صفوران ڏانهن نهاريندي چيو:

”نيڪ بخت، جي ڪئبن جي ڪندس ته هي واپڊا وارا ڪئبن ئي وڪڻائي ڇڏيندا، پهرين هنن مان جان ڇڏايون، پوءِ ڪيئن جي ڪريون ٿا....“

ٻئي زال مڙس، بل جي ڪري پريشان ٿي پيا هئا، سليم ٻئي ڏينهن فجر پڙهي، قرآن پاڪ جي تلاوت ڪري، نيرن ڪري، پهرين فُرصت ۾ بس تي چڙهي، اچي واپڊا آفيس پهتو. سامهون سامهون وڏن اکرن سان ”ڪمپلين سينٽر“ لکيل نظر آيس، سِڌو ان ۾ گهڙي ويو ته اُتي ٻه همراه چانهه بسڪٽ کائڻ ۽ گپ شپ ۾ مصروف نظر آيس.

”سر، مُنهنجو بِل غلط آيو آهي، سو دُرست ڪرائڻو آهي.“

سليم ميز وٽ بيهي چيو.

انهن همراهن مان هڪ ڄڻي سليم کي گهوريندي چيو:

”صاحب اڄ آيو ڪونهي، موڪل تي آهي، سُڀاڻي اچجان.“

سليم وراڻيو:

”سر، پري کان آيو آهيان، اوهان ئي ڪُجهه مهرباني ڪريو......“

ساڳئي همراه سليم کي ڇڙٻيندي چيو:

”هڪ ڀيرو ڳالهه سمجهه ۾ ڪونه ٿي اچئي ڇا....؟... هينئر هل، صبح جو اچجان.“

سليم مايوس ٿي ٻاهر نڪري آيو، سليم ائين هفتو ڪن آفيس جا چڪر ڪاٽيندو رهيو ۽ آفيس وارا ڪو نه ڪو بهانو ڪري هن کي ٽرڪائيندا رهيا، اتي ويٺل پٽيوالي سليم کي هفتي ڪان چڪر ڪاٽيندي ڏٺو ته هڪ ڏينهن چيائينس:

”ڳالهه ٻُڌ پائو، بل تنهنجو گهٽجي ويندو، ڪجهه خرچي پاڻيءَ جا پيسا لڳندا پوءِ آئون ڄاڻان، آفيس ڄاڻي.“

سليم ڳالهه ٻُڌي هيڪر ته تعجب ۾ پئجي ويو، حيرت ۽ ڏک گاڏڙ لهجي ۾ چيائين:

”يار جي پيسا هجن ها ته هيترا چڪر آفيس جا ڇو ڪاٽيان ها....؟ پر آئون ناحقي بل ڇو ڀريان جڏهن ته مون ايتري بجلي ساڙي ئي ڪونهي....“

جي بجلي ٺي ڪٽجي ويا. نيٺ سليم پنهنجي گهر جي ڇت تي چڙهي، گهر جي مٿان ويندڙ بجلي جي تارن ۾ پنهنجن ڏڪندڙ هٿن سان، بانس جي ذريعي ڪُنڍي هڻين ۽ درياهه پيسا ارباب کي ڏيڻ شروع ڪري ڏنا.

## (2) چريو

هُو فضلو چرئي جي نالي سان پوري علائقي ۾ مشهور هو، هُن جو نه گهر هو نه گهاٽ.... هُن لاءِ ڏينهن ۽ رات ۾ ڪو فرق نه هو، سڄو ڏينهن پوري علائقي ۾ گهمندو وتندو هو، جتي ٿڪي، اُتي سمهيو پوي، الائي ڪيترن ڏينهن کان وهنتو ئي ڪونه هو، گرو، گدلو ٿيو پيو گهمندو هو، ڪنهن ماني ڏني ته کائي وٺندو هو جي نه، ته پو به ڏينهن وتو بکيو هلندو، گهُرڻ جي عادت ئي ڪونه سکيو يا شايد ايترو حواس ئي ڪونه هُئس. ماڻهو هن کي تنگ ڪرڻ لاءِ، سگريٽ پيءُ، هُن ڏانهن اُڇلائيندا هُئا. هو ڏکيل سگريٽ کي ڏسي دانهون ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو هو ته ”سڙي ويندو... سڙي ويندو... الله فضلو سڙي ويندو... سڙي ويندو...“ ۽ وٺي ڀڄندو هو ۽ ماڻهو رونشي ۾ اچي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندا هُئا.

جڏهن ته سڀني وڏڙن واتان ٻُڌي رکيو هو ته فضلوءَ جو گهر ٻاهرِ لڳڻ سبب سڙي رَک ٿي ويو هو، انهيءَ ٻاهه ۾ هن جا والدين ۽ سندس جي ننڍي ڀيڻ سڙي مري ويا هُئا، ماڻهن همت ڪري فضلو کي بچائي ورتو هو، جيڪو خاموش ٿيو اکيون ڦاڙي ڦاڙي گهر کي سڙندو ڏسندو رهيو، اهو ڏينهن ۽ اجوڪو ڏينهن فضلو وري ڪڏهن سُرت ۾ نه آيو، اها خبر هوندي به ماڻهو رونشي طور هن کي تنگ ڪندا هئا. فضلو ٽريو گهڻو ڪري شهر کان ٻاهر ئي رهندو هو. ۾ پيٽ مجبورن هن کي شهر ۾ گهلي ايندو هو هن کي شهر ۾ ننڍڙا ٻار ڏسي، هن جي ڪڍ لڳندا هُئا ۽ زور زور سان پيا چوندا هُئا ته ”فضلو چريو مت ڪريو.... فضلو چريو مت ڪريو...“ ، فضلو ٻارن جي انهيءَ رونشي تي وتو ڪلندو هو، ڪٿان خدا ڪارڻ ماني پور مليو ته اهو کائي وري جهنگل ۾ الوپ ٿي ويندو هو، فضلوءَ کي ٻارن کان وڌيڪ وڏن کان پوءُ ٿيندو هو.

جيڪي هن تي چٽرون به ڪندا هُئا ۽ اڌ ڏکيل سگريٽ به اُڇلائيندا هُئا، شهر جو مايون، ڊپ ڏيندي چونديون هيون ته فضلو چريو آدم خور آهي ۽ ننين ٻارن کي جهنگ ۾ کڻي ويندو آهي ۽ اُتي کائي ڇڏيندو آهي، تنهنڪري ٻارڙا گهڻو ٽڻو فضلءَو کان پري ئي رهندا هئا، پر ٻار وري به ٻار نه..... سڄي پاڙي جا ٻلر گڏجي پوءِ هن تي رڙيون ڪندا هُئا ۽ هي پيو ڪلندو هو.

پر ٻن ڏينهن کان ماڻهن کان فضلو وسري ويو هو، سڀ عارب جي ڌِيءَ زينب جي ڳولا ۾ لڳل هُئا، ٻن ڏينهن جي مسلسل ڳولا کانپوءِ هنن کي پاڻي جي ڪچي تلاءُ ۾ ڪٽي ۾ بند ٿيل لاش هٿ آيو ته سڀ سڀ توبهه توبهه ڪرڻ لڳا، هر ڪنهن جي وات تي اهو سوال هو ته هن معصوم سان ائين ڪير ٿو ڪري سگهي ته اوچتو سانوڻ رڙ ڪندي چيو ته :

”اهو ڪم فضلو چرئي جو آهي....؟“

حميد به خدشو ظاهر ڪندي وراڻيو ته:

”هائو، بروبر سانوڻ سچ پيو چئي ٻه ڏينهن ٿيا آهن جو فضلو چريو شهر ۾ نظر ئي ڪونه آيو آهي...!!“

بس پوءِ ميڙ سڄي ۾ هائو هائوڪار پئجي ويئي ۽ سڀئي فضلو چرئي جي ڳولا ۾ وهراڙو ڪري نڪري پيا، هنن کي فضلو چرئي کي ڳولڻ ۾ ڪا پريشاني ئي ڪونه ٿي، هُو عارب واري پڪي واٽر تان پاڻي پيءُ رهيو هو، فضلو هيڏو ميڙ پنهنجي طرف وڌندي ڏٺو ته رڙيون ڪري ڀڳو.

”....سڙي ويو..... مري ويو..... الا ڙي فضلو سڙي ويو..... سڙي ويو.....“

جيئن فضلو ڀڳو ته وهراڙي ٻوڙي گهيري ورتس ۽ شروع ٿي ويس مارڻ، فضلو اُپ ڏاريندڙ رڙيون ڪندو رهيو ته سڙي ويو... فضلو مري ويو..... پر سندس دانهون ڪنهن به ڪونه ٻڌيون جڻ سڀ هڪدم ٻوڙا ٿي ويا هجن، بس ڪنهن لٺيون ٿي هنيون ته ڪنهن لتون، ڪنهن سروٽا ٿي هنيا ته ڪنهن ٺڏا... هُو چڱي دير تائين فضلوءَ کي ماريندا رهيا، هن جون رڙيون بند ٿي ڇڪيون هنيون، هيڏو گوڙ ٻُڌي، پريان بينل ڏنار به ميڙ اندر گهڙي آيو ڏسي ته سڀئي فضلو



**انور ابڙو**
ڪراچي

# بابا هاڻ مون کي ڳولي نہ سگھندو!

هڪ ڏينهن سج لٿي مهل جو سبحان کي آفيس مان گھر پهتي کي پنج ڏهہ منٽ مَس ٿيا هئا تہ سندن گھر جو دروازو کڙڪيو. هن جيئن وڃي دروازو کوليو تہ، سامهون پينٽ شرٽ ۾، پوري پُني قد، سانوري رنگ ۽ ويهن ايڪيهن سالن جي عمر جو هڪ نوجوان بيٺو هو. هن ان کي سلام ڪيو. ان کان ٿورو وٿيرڪو، موٽر سائيڪل جي پرسان نقاب پاتل هڪ ڇوڪري بہ بيٺي هئي. سبحان ان کي بہ سلام ڪيو. هو اردو ڳالهائيندڙ هئا ۽ اصل ۾ ڪورنگيءَ جي ضياءَ ڪالونيءَ جا رهاڪو هئا، جڏهن تہ سبحان جو گھر پٺاڻي ڪالوني ۾هئو.

سبحان ڇوڪري کان پڇيو: ”ادا، ڏيو خبر... ڪيئن، خير ۾ اچڻ ٿيو آهي؟“

”اسان کي مسواڙ تي گھر کپي،“ ڇوڪري وراڻيو.

سبحان پنهنجي گھر کي پارٽيشنس ڏياري ان مان بہ ننڍا گھر ٺهرايا هئا، جن مان هڪ مسواڙ تي ڏنل هو، جڏهن تہ هڪ ننڍو گھر اڃا خالي پيو هو.

سبحان کانئس پڇيو: ”اوهان ڪير آهيو ۽ ڪٿان آيا آهيو؟“

ڇوڪري ٻڌايو: ”اسان اوهان سان ڪوبہ ڪوڙ نٿا ڳالهايون. منهنجو نالو جاويد آهي- ۽ هن جو نالو ندا آهي. اسان ضيا ڪالونيءَ ۾ رهندا آهيون. اسان پيار جي شادي ڪئي آهي. بابا گھر اچڻ نٿو ڏي، انڪري اسان کي رهڻ لاءِ هڪ ننڍڙو گھر گھرجي. اسان اوهان واري گهٽيءَ ۾ جيڪو دڪان آهي، ان جي مالڪ کان مسواڙ جي گھر لاءِ پڇيو، جنهن اوهان جو ڏس ڏنو، سو اوهان وٽ آيا آهيون. اسان ڪجھ ٻين ماڻهن وٽ بہ ويا هئاسين، پر جڏهن اسان انهن کي ٻڌايو تہ، اسان پنهنجي والدين جي مرضيءَ بنا شادي ڪئي آهي تہ، هنن اسان کي گھر ڏيڻ کان جواب ڏيئي ڇڏيو.“

نوجوان هڪ ئي ساهيءَ ۾ پنهنجي پيار-ڪهاڻي ۽ گھرَ جي ضرورت ٻڌائي ويو.

سبحان کي مٿن رحم اچي ويو ۽ هِن اُن ئي لمحي فيصلو ڪري ورتو تہ، هو کين ضرور گھر ڏيندو. هنن پسند جي شادي ڪري ڪو ڏوهہ ناهي ڪيو. جيڪڏهن والدين جي مرضيءَ سان شادي ڪن ها تہ، بهتر هو، پر هاڻي جيڪڏهن سندن شادي ٿي چڪي آهي، تہ پوءِ کين پناهہ ڏيڻ گھرجي.

سبحان نوجوان کي چيو: ”اچو اندر، ڊرائيونگ روم ۾ اچي ويهو.“

هُو سبحان جي گھر جي اندر جيئن ئي داخل ٿيا تہ، سبحان جي گھرواري راڻي بہ گھر جي هڪ ڪمري مان نڪري صحن ۾ آئي، جنهن کي سبحان چيو تہ: ”هن ڇوڪريءَ کي اندر ويهاريو ۽ چانهہ ٺاهي هن اديءَ کي بہ پياريو ۽ اسان ڏانهن بہ موڪليو.“

راڻيءَ، ندا کي وٺي گھر جي هڪ ٻي ڪمري ۾ وڃي ويهاريو، جڏهن تہ سبحان جاويد کي وٺي ڊرائنگ روم ۾ ويو، جتي سبحان، جاويد کي تسلي ڏيندي چيو تہ:”اوهان گھبرايو نہ... ائين سمجھو اوهان جڻ پنهنجي گھر ۾ آيا آهيو... منهنجو هڪ ڪمري وارو گھر خالي آهي، سو ان جون چاٻيون هينئر ئي اوهان کي ڏيون ٿا... رات جي ماني بہ اسان جي ڪائجو... پوءِ باقي معاملن کي ڏسنداسين.“

جاويد جي چهري تي خوشيءَ جو تاثر اُڀريو ۽ هُن سبحان جو ٿورو مڃيندي آهستي کانئس پڇيو: ”مسواڙ ڪيتري وٺندا؟“

سبحان ساڻس ڀوڳ ڪرڻ واري انداز ۾، کِلندي چيو: ”اوهان گھٽا پئسا گھران ڪٿي ڀڳا آهيو؟“

جاويد، لچاري انداز ۾ مرڪندي وراڻيو:
"خالي هئين؟"

سبحان وري ڪانئس پڇيو: "ڪا نوڪري وغيره ڪندو آهين؟"

"ها، ڪورنگي انڊسٽريئل ايريا ۾ هڪ فيڪٽريءَ ۾ ڪم ڪندو آهيان."

"چڱو، توهان پاڻ جيتري به مسواڙ ڏيئي سگهو، اوتري ڏجو... في الحال سامان کڻي اچي رهو... باقي اهي معاملا پوءِ ڏسي وٺنداسين."

"سامان هيو ته ڪوبه ناهي، بس ڪجهه ڪپڙا آهن، جيڪي مون پنهنجي ماسات جي گهر رکيا آهن، اُهي کڻي ٿو اچان." جاويد وراڻيو.

"ٺيڪ آهي.." سبحان چيو.

"ڀلا ڪو ايڊوانس وغيره؟" جاويد ٿورو هٻڪندي سبحان کان پڇيو.

"اوهان کان ڪوبه ايڊوانس نه وٺبو..." سبحان جي جواب تي جاويد وري سندس ٿورو مڃيو.

ان دوران سبحان جو ننڍو پٽ چانهه، بسڪوٽ ۽ پاڻي کڻي آيو. چانهه پيئڻ کانپوءِ سبحان هنن کي وٺي وڃي مسواڙ وارو گهر ڏيکاريو، جيڪو جاويد کي پسند آيو.

ان بعد سبحان کيس پنهنجي گهران هڪ بسترو ۽ رڌپچاءُ جي ڪجهه سامان ڏيڻ سان گڏ پنج هزار رپيا به، اهو چوندي کيس ڏنا ته: "جيستائين توهان کي پگهار ملي، تيستائين هنن مان گهر جو خرچ هلائجو... پوءِ ٿورا ٿورا ڪري اهي پئسا واپس ڪجو..." سبحان وڌيڪ کيس اهو به چيو ته: "هونئن ته هن گهر جو ڪرايو گهٽ ۾ گهٽ ڇهه هزار رپيا آهي، پر اوهان چار هزار رپيا ڏجو. گيس ۽ بجليءَ جو بل اسان ڀريندا سين."

جاويد ڏاڍو خوش ٿيو. سندس دماغ تان ڄڻ وڏو بار لهي ويو.

ان بعد سبحان گهر وڃي پنهنجي گهرواري راڻيءَ کي چيو ته: "هِن اديءَ کي بسترو، ۽ رڌپچاءُ جو سامان ڏيو. ۽ پوءِ کين پنهنجي گهر ڇڏي اچو..." سبحان نداڪي اهو به چيو ته: "ڀيڻ، اوهان کنهن به قسم جي ڳڻتي نه ڪيو... هن گهر کي پنهنجو گهر سمجهجو... جيڪا به شئي کپيوَ، اها بغير ڪنهن به تڪلف جي، راڻيءَ کان گهري وٺجو..."

چوڪريءَ ڪنڌ هيٺ ڪري چيو، "مهرباني ادا."

ان کانپوءِ جاويد پنهنجي گهرواريءَ کي ٻڌائي، پنهنجي ماسات جي گهران پنهنجو سامان کڻڻ ويو، جڏهن ته راڻيءَ، ندا کي ضروري سامان کڻائي سندس نئين گهر ڇڏي آئي.

ندا هاڻي سبحان جي گهر جي ڄڻ ته ڀاتي ٻڻجي وئي هئي. صبح جو جيئن ئي سبحان پنهنجي ڊيوٽيءَ تي ۽ جاويد فيڪٽري ويندو هو ته، ندا راڻيءَ وٽ اچي ويهي رهندي هئي، جتي نيرن به ڪندي هئي، ته سبحان جي ٻن ننڍڙن ٻارن کي سنڀاليندي به هئي. هوءَ ڪچهريءَ جي مور هئي. هاڻي هيءَ سبحان سان ڳالهائڻ ۾ به ڪو حجاب نه ڪندي هئي. سبحان کي ڀاءُ جيان سمجهندي هئي. سبحان پڻ کيس ڀيڻ جهڙو رتبو ۽ عزت ڏيندو هو.

ندا هاڻي هنن سان ڀوڳ به ڪرڻ لڳي هئي، ته راڻيءَ سان گهر جي ڪم ڪار ۾ ٿورو هٿ به ونڊائڻ لڳي هئي. ان سان گڏ سبحان جي سندن ننڍڙن ٻارڙن کي به کيڏائيندي ۽ سنڀاليندي هئي.

جاويد رات جو دير سان فيڪٽريءَ مان واپس گهر ايندو هو، ڇاڪاڻ جو شاديءَ کانپوءِ هن اوور ٽائم به ڪرڻ شروع ڪيو هو ته جيئن گهر جو خرچ پکو پورو ڪري سگهي.

هڪ ڏينهن ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ندا، راڻيءَ کي پنهنجي هيءَ ڪهاڻي ٻڌائي: "جاويد منهنجو سئوٽ ٿئي. هو پنهنجي پيءُ ماءُ کي اڪيلو اولاد آهي. هن جو بابا سندس شادي پنهنجي ڀاءُ جي ڌيءُ سان ڪرائڻ پيو چاهي، پر جيئن ته اسان گڏ زندگي گذارڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو، سو جڏهن جاويد پنهنجي بابا کي اها ڳالهه ٻڌائي ته، هُن سندس ڳالهه نه مڃي. ان کانپوءِ اسان وڃي ڪورٽ ميئريج ڪئي. شاديءَ کانپوءِ اسان ٻه ڏينهن پنهنجي هڪ ماسات جي گهر

ترسيل هئاسين. ان ڪانپوءِ هُن اسان کي پاڻ وٽ وڌيڪ رهائڻ کان جواب ڏنو، جنهن بعد اسان هِتي اوهان وٽ اچي رهياسين.“

ندا راڻيءَ کي اهو به ٻڌايو ته: ”جڏهن مان ننڍڙي هوندي هئس ۽ جڏهن بابا سان ڪنهن ڳالهه تي ناراض ٿيندي هئس ته مان گهر ۾ ڪٿ جي هيٺان يا گهر جي ڇتِ تي يا چاچن جي گهر لِڪي ويندي هئس... پر پوءِ به بابا يا امان مون کي ڳولي وٺندا هئا.... پر هاڻي،“ هُن روئڻهارڪي آواز ۾ چيو،”هُو مون کي ڳولي نه سگهندا.“ ائين چئي هوءَ اچي روئڻ ۾ شروع ٿي. راڻيءَ کيس وڏي مشڪل سان چپ ڪرائي.

جڏهن شام جو راڻيءَ هنن جي اها ڳالهه سبحان کي ٻڌائي ته هُو به ڏڪارو ٿي ويو.

ٻن مهينن ڪانپوءِ جڏهن جاويد کي پنهنجي ماءُ جي گهڻي سِڪ لڳي ته هو اُن سان ملڻ ويو. ماڻهس کيس ڏسندي، روئندي اچي چنبڙي. جاويد جي به اکين مان ڳوڙها وَهي پيا. ان وقت گهر ۾ سندس والد به موجود هو. هي ڊڄندي ڊڄندي ان سان به سندس ڪمري ۾ وڃي مليو. هُو خاموش هو. هُن کيس ڪجهه به نه چيو. ماڻهس روئندي کيس چيو: ”ٻچا، جيڪو به ٿيو، غلط ٿيو يا صحيح ٿيو، بس هاڻي پنهنجي گهر موٽي اچ.“ جاويد ندا کي اچي اها سموري ڳالهه ٻڌائي، جنهن چيس ته: ”هاڻي گهر جيڪو ڇڏيو آ سو ڇڏيو آ..... واپس نه هلنداسين... اسان کي هاڻي پنهنجي لاءِ سيڪجهه پاڻ ئي ڪرڻو آهي.... ها، باقي، چاچيءَ جن سان ائين ڪڏهن ڪڏهن ملڻ هلنداسين پيا.“

جاويد سندس ان ڳالهه سان اتفاق نه ڪندي واپس پنهنجي پيءُ ماءُ جي گهر هلڻ لاءِ مٿس زور ڀريو، جنهن تي ندا چيس: ”تون ته پنهنجي پيءُ ماءُ کي مُنهن وجي ڏيکاري آئين، مان پنهنجي پيءُ ماءُ کي ڪهڙو هلي مُنهن ڏيکاريندس.“ هوءَ روئي پئي.

پوءِ هنن فيصلو ڪيو ته هُو رهندا الڳ، پر پنهنجي پيءُ ماءُ سان هڪ نه ٻئي ڏينهن پيا ملندا. ان فيصلي بعد هُو پنهنجي پنهنجي والدين سان ملڻ لاءِ ويا.

## نئون ڪتاب



ڪتاب: ناوَ هلندي رهي

شاعر: نياز پنهور

موضوع: شاعري

تعداد: 1000

قيمت: -/450 رپيا

ڇپائيندڙ: پوپٽ پبليڪيشن هائوس مال روڊ خيرپور-سنڌ

فائرنگ ۾ گهوٽ مارجي ويو... ۽ منهنجي سهيليءَ کي ٻه هٿ ۾ گولي لڳي... بدحواسي ۽ موت جي خوف کان ٻوڙندي جان بچائڻ خاطر اچي توهان جي گاڏي ۾ چڙهيس پهريان مون سمجهو ته بابا سائينءَ جي گاڏي آهي پر هيءَ گاڏي ته توهان جي هئي... جڏهن منهنجي گهرواري کيس ٻڌايو ته توکي پنهنجي گهر ڇڏي ٿا اچون ته ... روئڻ لڳي... ۽ چوڻ لڳي ته توهان جي پاڻ ۾ پراڻي دشمني آهي... واپس ويندس ته مونکي ماري ڇڏيندا، ان لاءِ SP صاحب مون توهانکي فون ڪري اطلاع ڏنو."

"اخبار ۾ خبر اٿئي ڇا آيو آهي؟ اڄوڪي پڙهي اٿئي اخبار..." سانوڻ خان ڪاوڙ ۾ چوڻ لڳو.

"ڇا آيو آهي؟ "اِهيو ئي ته توهان جي پٽ منهنجي نياڻيءَ کي اغوا ڪيو آهي-"

"سچي ڳالهه اِها اٿئو، باقي وڌيڪ لاءِ توهان پنهنجي نياڻيءَ کان پُڇي وٺو"

"اسانجي شيءِ اسان جي حوالي ڪريو، پوءِ اسانجي مرضي؟. ۽ توهان سڀ اوڙي پاڙي وارا وڏيرا ۽ راڄ گهرائي منهنجي بيعزتي ڪئي آهي، مان تنهنجيون سڀ چالون سمجهان ٿو، تون مونکي جُهڪائڻ چاهين ٿو مون کي تنهنجو ڪوبه فيصلو منظور ڪونهي!"

"جيسين چار چَنگان ۽ ايس.پي صاحب مونکي لکت ۾ ضمانت نٿا ڏين تيسين ڇوڪري تنهنجي حوالي ڪونه ڪندس." رئيس ڪيس پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. "واه سائين واه شيءِ اسانجي تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟."

"تون ڀلا سدائين وڙهان وڙهان ڇو ٿو ڪرين... اسان جا نسل تباهه ٿي ويا آهن... ڪا صلح صفائيءَ واري ڳالهه ته تون ڪرين ئي ڪون ٿو؟!!" رئيس ڪيس سمجهائيندي چوڻ لڳو.

"صلح توسان قيامت تائين ڪونه ٿيندو" هي اجان پاڻ ۾ تڪا مٿا ٿيا پئي ته وڏيري جي وڏي پٽ اچي گاڏي بيهاري... سانوڻ خان فون ڪري هٿيارن سان ماڻهو گهرائڻ لاءِ چيو... ايس.پي صاحب وائرليس تي وڌيڪ نفري طلب ڪئي... ماڻهن ڏٺو ته ڄاڻ جهيڙو ٿو ٿئي... ان لاءِ ڪسڪڻ لڳا... رئيس جي ماڻهن وڃي مورچا سنڀاليا... افراتفريءَ وارو ماحول ڏسي... وڏيري جو پٽ پريشان ٿي ويو. دشمن کي پنهنجي اوطاق تي ايس.پي صاحب سان گڏ ڏسي پڇڻ لڳو. "بابا ڇا ٿيو آهي؟!!"

"هڪڙو منهنجي نياڻي کي اغواڪري گهر ويهاريو اٿئو ۽ ٻيو وري پُڇيو ٿا ته ڇا ٿيو آهي؟!" توکي ڄڻ خبر ئي ڪانهي پيءُ پُٽ مون سان ڊرامون ٿا ڪريو... توهان کي شرم اچڻ کپي" سانوڻ خان ڪاوڙ ۾ چوڻ لڳو.

"ڇورين ڇاٿو؟! — سندس پٽ سانوڻ ڏانهن وڌڻ لڳو ته... سندس پيءُ کيس زبردستي ويهاريو بابا نه پنهنجو تڏو آهي-" "پنهنجو تڏو نه هُجي ها ته سمجهايانس ها-"

"پڙهين سمجهائي ٿڪو... هاڻ پُٽ تو سمجهائي مونکي؟!!"

"ايس.پي صاحب- ڇوري شرافت سان منهنجي نياڻي منهنجي حوالي ڪن، ماريانس ڇا به ڪريان منهنجي ڇوڪري آهي هنن جو ڇا؟"

"ايئن ته ڪون ڏيندس" رئيس چوڻ لڳو.

"ڏِيندين ڪئين ڪون؟!"

چار چنگان ٻنهين کي سمجهائڻ لڳا ته ٻيلي ڏاها ٿيو. پاڻ ۾ نهي وجو، پر ٻئي ڪنهن جي ٻڌڻ لاءِ تيار ڪون هئا- وڏيرو سانوڻ ته صفا هٺ مان نڪتو پيوو‌جي، وڙهڻ لاءِ-!!"

ايس.پي ٻانهون ٻڌي ڪين ويهاريو... ۽ سندن مُرشد پورل شاه کي اندر گهرائي ورتو... ٻاهر ويٺل ماڻهن ۾ بيچيني وڌڻ لڳي... ٽولن جي شڪل ۾ پنهنجي برادريءَ سان گڏ اُٿي ٻيهي رهيا... جن وٽ هٿيار هُئا سي لوڊ ڪرڻ لڳا...، حيرانيءَ ۾ آسيا جون بنا ارادي وري اکيون ڦوٽو جي طرف رکي رکي کڄي ٿي ويون... سوچڻ لڳي ته ڪلاڪ کن جي مهمان آهيان... ڪهڙو اجان تائين مشتاق کي ياد هوندس... دلي طرح وٽندو ته هو پر... نه نه، هي اسانجا دشمن آهن... هي ڇا پئي سوچان... وري سندس جي ٻڙي خشڪ ٿي وڃي ٿي. ٻه گلاس پاڻيءَ جا سانده... پي ٿي وڃي... خوف ۽

هراس ۾ ڪيس هڏڪيون اچڻ شروع ٿي وڃن ٿيون... پنهنجي پاڻ کي سنڀاليندي وري ڦوٽن کي غور سان ڏسڻ لڳي ٿي... هڪ ڦوٽو جنهن ۾ چيتو هرڻيءَ جي پويان ڊوڙي رهيو آهي ۽ ڪيس پهچڻ وارو آهي ته هرڻيءَ کي ٽپو ڏيندي ڏسي ٿي... ڪيس ائين لڳي ٿو ڄڻ هيءَ هرڻي هجي... ڪيس خيال آيو ته هرڻيءَ جيان هتان... ڀڄي چوڻ وڃان ائين ڪرڻ سان متان بچي به وڃان-!!. ڊوڙي وڃي دروازي کي سٽ ڏنائين پر اِهو ٻاهر کان بند هو... ٻاهران ڪيس گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو. جهڙوڪر پيرن جا آواز هن پاڻ ڏانهن ايندي محسوس ڪيا- ڪيس ائين لڳو ڄڻ جاڻ ڪيس وٺڻ آيا..وري ڪنايائين ته آواز بند ٿي ويا... سندس نظرون وري مشتاق جي ڦوٽو طرف کُپي ٿيون وڃن ۽ ڪيس ياد اچي ٿو ته هڪ دفعي فون تي ڪيس چيو هئائين ته: ”مونکي معجزن تي اعتبار آهي- ڪيس سندس مُرشد ٻڌايو هو ته مان ڪيس ضرور ملندس... پر ٿيندو معجزو... اڪثر سهيليءَ جي فون تي چوندو هو ته هڪ ڏينهن تون پاڻ مونکي فون ڪري چوندينءَ ته اچ مونکي وٺي وڃ... نه ته مان پاڻ توڏانهن اچان ٿي...“ اوچتو سندس دروازو کُليو... رئيس جي وڏي گهرواري نوڪرياڻي سان گڏ سندس لاءِ ماني کڻي آئي هئي... جيئن هُن سندس مٿي تي هٿ رکي دلجاءِ ڏني تون ڪوبه فڪر نه ڪر مون رئيس کي چيو آهي. توکي ڪوبه نقصان پهچائڻ ڪونه ڏيندو. اُن وقت سندس دل چيو ته ڪيس ڀاڪر پائي زور زور سان روئي پر الاءِ ڪِيئن پاڻ کي روڪي وئي هئي. ٿوري دير ته ڪيس تسلي ٿي، پر ويندي ويندي جڏهن رئيس جي وڏي گهر واري ٻاهران دروازي کي قلف لڳايو ته ڪيس اها پڪ ٿي وئي ته مونکي واپس ڪندا- اِن لاءِ بهتر آهي ته اڳواٽ خود کي پورو ڪريان- ڇت ڏانهن ڏنائين ته پنکو سندس پُهچ کان ڪافي مٿي هو... وري دل ۾ خيال آيس ته جيڪر ڪا زهريلي دوا يا نشي جون گوريون هُجن ته کائي ڇڏيان... ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڳولڻ لڳي.. ڪنڊ ۾ رکيل ڪٻٽ جي هينڊل ۾ هٿ وڌائين ته کليل هو... هر طرف فائيل پيل هُئا. جاچيندي هڪڙو فائيل سندس کان هيٺ ڪري پيو... پنا ٽاهي رکيائين پئي ته هڪڙو ننڍڙو خاڪي لفافو هيٺ ڪري پيو- جانچي ڏنائين ته سندس جون ميٽرڪ واريون تصويرون هيون- الاءِ ڪڏهن مشتاق ڪڍيون هيون... دل ۾ سوچڻ لڳي ته معنيٰ مشتاق مونسان سچو پيار ڪندو هو- تڏهن ته تصويرون سنڀالي رکيون اٿس. ڪيس وري آواز اچڻ لڳن ٿا- ڪٽ بند ڪري اچي دري وٽ ويهي ٿي...

...مُرشد جي اچڻ ڪانپوءِ- ايس.پي صاحب ڪيس سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي... ۽ ڪيس عرض ڪيائين ته ”توهان رئيس علڻ خان کي چئو ته ڇوڪري سانوڻ خان کي واپس ڪري... سندس نياڻي آهي قانوني طرح هو پاڻ وٽ رکي نٿو سگهي.“ اجان هي ڳالهه ٿي رهي هئي ته علڻ خان کي ڪمدار فون ڪري ٻڌايو ته ”سائين سانوڻ خان جا ماڻهو سڄي ڳوٺ کي گهيرو ڪري ويا آهن.“ علڻ خان ايس.پي کي ڪاوڙ ۾ چيو ته ”تنهنجي پوليس ڪٿي آهي؟!. معنيٰ تون سانوڻ خان جي ونگار پيو وهين- نيڪ آهي مان ڇوڪري ڪورٽ ۾ پيش ڪندس توهانکي ڪونه ڏيندس“... ۽ علڻ خان D.G رينجرز کي فون ڪرڻ لڳو ته منهنجي ڳوٺ کي سانوڻ خان جي ڌوهاري ماڻهن گهيرو ڪيو آهي. رينجرز جي ڳالهه ٻُڌي سانوڻ جون مُڇون هيٺ مٿي ٿيڻ لڳيون. ايس.پي سانوڻ کي ڪن ۾ الاءِ ڇا چيو جو هُن اچي پنهنجا هٿ مرشد جي پيرن تي رکيا ته علڻ خان کي چئو ته رينجرس نه گهرائي توهان منهنجو فيصلو ڪريو- سانوڻ خان کي خبر هئي ته جي رينجرز آئي ته پاڻ سوڌو هن جا ماڻهوڌوهاري هئا- اڳ ۾ ئي گهربل هئا- سڀ مارجي وڃن ها ان لاءِ ٻي ڪاواهه نه ڏسي فيصلي لاءِ راضي ٿيو ۽ فون ڪري پنهنجن ماڻهن کي واپس وڃڻ لاءِ چيائين.

سائين پورل شاهه بادشاهه چوڻ لڳو- ”بابا مون توهانجون سڀ ڳالهيون ٻُڌيون- رئيس علڻ خان مُرسيءَ جو ڪم ڪيو آهي هڪ نياڻي کي حفاظت سان گهر وٺي آيو- اهو اُن جو ڏوهه نه پر سانوڻ خان هُن جو توتي ٽورو آهي. جي اِها نياڻي ڪنهن ٻئي جي ورچڙهي ها ته الاءِ ڇا ٿئي ها... جڏهن صبح جو ڪيس خبر پئي هُن نياڻيءَ کي توهان وٽ ڇڏي اچڻ لاءِ چيو پر تنهجي

چوڪري راضي نہ هئي ڪيس خوف هو تہ تون ڪيس نقصان پهچائيندين... وري هن ايس.پي کي اطلاع ڪيو- ۽ سيڻي پر پاسي وارن چڱن کي گڏ ڪيو ۽ مونکي بہ منٿ ڪري گهرايائين- جڏهن تہ منهنجي طبيعت بہ صحيح نہ هئي مون اچڻ نٿي گهريو، پر سندس ضد جي ڪري اچي حاضر ٿيس... ڏٺو وڃي تہ تنهنجي نياڻي جي بہ ڪا ايڏي وڏي غلطي ڪونهي جنهن کي ڪا وڏي سزا ڏجي ائين ڪٿي چئجي تہ اِهي اسانجن وڏن ۽ اسان جون خود اڳ ۾ غلطيون ٿيل آهن جنهن جو اسانکي حساب ڏيڻو آهي. علڻ خان ڪانسواءِ توهان جيڪي چڱان مڙس هتي ويٺا آهيو. سيڻي جي ڪرتوتن جي مونکي خبر آهي. توهان ڪيئن پرائيون نياڻيون پنهنجي شاديون ڪيون، اهو توهان کي وسري ويو-!!"

"پر مرشد سائين، منهنجي ايڏي رسوائي ۽ بدنامي ٿي آهي جو مان ڪنڌ ڪڻڻ جهڙو ناهيان رهيو اخبار ۾ آيو آهي تہ- رئيس جو وڏو پٽ ڪيس اغوا ڪري ويو آهي. هاڻ هيءَ نياڻي مونکان ڪير وٺندو؟!"

رئيس جو وڏو پٽ اُٿي بيٺو چوڻ لڳو:

"سائين بدنامي جي منهنجي ڪري ٿي آهي تہ جي سانوڻ خان راضي هجي تہ مان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان."

سيڻي چڱا مڙس اُٿي ڪيس ڀاڪر پائڻ لڳا- ۽ چوڻ لڳا واهہ جهڙو پيءُ تهڙا پٽ!! مرشد مشتاق کي سڏي سندس پير ۾ ويهاريو ۽ پنهنجي نيڻ لڳس- ۽ ڪيس ڪن ۾ چيائينس تہ "اِج شايد معجزو ٿيڻ وارو آهي.؟!"

...سانوڻ خان جو ڪنڌ جُهڪي ويو، ڪري تہ ڇا ڪري، جئين ٿي ڦٽڪيو تئين ٿي ڦاٿو ڪُجهي جهڙي پت!! ڪجهہ دير لاءِ تہ سندس جون مٽيون مُنجهي ويون، سوچائين تہ ڪا اهڙي چال هلان جو في الحال ڪين ٿيڙ ڏئي نڪري وڃان.

مُرشد ڪيس خاموش ڏسي پُڇڻ لڳو، "پوءِ بابا ڇا ٿو چئين، ان ڪان وڌيڪ توکي ڦاهو ڪهڙي ڇا؟!!

"سائين ان لاءِ منهنجو هڪڙو شرط آهي-

"وريام منهنجي دنگ واري 50 ايڪڙ ٻني بيٺل ڪمند سميت منهنجي نالي ڪندو ۽ بدلي ۾ مان سندس 10 ايڪڙ انبن جي باغ تان هٿ ڪڍندس. ۽ هن جيڪي مونتي ڪيس ڪيا آهن، سي واپس وٺندو." رئيس علڻ خان چيو: "مونکي منظور آهي"- منهنجو صرف هڪڙو شرط آهي تہ! چوڪري واپس نہ ڪندس سيڻي رسمون اتي منهنجي گهر ٿينديون، شادي 15 ڏينهن ڪانپوءِ ٿا رکون، سيڻي چيو شڪر الحمدالله-!! مُرشد ٻنهي کي ڀاڪر پارائيا - ۽ مرشد سائين خير جي دُعا گهرڻ لڳو...

... آسيہ ڪنائڻ لڳي، پر ڪافي دير ڪان ڪيس ڪوبہ آواز ٻڌڻ ۾ نہ پئي آيو، ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن تڪي تڪي هلڻ لڳي، ڪيس ياد آيو تہ جڏهن سندس ماءُ ڪنهن پريشاني ۾ هوندي هئي تہ درود پاڪ گهڻو پڙهندي هئي... اکيون بند ڪري پڙهڻ لڳي... سندس ساهہ وچڙڻ لڳو... هٿ پير ٺري ويس... وري پاڻي پيتائين... پيٽ ۾ اچي وٽ پيس... ماني تہ دير ڪان پئي هئي، پر دل ئي نہ پئي چويس، وري دري وٽ اچي بيٺي ڪنائڻ لڳي پر صفا خاموشي هئي... هيءَ نڪو ويهي پئي سگهي، نڪو بيهي پئي سگهي، ٽيڪ ڏئي ڪنڌ ۾ پنهنجو پاڻ چڏي ڏنائين.

دُعا پوري ٿي تہ هر پاسي ڪان خوشيءَ جي فائرنگ ٿيڻ لڳي... وڏيري وڏي گهرواريءَ کي فون تي مُبارڪون ڏنيون، هن خوشيءَ مان ٻوڙندي وڃي آسيہ جو در کوليو، ڇا ڏسي تہ هو ڪُنڊ ۾ بيهوش پئي آهي... ڪيس ڀاڪر ۾ پري ستو ڪيائين ۽ منهن تي پاڻي جا ڇنڊا هڻڻ لڳي... آسيہ اکيون کوليون تہ حيران ٿي وئي... ڇا ڏسي تہ وڏيري جي وڏي گهر واري ڪيس هٿن ۾ پيشانيءَ تي چميون ڏئي رهي آهي - ۽ چئي رهي آهي "امان توکي مبارڪون هُجن" هِن کي سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ ڪهڙيون مُبارڪون ... ايتري ۾ مُشتاق جو آواز ڪنين پيس جيڪو سندس ماءُ کي چئي رهيو هو تہ — "امان مان توکي ڪون چوندو هُئس تہ هڪ ڏينهن معجزو ٿيندو منهنجو مرشد سچو آهي. منهنجو پيار مونکي گهر ويٺي ملندو امان اڄ اسانجو ناهہ ٿي ويو آهي وڌيڪ بابا توکي ٻڌايو هوندو...!!"

◙

ثميند ميمڻ
ڄامشورو



# جنين جي ڪاڻ

ريل جي ٿرڊ ڪلاس گاڏي جي ڪُنڊ ۾ ويٺل زرينہ کي پنهنجي اسٽيشن اچڻ جو احساس اُن وقت ٿيو، جڏهن گاڏي جهٽڪي سان بيٺي، هُن پنهنجون اکيون آهستي کوليون ۽ دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن جي اکين اڳيان ڄڻ اوندهہ ڇانئجي وئي مٿو ڦرڻ لڳس، هن پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مٿين سيٽ تان رڪيل هڙ لاٿي.

ڪمزوريءَ، وڏي سفر ڪري ۽ هڪ ئي هنڌ ويٺي ويٺي هُن جو بدن ڄڻ سُڪي پيو هو، هڙ ڪڇ ۾ رکي هن احتياط سان هيٺ اسٽيشن تي پير رکيو، الاهي ڪمزور هئڻ ڪري هن جا پير سئو سئو مڻ جا لڳي رهيا هئا، پير رکندي ئي ڄڻ زمين هن جي چوڌاري ڦرڻ لڳي، اڳيان وجي بينچ تي ويهي رهي.

گهٽي سيءَ جي ڪري سڄو ماحول ڌنڌ ۾ ويڙهيل ٿي لڳو، سيءَ کان بچڻ لاءِ هُن هڙ کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي ڇڏيو.

اهڙي بخار ۾ هن چپن تي زبان ڦيري، ۽ اکيون پوري الائي ڪهڙن خيالن ۾ گم ٿيندي وئي ۽ چپن تي هڪ هلڪي مُرڪ ڇانئجي ويس ۽ هوءَ آهستي آهستي خيالن ۾ گُم ٿي وئي.

..........................................

ڄاتل سڃاتل شرنائيءَ جي سُريلن آوازن هن جي روح ۾ گيت ٿي ڳاتا ۽ هوءَ ڳاڙهن ڪپڙن ۾ پنهنجي گهر جي ڪمري ۾ سرتين ۾ گهيريل هئي. گيتن جي آواز هن جي ڪنن ۾ عجيب ڪتڪتايون ٿي پيدا ڪيون. پر اڄ جي ڏينهن پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ کي بہ ياد ڪري هُن جي اکين جي پنبڻين ۾ ڳوڙها اٽڪي پيا هئا، جنهن کي هٿ سان اگهي هيٺ ڪِرڻ کان روڪي ڇڏيو هو.

سندس چاچيءَ هُن کي پاليو هو ۽ شادي بہ ماءُ ۽ پيءُ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ سوٽ ميرل سان ٿي رهي هئس جنهن سان گڏ هُن جو ننڍپڻ گذريو هو.

اڄ کان پنج سال پهرين هن جي ميرل سان شادي ٿي هئي. هڪٻئي کي حاصل ڪري ٻئي خوش هئا، پر شاديءَ جي ٻن سالن گذرڻ کان پوءِ هن جا خواب چڪنا چور ٿيڻ لڳا، بهارن جو رخ بدلجڻ لڳو. ميرل کي بيماريءَ وڪوڙي ڇڏيو هو ۽ بستري پيڙو ٿي ويو. ڪمائڻ جو ڪوبہ ذريعو نہ هو، هُو هاڻ محتاج ٿي ويا، علاج تہ پري رهيو، پر گهر جو سامان سڙو بہ وڪڻو پئجي وين. اهڙين حالتن کي ڏسندي زرينہ چاچيءَ ۽ مڙس کي چيو تہ حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ صرف هڪ ئي صورت آهي تہ مان ڪٿي وڃي ڪم ڪيان.

”تنهنجي عمر ڪهڙي آهي جو تون ڪٿي وڃي ڪم ڪار ڪندينءَ. اڄ مون ۾ طاقت هجي ها تہ اهو ڪم مان پاڻ ڪيان هان، پر تون ڪم ڪندينءَ تہ ماڻهو ڇا چوندا.“

”چاچي ماڻهن جا وات ڪڏهن بہ بند نہ ٿيندا، پر اهو سوچيو تہ ميرل جي زندگي ڪير موٽائي ڏيندو. زرينہ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا.

پوءِ هوءَ روئندي پنهنجي چاچيءَ ۽ ميرل کي ڇڏي هڪ سفارشي خط کڻي ڪراچيءَ آئي. هن کي ڪراچيءَ ۾ مالڪن جو گهر ڳولڻ ۾ ايتري تڪليف نہ ٿي، بس هن کي صرف اهو ڊپ هو تہ جنهن گهر ۾ هوءَ ڪم ڪندي اُهي رڳو سٺا ماڻهو ۽ اخلاق وارا هجن، ۽ ڪنهن بہ ڏکيائيءَ جو نشانو نہ بڻجي، پر جڏهن هوءَ گهر ڏٺيءَ ۽ هن جي زال سان ملي تہ هن جا سڀ وهم وسوسا ختم ٿي ويا.

حميد صاحب نهايت خلوص سان چيو، ”پيٽ هيءُ تنهنجو پنهنجو گهر آهي، سڻو ڪر، خلوص ۽ نيڪ نيتي ئي اسان کي تنهنجي ويجهو ڪندي ۽ اسان ٻه توکي يقين ٿا ڏياريون ته توکي ٻه اسان کان ڪا تڪليف نه پهچندي.“ واقعي حميد صاحب زبيده ۽ هن جي لاڏلي ۽ اڪيلي پٽ جاذب جي ڳالهين ۽ محبت هن جي ڏکن کي ڪجهه گهٽايو هو، گهر جي ڪم ڪار ۾ هن جو وقت آرام سان گذري ويندو هو. هن کي اهو احساس نه ٿيندو هو ته هن جي زندگيءَ جو هڪ ڏينهن گهٽجي ويو آهي.

گهر جي ڪمن کي سٺي نموني سمجهڻ کان پوءِ سڀ کان پهرين هن پنهنجي ڳوٺ جي پاڙي مان آندل موبائيل نمبر تي گهر جي مالڪيائيءَ زبيده کي ڳالهائڻ لاءِ چيو ۽ چاچيءَ کي ٻڌايو ته هن کي ڪم پنهنجي مرضيءَ مطابق مليو آهي، اوهان ڪو به فڪر نه ڪريو ۽ پهرين ٽيڙ تي پئسا موڪليندس ته جيئن ميرل کي سٺي ڊاڪٽر کي ڏيکارجي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سندس چاچيءَ ٻڌايس ”ته مون ميرل کي شهر ۾ چڱي ڊاڪٽر کي ڏيکاريو آهي، ۽ ٽيسٽون به ڪرايون آهن پر توکي اهو ٻڌي ڏک رسندو ته ميرل کي ڪينسر آهي، پر ڊاڪٽرن يقين ڏياريو آهي ته علاج برابر هلندو رهيو ته بيماري ضرور ختم ٿيندي.“

هن ڳالهه زرينه جي اندر کي اڌ ڪري ڇڏيو ۽ هوءَ ڪڏهن ڪڏهن ميرل جي خيالن ۾ گم ٿي ويندي هئي، ۽ رات جو خواب ۾ ميرل جو ڏڪويل چهرو هن جي اکين اڳيان اچي ويندو هو ۽ چوندو هئس ته زرينه جيڪڏهن سچي دنيا جون عورتون تو جهڙيون ٿي وڃن ته هيءُ دنيا جنت بڻجي پوي. تو مون تي احسان ڪري پنهنجو درجو منهنجي دل ۾ وڌيڪ مٿانهون ڪري ڇڏيو آهي.

اهڙي طرح چڱا مهينا ائين گذرندا رهيا هن جي چاچيءَ سان پاڙي واريءَ ماسي جي نمبر تي ڳالهه ٻولهه ٿي ويندي هئي، جنهن ۾ ميرل جي بيماريءَ جي باري ۾ ذڪر ٿيندو هو، ته هن جي طبيعت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي رهي ٿي. زرينه جي پريشاني روز روز وڌندي رهي. ڪڏهن ڪڏهن اڪيلائيءَ ۾ هن کي محسوس ٿيندو هو ته ميرل هن جي ويجهو اچي ڪجهه چئي رهيو آهي ۽ هوءَ حيرت مان اکيون کولي ڏسندي رهجي ويندي هئي.

اهڙي طرح زندگيءَ جي گاڏي کي ڌڪيندي وقت گذرندو رهيو، هوءَ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کي ڪمزور پائڻ لڳندي هئي، هن جو چهرو جيڪو ڪنهن وقت گلن وانگر ٽڙندو هو، اتي هاڻي مايوسي نظر ايندي هئس.

ڏکن ۽ تڪليفن کي اندر ۾ سانڍي سانڍي هوءَ غم جي تصوير نظر ايندي هئي، هر وقت کنگهه ۽ بخار هن جي صحت کي ويتر خراب ڪري ڇڏيو هو. پر پوءِ به هڪ خوشي پرئي مستقبل جي آس ۾ اڳيان وڌندي رهي. هن کي يقين هو ته هن خزان جهڙي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بهار ضرور ايندي.

هڪ ڏينهن زرينه رڌڻي ۾ ٿانوَ ڌوئي رهي هئي ته زبيده اچي هن کي فون ڏنو، پهريون دفعو هن ميرل سان ڳالهايو هو، هن جا هٿ ڏڪي رهيا هئا ۽ لڙڪن کي روڪي نه سگهي، ۽ نڙيءَ ۾ چڻ سڏڪا اٽڪي پيس. ”زرينه تون هاڻ واپس اچ، مون کي طاقت نه آهي ته توسان وڌيڪ ڳالهائي سگهان. مون کي بس منهن ڏيکاري وڃ. مان توکي هڪ ڀيرو ڏسڻ چاهيان ٿو، ڇا تون منهنجي آس پوري نه ڪندينءَ.“

زرينه جو سڄو جسم ڏڪڻ لڳو، مٿو ڦرڻ لڳس، اکين مان ڳوڙهن کي روڪي نه سگهي ۽ اندر ۾ روئي پئي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هن فيصلو ڪيو ته هوءَ ڪيئن به ڪري ميرل ڏي ويندي ۽ هن موٽي وڃڻ جو فيصلو ڪيو، پر سندس طبيعت ڏينهن ڏينهون خراب ٿيندي وئي. حميد صاحب ۽ زبيده ڪوشش ڪئي ته ڪجهه ڏينهن رهي پوءِ وڃي،

جيستائين سندس طبيعت ٺيڪ ٿئي پر هن جي پڪي ارادي کي ڏسي هُو ٻئي ڪجهه ڪُجي نه سگهيا، ۽ هن کي ڪجهه پئسا ڏئي ريل تي روانو ڪري آيا.

اڄ پنهنجي چاچيءَ ۽ مڙس ڏانهن وڃي رهي هئي، هن پنهنجي اچڻ جو اطلاع چاچيءَ کي نه ڏنو هن چاهيو هوءَ ويندي ته ميرل هن کي ڏسي خوش ٿي ويندو ۽ انشاءالله وري خوشيون اسان جي اڱڻ تي وري ورنديون.

ٻي ريل جي اچڻ جي آواز ۾ هوءَ پنهنجي خيالن مان نڪتي ۽ اکيون کولي بينچ تان اٿڻ لڳي.

سيءَ جي ڪري هوءَ ڏڪي رهي هئي، هن جي هڙ پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳل هئي ۽ هوريان هوريان اسٽيشن کان ٻاهر نڪري رستي تي بيٺل وڻن جي سهاري سان هلندي رهي، گهڻي سيءَ جي ڪري هن جو بدن ڏڪي رهيو هو، ۽ مٿي کي به چڪر ٿي آيس، اکيون ڄڻ خودبخود بند ٿيڻ لڳيون هئس، ٿوري دير کان پوءِ رڪشي جي آواز هن کي اکيون کولڻ تي مجبور ڪيو. هن جي زبان ڄڻ جواب ڏئي وئي هئي، "شش" هن رڪشي واري کي آواز ڏنو ۽ رڪشي واري ويجهو اچي بيهاريو.

"ماسي ڪيڏانهن وڃڻو آهي."

زرينه پنهنجي ڳوٺ جي پاسي هلڻ لاءِ ڪچي روڊ تي هلڻ لاءِ چيو.

هن جي ساهه جي رفتار يڪدم تيز ٿي وئي، ڪنگهه جو دورو وري شروع ٿي ويس، رڪشي ۾ هوءَ جيئن تيئن ڪري ويٺي ۽ رڪشو هلڻ لڳو.

۽ هوءَ سوچڻ لڳي ته هوءَ هاڻ ميرل جي تيمارداري ڪندي ۽ اميد ڪرڻ لڳي.

ڪچي روڊ تي پهچندي مسجد جي ويجهو اچي رڪشي واري هن کان پڇيو ڪيڏانهن هلان، پر هن کي ڪوبه جواب نه مليو.

"ڪيڏانهن هلڻو آهي ماسي؟ هن زور سان چيو."

پوءِ جواب نه ٻڌندي رڪشا واري رڪشو بيهاري اڳيان اچي ويجهو وڃي هن جي مٿي کي هٿ لاتو، جيڪو هيٺ لڙيل هو. "جيجل امان ڪجهه ته وات مان ڪڇ ڪيڏانهن هلڻو آهي؟ گهر وڃي پوءِ اُتي اڳوپوءِ آرام ڪجانءِ!"

اڙي اڙي! هن جي منهن مان رڙيون نڪتيون.

زرينه جو هڪ پاسو هيٺ لڙي پيو، رڪشي وارو ڊپ ۾ وڃي ويو. گهٽيءَ جي ٻئي پاسي کان آخري گهر مان هلڪي روشني اچي رهي هئي، ۽ گهڻا ماڻهو رستي جي وچ ۾ گِلم تي ويٺل هئا. هن هڪ ننڍڙي ڪچي گهر وٽ اچي رڪشي کي بيهاريو.

"ڪير آهي؟" هڪ ماڻهوءَ هن کي ڏسندي چيو ته،

رڪشي واري ڊپ واري ڪيفيت ۾ ٻڌايو ته هيءَ عورت اسٽيشن تان چڙهي آهي.

اڙي هيءَ ته زرينه آهي! هڪ ماڻهوءَ حيرت وچان هن کي سڃاڻندي چيو.

ڪير زرينه؟

اڙي هيءَ ته ميرل جي زال آهي، جنهن جي مرڻ تي اسين گڏ ٿيا آهيون.

جڏهن زرينه جا ۽ ميرل جا کٽولو قبرستان ڏانهن کڻي ٿي ويا ته هڪ ماڻهو ٻئي کي چئي رهيو هو.

ڪهڙي نه بي حس هئي هيءَ عورت مڙس تڙپي تڙپي مري ويس پر هن ڪٺور عورت ڪڏهن به نه سوچيو ته پنهنجي بيمار مڙس کي ڪڏهن منهن اچي ڏيکاري، الائي ڪيترو عرصو ڪٿي وڃي گذاريائين.

اڳيان وڌندي ٻئي ماڻهوءَ چيو توبهه توبهه ڪهڙو زمانو اچي ويو آهي.

▣

**حسيب ناياب منگي**
شڪارپور



# بي ننڊيون ڪهاڻيون

## (الف) تنبورو

هُن جي معصوم چهري، تان جيڪو هاڻي مرجهائجي چُڪو هو، ڳوڙها قطارون ڪندي وهي رهيا هئا، گذريل ستاويهن ڏينهن کان اِهو معمول بڻجي چُڪو هو ته هوءَ روز راتِ جو روئي سمهندي هئي. اڄ به بستري تي ليٽي هوءَ شيريءَ سان گذاريل پيار ڀريون گهڙيون ساري پئي...."شيري جڏهن ساڻ هوندو هو ۽ ڪنهن ڳالهه تان روئندي هئس ته شيري تڙپي اٿندو هو، هُو منهنجي ڳلن تان ڳوڙها اگهي تسلي ڏيندو هو، ميوزڪ سُڻي هال هجي يا آئيس اسڪيٽنگ تي وڃڻ، ڪيئن نه گڏجي خوشيءَ کي ڀاڪر ۾ ڀريندا هئاسون، اسان ٻنهي جون ٻانهون هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ هونديون هيون ۽ زندگي جا مزا ماڻي گڏ جيئڻ واري ڏاڪڻ جا ڏاڪا کِل ۽ خوشيءَ سان چڙهڻ سکي رهيا هئاسون، ته قسمت جي وِڄ اسان مٿان اچي ڪڙڪي پئي، هئہ! قسمت سان به ڪي مون منڊايون ڪيو هيون جو عين ان وقت دوکو ڏئي وئي. جڏهن شيريءَ سان ٿي ويندڙ محبت واري تعلق کي شادي جي رشتي ۾ تبديل ڪئي هيس."

شيريءَ کي ياد ڪندي ننڊ جو جهونٽو ٿو لڳي وڃينس، هُن جي خواب ۾ اڄ به عجيب ميوزڪ جو آواز اچي ٿو، هر روز جيان اڄ به خواب ۾ پئي ٿي سوچي:

"هي ڇا آهي؟ ههڙي ميوزڪ ته حادثي کان اڳ ڪانه ٻڌي هئم، الله!! ايڏو سُڪون! ايڏي گهري ڪشش!!! واهہ! ايڏي سِڪ ۽ ڇڪ! ڇا اهو ساز شيري ته نٿو وڄائي؟"

اهو سوچيندي ئي جاڳي پوي ٿي، اکيون ڇا کولي ته سج جا روشن ڪرڻا هُن جي ڪمري واري دريءَ تي پهچي چُڪا هئا، جاڳي پوي ٿي ۽ فريش ٿي ماءُ ۽ پيءُ وٽ اچي ٿي.

پٽس جيڪو اڳ ئي هُن ۽ شيريءَ جي محبت جو مخالف هو، سو پڻ ڌيءَ جي گول ۽ خوبصورت چهري ڏانهن نگاهون کڻي نهاري ٿو ته روئي پوي ٿو. ماءُ ڌيءَ کي ڀر ۾ ويهاري چوي ٿي ته "ردا! ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ شيريءَ جي اُها ئي وهي هئي، هُن جي نصيب ۾ ٻاويهن سالن جي عمر ۽ تنهنجي نصيب ۾ ساڻس ڇهن سالن جو ساٿ لکيل هئو. قسمت جا فيصلا به ڀلا اڄ ڏينهن تائين ڪي ٽري سگهيا آهن ڇا؟ جو هاڻي ٽري وڃن ها، شيري زنده هجي ها ۽ تون پنهنجي محبت کي ماڻي خوش گذارين هان."

ٻاجهه ڀريو هٿ ردا جي مٿي تي ڦيرائي پٽس چوي ٿو ته "تون ته منهنجي جيئڻ جو سهارو ۽ منهنجي جگر جو ٽُڪرو آهين. مون کي تو تي ناز آهي، ڌي! ايڪويهن سالن کان هتي نيويارڪ ۾ آهيون، هتان جي ماحول ۾ رهندي تو منهنجي هر پابنديءَ جي اکيون پوري اطاعت ڪئي، دين، دنيا ۽ ها! هي ڏس تو ته اڄ به اچي شلوار تي اجرڪ جو چولو پهريو آهي. تو ته هتي اسان سان پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿي ڳالهائين. مان سمجهي ٿو سگهان ته هن وقت تنهنجو اندر رت جي ڳوڙهن جي ڇولين کي

پهچن ٿا، پر اهي نہ عوام سان سچا آهن ۽ نہ ئي تڪ سان مخلص!"

مرسلين جي انڪار تي سڀ حيران ٿي ويا ۽ وڏي وات پنهنجي پنهنجي راءِ هن طرح پيش ڪري رهيا هئا: "وڏيرو جواب ٻڌڻ کان پوءِ غصي ۾ باهہ ٿي ويندو"، "وڏيري کي ڪير جواب ڏيندو"، "اسان تہ سندس ئي رضا تي ووٽ ڪندا پيا اچون، فيض جي هن پٽ کي ڪير سمجهائي؟"

مرسلين ڪڇيو تہ: "جيڪڏهن سڀ منهنجي سگهہ ٿيو تہ مان وڏيري سان ڳالهائي ڪيس واپس ورائي ڇڏيندس."

ڳوٺ وارن مٿان خوف طاري هو، مرسلين جي مسلسل همت ڏيارڻ ۽ تبديليءَ واري ڳالهہ تي ڳوٺ وارا ويچار ڪرڻ لڳا. فرق اهو پيو جو هن پيري وڏيري جي اچڻ تي ڳوٺ ۾ نہ ڪا خاص تياري ڪيائون ۽ نہ ئي وري ڪا دلچسپي سندن مُک تي محسوس ڪئي وئي.

سج لٿو، جڻ ڳوٺ تان ظلم جي اُس بہ لهي وئي، چانڊوڪيءَ چمڪڻ شروع ڪيو تہ وڏيرو بہ آيو، مرسلين پنهنجي روايتن جو امين بڻجي ڪيس اجرڪ ۽ ٽوپي پارائي سندس آجيان ڪئي. ڳالهين ڳالهين ۾ وڏيري چيو تہ: "وارث ميان کي ووٽ ڏجو، مون ڪيس زبان ڏني آهي."

مرسلين جوش ۾ ڳاڙهو ٿي ويو، پر هوش کان ڪم وٺندي وڏيري کي چوڻ لڳو تہ "قبلہ سائين! توهان جي اچڻ کي مانُ ڏيندي ڳوٺ وارا هيل تائين ووٽ ڪندا آيا آهن، پر توهان تہ ڳوٺ ۾ ڪا نالي بہ ٺهرائي ڪونہ سگهيا آهيو. هُو جو توهان جي اکين جو تارُ قريش ڪمدار هڪ هڪ مٿان چٽرون ڪندو هو، لوڪ اچي دانهيو، توهان ان کي تہ روڪي نہ سگهيا آهيو، هاڻ هِنن ڳوناڻن مسڪينن تي حڪم جو ٿا هلايو؟ جڏهن پنهنجن وٽ هَليوَ تڏهن ٻاهرين تي شوق سان حڪم هلائجو. ڳوٺ وارا جنهن کي چاهيندا ووٽ ڪندا. پنجن سالن ڪانپوءِ ڳوٺ ڏانهن لڙي اچڻ لاءِ وڏا وڙ! اڳتي بہ اچجو، ڳوٺ وارن جي دل ڪشادي آهي." وڏيري جو ڪنڌ جهڪي ويو ۽ ڪپڙا ڇنڊي جواب ٻُڌي هلندو ٿيو......

## نئون ڪتاب



**ڪتاب:** خانصاحب عبدالله چنا
جيجي بيگم زينت چنا

**سهيندڙ:** سليم چنا

**موضوع:** جيون ڪٿا. سندن لکڻيون ۽ منن ٻين جون لکيل لکڻيون)

**قيمت:** 500/- رپيا

**تعداد:** 500

**ڇپائيندڙ:** سليم چنا اشاعت گهر. قاسم آباد حيدرآباد

مشتاق گوپانگ

................

# سوجهرو

لڇمي پنهنجي ٻنهي ٻارن کي ماري ڪُٽي جهوپڙيءَ مان ٻاهري نڪري آئي. ماڪ جي ڪري جهوپڙي ٻاهران آلي ٿي پيئي هئي، ڄڻ تہ هنن جي قسمت لاءِ اباڻڪي ٿي رني هجي. ٻاهر سڄو ميدان ڪوهيڙي جي ڌنڌ سان ڍڪجي ويو هو. روڊ سان ايندڙ ويندڙ گاڏين جي روشنين ميڻ بتيءَ جيتري روشني مس پئي ڪئي!!

ان جي باوجود لڇمي ٻاهر وِلهہ تي ويهي چلهہ ۾ ڪاٺيون سوري ٻاهہ ٻارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي!!

ٻارن جي پيءُ هولارام بدنو ڪٽي جهنگ جي خيال ڏانهن ويندي زال کي چيو: ”تون جو ٻارن کي ايڏو ماريندي هجين پوءِ بہ تنهنجا ٻار سڌرندا تہ ڪونہ هجن.........؟؟“

”رڳو تنهنجا ٻار تہ رلن ۽ پنن ڪون ٿا سڀ برادري جا ٻار رُلن ٿا“، شهر ۾ مسلمانن جا ٻار بہ رلن ٿا، ۽ پنن ٿا اسان جو پنڻ تہ اسان جو نصيب آهي.........!!

لڇميءَ چلهہ تان ئي ڦٽڪي چيس: ”تون هاڻ وڃي هلڪو ٿي اچ توکي تہ رڳو پنهنجي پيٽ جي ڳڻتي هجي ٻار پني اچن تہ تون ويهي کاءُ توکي تہ نہ ڪو شرم هجي نہ ئي حيا هجي؟؟“

هولارام بدني سميت سامهون روڊ جي پرسان نالي تي واش روم لاءِ ٺهيل جهوپڙي جنهن کي چار لڪڙا ڏئي چوڌاري ٽين جي ڇت ڏئي ڍڪيو ويو هو.......!!

لڇمي چلهہ ۾ ڪاٺيون سوري ٻاهہ کي فوڪا ڏيندي ڦٽڪندي ٻارن کي چيو.

”اسان تہ پنهنجي سڄي حياتي هن ڪوهيڙي سان ڍڪيل پٽ پڌر تي ۽ جهوپڙين ۾ گذاري هجي پر توهان بہ اسان جي غربت ۽ جهالت جي ڪوهيڙي ۾ وڪوڙيل حياتي وانگر پنهنجي حياتي جو خانو خراب ڪندو چا .........؟؟

مار کانپوءِ ٻئي ٻار اندر روئي رهيا هئا!

چوندا آهن تہ ٻار پنهنجي مرضيءَ جا بادشاهہ هوندا آهن، پر افسوس اسان وٽ بادشاهہ پنهنجا فيصلا پاڻ ناهن ڪري سگهندا.......؟؟

بس ٻارن جي قسمت بہ عجيب هوندي آهي!!

بظاهر تہ سڀئي والدين چوندا آهن تہ ”اسان سڀ ڪجهہ پنهنجي ٻارن جي مفاد ۽ ڀلي لاءِ ڪيون ٿا، پر حقيقت ۾ سڀ والدين مفاد پرست هوندا آهن. اسان سڀ پنهنجي ٻارن کي پنهنجي مفادن خاطر استعمال ڪندا آهيون جهڙي قسم جو مفاد هوندو آ ٻارن کي تهڙو بڻائيندا آهيون...؟؟

جيڪڏهن اسين امير هوندا آهيون تہ پنهنجي ٻارن کي بہ پنهنجي شان شوڪت مطابق زندگي بسر ڪرائيندا آهيون تہ متان اسان جي شان شوڪت ۾ ڪا گهٽتائي اچي!! جيڪڏهن اسين هاري مزدور يا ڪنهن ڪم جا ڪي ڄاڻو يا ماهر هوندا آهيون تہ پنهنجي ٻارن کي بہ اهو سيکاريندا آهيو، ڇاڪاڻ تہ اها اسان جي معاشي

مجبوري هوندي آهي چور لچ لوفر ٻار کي ڇا ٿا سيکارين..؟؟

پير ۽ مرشد پنهنجي ٻارن کي مريدي ڪون ٿا سيکارين!! سرمائيدار پنهنجي ٻارن کي مزدوري ڪونہ ٿا سيکاريو، رئيس پوٽار پنهنجي ٻارن کي ڪڙمت هارپو ڪون ٿا سيکارين!!

اسان پنهنجي پنهنجي ٻارن کي پنهنجي ضرورتن مطابق ڪم ڪارج سيکاريون ٿا، جيئن اسان جي ڪم اچي سگهن. جهڙي فڪر مڪتب نظريي جا پاڻ هوندا آهيون ٻارن کي بہ اهڙو ٿا ٻڌايون پوءِ بہ سڀ دعوي اها ٿا ڪيون تہ اسان سڀ ڪجهہ ٻارن جي مفادن لاءِ ڪيون ٿا.

هولارام واش روم لاءِ ٺهيل جهوپڙيءَ مان هلڪو ٿي موٽيو ۽ لڇمي پنهنجي اندر جي ٻاهہ کي ٿڌو ڪري چلهہ جي ٻاهہ ٻاري چانهہ ڪاڙهي ورتي.

هولارام بدنو رکي ٻاهہ تي سري آيو. سڪل ڪاٺين جهڙين ڊگهين ٻانهن کي ٻاهہ ڏانهن ڊگهو ڪندي زال کي چيو: "لڇمي ايڏو ضد ڇو ڪيو هجي تنهنجي هن مار سان ٻار پڙهي پاس ٿي آفيسر ڪونہ ٿيندا ؟؟"

"مون ٻارن کي پاس ٿيڻ لاءِ مار ڪونہ ڪئي هجي مون تہ انهن کي پنڻ ۽ رلڻ کان روڪيو هجي!!"

"هولارام ڏس!! بيبي باجي اسان جي ٻارن لاءِ اسان جي برادريءَ لاءِ ڪيڏي ڪوشش ڪري اسڪول کوليو هجي تہ جيئن اسان جا ٻار بہ پڙهي پون تہ جئين انهن جي زندگيءَ ۾ اسان جي جهوپڙين ۾ ۽ اسان جي برادريءَ وٽ بہ سوجهرو اچي!!"

بيبي باجي چوي پئي تہ "علم حاصل ڪرڻ جو اصل مقصد آفيسر ٿيڻ يا وڏو ماڻهو ٿيڻ ناهي، پر علم حاصل ڪرڻ جو اصل مقصد پنهنجي زندگيءَ ۾ روشني ۽ سوجهرو پيدا ڪرڻ آهي." هڪڙي ويچاري اڪيلي عورت ڪيڏو ڪم ڪيو هجي توهان مردن کي تہ رڳو ٻار پيدا ڪرڻا هجن انهن جي پالڻ ۽ پرورش جو تہ توهان کي ڪو فڪر ئي نہ هجي........؟؟

"هولارام هيٺو ٿي زال کي ٻڌندو رهيو. لڇمي چپ ڪون ڪئي مڙس کي دٻائيندي رهي. "مون کي تنهنجي پرڪارن جي خبر آ ٻارن جي نہ پڙهڻ ۾ تون تہ خوش ٿيندين تون ڪيئن چوندين تہ ٻار پڙهڻ لاءِ راضي ٿين پوءِ تنهنجو پيٽ ڪير ڀريندو.......؟؟"

لڇمي ٻاهر مڙس لاءِ سواليہ نشان ڇڏيندي چلهہ تان چانهہ لاهي اندر هلي آئي.

هولارام بہ چانهہ جي ڍُڪي لاءِ اندر هليو آيو........؟؟

اندر ٻئي ٻار پنهنجي آزادي کسجڻ تي روح راڙو ۽ ماتم ڪري رهيا هيا!!

زال مڙس جي تيز ڳالهائڻ ۽ ٻنهي ٻارن جي روئڻ تي سڀ ٻار پنهنجي جهوپڙين مان نڪري اچي هولارام جي جهوپڙيءَ جي در تي گڏ ٿيا. برادريءَ جي مردن ۽ عورتن ۾ سُس پُس پئجي وئي سڀ مذاق ۾ پيا چون اهي لڇميءَ جا ٻار تہ اجهو آفيسر ٿيو وڃن. ها ها!! هاڻ تہ لڇميءَ جي وڏن ماڻهن ۾ وڏي عزت ٿي ويجي، پر مالڪ اسان جي قسمت ۾ تہ پنڻ لکيو هجي، جيڪا مالڪ جي مرضي، جيڪا ڌڻي جي رضا. اسان تہ ڏاڍا خوش آهيون ڀلي لڇمي جا ٻار ٿي آفيسر ٿين اسان تہ پنڻ ۾ ئي خوش آهيون. سڀني پنهنجي پنهنجي ٻارن کي سڏ ڪيو ۽ پنڻ لاءِ روانو ڪري ڇڏيو.....!!

آغا خان چانڊيو
ڪُنري

# رت ڪي ٽانڊو

هُو هونئن تہ تمام گهڻو سخت دل بہ هو تہ ڪن معاملن ۾ ميڻ ڪان وڌيڪ نرم دل رکندڙ هو. سخت مان مراد ڪڏهن بہ ڪنهن جي ڪاڻ نہ ڪڍندو هو. نرم دل مان مراد هُو لکيل پڙهيل شاعر ڪهاڻيڪار ۽ گهڻ ماڻهو هو. هن سڄي عمر پنهنجن جي خدمت ڪرڻ جو نہ رڳو سوچيو بلڪ هن پنهنجن جي هر محاذ تي پير ڪوڙي مدد ڪئي. پنهنجن مان مراد تہ اوڙي پاڙي لاءِ هُو پنهنجو رت ست ڏيڻ ڪان بہ نہ لنوائيندو هو، هن پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ ڀائرن ڪي خوش رکڻ لاءِ تہ وسان ڪين گهٽايو هو ڇو جو پنهنجي دوستن جو وڏو حلقو رکندڙ ماڻهو هو. دوست بہ ڪيس قلمي پورهئي ۽ فراخ دلي جي ڪري وڏو مانُ ۽ مرتبو ڏيندا هئا، ڇو جو هن دوستن سان بہ سچايون ڪيون هيون، انڪري هر مڪتب فڪر جو ماڻهو ڪيس عزت جي نگاھ سان ڏسندو هو. اها عزت هن ڪي پاڻ ڀاران عام ڪي عزت ڏيڻ جي بدولت ملندي هئي، خير هر انسان ۾ ڪي سٺايون هونديون آهن تہ ڪي اوڻايون بہ هونديون آهن دنيا ۾ ڪو ڪنهن ڪي چاهيندو آهي تہ ڪو ڪنهن ڪي پر هن پنهنجي ڀائرن ۽ ماءُ پيءُ ڪان ڪڏهن بہ الڳ ٿيڻ نٿي چاهيو، پر هُو ان وقت اکين مان نير روڪي نہ سگهيو، جڏهن سندس معصوم نياڻي ڪيس نهايت ئي ويچارگي مان چيو تہ: ”بابا پاڻ ڪي ڏاڏا بہ ڪهاڙيون ٿو هڻي ۽ چاچا بہ ڪهاڙيون ٿو هڻين.“ سندس نياڻيءَ جي انهن لفظن سندس اکين نير پلٽي آيا هيڏو سخت جگر انسان پل ۾ ڀُري پيو. هيءُ اهو وقت هو جڏهن هُو پنهنجي گهر واريءَ سان ۽ ان معصوم گڏڙيءَ سان گڏ مزدوري ڪارڻ مرچن جي چونڊ ڪري الٽي ڏاري پنهنجي گهر پهچي چلهہ ۾ ڪک رکي باھ ٻاري پنهنجي گهر واريءَ سان رات جي تنوڻ ڪڻ ۾ مدد ٿي ڪرائي، ڇو جو ٻئي ڄڻا سڄي ڏينهن جي مزدوري ڪرڻ جي ڪري ٿڪل هئا، انڪري هنن هڪ ٻئي سان هٿ ونڊائي ٿي ڪئي ۽ گهر ۾ پيئڻ جو پاڻي ميسر نہ هئڻ ڪري تلاءَ تان پاڻي جي ڪين ڀري اچي گهر پهتو تہ سندس گهر واريءَ سان سندس وڏي ڀاڄائي تمام زور زور سان ڳالهاءِ ڏئي رهي هئي. تنهن تي هن پنهنجي گهر واريءَ کي صبر جي تلقين پڻ ڪئي، پر زالي جهيڙو وات جي ٺڪائن تائين زورن شورن تي هو. صابن توڙي جو مائٽن جو وچٽ اولاد هو سو مائٽن جو هيترو سارو خيال ڪندو هو پر شادي ڪرڻ ڪان پوءِ سندس مائٽ ڪيس هڪ نگاھ ڏسڻ بہ نہ ڀائيندا هئا، انڪري سندس ماءُ صابن ڪي پنهنجي ويڙهي مان لڏي وڃڻ لاءِ بہ چوندي رهندي هئي تہ سندس والد بہ ڪيس اهو طعنو ڏيندو هو تہ هيءُ جيڪو تون ڪچي گهر ۾ رهيو آهين ان جو ليپو گارو بہ اسان ڪرايو آهي تو ڪهڙو مزوري ڀري گهر ٺهرايو آهي، انڪري پاڻ اسان جي گهر مان لڏي وڃي. توڙي جو گهر مٿان لڳل ڇت پڪي هئي جيڪا صابن پنهنجي مزدوريءَ مان ٺهرائي هئي نہ رڳو سندس گهر جي ڇت جو سامان پاڻ ورتو هئائين، پر ان سان گڏ جيڪو سندس وڏي ڀاءُ جي گهر جي ڇت ۾ جيڪو پڪو سامان لڳل هو اهو بہ صابن پنهنجي مزدوري مان ورتو هو. پاڻ جڏهن ڪنهن دڪاندار وٽ پگهاردار هوندو هو ۽ ان پگهار جي پيسن مان هن ٻن ڇتين جو سامان وٺي ڇڏيو هو، تڏهن سندس شادي ٿيل ڪونہ هئي ۽ ان وقت سندس وڏي ڀاءُ جي شادي ٿيل ڪونہ هئي.



’وفا‘ منظور چوهاڻ
شڪارپور

# اڪيلائپ

اڪيلائپ جو احساس ڪائڻ ايندو آهي، اڪيلائپ اوندهه جيان آهي، جنهن ۾ خوف ۽ ڏپ جي فضا ڇانيل هوندي آهي. اڪيلائپ ازدها بلا وانگر آهي، جيڪا خوشين کي ڳڙڪائيندي ويندي آهي. اڪيلائپ ۾ مبتلا ماڻهو پيڙ، رش ۽ ميلي ۾ به پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندا آهن.

فرحانه به اهڙي اڪيلائپ جو شڪار ٿي چڪي هئي، هوءَ شادين مرادين ۽ ٻين خوشين واري موقعن تي به پاڻ کي ٻين کان بلڪل اڪيلي الڳ الڳ ۽ پري پري محسوس ڪندي هئي. شاديءَ جي موقعي تي جڏهن هرڪو خوشيءَ ۾ مگن هجي، اتي هيءَ وري تنهائي ۽ خاموشيءَ واري ماحول کي پئي ڳوليندي هئي.

حقيقت ۾ اهڙي ماحول ۾ ئي فرحانه جي خوشي هئي ۽ هوءَ دلي سڪون محسوس ڪندي هئي، شايد هوءَ پنهنجي يادن جي سهاري جيئري رهڻ چاهيندي هئي. فرحانه جون اهي ڪهڙيون يادون هيون، جنهن جي ڪري هن دنيا جي ٻين خوشين کي پٺتي ڇڏي، صرف يادن کي اوليت ڏني هئي.

يادن جي دريءَ مان جڏهن هن باغيچي ڏانهن ڏٺو ته، هن کي صرف زاهد ئي زندگيءَ جو ساٿي نظر آيو، زاهد هڪ پيار ڪندڙ سندس بي رنگ دنيا ۾ رنگ ڀريندڙ جيون سفر بڻيو، جڏهن سندن زندگي ۾ مايوسين پاسو ورايو هو ۽ ڪيس هر طرف اُداسيءَ جا عڪس اُولڙن جي صورت ۾ صاف ڇٽا ظاهر نظر پئي آيا.

فرحانه جو پهريون مڙس مري چڪو هو ۽ ان مان ڪيس چار نياڻيون هيون، هن پنهنجين خوشين ۽ چاهتن کي پاسيرو رکندي نياڻين جي تعليم ۽ تربيت ۽ شادي ڪرائڻ ئي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻائي ڇڏيو هو. اهڙي وقت ۾ فرحانه جي اڳيان زاهد پيار ٻڌجي آيو ته هن ڪيس شاديءَ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

سالن جي انتظار کان پوءِ فرحانه هڪڙي نياڻيءَ جي شادي ڪرائي ته زاهد ڪيس وري آڇ ڪئي ته فرحانه مان توسان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو، تون وري هر ڀيري انڪار ڪري ٿي ڇڏين. هڪ ڏينهن گهڻي اسرار تي فرحانه ڪيس صاف چئي ڏنو ته، مون تي نياڻين جي ذميواري آهي ۽ انهن جي تعليم ۽ تربيت ۽ شادي ڪرائڻ ۾ ئي منهنجي خوشي آهي ۽ اهوئي منهنجو مقصد آهي.

اهو ٻڌي زاهد ڪيس يقين ڏياريندي چيو ته، فرحانه تنهنجي ذميواري منهنجي ذميواري هوندي، هاڻ! تون رڳو مون تي اعتبار ڪر. تنهنجين نياڻين جي شادين جو ذمو مون تي آهي.

هر موڙ تي تڪليفون پئي ڏنائين. عورت هئڻ جي ناتي سماج ۾ ڪيس هر طرف بگهڙ پئي نظر آيا. هوءَ زماني سان هلندي هلندي بيزار ۽ ڪَڪَ ٿي پئي هئي. هاڻي ڪيس اهڙي سگهاري سهاري جي ضرورت هئي، جنهن جي بدولت هوءَ سماج ۾ جي پئي سگهي. اڄ فرحانه کي زاهد جي روپ ۾ سهارو ملي چڪو هو. اهو ڏسندي فرحانه به ها ڪٿي ڪئي ۽ ائين اهي ٻئي هڪڙي جيون جي گاڏيءَ ۾ سوار ٿي ويا. ان کان پوءِ زاهد به اهوئي ڪري ڏيکاريو، جيڪو هن فرحانه سان وعدو ڪيو هو.

وقت جو ڦيٿو هلندو رهيو، هُو ٻئي پنهنجي ننڍڙي دنيا ۾ خوش هئا ته اوچتو سندن خوشين واري زندگيءَ کي ڪنهن جي نظر لڳي وئي. زاهد ايڪسيڊنٽ ۾ پنهنجون ٻئي ڄنگهون وڃائي ويهي رهيو ۽ کٽ تي اچي پيو. اهڙي ڏکي وقت ۾ گهر جي ڳاٽي ٽوڙ خرچ جي پورائيءَ لاءِ فرحانه ڪارخاني تي

عزت مآب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي جوڙيل "جامع سنڌي لغات" هڪ "ڪهڻ- مقصدي" يا "ڪهڻ- پاسائين لغات" مڃي سگهجي ٿي. هن لغات ۾ ٻه لهجيوار لفظن ۽ اصطلاحن جو وڏو خزانو، جاتيوار اياشائن جا شبد ڀنڊار، لفظن جا اچار، ڌاتو، مادھ ۽ اشتقاق ڏنا ويا آهن، لهٰذا سنڌي ٻوليءَ جي مڙني لغتن ۾ "جامع سنڌي لغات" هڪ بهترين ۽ بامقصد لغت چئي سگهجي ٿي. پنهنجي هن شهڪاري ۾ ڊاڪٽر صاحب خود فرمائي ٿو:

"هن لغات لاءِ سڄيءَ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان، عام رائج لفظن ۽ اصطلاحن کي سهيڙڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي وئي. سنڌ جي هر ضلعي جي مکيه ڀاڱن ۾ مڪاني ماڻهو مقرر ڪيا ويا. انهيءَ لاءِ ته اُهي پنهنجي تر جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح هٿ ڪري موڪلين. مثلاً: ڪاسبن، ڪنبارن، لوهارن، ڪورين، واڍن ۽ وڪاملن وغيرھ جا الفاظ ۽ اصطلاح؛ جنسن جا نالا، جهڙوڪ: ڪاهن، جيتن، ڳلن ۽ پکين وغيرھ جا نالا؛ مقامي ريتين رسمن جهڙوڪ: شادي غمي، ميلن ملاکڙن جا اصطلاح؛ گهرو الفاظ جهڙوڪ: عورتن جا اصطلاح ۽ ٻرت جا نالا وغيرھ؛ الن ۽ کهوڙن جي سازن، سنجن، پنڊن، بيمارين جا الفاظ ۽ اصطلاح؛ ٻوڪ جي مڙني قسمن جي ٻوڪڻ ۽ سنبارڻ جا الفاظ ۽ اصطلاح؛ ميوي جي فصلن جهڙوڪ: انب ۽ کجيءَ وغيرھ جا اصطلاح ۽ الفاظ. هن سلسلي ۾ هي احتياط ٻڻ رکيو ويو آهي ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مڙني مکيه محاورن، جهڙوڪ لاڙ، سري، ٿر، ڪاڇي، ڪاري، ڪڇ ۽ لس ٻيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام رائج الفاظ ۽ اصطلاح، هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن(١١)."

"جامع سنڌي لغات" ثقافتي قسم واري لغت ٻڻ آهي، ڇاڪاڻ ته هن لغات ۾ سنڌ جي ثقافت سان واسطو رکندڙ موضوعن وارا الفظ ٻڻ شامل ڪيا ويا آهن. ڌار ڌار قومن ۽ جاتين جي جاتيوار ثقافت جي جهلڪ وارا الفظ ۽ اصطلاح ٻڻ هن لغات ۾ گهڻي قدر شامل ڪيا ويا آهن.

ڊاڪٽر صاحب جاتيوار ۽ ڌنڌن وار لغتن کان سواءِ ثقافت واري دائري واريءَ لغت جون جيڪي خصوصيتون بيان ڪيون آهن، اهي سڀ خصوصيتون "جامع سنڌي لغات" ۾ موجود آهن. مثلاً: هر ڪرت ڪندڙ، هر جاتيءَ، هر پکي پسونءَ، جانور، جيت ۽ جنتر، وڻن ٽڻن، ڪاهن ۽ ٻوٽن، هنرن ۽ ڪاريگرن، گهرو قسم جا الفاظ، هار سينگار، سونهن سجاوٽ سان واسطو رکندڙ لفظ، اصطلاح ۽ پهاڪا، معياري ادب، ادب، لوڪ ادب ۽ ادبيات جي ڌار ڌار صنفن سان واسطو رکندڙ لفظ ۽ اصطلاح وغيرھ هن لغات ۾ شامل ٿيل آهن. ان لحاظ سان جامع سنڌي لغات کي "ڪهڻ- مقصدي" يا "ڪهڻ- پاسائين لغات" چئي سگهجي ٿو. هن لغات جي مطالعي سان سنڌ جي تاريخ، علم ادب، قومن، قبيلن، جاتين ۽ انهن جي ماڻهن کان سواءِ سنڌ جي ثقافت جي اڀياس لاءِ تمام گهڻي مدد ملي سگهي ٿي. انهيءَ نُڪتہ نگاهہ کان هيءَ لغات، سنڌي ٻوليءَ جي هر لحاظ کان لاثاني لغت چئي سگهجي ٿي.

**ڊاڪٽر غلام علي الانا**

رسالو 'مهراڻ' "ڊاڪٽر نبي خان بلوچ خاص نمبر"

2012/2ع تان ورتل

# متفرقه

ڪلب" ٺاهيائون، جنهن جي زيرنگراني آل پاڪستان شوٽنگ والي بال ٽورناميٽ ڪرايائون. پاڻ تمام بهترين راند ڪيڏندا هئا ۽ اُها ٽورناميٽ سندن ٽيم کٽي هئي. جنهن جي رپورٽنگ مون عبرت اخبار ۾ ڪئي ۽ مون کي شاباس ڏنائون.

پاڻ 1981ع ۾ هڪ دفعي قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جن کي عرض ڪيائون تہ مون کي موٽر سائيڪل وٺي ڏيو، قبلہ سائين فرمايو تہ اها محفوظ سواري نہ آهي ٻي ڪا فرمائش ڪيو تہ پاڻ هارمونيم جي فرمائش ڪيائون. مخدوم صاحب جن حاضري ملازم کي چيو تہ اندر جيڪو منهنجو هارمونيم پيو آهي، اهو نويدالزمان کي آڻي ڏيو، اهو هارمونيم اجان تائين موجود آهي. هارمونيم وڄائڻ ۾ سندن پهريون استاد دلاور حسين عرف پپو ميرجت آهي، جيڪو وري سينگار علي سليم جو شاگرد هو، ان بعد خانصاحب تاراچند پٽ کان ڪلاسيڪي راڳ ۽ طبلي جي تربيت ورتائون. ڪلاسيڪي راڳ خواه سازن جي تربيت ۾ سندن ٻيا جيڪي استاد رهيا انهن ۾ استاد الطاف طائون ملتاني، امير علي ماڙيچو ۽ رشيد خان ميواتي پڻ شامل آهن. هي سڀ فنڪار وٽن باقي حياتي ۾ ايندا رهيا ۽ پاڻ سندن تمام گهڻي عزت ڪندا هئا. ڪين سنڌي، اردو، پنجابي ۽ سرائڪي ڳائيندڙ سڀ فنڪار پسند هئا. سندن ڪلاسيڪل ذوق تمام مٿانهون هو، پاڻ ٻين فنڪارن سان گڏ استاد بڙي غلام علي خان کي وڏي ذوق ۽ شوق سان ٻڌندا هئا. وٽن سنڌ جي سڀني ڪلاسيڪن ڳوين ۽ خانصاحب راڳين جا رڪارڊ موجود هئا.

مخدوم صاحب تمام سٺي سُر ۾ پنهنجي نجي ۽ ذاتي محفلن ۾ اڪثر ڳائيندا هئا. ڪين راڳ، سر ۽ لئہ جي نہ صرف سڃاڻپ هئي بلڪ انهن آلاپن کان آگاهہ بہ هئا ۽ ڪين استاد ڳائڻن وٽان تربيت بہ حاصل هئي.

جيئن تہ سندن خانداني ماحول ۽ قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ جي تربيت مان ٿي ڪين شاعري جو شوق جاڳيو ۽ شاعري شروع ڪيائون، پاڻ قبلہ مخدوم صاحب ۽ سائين جميل الزمان 'جميل' کان اصلاح ورتائون. سندن ڪلام ڪنهن بہ رسالي يا اخبار ۾ اشاعت لاءِ نہ ڏنائون. سندن خيال شاعري جو مجموعو ڇپائڻ جو هو، جيڪو هن وقت سندن مواد ۾ موجود آهي. البتہ سندن شاعري ڪافي فنڪارن ڳائي آهي، خاص طرح شفيع محمد فقير ۽ فقير امداد علي ۽ ٻيا.

ڪانئن جڏهن سنڌي جي اول نمبر جي شاعر جو پڇيو ويو ۽ پاڻ فرمايائون حضرت پٽ ڌڻي کان پوءِ منهنجي راءِ موجب حضرت قبلہ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ گذريل صدي جو وڏو شاعر آهي. اجان بہ ايندڙ وقتن ۾ سنڌ جي صوفياءِ ڪرام ۽ سنجيده مڪتبہ فڪر جي ماڻهن وٽ سندن ڪلام وڌيڪ مقبول ۽ منظور ٿيندو. سندن ٻين پسند جي شاعرن جي فهرست تہ طويل فهرست آهي مگر پاڻ حمل فقير، سيد احسن الهاشمي، مخدوم محمد امين فهيم ۽ مخدوم جميل الزمان 'جميل' سائين جو ذڪر اڪثر ڪندا هئا.

مخدوم نويدالزمان سائين اردو ۾ بہ شاعري ڪئي آهي ۽ سندن اردو غزلن جو هڪ البم شفيع محمد فقير جي آواز ۾ نشر پڻ ياد ٿيو آهي، ڪين ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام پڻ هو، هڪ دفعي مون ڪين ذاتي ڪچهري ۾ گذارش ڪئي تہ ٿورو ڪوبہ ڪلام جهونگاريو تہ پاڻ منهنجي حجت ۽ گذارش تي لتا منگيشڪر جو ڳايل گانو "گذرا هوا زمانا آتا نهين دوباره" شاندار طريقي سان ٻڌايائون. ان بعد حضرت پٽ ڌڻي جو پرچن شال پنهوار...... ۽ بعد ۾ قبلہ مخدوم سائين جو ڪلام "مان دل جون ڳجهڙيون ڳالهيون پلا.... توکي نہ چوان ٻيو ڪنهن کي چوان"، انتهائي دردانگيز ڪيفيت ۾ ڳائي ڪچهري تي وجد طاري ڪري ڇڏيائون.

مخدوم صاحب انتهائي حليم طبيعت جا مالڪ هئا. پنهنجن ملازمن خواه مريدن سان سندن رويو سدائين مهربانن وارو رهيو. اوڙي پاڙي جي ڏک سک ۾ هميشہ بروقت پهچندا هئا. غريبن مسڪينن جي سارسنڀال لهڻ سندن خاص شيوو رهيو. سڀني يارن دوستن سان ڪچهريون ۽ اڪثر فون تي گفتگو خواه

ميسيجن تي پلاڪرڻ سنڌن مشغلو رهيو. گفت و شنيد ۾ خانداني فضيلت، نشست و برخواست ۾ شان ۽ شوڪت ته ڪين ورثي ۾ مليل هئي.

سنڌن شخصيت ۾ ايتري ڪشش هئي جو جيڪو به سائن هڪ دفعو ملندو هو ته سندس پيار جي پيوند ۾ هميشه ٻڌجي ويندو هو. پاڻ هالا شريف ۾ هوندا هئا ته روز حضرت مخدوم نوح سرورؒ جي مزار مبارڪ تي حاضر ٿيندا هئا. هالا لڳ ساداتن جي قبرستان ۾ حضرت امين محمد پڪڻ ڏٽيؒ جي ڏڪي (راهوند) به هفتي ۾ هڪ دفعو ضرور سنڌن حاضري لڳندي هئي. منٺار فقير ڪاٽي واري جي ساليانه عرس مبارڪ جي ٻن راتين واري محفلِ موسيقي جي پروگرام ۾ به ڪڏهن ڪڏهن سڄي رات وڃي جلوه افروز ٿيندا هئا. هميشه حق ڳالهه چوندا هئا. ڪوڙ، نڳي، دوکي ۽ دولاب واري ماڻهوءَ سان سنڌن اصل ڪونه پوندي هئي.

پاڻ گرميءَ جي مُند ۾ 24 جون 2014ع تي ڪاغان جي واديءَ ۾ گهمڻ لاءِ پنهنجي فرزند مخدوم شفيق الزمان عرف 'ديده ور' سائين سان گڏ ويا. سيف الملوڪ ڍنڍ تي ويندي رستي ۾ جبل تي آڪسيجن گهٽ هئڻ سبب ڪين ساهه جي ڳاهٽ ٿي ۽ 'ڪوما' ۾ هليا ويا ۽ سنگتين، سائين، مريدن ۽ معتقدن جا راڄ رئاڙي پنهنجو دم مالڪ حقيقي جي سپرد ڪيائون.

اڄ نه اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

***

مخدوم نويدالزمان جي سنڌي ۽ اردوءَ ۾ ڪيل ڪجهه شاعري هيٺ ڏجي ٿي:

**نظم**

توکي اذان ڏئي پاڻ مون نالو رکيو،
بانگ ٻڌندي پيارا تو هو تورو کِليو.
واهه ٿي وئي هي نظم بعد انتظار لکيو،
هي پڪ چاڻجو سڀ تي آ اختيار لکيو.

***

منهنجا منڙا الله کي حياتيون ڏي،
توسان هردم کندو کي باتيون ڏي.
با مراد مون کي منهنجون راتيون ڏي،
منهنجا مولئ هاڻ دشمن کي ماتيون ڏي.

****

تنهنجي ايندي مون کي اِشارا مليا،
دلربا دوست ۽ دل وارا مليا.
تون ملئين مون کي جهڙا کي ڪنارا مليا،
حڪم مليا ۽ ڪيئين نظارا مليا.

****

توکي الله اهلِ قلم ڪري،
توکي الله اهلِ فهم ڪري،
پهريون نمبر ڪٿين الله ڪو رحم ڪري،
گڏ رهين مون سان فيصله اُهم ڪري.

***

تون جوان ٿيندين آڪسفورڊ ويندين،
خط ۾ مضمون موزون لکندين،
هي پڪ ڄاڻ گريجوئيٽ اتان هي ٿيندين،
پوءِ خدمتون تون مائٽن جون ڪندين.

***

چا به ٿي پئي اوهان جناب پڙهو،
پاڻ پڙهجي، پيا پڙهائيو ڪري خطاب پڙهو،
اوهان جي عمر جو ڪري حساب پڙهو،
نرسري ختم ٿئي هاڻ ڪو ڪتاب پڙهو.

***

پنهنجي مائٽ جو خاص خيال ڪجو،
پينرن پائرن سان قرب ڪو ڪمال ڪجو،
پنهنجي پيرين هلي مديني جو جمال ڪجو،
پاڻ کي پاڻ محنتن سان بيمثال ڪجو.

***

سهڻا کي دوست وفادار ملن توکي،
پيا رڳو توکي ڏسيو هو ته ڏسن توکي،
خوش ٿيو روز پيا ڪلن ۽ ملن توکي،
پنهنجو راهه روان ۽ راهرو چون توکي.

***

ماهرو آهين آفتاب ٿيندين،
ڪامياب ٿيندي تون جتي ويندين،
پاڪ ۽ صاف ٿي هليو هلندين،
نيٺ هڪ ڏينهن منزلن تي رسندين.

## تصنيفات:

سيد عظيم الدين جون تصنيفات سنڌي ادبي بورڊ مان جيڪي شايع ٿيون آهن انهن جو ذڪر هيٺ ڪريون ٿا: سنڌن هڪ اردو ديوان بہ ڇپجي ٿو ۽ ممڪن آهي تہ هيڏي وڏي مصنف جون پيون بہ تصنيفات هجن پر انهن جو ڪنهن کي پتو نہ پيو آهي.

(1) ديوان عظيم حسيني (فارسي) هن ديوان کي ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان (سنڌ يونيورسٽي) مرتب ڪيو آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ مان شايع ٿيو آهي.

(2) فتح نامہ: مير فتح علي خان جي نالي سان مسنونِ هيءُ فارسي مثنوي، جنهن جي تصحيح شير محمد نظامائي صاحب (تنبو قيصر) ڪئي آهي سنڌي ادبي بورڊ مان 1967ع ۾ شايع ٿي آهي.

(3) مثنويات هير رانجها: بتصحيح و مقدمہ، حفيظ هوشياپوري، سنڌي ادبي بورڊ (ڪراچي) طرفان 1957ع ۾ شايع ٿيل آهي، هن ڪتاب ۾ هيٺين شاعرن جون هن موضوع تي مثنويون آهن:

(الف) عظيم ٺٽوي

(ب) ضياءالدين ٺٽوي

(ج) آزاد

(د) نواب ولي محمد خان لغاري

وفات: سيد عظيم الدين شڪرالاهي جي وفات 1229ھ مطابق 1814ع ۾ ٿي، مير غلام علي 'مائل' سنڌس وفات تي هيٺيون قطع چيو جيڪو "تڪملة مقالات الشعرا" ۾ هن طرح درج ٿيل آهي:

روح القدس بسال وفاتش ز غيب رود

گفتا "بجا محب علي العظيم بود"

1229ھ

مير عظيم الدين جي بنگلي جا نشان نيچل نگر وٽ جيڪو رستو حضرت شاهہ مراد شيرازي ڏانهن وڃي ٿو، اتي 2010ع تائين موجود هئا. هن بنگلي جي صحيح حالت ۾ هن دور جو آخري بزرگ سيد شاهنواز شاهہ ولد سيد نجف علي شاهہ شڪر الاهي رهندو هو. بعد ۾ اهو بنگلو صحيح سارسنڀال نہ هئڻ سبب زبون ٿي ختم ٿي ويو. راقم الحروف اڄ کان 30 سال اڳ اهو بنگلو زبون حالت ۾ ڏٺو.

## مددي ڪتاب:


1) تحفة الڪرام (سنڌي)، مير علي شير قانع، مخدوم امير احمد، مطبوعہ سنڌي ادبي بورڊ.
2) معيار سالڪان و طريقت، (سنڌي) مير علي شير قانع، سنڌي ادبي بورڊ.
3) مقالات الشعراء، (فارسي) ايڊٽ حسام الدين، مطبوعہ سنڌي ادبي بورڊ.
4) ڪتاب ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ.
5) ديوانِ عظيم، مير عظيم ٺٽوي، سنڌي ادبي بورڊ،
6) فتح نامہ سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ.
7) مثنوي هير رانجهہ، عظيم ٺٽوي، سنڌي ادبي بورڊ.
8) تذڪره مشاهير سنڌ، دين محمد وفائي، سنڌي ادبي بورڊ.
9) 'تڪملة مقالات الشعرا' تاليف مخدوم محمد ابراهيم خليل ٺٽوي، تصحيح و حواشي: سيد حسام الدين راشدي (1958ع) سنڌي ادبي بورڊ.

**مخدوم سليم الله صديقي**
پاٽ شريف



# مخدوم آفتاب احمد صديقي

مخدوم آفتاب احمد 5- جنوري 1925ع تي پاٽ شريف جي علمي ۽ ادبي ماحول ۾ جنم ورتو. علم ۽ ادب سان لڳاءُ سان گڏ سرڪاري عهدن تي پڻ رهيا. پاڻ اسسٽنٽ مختيارڪار ميهڙ ۽ دادو ڪانسواءِ مهل ڪار ٽنڊو بولا خان 1965ع ۾ بحيثيت مختيارڪار ڳڙهي ياسين ۾ 1970ع کان 1972ع تائين خدمتون سرانجام ڏنائون. جنهن کان پوءِ 1973ع تائين سڪرنڊ ۾ رهيا. جنهن بعد ايڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ حيدرآباد مقرر ٿيا. پاڻ 30- اپريل 1980ع ۾ وفات ڪيائون ۽ پنهنجي پٺيان ٻہ فرزند اعجاز ۽ اشفاق ڪانسواءِ چار نياڻيون ڇڏيائون. سندن وڏي نياڻي منصوره ڊاڪٽر آهن، جڏهن تہ ٻيو نمبر شگفتہ ايڊيشنل سيشن جج حيدرآباد طور خدمتون سرانجام ڏئي رهي هئي جو ڪنهن بيماري سبب حياتي ساٿس وفا نہ ڪئي ۽ تازو ئي وفات ڪيائين. جڏهن تہ ٽيون نمبر نياڻي محترمہ فرح ناز ناز پروفيسر طور زبيده ڪاليج حيدرآباد ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي. جڏهن تہ چوٿين نياڻي زيب النساءِ اليڪٽرانڪس ۾ ماسٽرس آهي.

آفتاب صاحب عشقِ رسولﷺ ۾ ڪيتريون ئي نعتون تحرير ڪيون، جن مان ڪافي سندس ڀائٽي مخدوم سڪندر صديقي پاٽائيءَ پنهنجي ذاتي علمي ذخيري ۾ محفوظ ڪيون، جن مان ڪجهہ نمونو طور عام لاءِ اڳيان آڻجن ٿيون:

## نعت مبارڪ

(1)

هوائون وجد ۾ آهن، فضا اڄ خوشگوار آهي،
زمين و آسمان تي ڪيف جو هلڪو خمار آهي.
شجر، برگ و ثمر، غنچہ جي دامن، گُل جي عارض کي،
ڏنو قدرت جي صانع حُسن جو نقش و نگار آهي.
لڳو ڪونين جي محفل ۾ غاليچو زُمُرُد جو،
اِرم ٿي ڪائنات آهي، فضا ٿي لالہ زار آهي.
گلاب افشان زمين ٿي ۽ زمن تي زر فشاني ٿي،
وڌيو وقتِ نشاط انگيز ۾ سڀ جو وقار آهي.
وسِي ڇڻ بادلن جي ڪاڪلن مان مشڪ و عنبر جي،
سٽيو سُرهاڻ سان گهوارهٔ ليل و نهار آهي.
خدائے لم يزل خُلدِ برين بخشيو خدا ٿي کي،
کُليو بابِ ڪرم شانِ ڪريمي آشڪار آهي.
اُفق شفاف ٿيو، وُسعت ملي رنگين نظارن کي،
شفق گلفام ٿيو، شام و سحر تي رنگِ يار آهي.
ٿيا شاداب ٻريٽ، زندگي تي دلڪشي ڇانئي،
حيات اندر حيات آهي، بهار اندر بهار آهي.
صدف هيرا گهُر آڇيا، صبا خوشبو کڻي آئي،
توَلد اڄ ٿيو جو دوجهان جو تاجدار آهي.
اکين ڪئي مرحبا ۽ رهگذر فردوس ٿي چمڪيا،
جتي شاهِ اممﷺ جي شهسواري جو غبار آهي.
پکين ڳايو، گل و گلزار ٻهڪيا، رقص شبنم ڪيو،
شه لولاکﷺ جو خوشنود فطرت خيرمقدم ڪيو.

(2)

ٿيو صَلِّ عليٰ جو غُل محمدﷺ جي وِلادت سان،
مُطَهَر جسم ٿيو تسنيم و ڪوثر جي لطافت سان.
ستارن جي لبن تان حمدِ باري تعہ جون اٿيون موجون،
مخاطب ٿيا ملائڪ نظمِ قدرت جي فصاحت سان.
قطارِ انبيا سلڪِ گهُر جڻ باصفا بيٺي،
اڳيان ٿيو مصطفيٰﷺ لعلِ بدخشان جي وَجاهت سان.
شهاڻا ويس پهري شاد ۽ مسرور ٿيون حوُرون،
ڏکي محبوب مرسلﷺ جي ادا انوار رحمت سان.
قدم بوسي ڪئي جبرئيلؑ اِن پر ذاتِ اطهر جي،
لڳن شبنم جا موتي جڻ گلِ خندان جي نگهت سان.
اُتاري چنڊ جي مسحور ڪرڻن سنگِ اسود تي،
محمدﷺ جي ثنا لولاک جي قدسي عبارت سان.
جُهڪيو باطل جو سر، بي زور شرڪ و بت پرستي ٿي،

فساڻ وهم جا سڀ ٿيا فنا سيلابِ وحدت سان.
ٿيو اظهار حق جو، رازِ خِلقت جي اشاعت ٿي،
عيان نورِ ازل ٿيو آدمِ خاڪي جي صورت سان.
خزان جو دور ويو، اُجڙيل چمن جي آبرو آئي،
خس و خاشاڪ ٿيا معمور پيغامِ مُسَرَّت سان.
مبارڪ! سيدِﷺ ڪون و مڪان تشريف فرما ٿيو،
مبارڪ! خاڪِ بطحا تر ٿي خوشبوئي رسالت سان.
وسائي آتش فارس، ترا طاغوت جا نِڪتا،
سُڪي ساوه جي بهر ۾ ڪاخ ڪِسريٰ جا ڪريا ڪنگرا.

(3)

لٿا ذوقِ تڪلم تي رخِ پُر نور جا جلوه،
سحر جي نور جي اُڏو ڪليا غنچن مٿي غنچا،
قلم آهي سنڀاليو تختِ شوڪت شاخِ طوبيٰ جو.
زبانِ ڪمترين کي ڪيا عطا عشقِ نبيؐ رتبا،
ثنا سردارؐ جي ٿي زيب ور اوراقِ قرآن تي،
فضائي صبح تي جنءِ جلوه گر فصلِ گل و لالہ
نظر مڪي تي اڄ سلطانِ مازاغَ البَصَرُ جي پئي،
دو عالم شوقِ آرائش ۾ پلتو گوهرِ يڪتا،
محمدؐ صاحبِ قرآن، محمدؐ قائدِ ذي شان،
محمدؐ فهم جو مالِڪ، محمدؐ علم جو آقا،
محمدؐ بخت جو پايو، محمدؐ سڀ جو سرمايو،
محمدؐ قوتِ اعليٰ، محمدؐ نعمتِ عُظميٰ،
محمدؐ شانِ محبوبي، محمدؐ آنِ مطلوبي،
محمدؐ حُسن بحر و بر، محمدؐ فيض جو دريا،
سَحابِ فيض و فحمت، سورتِ وَ الّيلِ تي گيسو،
سراپا سورتِ وَ الشّمس جي زينت رخِ زيبا،
عجم اڄ عندليب آهي سندس نغمه سرائي جو،
عرب ڳائي رهيو آ آمنہ رضہ جي لال جا سهرا،
گُلن وانگر جتي جهولو لڏي ٿو شاهِ خوبان جو،
مبارڪ آهه سا بستي، مبارڪ آهه سو صحرا،
ندا آئي تہ عطرِ جانفزا خِلقت تي ڇٽڪايو،
جو رفعت تي دُرودِ رَحمت لِلعالمينَ آيو.

(4)

بلند انسان جي ادراڪ کان درجو محمدؐ جو،
هلي افلاڪ جي بُرجن تي ٿو سِڪو محمدؐ جو.
نہ خال و خط سندس محتاج ڪنهن طرزِ نگارش جو،
ڄڻي کهڙي طرح نوڪِ قلم نقشو محمدؐ جو.
تخيل آهه بي پر، عقل و دانش بي بِساط آهي،
جتي فرمان روائي ٿو رکي رُتبو محمدؐ جو.
قريشي، هاشمي، مينار تهذيب و فضيلت جو،
نسب اهڙو نجيب ۽ نام آ سهڻو محمدؐ جو.
تجمل قاب قوسَيني، ٿَبَجرُ قلبي و عيني،
عجب انداز سان جود و ڪرم ڇانيو محمدؐ جو.
ڪمالِ آدمِ خاڪي، جمالِ مصطفيٰؐ آهي،
جمالِ خالقِ ارض و سما جلوه محمدؐ جو.
ڪيو شقُ القمر دين مبين کي جلبجا روشن،
شبِ اسريٰ جي اُبرن کي مليو عشوه محمدؐ جو.
نشانِ آشنائي مرڪ تي خوبي مؤدت جي،
طريقِ خوش نما، خُلقِ عظيم، اُسوه محمدؐ جو.
قلم جي ناز سان آيو جو اُمي بزمِ اِقرا ۾،
تہ بامِ علم تي چمڪيو مِٺو نالو محمدؐ جو.
مقدر جا سُڪل شاخ و شجر سرسبز ٿي اُسريا،
ميسر نيٺ ٿيو انسان کي سايو محمدؐ جو.
منور جنهن ڪيا ايمان جا عنوان، سلام اُن تي،
سراسر صاحبِ احسانِ بي پايان، سلام اُن تي.

## شانِ رسولؐ

ڪنهن بہ انسان تي اڪيون ڀوڻي ڀروسو ڪيم ڪر،
هڪ محمد مصطفيٰؐ کي رهنما تسليم ڪر.
ساندِ سيني جي اندر احوال اُن جي شان جو،
جا خلاف ان جي هجي تحرير سا ڌونيم ڪر.
جو مٿي لوح و قلم کان ۽ ازل کان محترم،
دل جي گهراين سان تنهن سردار جي تعظيم ڪر.
ڳاءِ ڳڻ تنهن جا ڏنو اخلاق جنهن انسان کي،
زندگي ۾ عام اِن احسان جي تعليم ڪر.
ذات اقدسؐ جي تصرف جو نہ ٿي بي اعتقاد،
عاقبت ڏي ڪر نظر اِن خيال جي ترميم ڪر.
شل سندس اُلفت جي سڀ کي ٿئي فراواني نصيب
ترت يارب! اهڙو ڪو ذوقِ طلب تقسيم ڪر.

پروفيسر ڊاڪٽر محمد اشرف سمون
راڃو ڳوٺ- سال



# پروفيسر مراد علي راهمون
## (وڃي ڪالهه ڪل ٿيا)

علم جو ڪڇي وڃڻ ۽ اهلِ علم ڪان دنيا جو خالي ٿي وڃڻ خود نبي ﷺ جي قول مطابق آخري عهد جي نشاني آهي، مون ڪنهن تذڪري ۾ پڙهيو ته مولانا محمد علي جوهر ڪنهن فرشي نشست ۾ تشريف فرما هئا، جتي شريفو فروٽ سندن اڳيان هو پاڻ ان کي کائي رهيا هئا، سندن اڳيان خالي پليٽ رکيل هئي، جنهن ۾ ان شريفو جو ٻج يعني ڪڪڙي رکي ٿي وينئي پاڻ ان ٻج ۽ ڪڪڙيءَ کي بجاءِ پليٽ جي پاسي ۾ زمين ۾ پوري ڇڏيائون، ڪنهن شخص چيو سائين اوهان ان کي پليٽ ۾ رکو پاڻ هڪدم جواب ڏنائون ته هن ملڪ ۾ شريفن جي ڏاڍي کوٽ آهي، ان لاءِ شريفن جو ٻج پوکي رهيو آهيان سچ پڇو ته هن وقت عموماً پوري ملڪ ۾ خصوصاً سنڌ ۾ اهڙن عظيم علمي، ادبي، روحاني شخصيتن جي ڏاڍي کوٽ آهي. تازو اسان جو دوست مشهور ليکڪ علمي ادبي ۽ فعال شخصيت ڪيترن خوبين جو مالڪ اسان کي داغ جدائي ڏيئي هميشه لاءِ وڃي ابدي دنيا ۾ آرامي ٿيو منهنجي مراد آهي پروفيسر مولوي مراد علي راهمون صاحب سندن تعلق ٿر جي صحرائي علائقي سان هو. بيشڪ صحرائي علائقائي، علم، ادب، تاريخ ۽ فطرت جا امين هوندا آهن نه ڄاڻي ان وارياسي علائقي قديم دور ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون شخصيتون پيدا ڪيون ۽ اهو سلسلو الحمدالله اڄ تائين هلندو پيو اچي، بقول علامه اقبال جي:

فطرت کے مقاصد کی کرتا ہے نگہبانی، بندہ صحرائی یا مردِ کوہستانی

ان حوالي سان اسان جي عظيم محقق عالم معمور يوسفاڻي غفرالله جيڪو ڪم ڪيو آهي اهو لائق تحسين آهي ۽ هر اهل علم و ادب شناس کي ان ڪان آشنا ٿيڻ گهرجي. محترم مراد علي راهمون صاحب به ادب جي دنيا ۾ معمور صاحب جي مڪتبهٔ فڪر مان اُسريو ۽ اوچو ٿيو.

پروفيسر مراد علي راهمون جو جنم پهرئين جون 1960ع محمد حيات راهمون جي گهر ڳوٺ ڪيرلو تحصيل ضلعو عمرڪوٽ ۾ ٿيو، سندن ذات راهمون پاڙو راوتاڻي آهي. مولوي مراد علي راهمون صاحب جي وفات 9 جولاءِ 2021ع تي ٿي.



راهمون صاحب همه محبت هڪ عالم، اديب ليکڪ سماج سڌار اهل علم ۽ علم دوست فعال شخصيت سان گڏ پروفيسر گڏوگڏ سنڌ تعليم کاتي ۾ ڪاليج سائيڊ تي ڊئريڪٽر فائنسز جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيا.

پاڻ ٿر جي پڇڻ واري علائقي مان نڪري هڪ عظيم منصب تي پهچڻ لاءِ نه ڄاڻي ڪيترا جتن ڪشالا ڪڍيائون، 2007ع ۾ ڪراچي آيا ۽ مون کان منهنجو مڪان بحيثيت ڪرايه دار جي ورتائون جيڪو تاحال وٽن ڪرائي تي آهي، مٿيون فلور سندن رهائش ۾ هو ۽ هيٺ آءٌ رهندو هئس ظاهر آهي ته ڪيتري قربت هوندي ۽ ڪيتريون نشستون ۽ ملاقاتون مشورا گڏيل هوندا هئا، هڪ دفعي پاڻ

شخصيات جو ڪين تمام گهڻو مطالعو رهيو، خاص طور تي عالمن ۽ مدرسن جي حوالي سان ڪين تمام گهڻي معلومات هئي، پاڻ منهنجي هڪ بهترين ساٿي ۽ دوست جي حوالي سان تہ احترام ڪندا هئا، پر جڏهن ڪين خبر پيئي تہ منهنجو والد حضرت محمد عثمان قراني رحہ صاحب جو شاگرد هو تہ ويتر گهڻو احترام ڪرڻ لڳا، ايتريقدر جو قراني رسالو ولهيڻ مان جيڪو 1936ع ۾ نڪرندو هو ان جو عڪس بہ مون کي ڏنائون، جيڪو اڃان تائين مون وٽ موجود آهي.

اردو يونيورسٽيءَ جي هڪ تقريب ۾ قرآن پاڪ جي تلاوت جيڪا مٺي آواز ۽ قراة جي اصولن تي ڪندا هئا، ڪين سڏيو ويو تہ پاڻ سورة بقره جي رڪوع جي نثري ترجمي ۾ جڏهن صمٌ بڪمٌ عميٌ جو لفظي ترجمو ڪيائون، پوءِ چيائون تہ انهن جي اهڙي مت مٺي، ان تي تقريب جي صدارت ڪندڙ مشهور دانشور آغا سليم ڪين سڏي ان نثري ترجمي جو داد ڏنو ۽ سندس ٻوليءَ جي وسعت جي تعريف ڪئي.

آءٌ سمجهان ٿو تہ مون ڪيس تمام ويجهو ڏٺو پاڻ هم وقت ديني، ادبي سماجي ۽ اصلاحي ڪمن ۽ جنبي سان واڳيل رهندا هئا، خاص طور تي مٿن ديني فڪر تمام گهڻو غالب هو، ان فڪر جي تگ دو ۾ رهندا هئا بقول علامہ اقبال:

اسی کشکش میں گئی میر کاراتیں۔
کبھی سوز و ساز رومی کبھی پیچ وتاب رازی

ڪراچي يونيورسٽيءَ سنڌ جي سمان دور تي هڪ وڏو پاڪستان ليول تي سيمينار منعقد ڪيو. هيءُ سيمينار سنڌي ڊپارٽمينٽ جي طرفان منعقد ٿيو ان وقت محترمہ خورشيد عباسي سنڌي ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين هئي. جنهن ۾ پوري سنڌ جي وڏن عالمن اسڪالرن دانشورن شرڪت ڪئي جنهن جي هڪ سيشن جي صدارت سردار حاجي محمد هاشم سمون مرحوم سيڪاٽ واري ڪئي، خود مون کي بہ مقالي پڙهڻ جو اعزاز مليو ۽ ان موقعي تي مقالن تي مشتمل هڪ ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿيو، جيڪو ان عهد تي هڪ دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. هن سيمينار لاءِ پاڻ ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب کي ڪميٽي ۾ ميمبر طور ڪنيائون. ڊاڪٽر صاحب ان وقت جناح اسپتال ۾ نيورلاجي ۾ ڊپلوما جو ڪورس ڪري رهيو هو، پوءِ ٻنهي گڏجي سيمينار جي اخراجات لاءِ ان وقت جي سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن حاجي علي مراد راڄڙ ۽ عبدالرزاق راهمون کي پڻ پاڳي پائيوار ڪيو. آءٌ دعويٰ سان چوان ٿو تہ ان سموري ڪم جو ڪريڊٽ صرف ۽ صرف مولوي مراد علي راهمون صاحب جي طرف وڃي ٿو. مولوي اميرالدين مهر جي قرآن پاڪ جي ٿيل ترجمي ۾ پاڻ ڪين مڪمل علمي سهڪار ڪيائون، جنهن جو اعتراف خود مهر صاحب بہ ڪيو آهي. پاڻ آخر ۾ ڍاٽڪي زبان ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو ڪري رهيا هئا، جيڪو نامڪمل رهجي ويو. پاڻ 20 گريڊ جي پروفيسر، ڊئريڪٽر هجڻ جي باوجود سندن برادريءَ ۾ مولوي مراد علي راهمون جي نالي سان ان ڪري بہ مشهور هئا جو پاڻ هڪ طويل عرصو عمرڪوٽ جي مدينہ مسجد ۾ امام ۽ خطيب رهيا، جتي سندن ڪيترا شاگرد رهيا، گڏوگڏ سيد علي مردان شاهہ ڪان نہ صرف مڊل اسڪول منظور ڪرايائون، بلڪہ گڏوگڏ ان ڳوٺ کي ٽائون جو درجو ڏياريائون، اهو سندن هڪ اهم ڪم آهي. جو هڪ تعليمي اداري جو بنياد وڌائون، جتي سون جي تعداد ۾ صحراءِ ٿر جا ٻار اڄ بہ تعليم جي زيور سان آراستہ ٿي رهيا آهن، پاڻ علائقي، عمرڪوٽ ان جي آسپاس خاص طور تي راهمون برادريءَ ۾ حق سچ ۽ انصاف جي حوالي سان ايترا تہ مقبول هئا جو برادريءَ جي هر فيصلي ۾ ڪين امين طور چونڊيو ويندو هو، پاڻ سياسي طور تي قول قرار ۽ پنهنجي موقف ۾ تمام گهڻو پختا ۽ مضبوط هوندا هئا. جنهن جي ڪري پوري ضلعي ۽ برادريءَ ۾ ڪين عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو. قوت بياني دلائل جي اعتبار سان ايترو

ته سندن وزن هوندو هو جيئن بقول محترم اسد جمال پلي صاحب جي ته رني ڪوٽ جي سيمينار ۾ ايم.ايچ.پنهور صاحب کان ڪيترا سوال ڪيائون، جن جو هن وٽ ڪو معقول جواب نه هو، ڪراچيءَ ۾ ڪڏهن شانتي نگر واريءَ مسجد ۾ امام صاحب نه هوندو هو ته پاڻ جمعي جي نماز ۽ تقرير جو ڪين اعزاز ملندو هو، امانتداري ۽ ديانت داري ايمان جو حصو آهي.

عالمن نيڪن ۽ صالحن جي تمام گهڻي عزت ۽ احترام ڪندا هئا، مون کي ته پنهنجي وڏي برادر جي حيثيت سان نه چاهي ڪيترا ذاتي مشورا ونندا هئا، جيڪو سندس وسيع قلبي جو مظهر هو، جيڪو تمام گهٽ ماڻهن ۾ هوندو آهي، پنهنجي اولاد کي ويهي سمجهائڻ وقت مون جهڙي ناچيز ماڻهوءَ جي تعريف ڪندا هئا، جنهن جو شايد آءٌ مستحق به نه هجان اهو سندن حسن ظن جو اعليٰ مثال هو ظنو باالمؤمنين خيراً- الحديث.

هڪ دفعي وٽن سندن برادريءَ جو عالم انديا کان آيل هو جيڪو نه صرف دارالعلوم ديو بند جو فارغ التحصيل هو پر گڏوگڏ جميعة العلماء هند جو راجستان جو عهديدار به هو، ان جي وڏي پرتڪلف دعوت ڪيائين، جنهن ۾ هن احقر کي به مدعو ڪيائون ۽ وڏي علمي ديني مجلس رهي، پاڻ ڪراچيءَ ۾ ڪيترن مذهبي پروگرامن ۽ ريڊيو ۽ ٽي.ويءَ تي ايندا هئا ۽ هڪ مصلح جي حيثيت سان ان ذميداريءَ کي ادا ڪندا هئا.

ريٽائر ٿيڻ کان پهريان 3 سال ايجوڪيشن ۾ ڊئريڪٽر فائنس سنڌ رهيا، پر سندن وضع قطع اُهائي عالمانه رهي وڏائي، فخر، تڪبر کان پري ۽ پاسيرا رهيا. ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ مون سان رابطي ۾ رهيا ته آءٌ فارغ آهيان ڪو ديني ڪم مستقل ڪيو وڃي يا ڪٿي ڪنهن ديني اداري جو بنياد وڌو وڃي، جيئن ته آخرت سنورجي سگهي. ان نيڪ نيتي ۾ هئا، پر شايد رب جي طرفان سندن داڻو پاڻي مختصر هو، 9 جولاءِ 2021ع تي مغرب نماز کان پوءِ پنهنجي پٽ سان گڏ ويٺل هئا ته ڪين اٽيڪ ٿيو، هڪ لمحي ۾ سندن ساهه جو پکي پرواز ڪري ويو.

پکي پر سوئيا پيچرو پراڻو،
اجهو اڏاڻو دادن پنهنجي ديس ڏي.

مراد علي صاحب پنهنجي پويان چار پٽ جن مان هڪ مولوي ڪليم الله صاحب جيڪو فارغ التحصيل ٿيڻ وارو نيڪ سيرت عالم فرزند آهي،۽ سندس پيو اولاد به نيڪ صالح اولاد آهي، جيڪو سڀ کان وڏو ترڪو دن دولت آهي يعني صالح اولاد، سندس جنازي نماز ڪراچي دارالعلوم جي مدرسي بيت المڪرم ۾ رات جي ليٽ حصي ۾ پڙهي وئي، جنهن ۾ تمام وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي، ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ ڪيترا هردلعزيز ۽ راه رسم رکڻ وارا هئا، جڻ پنهنجي پويان هڪ وڏو انگ دوستن احبابن جو ڇڏيائون، سندس عزيز دوستن مان راقم الحروف ڊاڪٽر محمد اشرف سمون کان سواءِ مولوي محمد طاهر ولد علي محمد راهمون، ڊاڪٽر اسد جمال پلي، سنجر عمران راهمون، ريحان شاهه، فيصل شاهه، حاجي سراج سومرو، حاجي خالد سومرو، کان علاوه سيد سردار شاهه ته سندس شاگردن مان آهي. ان کان سواءِ ڪيترا عزيز دوست هئا جن جو ڳڻو موچارو تعداد آهي، ڪين اوچتو داغ مفارقت ڏيئي ويو، آخر ۾ آءٌ سندس پوين کي عرض رکندس ته مولوي مراد علي راهمون صاحب جن جا مقالا، تحريرون، تقريرون جيڪي به وٽن محفوظ آهن انهن کي جمع ڪري هڪ ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪن ته جيئن سندن پورهيو محفوظ ۽ مامون رهي سگهي.

◙

ڳوٺ جي ويجهو محمد يوسف چانڊيئي جي ڳوٺ ۾ والي بال ميچ جون ٽورناميٽون ٿينديون هيون، انهن ۾ شرڪت ڪرڻ، ان شوق ۾ اسان به پنهنجي ڳوٺ ۾ والي بال جو گرائونڊ ٺاهي مقابلا ڪرايا.

پوءِ سنڌس ٽيم جا مقابلا، چمبڙ جي ٽيم، لانڊي جي ٽيم، ساماري جي ٽيم، ٽالهي جي گرگيجن جي ٽيم، اهري جي ٽيم ۽ ٻين مقامي ٽيمن سان مقابلا ٿيندا رهيا، ڪمال جي ٽيم جو ڪپتان محمد حاصل مسرور هوندو هو، الله ورايو نديم، عبدالحڪيم، سهراب، غلام حيدر فوجي ۽ مراد علي سنڌس ساٿي هئا.

ملهه ۾ به ڪمال واهه جو نالو ڪڍيو. هر ميلي ۾ ملاڪڙي ۾ ڪمال لٽو پيو آهي، ڪمال جي اها عادت هوندي هئي ته جڏهن به ڪنهن راند يا ٻي ڪنهن ڪم تي روانو ٿيندو هو خاص ڪري سنڌس ڏاڏي عرس خان جي پيرن تي هٿ رکي اجازت وٺي پوءِ روانو ٿيندو هو، ڏاڏي جي نظر به گهٽ ٿي ويئي هئي، انڪري پاڻ ڏاڏي جي خدمت ئي ڪندو هو، ڏاڙهي ٺاهڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، ڪڏهن ڪڏهن ڏاڏا جي حڪم تي ترنم ۾ ڪلام ٻڌائڻ مطلب ته ڪيس سدائين خوش رکيو ٿي آيو، ان نموني جڏهن به ملاڪڙي ۾ ويو سدائين ملاکڙو کٽي ٿي آيو، ٻي جوڙ جي ملهن سان به مقابلو ڪري ڪين هارايائين، ملوڪ نهڙيو، پير جي سامي بدين وارو، غني ٽالپر، عاشق ٽالپر، پڙيو پيل، بشير گشڪوري ٽالهي وارو ۽ محمود کهيري سان ڪامياب ملهون ڪيائين.

ملهه ۾ سنڌس استاد سانوڻ چانڊيو (جيڪو يڪي خاصخيلي جو استاد هو) خدا بخش مجاهد چانڊيو (شاعر) ۽ خميسو اوٺو (خانور اوٺا) مشهور ملهه پهلوان هئا، سنڌس شاگردن ۾ محمد ابراهيم ڪوسو ۽ قائم چانڊيو ٽاليوارا ملهه آهن.

ڪمال خان جو سڄو خاندان پاڪستان ٺهڻ کان وٺي آخر تائين مسلم ليگ سان وابسته رهيو، ان خانداني جذبي جي ڪري ڪمال خان پڻ مسلم ليگ ۾ رهيو. 23 فيبروري 1997ع تي جڏهن خدمت ڪميٽين جو قيام عمل ۾ آيو، جيڪو ضلعي سطح کان وٺي تعلقي، يونين سطح تائين ميمبر چونڊي غريب عوام کي سڌو انصاف مهيا ڪرڻ، پوليس، راشي آفيسرن تي نظر رکڻ، پاڻي چوري، بجلي وغيره ۾ بدعنوان آفيسرن تي نظر ۽ ٻيا ڪيئي ڪم ته انهن جي نگراني لاءِ رضاڪارانه طور هڪ سال جي لاءِ ميمبر چونڊيا ويا، ڪمال انهيءَ ڪميٽيءَ جو ضلعي جو ميمبر چونڊيو ويو.

آءٌ ته اڄ به سوچان ٿو ته ڪمال ڪان ڪهڙو ڪم ويو جيڪو نه ڪيائين، هر ڪم ۾ حصيدار اسان هئاسين؛ راقم قادر بخش 'مخلص'، الهورايو نديم، محمد حاصل 'مسرور'، صلاح محمد 'ساحر'، محمد هارون 'مقبول'، راهب 'مهجور'، ڪريم بخش 'ڪاظم'، منٺار 'مسڪين' پيل، عزيز 'اشراف'، پير بخش 'پرواز'، ۽ ٻيا، استاد المحترم سائين 'معمور' يوسفاڻيءَ جي شاگرديءَ ۾ شامل هئاسين، جيڪو اسان شاگردن کي شفيق پيءُ وانگر پنهنجا ٻچا سمجهي، اسان جي شعرن جي اصلاح ڪندو رهندو هو. اسان جا پروگرام گڏجاڻيون جيڪي ڪمال کي متاثر ڪري ويون ۽ پاڻ به انهن ڪچهرين ۾ حصو وٺڻ لڳو. هر فن مولا ته اڳيئي هو شاعريءَ واري فن ۾ به ڪاهي پيو، ڪجهه ٿڪو شعر چوڻ 'ڪمتر' جي تخلص سان شعر ٺاهي ترنم سان ڳائي ٻڌائيندو هو، ۽ اهي شعر ڪاپي تي لکندو رهيو ٿي ۽ جيئن ئي سائينءَ 'معمور' سان تعلق جڙيس ۽ اسان ڪان به وڌيڪ سائين سان ميل جول ڪري ورتائين ۽ ڏينهن ۾ ڏهه شعر چوڻ ڪمال، ڪمال ڪري ورتو، سائين استاد المحترم جي مشوري سان 'چانڊيا پبليڪيشنس' قائم ڪئي ويئي، جنهن جو صدر محمد حاصل 'مسرور'، نائب صدر ڪمال 'اختر'، خزانچي الهورايو نديم، جنرل سيڪريٽري راقم (قادر بخش 'مخلص') چونڊيا ويا. ان گڏجاڻي ۾ ئي 'ڪمال اختر' جي شعرن جو مجموعو منظرعام تي آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو، مون سنڌس ڪلام لاءِ لکيو ته بحمدالله اسان پنهنجي ان ڪم ۾ اڄ ڪامياب نظر پيا اچون، جو ڪتاب توهان سڀڻن جي هٿن ۾ آهي، آءٌ جناب سائين معمور يوسفاڻيءَ جو ٿورائتو آهيان جنهن جي ساٿ ۽ تعاون

سان ٿي هي ڪتاب ميدان تي آيو آهي، اڳتي به انشاءالله تعاليٰ سنڌس سلٽ اسان سان رهندو. (فقط 13- ڊسمبر 1981ع توهان جو 'مخلص' چانڊيو جنرل سيڪريٽري 'چانڊيا پبليڪيشنس' ڳوٺ گهنور خان چانڊيو).

'سنيها سرير جا' ڪمال جا جيڪي ڪتاب جي باري ۾ ۽ استاد المحترم معمور يوسفاڻي جي عقيدت ۾ جيڪي به اکر چيائين: آءٌ نه وڏو اديب آهيان ۽ نه ڪي وڏو شاعر جنهن جي ڪلام جو مجموعو ڇپائي عوام آڏو آڻجي مگر منهنجي دوستن منهنجي همت افزائي خاطر، منهنجو ڪجهه ڦڪو ڪلام پنهنجي اداري 'چانڊيا پبليڪيشن' جي طرفان شايع ڪري هڪ انوکو قدم کنيو آهي، جنهن لاءِ آءٌ 'پبليڪيشنس' جي سڀني عهديدارن جو ٿورائتو آهيان، آءٌ پنهنجي استاد المحترم جناب معمور يوسفاڻيءَ صاحب جو نهايت ٿورائتو آهيان، جنهن هڪ شفيق استاد جي حيثيت سان منهنجي هر طرح رهنمائي ڪئي آهي ۽ اڃان به اها مهرباني جاري آهي. شال! ڪين الله پاڪ خضري عمر عطا فرمائي ته جيئن پاڻ مون جهڙن اڀوجهن جي رهنمائي ڪندا رهن. (آمين) آءٌ جناب محمد سومار شيخ، جناب عابد لغاري، جناب بشير احمد چانڊيئي، جناب الله بچايو 'مشتاق' ۽ جناب عبدالعليم شاهه آزاد جو ٿورائتو آهيان، جن منهنجي هن شعري مجموعي بابت ۽ منهنجي لاءِ تعريفي ڪلمات لکي منهنجي همت افزائي ڪئي آهي، خادم ڪمال، اختر چانڊيو، شيخ محمد سومار لکيو ته: "دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس."

منهنجي ياءُ ڪمال اختر چانڊيئي جو هي ڪتاب 'سنيها سرير جا' اوهان جي هٿن ۾ آهي، انهيءَ ڪتاب ۾ اختر جي اندر جا سنيها، حمت، نعت، مناجاتن، منقبتن، واين، ڪافين، غزلن ۽ بيتن جي صورت ۾ قطار ڪري اُڀا آهن. شاعريءَ جي انهن صنفن ۾ فصاحت بلاغت ۽ سلاست سان گڏ وزن ۽ لئه پڻ آهي. وڏا ڀاڳ آهن انهيءَ خطي جا جتي اهڙا سپوت سامائجن ٿا ۽ وطن عزيز جو نالو روشن ڪن ٿا. منهنجو سائين ٿر جو رهبر 'معمور يوسفاڻي' پڻ مبارڪن جو حقدار آهي، جنهن ٿر ۾ ادبي لهر پيدا ڪئي آهي ۽ سمنڊ جي اٿاهه ڇولين وانگر هڪ ادبي لهر ٻئي اوڀار لاءِ تيار ٿئي ٿي ته ان کان اڳ هو ٻي لهر اوڀاريو ڇڏي.

اهڙائي آهين صاحب منهنجا سپرين.

آءٌ هن مجموعي جي مصنف ڪمال 'اختر' کي دلي طرح سان مبارڪ پيش ڪريان ٿو، جنهن ٿر جي ضلعي جي ادبي تاريخ ۾، واڌارو آندو آهي ۽ اميد اٿم ته چانڊيا پبليڪيشنس انهي ڏس ۾ روشن مستقبل جي ضمانت ٿي رهندي، انشاءالله تعاليٰ (محمد سومار شخ لاڙ ميوزم، بدين).

محترم عابد لغاري صاحب لکيو: ٿر "ٿر اندر ٿاڪ. ٿرپارڪر سنڌ جو عجيب ۾ عظيم ضلعو آهي، هتي جون حالتون ڪڏهن به ساڳيون نه ٿيون رهن برسات پئي ته واريءَ جا ڊڙا به ڪشمير ٿيو پون، ساوڪ ۽ هبڪار عجيب منظر پيش ڪن، ۾ جي لڳاتار بوند به نه پئي ته وڻ ٻوٽا ته سُڪيو وڃن مال متاع مريو وڃن، ۽ ويچارا انسان به زندگيءَ کان آزرهه کان آزردهه ٿيو پون، اهڙي علائقي ۾ علم و ادب جو ذوق ۽ شوق پيدا ٿيڻ ۽ قائم رهڻ بلڪ ٻين علائقن کان گوءِ ڪٽڻ، واقعي اها ان جي عظمت جي نشاني آهي. ادب جي مختلف صنفن تي هن علائقي مان اڪثر ننڍا وڏا ڪتاب ايندا رهن ٿا، 'سنيها سرير جا'، جناب اختر چانڊيئي جي ڪلام جو انتخاب چانڊيا پبليڪيشنس طرفان شايع ٿيو آهي، ڪيرون لهي 'مخلص مهراڻوي' ۽ سنڌس ساٿي جن پنهنجي ذاتي ذوق ۽ ڪوشش سان ڪمال اختر صاحب جو بهترين ڪلام مجموعي جي صورت ۾ آڻڻ جو پهه ڪري انهيءَ جوت کي زنده رکيو آهي، جيڪا لاٽ ٿر جي پڙن مان ڪڏهن ڪٿان ڪڏهن ڪٿان ٻرندي نظر ايندي آهي. جناب ڪمال 'اختر' جيءِ ڪلام ۾ شعريت جي هر صنف نهايت موزون ۽ پرڪشش نظر اچي ٿي، حمديه ڪلام کان مناجات ۽ نعت شريف يا منقبت ڪيس سڻن شاعرن جي صف ۾ آڻي بيهاريو آهي، ساڳي وقت نظم، غزل، بيت يا ڪافيءَ جي صنف ۾ پڻ هو ڪنهن کان پوئتي ناهي، انسان جي

اندر جو آواز روحانيت جي گھرائي ۽ حقانيت جي بحر مان غوطا کائي نڪتل هوندو آهي، (عابد لغاري ايڊيٽر ماهنامہ نئين زندگي حيدرآباد)

سائين عبدالعليم شاهہ آزاد لکيو تہ: ڪمال خان (ولادت 1- جنوري 1949ع) ولد بهادر خان چانڊيو جيڪو چند سال اڳ فقط وانجهي ۽ والي بال ٽيم جو سٺو رانديگر ۽ پئي جوڙ جي بهترين ملھ جي حيثيت سان سڃاتو ويندو هو، سو اوچتوئي اوچتو سال 1976ع ڌاري 'ڪمتر' تخلص سان ادبي ميدان تي نڪري آيو ۽ مشاعرن ۾ شريڪ ٿيڻ لڳو، مٿان جو ڪيس سنڌ جي عظيم شاعر، دانشور، مفڪر ۽ محقق جناب معمور يوسفاڻيءَ جھڙو استاد مليو تنهن ڪيس 'ڪمتر' مان 'اختر' بنائي ڇڏيو، ۽ هينئر هو ادب جي آسمان تي نهايت آب و تاب سان چمڪي رهيو آهي. (عبدالعليم شاهہ 'آزاد' ڪاظمي صدر تاج اڪيڊمي جهڏو)

"سنيها سرير جا" لاءِ قطع تاريخ (نظم)

سنيها ۽ پيغام سهسين ٻڌاسين،
ڪي اڪرين سان پيغام ڏيندي ڏٺاسين.

ڪي پيغام اهڙا ڪڙا ۽ ڪسارا،
ٻڌڻ سان ٻچ ٻچ خفا ٿي پياسين.

جڏهن يار 'مخلص' ٿيو مهربان آ،
تڏهن چاڻ حاسد سيئي مارياسين.

ٿين ٿا سنيها ڪي سهڻا سلوڻا،
جنين جي ٻڌڻ سان فدا ٿي پياسين.

'ڪمال' آهي 'اختر' جو اهڙو سنيهو،
ٻڌڻ سان 'مشتاق'، 'مسرور' ٿياسين.

سنيها سرين جا 'اختر'، 'ڪمال'،
1942
مليا 'حال' سان سال تڏهن ٿياسين.
39
1942 + 39 = 1981ع

'سنيها سرير جا' جي تقريب رونمائي مهراڻ آرٽس ڪائونسل حيدرآباد ۾ ڪمال 'اختر' چانڊيو جي مجموعي ڪلام 'سنيها سرير جا' تقريب رونمائي زيرصدارت جناب معمور يوسفاڻي جي ٿي ان موقعي تي مهمان خصوصي اسڪالر علامہ حضرت مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي جن هئا. علامہ قاسمي صاحب فرمايو، چانڊيا پبليڪيشنس ٿرپارڪر جي دور دراز خطي ۾ ادب جي شمع روشن ڪري هڪ مثالي ڪم ڪيو آهي، هن صاحب چانڊيا عالمن ۽ اديبن جي سنڌي ادب جي خدمتن تي پڻ روشني وڌي ۽ فرمايائين تہ آءٌ دعا ٿو ڪريان تہ سائين معمور يوسفاڻيءَ جو جيڪو قافلو آهي اهو سدائين روان دوان رهندو.

جناب معمور يوسفاڻي، عابد لغاري، درمحمد ڪمال 'مخلص' چانڊيو، 'مسرور' چانڊيو، تقريرن بعد ڪمال اختر صاحب ڪلام بزبان شاعر پيش ڪيو. (روزاني عبرت حيدرآباد خميس 14 جنوري 1982ع)

استاد المحترم معمور يوسفاڻيءَ جي چوڻ سان ڪمال اختر سنڌ لطيف ادبي مجلس سلام ٿرپارڪر ڪلچرل سوسائٽي ان ڪان سواءِ جميعت العلماء اسلام حضرت مولانا فضل الرحمٰن گروپ جو ميمبر پڻ رهيو. ڪمال ۽ 'اختر' جو دوست محمد ابراهيم ڪوسو جنهن کي پڻ شاعري جو شوق هو، ان کي بہ سائين معمور سان ملائي تخلص ڏيئي ابراهيم 'عارف' جي نالي سان مشهور ٿيو، جيڪو حال حيات سٺو شاعر آهي.

اسان جي ڳوٺ کي ويجهو شير خان چانڊيو ڳوٺ ۾ احياءُ العلوم وڏو مدرسو هو جنهن ۾ حضرت مولانا محمد عثمان قراني رحہ جي مدرسي تي فارغ ٿيل حضرت مولانا غلام رسول چانڊيو ۽ حضرت مولانا ڪريمداد رحہ چانڊيو، قمبر وارو جيڪو شيخ الهند مولانا محمود الحسن ديوبندي جو پاڪستان ۾ پهريون شاگرد هو، جنهن وٽان بہ سائين غلام رسول تعليم حاصل ڪئي، سائين غلام رسول جا شاگرد ايران تائين بہ پکڙيل هئا، جنهن جا شاگرد اسانجي ڳوٺ ۾ تبليغ جي لحاظ سان ايندا هئا ۽ انهن

جون ڳالهيون غور سان ٻڌندا هئاسون، انهن ۾ هڪ قاري محمد موسيٰ سومرو ڳوٺ سومرن جو پار ضلعو ٿرپارڪر جنهن جي اچ وڃ وڏيڪ اسان جي ڳوٺ سان رهي گهڻو ڪري هر جمعي تي تقرير ڪندو هو، جنهن ڪي سائين حضرت غلام رسول موڪليندو، جنهن جي صحبت ۾ ڪمال اختر ۽ پيا به ڪافي شامل ٿيا. ڪمال اختر به انهيءَ بزرگ کان فيض حاصل ڪيو ۽ پنجئي وقت نماز ۽ الله جو ذڪر ڪرڻ ۽ سونهاري مبارڪ رکي نبي ڪريم ﷺ جي سنت ڪي زنده رکيائين، ڏينهن رات الله جي ذڪر ۾ مشغول.

حلقهٔ معمور ۾ نون توڙي پراڻن جي شامل ٿيڻ جو سدائين ڪمال اختر ڪي اونو رهيو ۽ هميشه پڇندو رهيو ڪهڙا ڪهڙا سائين جي حلقهٔ ۾ شامل ٿيا آهن اهڙو سچو ساٿي باوفا شايد ڪو اهڙو هجي هن وقت به حلقهٔ معمور ۾ نوان شاعر شامل ٿيا ۽ ٿين پيا انهن ۾ (1) نيازمحمد نياز چانديو، (2) اعجاز ڀاٽيپوٽو، (3) عطر گل، (4) عطا الله، (5) عطا چانديو، (6) بلاول چانديو، (7) عبدالمالڪ چانديو، (7) محمد ايوب 'عزم' چانديو وغيره. حلقهٔ معمور ڪي جيڪا عزت، مان مرتبو ۽ ڊاڪٽر اسد جمال پلي ۽ نون توڙي پراڻن شاعرن جي اصلاح ڪندڙ سنڌ جو هردلعزيز شاعر، اديب سيف الله خالديوسفاڻي ۽ سندس ڀائرن هتان جيڪي محبتون ملن ٿيون، سو ڪيئن نه پراڻا توڙي نوان شاعرحلقهٔ معمور ۾ داخل ٿيندا، منهنجي ڪين التجا ۽ دعا آهي ته حلقهٔ معمور ۾ داخل ٿيندڙن جي اڳان به وڏيڪ همت افزائي ۽ رهنمائي ڪندا رهن.

مُهراڻي جو هيءُ باڪمال شاعرڪمال اختر چانديو 26 اپريل 2015ع سومر رات وڃي پنهنجي حقيقي رب سان مليو، سندس جنازي نماز ۾ هزارن جي تعداد ۾ عزيزن، دوستن، پري ڪان آيل واسطيدارن ڪيس آلين اکين سان اباڻي قبرستان صحب الدين عرف ڪٽي پير ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو، دعا آهي ته ڪيس الله سائين جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي آمين، سندس شاعري مان ڪجهه نمونو هيٺ ڏيون ٿا:

## حمد

بي مثل آهين، باري مختيار يا الاهي،
جوڙيو سچو تو آهي، جنسار يا الاهي.
جيڪي ڪرين پيو تون، سو پاڻ تون ٿو ڄاڻين،
واحد وڏو تون آهين، وينجهار يا الاهي.

سارو جهان خلقيئي، مرسلؐ مٿي جي صدقي،
ان ريت نور ڪيڙئي، نروار ياالاهي.
آهن اميد ڊپ ۾ 'اختر' جيها جڏا ڪئين،
آهي انهن ڪي تنهنجو آڌار ياالاهي.

## مناجات

مديني ۾ مولا مون ڪي مارجان،
محمدﷺ جو روضو مون ڏيکارجان.
اٿم آس ڏاڍي، مديني وڃان،
محمدﷺ جو روضو، اکين سان ڏسان،
انهيءَ طرف واڳون سگهيون وارجان.
سُڻي سوال سائل جو پرور پيارا،
او! مالڪ مٺا منهنجا منور موچارا،
اميدن جو ٻيڙو تون ئي تارجان.
خدايا! هي 'اختر' ڪبوتر ٿئي،
اڏامي جي پاڪ روضو پسي،
جدائيءَ جا ڏينهڙا سگها ڏارجان.

## سنڌ

بندا بلڪل نه ڪر بانور، هتان آهين هلڻ وارو،
چڏي ڏي ننڊ غفلت جي، مٿي تي موت جو مارو.
اهي مستيون ۽ موڳايون، رهاڻيون رهزنيءَ واريون،
اهي هستيون ۽ هوڏون هِٺ، ڇڏيندين ساٺ پڻ سارو.
دنياداري نه ڪر ايندئي، دنيا تي دم هٿين ڇو پيو؟
اِهو آ عارضي چرخو، اُنهي جو ناهه ڪو چارو.
صدي هيءُ چوڏهين پوري، ڏسي ڇڏ پار پندرهينءَ جا،
ٿيا ماڻهو گهڻا مُنڪر، ويو ٿي 'قافلو' ڪارو.
خدايا مسلمانن ڪي، هدايت ڪر، هدايت ڪر!
پڪاري 'چانديو' توکي ڪمال 'اختر' ٿو ويچارو.



**جان محمد لغاري**
جهڏو

# ميان قادر بخش ڪليم لغاري

ميان قادر بخش ولد مير محمد لغاري تاريخ 21- سيپٽمبر 1947ع تي ڳوٺ غلام علي لغاري لڳ ڏورو ڀڙاڻ تعلقو ڏگهڙي ۾ ضلع ميرپورخاص ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين. ان بعد ڪجهه وقت ميرپور بٺورو مان پڻ تعليم حاصل ڪيائين. ان بعد مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان ٽنڊو محمد خان مان پاس ڪيائون. سندن ابتدائي تعليم ۾ رئيس مرزو خان لغاريءَ ڪافي مدد ڪئي. سندن ابتدائي تعليمي سکيا ۾ استاد سڪيلتو مڱڻهار جون محنتون به شامل آهن. تعليمي سلسلي کي اڳتي وڌائيندي بي.اي ۽ ايم.اي امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. پاڻ ميرپوربٺورو ۾ P.T.C جي ٽريننگ ضلعي ۾ پهرين پوزيشن سان پاس ڪيائين. 1967ع ۾ پرائمري استاد طور ڀرتي ٿيو. ٻن سالن بعد جهڏو تعلقي جي ديهه 203 ۾ پنهنجي والد جي نالي پرائمري اسڪول ميرمحمد لغاري کولرايائين. جنهن ۾ تعليم جو سلسلو هن وقت به جاري ۽ ساري آهي.

پاڻ ڳوٺ ۾ مسجد شريف، مدرسو ۽ عيدگاهه پڻ تعمير ڪرايائين. پاڻ صوم و صلوات جو پابند ۽ ٻين کي به تربيت ڏيندڙ هو. ڳوٺ ۾ غريب ۽ يتيم ٻارن جو سهارو هو، خرچيون ڏيڻ، پڙهائڻ ۽ ڪتابن جو بندوبست ڪرڻ سندس ذمي هو، مسڪينن ۽ نادارن سان پيار ڪرڻ ۽ سندن مدد ڪرڻ جڻ قادر بخش لاءِ لازمي هئي.

ميان قادر بخش سنڌ جي ثقافت جو به پاسدار هو، ملهه جي ملاکڙن جو شوقين هو، پلا ڏڱا ڊارڻ جو به کيس شوق به هو ۽ ڏڱن جي ميل ۾ به اڪثر ويندو هو، ڏڱن جي ميل جو سوار به هو ته ڏڱن جي قسمن ۽ ڏڱن جي بيمارين جو پڻ ماهر هو.



ميان قادربخش جو شاعريءَ ۾ استاد سائين معمور يوسفاڻي صاحب هو، جنهن کيس 'ڪليم' تخلص ڏنو. سندس شاعري مختلف ادبي رسالن ۾ ڇپيل آهي. ۽ سندس ڪافي ڪلام ڪتاب (قلمي) جي شڪل ۾ موجود آهي، سندس فرزندن ۾ رسول بخش آهي.

پاڻ 12- نومبر 1987ع تي وفات ڪيائين، سندس تربت ٽنڊو جان محمد لڳ آمريءَ جي قبرستان موجود آهي، الله پاڪ کيس غريق رحمت ڪري.

هتي سندس ڪلام جو نمونو ڏيون ٿا:

## ڪافي

خدارا جلائي نه، دل کي دلارا،
جدا رهه نه جاني، پرين منهنجا پيارا.

مڃي محب تنهنجي، مون دل سان غلامي،
سڄو ڏينهن سڄڻ، تنهنجو آهيان سلامي،
انهي ريت گذريا، ڪيئي سانوڻ سيارا.



ڪامريڊ عبدالڪريم بلوچ
لاڙڪاڻو

# مست الست شاعر: وفا ناٿن شاهي

مون کي منهنجي مرڻ کان پوءِ پڙهه،
مان تنهنجي دور جي تحرير آهيان.
(وفا)

مشتاق علي عرف 'وفا' ناٿنشاهي کي عام طور تي سنڌ جو سيلاني پکي 'ڪونج'ڪري سڏيو وڃي ٿو. وفا جو جنم 15- مئي 1944ع سومر ڏينهن انڊيا جي ننڍڙي ڳوٺ پنڊيالا جنهن کي مرغي والا يعني ڪڪڙن وارو شهر ڪوٺبو هو. ضلعي امرتسر ڀارت ۾ ڄائو ۽ پهرين جنوري 2007ع ۾ ڪراچي ۾ پنهنجي پٽ آفتاب جي گهر ۾ وفات ڪري ويو. ورهاڱي کانپوءِ سندن والد خيرات علي سان گڏ جڏهن سندس عمر چار سال هئي، اول پنجاب پوءِ سنڌ ڏانهن آيو. گوزو کانپوءِ خيرپور ناٿن شاهه ۾ اها ذاتي طور رهائش اختيار ڪئي. ڏاڏن پيار لاءِ مان مٺس؛ اشتياق علي، اشفاق علي، امتياز علي، فيض احمد ۽ مشتاق علي نالا رکيا هئا، جن مان مشتاق علي مشهور ٿيو. سندن مادري ٻولي پنجابي هئي، والد خيرات علي، ڳوٺ ڳوٺ وڃي ڪپڙو يا منهيارڪو ڌنڌو ڪندو هو. والد اڻ پڙهيل، پر گرمکي ڄاڻندو هو. پنجابي هير رانجهو، وارث شاهه، سنڌي ۾ رام ۽ سهڻي ميهار جو داستان ياد هوس. والد عاشق مزاج ماڻهو هو، پنج شاديون ڪيون هيائين. خيرات علي قريشي 1947ع ۾ گوزي ۾ آيو هو. وفا جي پٽ خالد حسين جي چوڻ مطابق ته هُو پنهنجي قريشي خاندان جا مرشد هئا ۽ هڪ اسٽيج ڊرامو به ناهيو، جنهن ۾ وفا هڪ جج جو ڪردار ۽ سندس پٽ خالد حسين ان ۾ هيرو جو ڪردار ادا ڪيو. ان ڊرامي جي وڊيو مون به ڏٺي.

سائين نشتر ناٿن شاهي، سندن تخلص 'وفا ناٿن شاهي' رکيو. ان کانپوءِ وجي محسن ڪڪڙائيءَ جو شاگرد ٿيو. ادبي ڪيتر ۾ 'وفا' جي نالي سان مشهور ٿيو. تعليم ايم. اي (پوليٽيڪل سائنس) ۾ ڪئي. بعد ۾ جانورن جي ڊاڪٽريءَ جو ڪورس ڪري جانورن



جي اسپتال ۾ ڊاڪٽر ٿيو. شاعريءَ جي شروعات 64-1962ع ۾ حادثاتي طور ٿي. جيئن ٿي نشتر ناٿن شاهي چيس ته مشتاق هل ته ڪنهن مشاعري ۾ شرڪت ڪيون. وفا هوٽل کان اٿي گهر آيو، ريڊيو هلايو ته اتان ساحر لڌيانوي جوريڊيو تان فلمي گانو هلي رهيو هو ۽ پوءِ وفا ان جا رديف قافيه لکيا ۽ ان نموني غزل لکي نشتر کي ڏيکاريو ته هُن ڏسي واهه واهه ڪئي. وفا اهو غزل ان مشاعري ۾ پڙهيو ته سڀني کي پسند آيو. پوءِ وفا جي قلم مان ڪڏهن مَسُ نه سُڪي.

وفا چوائي ته، "شاعري ڌرتي ۽ دل جي محبت جو ٻيو نالو آهي، پراڻي شاعريءَ ۾ صرف هجر ۽ وصال جو ذڪر ملي ٿو، يعني غمِ جانان جو ذڪر آهي، پر غمِ دوران جو ذڪر نه ٿو ملي، جڏهن ته غم

دوران هڪ اهم ترين پهلو آهي ۽ اُهو هڪ موضوع آهي. منهنجي غزل ۾ اوهان کي غمِ جانان به ملندو ته غمِ دوران به.” هُو وڌيڪ وضاحت ڪندي چوي ٿو ته، ”هر زبان جي اصليت ۽ حقيقت اتان جا ڳوٺ ۽ واهڻ هوندا آهن، نه ڪي شهر. قوم جو فطرتي ادب لوڪ ادب هوندو آهي نه ڪي شهري ادب. شهري ادب فينسي گليمر آهي، اهو ڪنهن به قوم زبان ۽ مزاج جي خلاف هوندو آهي. اسان وٽ شهري ادب به تخليق ٿئي ٿو. ٻهراڙي جو ادب پُرڪشش ڪري ٿو. شهري ادب کي ٻهراڙيءَ وارو ماڻهو گهٽي تعداد ۾ نه ٿو سمجهي. تنهنڪري ٻهراڙيءَ جي ادب کي وڌيڪ اهميت ملي ٿي ۽ مون به وڌيڪ ٻهراڙي جي ادب ۽ ٻوليءَ کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي ۽ ادب اهڙو سرجڻ گهرجي جيڪو اڻ پڙهيل کان وٺي اعليٰ تعليم يافته تائين هرڪو سمجهي سگهي. اهو ٻهراڙي جو ادب ٿي سگهي ٿو، اديب، شاعر جي مُکيه ۽ بنيادي اهم ضروري معاشي حالتون ۽ سماجي حالتون آهن. شاعر مؤني سماجي حالتن ۽ رنگن روپن جو نقاد، عڪاس ۽ شناس ٿئي ٿو. اسان اوهان کي وفا جي شاعريءَ ۾ ٻهراڙيءَ جي ٻولي ۽ ٻهراڙيءَ جي پسمنظر جي عڪاسي ملي ٿي ۽ ڪنهن به قوم جي حالتن کي سڌارڻ لاءِ اختيارات اديبن ۽ شاعرن وٽ نه آهن. تنهنڪري شاعر اديب صرف حالتن تي مؤثر طريقي سان روشني وجهي سگهي ٿو. اهوئي هن کي هر حال ۾ ڪرڻ گهرجي نه ته هن جي اديب شاعر هجڻ مان قوم ۽ ملڪ کي ڪوبه فائدو ناهي. هاءِ زندگي ته ازل کان ترقي پذير ۽ تبديلي رهندي آئي آهي. زندگيءَ جي اها ئي هڪڙي اولين ۽ آخرين حقيقت آهي.

شاعرن پنهنجي ماضيءَ جي زنده روايتن جي حفاظت سان گڏ پنهنجي دور جون نيون روايتون به قائم ڪيون آهن، جو ته ان جو پنهنجو زمانو ۽ بدليل حالتون هونديون آهن، اسان کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽن قسمن جي شاعري ملي ٿي، هڪ داخلي، ٻي خارجي ۽ ٽين داخلي خارجي مليل. غزل جو اصل مزاج داخلي آهي، جن شاعرن وٽ تخليقي قوت جي کوٽ آهي سي ايرانين جي ٺهيل ٺڪيل لفظن ۽ پهاڪن، ترڪيب ۽ بندش کي پنهنجي اظهار لاءِ ڪتب آڻڻ لڳا، جنهنڪري سندن شاعريءَ جو اسلوب ۽ ماحول به اصليت کان ڪٽجي ويو هو ۽ ايراني روايتن جا اُهي منظر قائم ٿي ويا، جن ۾ درٻاري محفلون هيون. حسن ۽ عشق ته زندگيءَ جا لافاني جزا شاعريءَ جو مقدس موضوع آهن، پر جڏهن ڪا شيءِ ڏٺل نه هوندي ته پوءِ شاعر جي دل ۾ ان جي لاءِ جذباتي ردعمل ڪهڙو هوندو. غزل سنڌي ۾ داخلي شاعريءَ جو مثال نئو بڻجي ۽ خارجي شاعريءَ جي صنف ۾ هنن تمام گهڻ دلچسپي ورتي آهي، جو ته ٽيڪنيڪل (فني) شاعريءَ ۾ غزل جي صنف ئي اهڙي آهي جنهن ۾ صنف و حرفت جا سڀئي طريقا ڏيکاري سگهجن ٿا. غزل ريزه خيالي پريشاني گوئي جو اهڙو ئي هڪ دبچاريندر خواب آهي جهڙو اسان جي شاعرن لاءِ سندن سماجي زندگي بڻجي وئي آهي. شاعرن جو سمورو مواد هميشه لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تي اول العزم استادن جي شعرن جو چارو چمي ويو هو، شعر جي معنيٰ اها سمجهي ويئي ته انهن چاري لڳل خيالن کي ئي ورتو وڃي جن کي، اسان جا شاعر فخر سان نئون مضمون چوندا هئا، جنهن جو مطلب رڳو اهو هو ته لفظ بندش ترڪيب رديف بحر بدلائي مضمون نگاري ادا ڪئي وئي هئي، ۽ گهري نظر وڌي وڃي ته مضمون جي جدت جي لحاظ کان چند شعرن کان سواءِ باقي سڄو جو سڄو ايراني شاعري جو هوبهو نقل هو. وفا جا ٽي ڪتاب ڇپيل آهن: 'اکين ۾ الماس'، 'وفا'، اوجاڳن جو انت'.

'وفا' سان منهنجي پهرين ملاقات لطيف آباد نمبر 6 ٿي، جتي سندس گهر آهي، جڏهن سندس گهر پهتس ته گهر جي دروازي تي وچولي قد وارو پوڙهو لٺ هٿ ۾ هئس، ويٺل نظر آيو ۽ پڇڻ تي معلوم ٿي ويو ته سندس والد آهي. وفا کي سڏي آيو ۽ وفا پنهنجي

تو بہ تنها ڪري ڇڏيو آهي.
هڪڙي اوشا گذاري شب مون سان،
پنهنجي آشا ڪري ڇڏيو آهي.
تُنهنجي ۽ منهنجي پيار جو احوال،
وقت هرجا ڪري ڇڏيو آهي.
منهنجو محبوب هو وفا! جنهن کي،
شهر دنيا ڪري ڇڏيو آهي.

## غزل

هر قدم تي قيامتون ٿيون ملن،
جيئڻ عملن جون شامتون ٿيون ملن.
عُمر گذري وڃي ٿي ڳولا ۾،
قسمتن سان محبتون ٿيون ملن.
نفرتون ڪونہ ٿيون وڻن ڪنهن کي،
چاهتن کي ئي چاهتون ٿيون ملن.
آسرن ۾ لنگهي ٿا سال وڃن،
پوءِ ملڻ جون اجازتون ٿيون ملن.
في سبيل الله، بي سبب، بي جُرم،
عاشقيءِ ۾ عداوتون ٿيون ملن.
سچ جي ڳولا ۾ زندگاني آ
منزلن ۾ مصيبتون ٿيون ملن.
شهر جي چند چاڻ ڪرٽي آ،
سو فسانا، حقيقتون ٿيون ملن.
پاڻ ئي ڪونہ ٿا مرڻ چاهيون،
ڪوڙ دوزخ ۽ جنتون ٿيون ملن.
مسجدن ۾ ملن رڳو سجدا،
بُت ڪدن ۾ عبادتون ٿيون ملن.

## نئون ڪتاب



ڪتاب: ياد آئي "شوق" جي
استاد الشعراء رحمت الله "شوق" شڪارپوري جي
ويهين ورسيءَ تي ڇپيا
مرتب: وفا منظور جوهاڻ
موضوع: نثر/شاعري
ڇاپو پهريون: جنوري 2021ع
قيمت: -/80 رپيا
ڇپائيندڙ: مهراڻ ادبي سنگت شڪارپور



**تاج محمد 'تاج' هاليپوٽو**
شادي پلي

# سيف الله 'خالد' يوسفاڻي

## (حلقهء معمور جي ادبي گلدستي جو هڪ سهڻو گل)

سنڌ جي صوفي بزرگ شاعرن جي تعليمات جو ئي اهو اثر آهي جو اڄ هن پُر آشوب دور ۾ به سنڌ جي شعراءِ ڪرام جو هڪ ڪثير طبقو پنهنجي شعر وسخن ۾ چڱائي جو پيغام ڏيندي نظر اچي ٿو، حمد، نعت، هدايت، نصيحت، محبت ۽ انسانيت جي بي لوث خدمت سنڌن شاعريءَ جا اهم موضوع رهندا آيا آهن. ناري پَٽَ ۾ به ڪافي باڪمال شاعر ٿي گذريا آهن جَن جي شاعري ساهه ۾ سانيڻ جهڙي آهي ماضي قريب ۾ محمد عمر معمور يوسفاڻي صاحب به نالي وارو شاعر، اديب ۽ تاريخدان ٿي گذريو آهي. پاڻ لطيفيات ۽ لوڪ ادب جو يارڪو لوڪ داستانن جو ڄاڻو ۽ هَڪ بهترين سگهڙ پڻ هو جنهن پنهنجي استادانه صلاحيتين ۽ فراخدليءَ سان ڪافي نومشق اُڀرندڙ شاعرن ۽ اديبن جي اصلاح ۽ تربيت ڪري ڪين ادبي دنيا ۾ روشناس ڪرايو معمور صاحب پنهنجي اولاد جي به بهترين تربيت ڪئي ۽ ڪين اعليٰ تعليم جي زيور سان آراسته ڪرڻ ۾ ڪابه ڪثر ڪونه ڇڏي، معمور صاحب جو ٻيو نمبر فرزند اسد جمال صاحب ڊاڪٽري شعبي سان وابسته آهي سندن ٻيا فرزند درس و تدريس جي شعبي سان وابسته رهيا آهن. تازو وڇڙي ويل معمور صاحب جي ٽيون نمبر فرزند سيف الله "خالد" برائنگ ٽيچر طور احسن طريقي سان پنهنجون تعليمي ذميواريون سرانجام ڏنيون. خالد يوسفاڻي صاحب 4 جون 1961ع تي معمور يوسفاڻي صاحب جي گهر جنم ورتو. پرائمري تعليم ڪان پوءِ ڇهون، ستون ۽ اٺون ڪلاس پاڻ مڊل اسڪول حاجي محمد عالم پليءَ ۾ پڙهيا، جتي ڪيس مولانا ادريس جوڻيجو ۽ الله بچايو مشتاق آريسر جهڙا عالم ۽ استاد نصيب ٿيا. وڌيڪ تعليم عمرڪوٽ هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج مان حاصل ڪيائون. سندن زندگيءَ جا ڪافي مُثبت رخ آهن جيترو پاڻ هڏڪاٺ ۾ جاٺو جوان ۽ شڪل شبيهه ۾ خوبصورت هو اوتروئي سندس شخصيت به شاندار هئي. والدين جي



خدمت ڪندڙ وڏن ڀائرن جو بيحد احترام ڪندڙ پاڻ ڪان ننڍي عُمر جي ڀائرن توڻي ٻين رشتيدارن تي شفيق ۽ مهربان هئا. تحمل و صبر سان زندگي بسر ڪرڻ وارو گڻ ڪين وڏن کان ورثي ۾ مليو هو. گهٽ گفتگو ڪندڙ گهرو فڪر ۽ دور رس نگاهه رکندڙ خوبين جو مالڪ هو. هو راڄ برادريءَ ۽ سنگت ساٿ ۾ مهل موقعي تي به اڪثر خالد صاحب ئي ويندو هو، سندس ٻيا ڀائر پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم سپني ڪندا هئا. سيف الله صاحب انهن معاملن ۾ وڌيڪ سرگرم هو ۽ هن ڪم ۾ ڪيس وڏي ڀاءُ حاجي حزب الله جي سرپرستي حاصل هئي، شخصيت جي پرک

جو هڪ معيار گڏ سفر ڪرڻ به آهي. مون نه سالن هڪ ڊگهو سفر ڪيو ۽ هُو بهترين هم سفر ثابت ٿيا هئا سندن دوستيءَ جو حلقو نهايت وسيع هو. ڪافي نالي وارا ماڻهو خالد صاحب جي دوستيءَ جي حلقي ۾ شامل هئا جيڪي سندس گهڻي عزت ڪندا هئا سنڌي ٻوليءَ سان پيار سنڌ جي ثقافت و تهذيب جو پرچار به سندس زندگيءَ جو شيوو هو. سنڌ جون رانديون ملهه ملاڪڙا ۽ مچ ڪچهريون نه صرف سندس دلچسپين جو حصو هئا مگر ڪن راندين جي ڄاڻ ۾ گهڻن کان سوايا ۽ سرس هئا. پاڻ بهترين ڪمپيئر طور به سڃاتا ويندا هئا، ڪيترن اسٽيج پروگرامن جي ڪامياب نموني ڪارروائي هلائي داد حاصل ڪيائون، لفظن جي جادوگري الڳ فن آهي ڪنهن به موضوع تي في البديهه ڳالهائڻ وڏي ڪمال جي ڳالهه آهي. ڪن ڪن ماڻهن جي سيني ۾ ڄاڻ جو درياءُ موجزن هوندو آهي. ملهه سنڌ جي سدا خوبصورت راند آهي سنڌ جي ڪُنڊَ ڪڙڇ ۾ ڪيڏي ويندڙ هيءَ راند هنڌين ماڳين مشهور آهي، ملاڪڙو مٿل هڄڻ، ٻانهين کان ٻاهر ڪرڻ، سندرو ٻڌڻ، ٻڪ ۾ نه اچڻ ۽ ملاڪڙو ماري وڃڻ هن راند جي اصطلاح جي جملن مان چند مثال آهن. ملهه هڪ جسماني پهلوانيءَ جي راند ضرور آهي پر جسماني سگهه سان گڏ ملهه جي انگن جي ڄاڻ تمام ضروري آهي. ملهه راند ۾ ڪي ملهه هن راند جي اصولن جي خلاف ورزي ڪري ڪُپت به ڪندا آهن راند جا ماهر جيڪي امين به هجن ٿا پوءِ فيصلو ڪندا آهن اهڙي ڪُپت تان بعضي جهيڙا ٿيندي به نظر آيا آهن. صوفي فقير ۾ سالياني ميلي جي موقعي تي ملاڪڙو به منعقد ٿيندو آهي سيف الله خالد صاحب سندس دوست صوفي فقير جي معزز شخصيت صوفي محمد رفيق صاحب جي اصرار تي سالن جا سال صوفي فقير ۾ ٿيندڙ ميلي جي ملاڪڙي جي ڪمپيئرنگ ڪئي ۽ انهي ڪارروائي کي ڪاميابيءَ سان هلايو. ملهه راند جي هر پهلو کان ڪين واقفيت هئي جنهن جو برملا اظهار ڪمپيئرنگ دوران ڪندا هئا جنهن جو اعتراف ميلي ۾ شريڪ ٿيندڙ ملهن کي محبت سان ڪرڻو پوندو هو ۽ ڪيس داد ڏيندا هئا اگر سيف الله خالد جي ڄاءِ تي ڪنهن ٻي ڪمپيئر جي تجويز زير- غور ايندي هئي نه ملهه پهلوان مشترڪ طور اهڙي تجويز کي رد ڪري ڇڏيندا هئا. 2010ع ۾ جڏهن غلام اڪبر لغاري صاحب ڊي.سي.او عمرڪوٽ هو. تنهن عمرڪوٽ جي تاريخي قلعي ۾ عمرڪوٽ سيمينار ڪرايو. جنهن ۾ هڪ رات لوڪ فنڪارن ۽ سگهڙن جو پروگرام هو. هن پروگرام جا انچارج ڊاڪٽر اسد جمال پلي ۽ حاجي انور علي راڄڙ هئا. ڊاڪٽر اسد جمال جي مشوري سان ئي انهي رات انهي لوڪ رس نشست جي ڪارروائي مون هلائي هئي منهنجو معاون ۽ سهڪاري ڪمپيئر سيف الله خالد صاحب هو. ڪافي اسٽيج پروگرامن جي ڪارروائي سيف الله هلائي ۽ ڪاميابيءَ سان هلائي داد وصول ڪيو. چند سال پهرين شادي پلي هاءِ اسڪول جي استادن ۽ شهرين طرفان شادي پليءَ ۾ ايڪتا ڏهاڙي جي سلسلي ۾ هڪ پروگرام ڪيو ويو جنهن ۾ اڳوڻو وفاقي وزير ۽ نامور شخصيت پير آفتاب حسين شاهه جيلاني تڏهوڪي ڪمشنر ميرپورخاص ڊويزن شفيق احمد مهيسر صاحب، حيدرآباد کان آيل اديبن ۽ شاعرن جي وفد ۽ تر جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي هئي. پروگرام جي ڪارروائي سيف الله خالد هلائي هئي هر شخصيت جي سڃاڻپ ۽ سندس تعارف ڀرپور نموني پيش ڪيائين، جنهن کان متاثر ٿيندي پير آفتاب حسين شاهه جيلاني جن کي به ڪجهه ڪلمات چوڻا پيا. اهو خالد صاحب جي ڄاڻ جو کُلي دل سان اعتراف هو. سيف الله ”خالد“ جي شاعري، نثر نويسي ۽ علم و ادب سان سندس چاهه بابت تفصيلي طرح ڪنهن الڳ مقالي ۾ لکي سگهجي ٿو. هن مختصر مضمون ۾ به سندس ڪجهه ادبي سرگرمين جي پرچار

ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو، سيف الله 'خالد' جو سڄو خاندان ئي، علم و ادب سان وابستہ هو. سنڌ جي نامور عالمن، اديبن، ۽ شاعرن هن خاندان ۾ جنم ورتو، جنهن جو تفصيلي تذڪرو لکتن ۾ موجود آهي. سيف الله صاحب انهيءَ علمي ادبي ماحول ۾ اک کولي سنڌن گهر جو وڏو ئي سندس ادبي استاد هو. سيف الله "خالد" صاحب طرز غزل گو شاعر طور ۽ في البديهہ طرحي شاعر طور تہ ادبي حلقن ۾ سڃاتو ويندو هو، مگر پاڻ شاعريءَ جي ٻين صنفن تي بہ ڪامياب طبع آزمائي ڪيائين. سندس شاعريءَ جي ڇڏيل ذخيري ۾ اردو شاعري بہ شامل آهي، جيڪا بهترين شاعري چئي سگهجي ٿي، پاڻ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي ڪلام جو بہ پارکو هو. سنڌ جي لوڪ ادب سان کيس بيحد پيار هو. لوڪ ادب جي ڪن صنفن تي طبع آزمائي بہ ڪئي اٿس رسالو ڳجهارت تي بہ سندس طبع آزمائي ٿيل نظر اچي ٿي. لوڪ ادب جي ڏهسنامي ڪانسواءِ هڪ دفعي موبائيل فون تي ٿيل مون سان گفتگو ۾ اهڙي خواهش جو اظهار ڪيو هئائين ۽ مون سان مشاورت ڪئي هئائين تہ ڳجهارت جي مختلف پاين تي لفظ گڏ ڪري مضمون ڇپائجن. هڪ ملاقات ۾ ڪچهري دوران سندس وڏي ڀاءُ حاجي حزب الله "ڪمال" صاحب جنهن کي معمور صاحب جي وفات کان پوءِ خانداني سرپرست جي پڳ بہ ٻڌرائي وئي هئي" مونکي ٻڌايو تہ اسان ڀائرن ۾ نہ صرف شاعر بهترين پر نثر نويس بہ سيف الله تمام سٺو آهي. سندس توجهہ شاعريءَ طرف گهڻو رهيو. انهي مان بخوبي اهو معلوم ٿيئي ٿو تہ خالد صاحب هرفن مولي شخصيت جو مالڪ هو، سندس ادبي سرگرمين جو آغاز طالب علميءَ جي زماني کان شروع ٿيئي ٿو جنهن جو ثبوت سندس والد صاحب جي تحرير مان پڻ ملي ٿو. معمور صاحب جي مقالن تي مشتمل هڪ ڪتاب "ٿرپارڪر جو مطالعو جي عنوان سان تازو

سنڌ جي ثقافت کاتي طرفان شايع ٿيو آهي. انهي ڪتاب جي صفحي نمبر 193- 192 تي معمور صاحب جن لکن ٿا تہ 1978ع ۾ ڏيپلي جي محمد عثمان "اديب" جو 'سڏونت سارنگا' شايع ٿيو ۽ ان ئي سال عمرڪوٽ جي شاگردن سيف الله "خالد" ۽ رميش ڪمار ناشاد عمرڪوٽ ۾ ٻارڙا پبليڪيشن قائم ڪئي جنهن هن وقت تائين چار سٺا ڪتاب "گلڙن رنگ لاتو"، "وليون وڻ ڦلاريا"، "جي تو بيت ٻانئيا" ۽ "جيڪي آهي اڄ" شايع ڪيا آهن. ننڍي کنڊ جي مشهور عالم ۽ اِنشاپرداز اديب حضرت مولانا ابوالڪلام "آزاد" جي اردو ڪتاب جو سنڌي زبان ۾ سيف الله "خالد" ترجمو بہ ڪيو آهي. جيڪو ڪتاب "انسانيت موت جي دروازي تي "جي نالي سان شايع ٿي چُڪو آهي. اهو ترجمو بہ پاڻ صوفي محمد رفيق صاحب جي بيحد اصرار تي تي ڪيائين. سيف الله "خالد" سٺو تجزيہ نگار بہ هو. عمرڪوٽ ضلع سان تعلق رکندڙ ڀلوڙ شاعر قاضي عبدالرحمان هاليپوٽو مرحوم جي شاعريءَ جي ڀهرئين ڪتاب "ديوان قاضي" تي خالد صاحب ڀرپور علمي تجزيو ڪيو آهي، جيڪو مذڪوره ڪتاب ۾ پڙهي سگهجي ٿو. سنڌ جي تمام وڏي شاعر غالب سنڌ فيض بخشاپوري جي شعري مجموعي ڪُليات فيض تي پاڻ جيڪو تجزيو ڪيو اٿن اهو تجزيو سندس ماهر تجزيہ نگار هجڻ تي دلالت ڪري ٿو ۽ علمي ادبي حلقن ۾ خالد يوسفاڻي صاحب جي انهي تحرير کي پسند ڪيو ويو آهي، پاڻ سندس والد تي ترتيب ڏنل ڪتاب 'جيڏو سڄَ سُهاءُ' ۾ پڻ معمور صاحب تي عاليشان تاثر لکيو اٿن. اهڙي طرح پاڻ ٻين ڪتابن ۽ شخصيتن تي بہ ڪافي پنهنجا تاثرات لکيا اٿن، جيڪي پڙهي سندس جاڻ ۽ قابليت کي داد ڏئي سگهجي ٿو. ٻي جي بهتر علمي راءِ کي جلد قبول ڪندو هو ڏيمي ڏيمي انداز ۾ معنيٰ خيز ۽ پُر اثر گفتگو ڪندو هو هٺ ڌرمي ۽ انا پرستيءَ کان

ڪوهين ڏور هو. اڄڪلهه ڪٿي ڪٿي خود ثنائي جو آزار به وڌي ويو آهي، پر اسان جو هي مانيٽو دوست سادگي، نهٺائي ۽ صُلح پسندي جو مجسمو هو ڪنهن داناءَ جي قول جو مفهوم آهي ته ڪي ماڻهو گهڻو ڪجهه هجڻ جي باوجود ڪجهه به نه نظر اچڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. خالد صاحب ۾ گهڻيون خوبيون هيون، پر انهن جو هن پنهنجي زبان سان اظهار نه ڪيو اها خوبي ڪنهن جي معتبر هجڻ جو دليل آهي.

وڏا نه ڪري وڏائي، وڏا نه ٻولي ٻول،
هيرا ڪب نه ڪهي، مُک سين لاک همارا مول.

سيف الله "خالد" جي شاعري تجنيس حرفي ۽ ٻين شاعرانه خوبين سان ته لبريز آهي مگر شعر ۾ سندس تخيل جي پرواز نهايت بلند آهي سندس شاعري وٽندڙ ۽ دل جي تارن کي ڇيڙيندڙ آهي سندس ڪي غزل زخم خورده بيتاب دل جي درمندانه دانهن مثل آهن. جيڪي مصنوعي لفاظي کان آجا شاعر جي اندر جو آواز آهن. بحروزن جي باريڪين جي ڄاڻ رکندڙ اسان جو هيءُ شاعر، دوست علائقي جي همعصر شعراء ۾ پنهنجي شاعريءَ ۾ الڳ مقام رکي ٿو. مشاعرن جي محفلن ۾ استاد شاعرن کان ڪيس داد ملي چُڪو هو. خصوصاً جن استاد شاعرن ڪيس داد ڏنو انهن ۾ جناب ولي سروري، فيض بخشاپوري، اسحاق اثر، پير عطا سرهندي، مخدوم جميل الزمان، پير مجدد سرهندي شامل آهن. سندس همعصرن ۾ زاهد ڪنڀار، مخلص چانڊيو، فدا چانڊيو، رسول بخش تميمي، وسيم سومرو ۽ سندس مداح رهيا آهن. ڏک سک زندگيءَ جو حصو آهن دنيا دم گذر جو ماڳ آهي. هن دورنگي دنيا ۾ مڪرو فريب جا ڄار وڇايل آهن زندگيءَ کي صبر و شڪر سان گذارڻ وهيو واپريو سو وساري ڇڏڻ به ڪن مرد مجاهدن ۽ اعليٰ ظرف وارن جو شيوو آهي. خالد جون هيءُ سٽون انهيءَ بيان ڪيل پس منظر جون ترجمان آهن.

زندگي بسر ٿيندي رهي، جيئن به گذري گذر ٿيندي رهي.

هيءَ حياتي مختصر آهي موت جو مقرر وقت آهي اجل اڳ پوءِ نه ٿيئي رَتي نه ڪٿي رزق منجهان، محبوب جي آمد ۽ سندس ديدار فرحت آثار عاشق بيقرار جو سرمايو آهن ديدار جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ نينهن جو نهوڙيل نيم بسمل پکيءَ وانگر تڙپندو آهي ۽ اها تمنا به ڪڏهن ڪندو آهي ته ايتري زندگي هِجي جڏهن پرين اڱڻ تي پير پائي ته ڪيس آرزو مند اکيون ڏسي سگهن پوءِ پلي پساهه پورا ٿين. پر سندس پنهنجي وس ۾ ڪجهه به ڪونهي خالد يوسفاڻي جون هي سٽون اهڙي ڪيفيت جو اظهار آهن.

يا رب ڪي به- ٽي چار گهڙيون ٻيون به جيئڻ ڏي،
ڪجهه تيل بچيل آهي ڏيئڙين ۾ ٻرڻ ڏي.
مون هُنَ کي ڏسڻ جو آ قسم کاڌو اي موليٰ،
هِن موت کي سمجهاءِ صنم کي ته اچڻ ڏي.

عاشق کي محبوبَ جي هر ادا پياري هوندي آهي، دلربائي ۽ انگڙائي، دلڪشي ۽ دلفريبي، رسڻ ۽ پرچڻ ناز ۽ انداز دراز زلف ۽ لبن جي لالي اهي هن مگن ڪندڙ حسناڪيءَ جا روپ آهن. مرگهه نيڻن جي نشن ۾ مخمور ٿيڻ ۽ مڌ ڀريل عجيب جي اکين جي پيالن مان سُرڪيون چکڻ جي ڳالهه خالد واهه جا ڪئي آهي.

دلبر جي ديد جا جي، پيالا چکين ڏسين،
جيڪر پڇين به ڪينڪي ساقي شراب کي،
رَخ تان هٽاءِ ٿورڙو دلبر نقاب کي
پنهنجن کان پردو ڪهڙو ڇڏي ڏي حجاب کي

شڪوه شڪايتون ۽ محبت جون ميارون ۽ ڏکن جا ڏوراپا به شاعريءَ جي خوبصورتيءَ جو حصو آهن سائين عباس علي شاهه چيو ته:

دل واري دلبر کي ڏوراپا به ڏبا،
هوندا حرف حسابَ جا ته محب ميڄيا.

ڪي عاشق ديواني دل کي تسلي ڏيندي محبوب کي محبت جون ميارون به ڏيندا آهن مگر سندن دِلِ ۾ دلربا لاءِ محبت جا درياهه موجزن هوندا آهن اهڙن پريت جي پيچن ۽ دلبريءَ جي اندازن کي پنهنجي اُسلوب ۾ بيان ڪيو آهي.

جتان واپس وري آيس، وري ويندس تہ چا ٿيندو،
اجايو ڪنهن جي يادن ۾ ڳري ويندس تہ چا ٿيندو،
ڄڻين ڪي منهنجي چاهت جو ذرو احساس ئي ڪونهي،
اُنهن ماڻهن جي لئہ روئندي مري ويندس تہ چا ٿيندو.

خالد يوسفاڻي صاحب جي شاعريءَ جا گونا گون پهلو آهن. فني ۽ فڪري لحاظ سان سندس شاعري گهڻين خوبين جي حامل آهي. مٿي اهو احوال اچي چڪو آهي تہ پاڻ لوڪ صنفن تي بہ طبع آزمائي ڪئي اٿس جنهن کي ڪامياب ڪوشش قرار ڏئي سگهجي ٿو. لوڪ ادب ۾ سينگار شاعري هڪ اهم صنف آهي فني ڪاريگري، ٻولين جي ڄاڻ توڙي شاعرانہ ذهن جي اعليٰ صلاحيت رکندڙ سگهڙ شاعر کان علاوه سيڪو شاعر هن صنف طرف پير پائي ڪونہ سگهندو. سينگار شاعري اڪثر اسان کي بيت جي صورت ۾ ملي ٿي. پر شاعريءَ جي ٻين صنفن ۾ بہ داناءُ شاعرن سينگار جي موضوع تي طبع آزمائي ڪئي آهي. خالد يوسفاڻي، صاحب سينگار جي موضوع تي هڪ نظم لکيو، جنهن جا ڪي بند هڪ شاهڪار نظم جي حيثيت رکن ٿا، جنهن ۾ حُسن و سينگار جي دلڪش نظارن جو جڙاءُ مَنَ کي موهيندڙ آهي انهي نظم مان چند سٽون پيش ڪجن ٿيون.

ڪُلهن سر وارَ واسينگن جيان دلبر وِهاريا تو،
وڪيري ڪيس ڪارا بادلن وانگر بيهاريا تو،
ڏوئي ڏُوهي ڏمالي ڏاه لئہ ڏِنگا ڏيکاريا تو،
ورائي سينڌ وِچَ مان ٠واهہ جا سهڻا سنواريا تو،
نماڻا ناز پرور ناز نخرن سان نِڪاريا تو
اُتر جي پار کان ڪارا ڪڪر چڻ ڪي اُٿياريا تو،
ڏئي جهڻڪا ڏِنگا ڏوڙا وري پُٺِ تي جو واريا تو،
ڪلا ڏاري ڪُلهن چوڙي، ڪئين مهجور ماريا تو،
قيامت خيز ڪارا، ڪاڪلِ خمدار چا چئجن،
سجڻ جي سونهن ۽ سهٽل سندا سينگار چا چئجن.

سندس هيءُ خوبصورت سينگار شاعري جو بيت جڏهن ڪاهيءَ جو نياز مري ڪچهري ۾ ياد پڙهي ٿو تہ ويٺلن جي واتن مان واه واه جا گل ڇڻندا رهن ٿا.

سيف الله کي علم موسيقي تي بہ وڏي مهارت هئي. سنو ڳائي سگهندو هو، عهدِ جواني ۾ سندس سوڻ حمزو شائق جي باري ۾ مولود بہ پڙهندو هو. راڳداري جي سيني رمزن کان آگاهہ هو. سندس ڪجهہ اهڙا ڪجهہ پروگرام محترم فيض ڪوسو صاحب KTN لاءِ رڪارڊ ڪيا ۽ نشر ٿيا، سني اَهَلَ (Mimcry) بہ ڪري سگهندو هو، ۽ هارمونيم بہ وڄائيندو هو.

خالد يوسفاڻيءَ سان منهنجي پهرين ملاقات 15 جنوري 1981ع ۾ جُهڏي شهر ۾ هڪ مشاعري جي محفل ۾ ٿي هئي تنهن کان پوءِ ساڻس ملاقات جو سلسلو جاري رهيو. ساڻس غالباً آخري ملاقات 13 فيبروري 2020ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ۾ سگهڙن جي هڪ پروگرام ۾ ٿي هئي. لڳ ڀڳ چاليهہ سال رفاقتن جو اهو سلسلو زندگيءَ جي هڪ خوبصورت باب طور تاحيات ياد رهندو. سنڌ ڌرتيءَ جو هي بهترين شاعر، اديب ۽ هڪ سلڇڻو انسان اسان کان 10 نومبر 2021ع تي وڇڙي ويو ڏٺيءَ دَر دعا آهي تو خداوند ڪريم سندس مغفرت فرمائي ۽ ڪيس جنت الفردوس عطا ڪري ”آمين“

سندس ننين پائرن محمد اقبال، عبدالمالڪ، ڪرم الله، مولوي عبدالحميد، احسان الله ۽ سندس وڏي فرزند عمران خالد مون کي ٻڌايو تہ ادا تاج محمد اسان کي تہ سيف الله جي حيثيت جو اندازو تڏهن ٿيو جڏهن سندس دوستن جو تمام وڏو تعداد سندس جنازه نماز ۾ شريڪ ٿيو تہ اسين حيران ٿي ويلسين تہ سندس ايڏي وڏي ڄاڻ سڃاڻ هئي. سندس ڪجهہ دوست تہ ديوانن وانگر روئي رهيا هئا. چاليهي ٽائين ڪيترائي دفعا گهوريون گهمرا ڪري اسان کي حوصلو ڏيندا رهيا. تمام گهڻن دوستن سوشل ميڊيا تي ’سيف‘ تي شاعري بہ ڪئي ۽ مضمون ۽ تاثر لکيا. سندس ياد ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ تعزيتي ادبي ميڙاڪا ڪيا ۽ اجان بہ ميڙاڪن جو سلسلو جاري آهي، اسين سندن اِهي ٿورا ڪيئن لاهي سگهنداسين.

ڳُلُ چنو ڳرنار جو، پٽڻ ٿيون پٽين،
سهسين سورڻ جهڙيون اُپيون اوسارين،
چوڻا چارڻ هٿ ۾ اسير سينگاريو ڏين،
ناريون ناڏ ڪرين، راڄا رات رمگيو.
”شاهہ“

پنهنجي حاڪميت ۽ اقتدار سبب مار کائي ويو ته ڪو ساڳئي اقتدار سبب پنهنجو پاڻ ۾ هڪ مثال بڻجي ويو. ڪو، پنهنجن جي دوکي ۽ دولاب جو شڪار ٿيو ته ڪو خانداني دشمني جي ور چڙهي ويو، ڪو پنهنجي لاعلميءَ جو ته ڪو بيرحم وقت جو. ڪنهن ڪردار کي وري بخشش جي جذبي داغدار ڪري ڇڏيو نه ته هر هڪ شخص (ڪردار) پنهنجي عشق ۾ سچو ۽ پرعزم هو. ليڪن عورت ڪردارن جي عظمت اڳيان مرد ڪردار مڪمل طور اپري نه سگهيا، ائين ناهي ته عورتاڻا ڪردار ڪمزورين کان آجا هئا، ڪمزوريون انهن ۾ به ڏسجن ٿيون، پر انهن ڪمزورين اڳيان هٿيار ڦٽا نه ڪيا ۽ ان ئي سبب جي ڪري سندن موت کين زنده رکيو آهي. شاهه جي انهن عورت ڪردارن تي نظر وجهڻ ۽ انهن جي تجزئي ڪانپوءِ ئي هيءَ ڳالهه بامعنيٰ ٿيندي.

(1) سسئي: سنڌ کان پنجاب تائين هن ڪهاڻيءَ کان هر شخص واقف آهي، سسئي، شاهه جي ڪلام جو خاص موضوع آهي. تفصيل ۾ وڃڻ بجاءِ مختصراً اهو ٿا ڏسون ته شاهه هن ڪردار ۾ عورت جي ڪهڙي خوبي يا صفت کي اهميت ڏيندي، هن ڪردار ذريعي اڀاريو ۽ ان ۾ بي مثل معنويت پيدا ڪري ڇڏيائين.

ڪيچ مڪران جي شهزادي پنهون، نرم ۽ نازڪ خوبصورت عورت سسئيءَ سان شادي ڪئي. هڪ رات جڏهن هوءَ اگهور ننڊ ستل هئي ته پنهونءَ جا ڀائر کيس جام (شراب) پيئاري، بيهوشي جي حالت ۾ اُٺ تي ٻڌي کڻي ويا. سسئي صبح جو سجاڳ ٿي ته ننڊ کي پنهنجي غفلت سمجهندي، پنهونءَ جي تلاش ۾ پنڌ ئي پنڌ ڪيچ مڪران جو رخ ڪيائين. جهنگ، برپٽ، ريگستان ۽ جبلن تان لنگهندي، محبوب جي تلاش ۾ مڪران طرف هلندي رهي. رستي ۾ ڏنار جي مٿس بري نظر پوڻ تي حادثي جو شڪار ٿي. هوڏانهن هوش ۾ اچڻ بعد پنهون واپس ٿيو ته سسئي بجاءِ سندس قبر ڏٺائين. سسئيءَ جو ڪردار، سنڌي شاعريءَ ۾ جستجو ۽ تلاش جي علامت بڻيل آهي. رسالي ۾ سسئي، پنجن سرن؛ ديسي، آبري، حسيني، معذوري ۽ ڪوهياري ۾ ڳايل آهي.

**ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏکن آئون ڏڌي جن**
**پڇان پير پنهونءَ جو، ويهان وڪ وڌي؛**
**لکئي آئون لڌي، نات پٽن ڪير پنڌ ڪري.**

(ديسي، داستان- 1، بيت 2)

(2) مومل: هيءُ ڪردار ڏند ڪٿائي ماحول مان اڀريل ڏسجي ٿو. مومل اڻجاڻائيءَ ۾ پنهنجي هٿان پيءُ جي وڃايل دولت کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪاڪ محل جوڙي ٿي، محل جي چوطرف جادوئي فضا ۽ اکين جو دوکو هجي ٿو، جنهن کي ڪو به دولتمند پار ڪري کيس حاصل ڪري سهگي ٿو. سوين شهزادا آيا ۽ فقير ٿي ويا. مومل ۽ سندس ڀيڻ سومل، خوبصورتيءَ ۾ الڳ واکاڻ رکندڙ هيون. مومل جي سونهن جي هاڪ ٻڌي ڪيترائي طالب کيس حاصل ڪرڻ لاءِ آيا، جن مان راڻو مينڌرو به هڪ هو. راڻو، عقلمند ۽ مومل جو سچو عاشق هو. هن ڪاڪ محل جي طلسم کي پار ڪري مومل کي حاصل ڪيو ۽ ساڻس گڏ آرام سان زندگي گذارڻ لڳو. راڻو، روز رات جو مومل سان ملڻ ايندو هو. مومل جي ڀيڻ سومل انتهائي شوخ هئي. هڪ رات راڻي کي اچڻ ۾ دير ٿي ته سومل، مرد جو ويس پهري (راڻو بڻجي) مومل سان رهاڻ ڪرڻ لڳي، رهاڻ ڪندي کين ننڊ اچي وئي. راڻو جڏهن ڪاڪ محل پهتو ته مومل کي ڪنهن غير مرد سان ڏسي واپس هليو ويو ۽ وٽس ڪڏهن واپس نه آيو. هزار ڪوششن باوجود مومل پنهنجي محبوب (راڻي) سان نه ملي سگهي ۽ فراق ۽ غم ۾ ئي مري وئي. مومل غلط فهميءَ ۽ جدائيءَ جي علامت آهي. هڪ سادي، خوبصورت ۽ جدائي (فراق) جي ماريل عورت جي علامت آهي. هيءُ داستان مقامي راڳ راڻي ۾ ڳايو ويندو آهي. هن جو تت، مقصد جي حاصلات ۾ موت آهي. مومل، پنهنجي پاڻ ۾ هڪ اهڙو واحد ڪردار آهي، جنهن جي غم جهڙي معنويت ۽ گهرائي ٻئي ڪنهن به ڪردار ۾ ڪونهي.

رهي. متارن ايندي ئي انهي جام جي فرمائش ڪئي، جيڪو هو هتان آخري ڀيرو پي ويا هئا، موڪيءَ ڪين نوان نوان مٽ ڪولي تازو جام آڇيو، پر سندن اصرار وڌندو ويو ته ”موڪي پروڪو پيار“ ۽ هو ناراض ٿيڻ لڳا ته موڪي خوف وچان ڪين اصل ڳالهه ٻڌائي ڇڏي. روايت آهي ته اها ڳالهه ٻڌي هو مري ويا ۽ ائين موڪيءَ کي سڄي زندگي سندن موت جو ڏک، افسوس رهيو، سنڌي ڪلاسيڪل شاعري ۾ موڪيءَ، غير معمولي طور خليق ۽ همدرد عورت جي علامت آهي، جنهن جي منهن تي حسن، عشق، خوشي ۽ ندامت جا تاثر نمايان ملن ٿا.

**سري ڪين ڪيون، ويڻ موڪيءَ جي ماريا**
**ڪو جو سخن ڪلال جو، پتي تي پيون!**
**تهان پوءِ ٿيون، مرڻ متارن کي!**

(سر يمن ڪلياڻ: داستان 4، بيت 14)

(5) سورٺ: راڻي سورٺ، پنهنجي ور راجا ۽ ڏياچ جو پاڇو آهي. هيءَ هر وقت نه صرف پنهنجي راجا سان گڏ رهندي هئي، بلڪ سندس شوق ۽ پسند، ناپسند پڻ راءِ ڏياچ جهڙي هئي. ٻئي موسيقيءَ جا شوقين/ڄاڻو ۽ ڳائڻن جا سرپرست ۽ قدردان هئا. شرافت، بهادري ۽ ٻين انساني صفتن ۾ راجا راءِ ڏياچ جي پري پري تائين هاڪ هئي. سورٺ جو پنهنجي ور سان عشق، ذهني، روحاني ۽ جذباتي سطح تي هڪ سچو عشق هو. هوءَ رڳو خوشين ۽ سکن ۾ نه بلڪ مصيبت ۽ غمن ۾ به پنهنجي عشق ۾ ثابت قدم رهي. هن داستان جو تت هي آهي ته: راءِ ڏياچ جي هڪ رقيب (دشمن) راجا انيراءِ، موسيقيءَ سان سندس عشق/ محبت جو فائدو وٺي هڪ لالچي ماهر موسيقار کي ان ڳالهه تي راضي ڪيو ته هُو جهونا ڳڙهه وڃي اتان جي حاڪم راءِ ڏياچ جي محل ٻاهران پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري ته راجا راءِ ڏياچ ۽ راڻي سورٺ، ڪيس جلد اندر گهرائي ڪانئس موسيقي ٻڌندا ۽ لطف اندوز ٿيڻ بعد حسب عادت ڪجهه (انعام) گهرڻ لاءِ چون ته تون (ٻيجل) چئجان ته جيڪو آئون گهرندس سو توهان ڏئي نه سگهندؤ. راءِ ڏياچ پنهنجي قول جو پڪو آهي، جيئن ئي توسان واعدو ڪري ته تون چئجان ته ’اي راءِ ڏياچ، مون کي تنهنجو سِر کپي ۽ پوءِ راءِ ڏياچ پنهنجو واعدو ضرور پاڙيندو. سو هن داستان ۾ ائين ئي ٿيو، جڏهن ٻيجل رٿيل منصوبي مطابق راءِ ڏياچ کان سندس سِر جي گهر ڪئي ته هن ڪيس چيو ته توکي نااميد نه موٽائيندس ۽ تون ڪنهن جي چوڻ تي هتي آيو آهين؟ سا حقيقت پڻ مون کي معلوم ٿي وئي آهي. راءِ ڏياچ محل اندر وڃي راڻي سورٺ کي سڄي حقيقت ٻڌائي، هوءَ پنهنجي ور جي مزاج کان چڱي ريت واقف هئي ۽ ڪيس اجازت ڏيندي چيائين ته راءِ ڏياچ کي پنهنجو قول پاڙڻ گهرجي ۽ واعدي خلافي جو داغ پنهنجي ڪردار تي لڳڻ نه ڏئي. جنهن بعد راجا راءِ ڏياچ ڪٽاريءَ سان پنهنجو ڪنڌ ڪپي هڪ ٿال ۾ رکرائي دشمن ڏانهن موڪليو. سورٺ پنهنجي ور سان گڏ سَتي ٿي وئي، سورٺ به فن لاءِ وڏيءَ کان وڏي قرباني ڏيڻ لاءِ مشهور آهي. هيءَ داستان راڳ ’سورٺ‘ ۾ ڳايو ويندو آهي ۽ هن داستان ۾ سورٺ راءِ ڏياچ واعدي نڀائڻ خاطر هر قرباني ڏيڻ جي علامت سمجهي وڃي ٿي.

**محلين آيو مڱڻو، ڪٺي ساز سري؛**
**لڳي تند تنبير جي، پيا ڪوٽ ڪري؛**
**هنڌين ماڳين هوءِ ٿي، تنهنجي ٻيجل! ڌانهن ٻري؛**
**سِپِي تنهن سلطان کان، اچي گهوٽ گهري؛**
**جهوناڳڙهه جهُري، پوندي جهانءِ جهروڪ ۾**

(سر سورٺ، داستان 3، بيت 3)

(6) نوري: مهاڻن جي خاندان سان تعلق رکندڙ نوريءَ جو ڪردار سنڌ ۾ مثالي ڪردار جي حيثيت ٿو رکي، ڏيپ ۽ گدلاڻ ۾ رهندڙ نوري حسن ۾ سراپا نور هئي. تنهن وقت جي حاڪم (صلاح الدين) ڄام تماچي ڪيس ڏٺو ته مٿس عاشق ٿي پيو ۽ سندس خاندان وارن کان نوريءَ جي ٻانهن گهري، ساڻس شادي ڪري پنهنجي پٽ راڻي بڻايائين. هونئن ته ڄام تماچيءَ جون ٻيون به ڪيترون ئي راڻيون هيون، پر هوءَ سڀ کان وڌيڪ محبت نوريءَ سان ڪندو هو. نوريءَ جي سادگيءَ ۽ نياز نوڙت ۾ سندس ڪو جواب/برابر نه هو، ڪيس هڪ لمحي لاءِ به

اها ڳالهه نه وسرندي هئي ته هوءِ مهاڻن جي خاندان مان آهي. ڄام تماچي، سندس ۽ خاندان مٿان جيڪا مهرباني ڪئي آهي، ان سان سندس حقيقت نٽي منجي سگهي. سندن اها نوڙت ئي هئي جنهن جي ڪري ڄام تماچي، ڪيس بي پناهه پائيندو هو، هن، هڪ خوبصورت ٻيڙي ٺهرائي، جنهن ۾ هوءَ خاص طور نوريءَ سان گڏ ڪينجهر ڍنڍ جو سير ڪندو هو. ڪينجهر جي ڪپ تي مهاڻن جا گهر آباد هئا، جن تي ڄام تماچي جون خاص مهربانيون هونديون هيون. سنڌي شاعريءَ ۾ نوريءَ جو ڪردار عاجزي ۽ نهٺائي وارو آهي، نوريءَ جي نياز نوڙت سنڌ جي ٻاجهائپ جي علامت بڻيل آهي.

**تهڙو ڪنجهر ڪين ٻيو، جهڙي سونهن سنڌياس؛**
**مَنڊ مياڻيون، مڪڙيون، مڙئي معاف ٿياس؛**
**مورچل مٿانس، ايو تماچيءَ تي هٿي**
(سُر ڪاموڏ: داستان 1، بيت 15)

(7) **مارئي:** مارئي، ٿر جي ريگستاني مارن جي هڪ خوبصورت ڇوڪري هئي. سندس تعلق هڪ غريب ۽ مفلس گهراڻي سان هو. مارئيءَ جي سونهن جو چرچو سڄي ٿر ۾ عام هو.

وقت جي راجا عمر سومري کي جڏهن سندس حُسن جي هاڪ بابت خبر پئي ته ڪيس حاصل ڪرڻ لاءِ مارئيءَ جي ڳوٺ ڪاهي ويو. خانداني روايت مطابق مارئيءَ جو سڱ، خاندان جي هڪ شخص 'کيت' سان طئہ ٿيل هو. بادشاهه عمر جڏهن سندس ڳوٺ پهتو. ته ڪيس سرتين سان گڏ پاڻي ڀريندو ڏسي موقعي کي غنيمت ڄاتو ۽ ڪيس زبردستي ڪٺي گهوڙي تي ويهاري عمرڪوٽ قلعي ۾ وڃي قيد ڪيائين. جتي ڪيس قيمتي لباس، زيور، بهترين ماڙين/ ڪمرن ۽ ٻين آسائشن ۾ رکيو ويو، پر مارئيءَ جي من ۾ ملڪ ۽ مارُن جي اُڪير سانڍي هئي سو هيءَ ڳوڻاٽي عورت ايتري آڱ پڳت ڏسي گهٻرائجي وئي. عمر پاران آڇيل قيمتي لباس، بجاءِ پنهنجي اباڻي وڳي ۽ لوئيءَ کي ترجيح ڏني. عمر جي قيد ۾ هوندي هوءَ پنهنجي اباڻن ڪکن ۾ واپس وڃڻ لاءِ ٻاڏائيندي رهي ۽ چوندي رهي ته اي عمر! مون کي تنهنجا محل، لباس ۽ تيل ڦليل بلڪل نٿا وڻن، هتان جون عورتون نٿيون پلئين، مون کي، منهنجي سرتين ۽ مارن ڏانهن وڃڻو آهي. بادشاهه عمر گهڻي ڪوشش ڪئي ته مارئي، شاهي ماحول سان رلي ملي وڃي ته جيئن عمر ڪيس پنهنجي پٽ راڻي بڻائي، پر مارئي ڪوٽ جي ڳڙڪين مان پنهنجي علائقي ڏانهن پئي نهاريندي هئي. پنهنجي مارن کي ايندو ڏسي خوش ٿيندي ۽ سمجهندي هئي ته شايد سندس مارو ڪيس آزاد ڪرائڻ لاءِ پيا اچن، پر غريب ۽ مسڪين مارو، حاڪم وقت سان مهاڏو اٽڪائڻ جي جرئت نٿي ڪري سگهيا. هوڏانهن عمر سومري کي جڏهن يقين ٿي ويو ته مارئي محل ۾ سندس مرضي مطابق رهڻ لاءِ ڪڏهن به تيار نه ٿيندي ته هن ڪيس اباڻن ڪکن ڏي واپس موڪلي ڇڏيو. مارئيءَ جو ڪردار وطن ۽ مارن سان محبت ۽ قوميت جي علامت آهي. حُب الوطنيءَ جو درس ڏئي ٿو، شاهه لطيف هن ڪردار ۾ مارئيءَ کي قومي اڳواڻ طور علامت بڻائي پيش ڪيو آهي.

**ڇَرَن، ڇڪن ڇت ۾، رهيا اندر روح؛**
**اُٺي وِيڙا اُڪِري، مارو مٿي موهه؛**
**ويرون ولوڙڻ جون، سلريان گهڻو صُبُوحَ؛**
**وَرُ سي ڪلرا ڪوهه، سِنجَير جي سارِيهه جا!**
(سر مارئي: داستان 8، بيت 4)

(8) **ٻاگهي:** هيءَ هڪ حاڪم خاندان جي جرئت مند مگر مظلوم عورت جو ڪردار آهي، جنهن جا ٻئي پٽ وراثت جي سلسلي ۾ جنگ ڪن ٿا. ٻاگهي اصل حقدار جي حمايت ڪري ٿي. هوءَ سڀ ڪجهه ڏسي ٿي، پر ڪنهن کي سمجهائي نٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته عورت هئڻ ناتي ڪيس ان ڳالهه جو حقٰ ڪونهي. باوجود ان جي هوءَ دليءَ طور حقدار جي حامي آهي، سندس ڀاءُ چنيسر لالچ ۽ خودغرضي سبب دشمن سان ملي جنگ ٿو ڪري، جنهن ۾ هوءَ پنهنجي ڀاءُ دودي کي وڙهندي ۽ مرندي ڏسي ٿي. جنگ دوران به ٻاگهي غيرت ۽ پنهنجي عزم تي اٽل رهي ٿي. انهن صفتن جي ڪري ئي ڪيس سنڌي ادب ۾ منفرد مقام حاصل آهي. جنگ ڪانپوءِ هي خاندان جي ٻين

عورتن سميت سام جي پناھ ۾ اچي ٿي، جتي ڪيس عزت ۽ مان سان رکيو وڃي ٿو.

**(9) مهر راڻي:** ننڍي ڪنڊ جي هندو گهراڻي سان تعلق رکندڙ هيءُ ڪردار مظلوميت جي علامت آهي. هن داستان جو مختصر احوال هن ريت آهي ته ڦلاڻي خاندان جو ڏاڍيل سردار، مهر راڻيءَ جي خاندان طرفان شادي/سڱ لاءِ انڪار تي مٿن حملو ڪري، فاتح جي حيثيت سان مهر راڻيءَ کي کڻي ٿو وڃي. هو خوشي وچان ڏونڪا وڄائيندو پنهنجي قبيلي طرف ايندو آهي. سندس شمار سنڌ جي ڏهن ڏاتارن ۾ ٿئي ٿو، جن جي در تان ڪو سوالي هٿين خالي نٿو وڃي. ڪيس پنهنجي فتح ڪيل زال سان تمام گهڻي محبت آهي ۽ ڪيس حاصل ڪرڻ تي فخر پڻ آهي. ساڳي محبت مهر راڻيءَ کي به لاکي ڦلاڻي سان آهي. اوچتو هڪ سوالي لاکي ڦلاڻي وٽ حاضر ٿي مبارڪ ڏئي ٿو، لاکو ساڻس واعدو ٿو ڪري ته هُو ڪانئس جيڪو ڪجھ به گهرندو سو کيس ملندو، هو سوالي، لاکي کان مهر راڻيءَ جي ٻانهن ٿو گهري، لاکو پنهنجي قول ۽ فعل جو پڪو هو، تنهن مهر راڻيءَ کي غريب سواليءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو. ٻئي پاسي مهر راڻي به ان کي پنهنجي قسمت جو لکيو سمجهي صبر ٿي ڪري ۽ راضي به رضا آهي، جنهن کي بخشي وئي، تنهن سان هلي وئي.

**(10) ڍول مارو:** مارو هڪ نوجوان، زنده دل ۽ امنگن ڀريل عورت جو ڪردار آهي. هيءُ هڪ حاڪم گهراڻي جي غير معمولي حسين عورت آهي ۽ ڀرپور زندگي گذارڻ جو ارادو رکي ٿي. سندس پيءُ، ننڍپڻ ۾ سندس شادي پنهنجي دوست جي پٽ ڍول سان ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ٻئي پاڻ ۾ واعدو ڪن ٿا ته اها ڳالھ راز رهندي ۽ جڏهن ٻئي بالغ ٿيندا ته کين اهو راز ٻڌائي مارو کي رخصت ڪري ڇڏبو. ڪنهن طرح اهو واقعو نظرانداز ڪري ڍول جي شادي ٻي عورت سان ڪري ڇڏجي ٿي. ڍول جي ٻي زال کي ننڍپڻ ۾ ٿيل سندس شاديءَ بابت علم ٿي وڃي ٿو پر هوءَ نه رڳو ڍول کي ان حقيقت کان بي خبر ٿي رکي، بلڪ مارو طرفان ايندڙ قاصد کي به ساڻس ملڻ نٿي ڏئي. مٿان وقت جي ستم ظريفي اها ته ٻنهي (ڍول مارو) جا پيئر وفات ڪري وڃن ٿا. هڪ ڏينهن مارو کي سندس پيءُ جو هڪ رازدار، ٻانهي ڍول سان ٿيل سندس شادي جي سچي حقيقت ٻڌائي ٿي ڇڏي. مارو، ڍول کي اطلاع ڏيڻ لاءِ هر جتن ٿي ڪري، ڪيس قاصدن هٿان پيغام ٿي موڪلي ته هوءَ سندس نالي سان منسوب آهي، سندس عزت آهي، هوءَ اچي ڪيس وٺي وڃي پر ڍول جي زال/راڻي ساڻس ڪنهن کي به ملڻ نٿي ڏئي. جذبن ۽ احساسن جي لاهن چاڙهن ۾ هوءَ غمي ۽ خوشيءَ جي ڪيترن ئي دورن مان گذري ٿي، مگر حوصلو نٿي وڃائي. آخرڪار ڍول کي حقيقت جو علم ٿئي ٿو ۽ هوءَ ساڻس ملي، ڪيس پنهنجي راڻي بڻائي ٿو ڇڏي.

اصل ۾ هي واقعو گواليار جو آهي، جتي ڍول رهندڙ هو. مقامي حالتون تبديل ٿيون ته ڪيس گواليار ڇڏي راجستان وڃڻو پيو، جتي هن ڍونڍار جي ريگستاني علائقي ۾ امير (آمير) جي جابلوئي علائقي جي ميتا قوم جي راجا سان جنگ ڪندي اهو علائقو فتح ڪيو، اها ئي رياست پوءِ "جئپور" جي نالي سان سڃاڻڻ لڳي. هي ڪهاڻي راجستان جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ڳائي وڃي ٿي. وچ هندستان، گجرات، سنڌ ۽ پنجاب تائين جي عوامي شاعرن هن داستان کي مختلف وقتن ۾ ڳايو آهي.

هن داستان لاءِ چيو وڃي ٿو ته اصل ڪهاڻي ڪشلاب نالي ڪنهن شاعر راجستاني دوهن ۾ لکي، عوامي ادب ۾ سندس سڃاڻپ/شهرت ڪشلاب نالي سان ٿئي ٿي. هونئن سندس اصل نالو ڪشل لاڀ (Kushal Labh) هو. راجستاني ادب ۾ دوهي کي "دوها" چوندا آهن ۽ هي لوڪ داستان 'ڍولا مارو دوها' جي نالي سان عام مقبول آهي. علائقائي ڪهاڻيون دوهي (ڪلاسيڪل شاعري جي صنف، جنهن جي ٻنهي سٽن جي آخر ۾ قافيو ايندو آهي) جي وزن ۾ ٿينديون هيون/ آهن. ڍول مارو داستان جي شهرت پڻ ان ڪري وڌيڪ آهي، پر ڳائڻن هن داستان کي دوهي کان علاوه ٻين صنفن ۾ به ڳايو آهي. هيءُ داستان سنڌ ۾ به تمام گهڻو مشهور آهي ۽ لوڪ ادب

جي نامور محقق/ماهر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن داستان کي مختلف روايتن مان گڏ ڪري ٻن جلدن جي صورت ۾ شايع ڪيو آهي. هن داستان ۾ مارو هڪ زنده دل ۽ بهتر زندگي گذارڻ جي آرزو رکندڙ عورت جي علامت آهي. هن داستان بابت ڪجهه بيت شاهه لطيف جي ڪلام ۾ به ملن ٿا.

(11) سهڻي: سهڻي هڪ منفرد ۽ عجيب غريب ڪردار آهي. هيءَ هڪ شادي شده عورت آهي، جيڪا غير مرد سان عشق ڪري ٿي ۽ روز درياهه ۾ ٽپي ٻئي پار ساڻس ملڻ ٿي وڃي. سهڻي هڪ دلي ذريعي درياهه پار ٿي ڪري، جيڪو عام وسيلو آهي. اخلاقي اعتبار سان ڏٺو وڃي ته هوءَ مجرم ۽ سماج جي منهن تي هڪ ڪارو داغ آهي پر سندس ڪردار شاعري لاءِ جڻ سهاڳ بڻجي ويو آهي. هن ڪردار کي شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ ڌوئي پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏيو آهي. بيشڪ صوفياڻي شاعري خراب لفظن ۽ خراب ڪردارن کي ڌوئي صاف ۽ پاڪيزه ڪري ٿي ڇڏي.

شاهه سائين سهڻيءَ کي، جيڪا رات جو هڪ ڌاريي ماڻهو ميهار سان ملڻ وڃي ٿي، ڪيس اهڙي عمل باوجود اهڙو پاڪ ۽ صاف ڪري پيش ڪيو آهي، جو سندس ظاهري غير اخلاقي حرڪت طرف ڌيان ئي نٿو وڃي. معاشري جي ڌڪاريل هيءَ عورت پنهنجي منزل/مقصد تائين پهچڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه سوچي ئي نٿي سگهي. سندس ان غير اخلاقي حرڪت سبب سندس پڪي دلي/مٽ جي جاءِ تي هڪ ڪچو دلو/مٽ رکجي ٿو، جيڪو سندس موت جو ڪارڻ بڻجي ٿو ۽ هوءَ طوفاني درياهه جي خطرناڪ لهرن سان جنگ ڪندي درياهي حيوانن جو کاڄ بڻجي جان ڏئي ٿي ڇڏي. هيءُ هڪ اهڙي محبوبا عورت جو داستان آهي، جنهن جي شادي سندس مرضي ڪانسواءِ ڪجي ٿي، پر هوءَ حالتن سان سمجهوتو نٿي ڪري. هي شاهه جي تخليق ڪيل سهڻي آهي، جنهن کي شاهه لطيف ڌوئي اُجرو ڪري ڇڏيو آهي. سهڻي، مستقل مزاجيءَ سان پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ ۽ سمجهوتو نه ڪرڻ جي علامت آهي.

**سيلاري سِهَڻ رات ۾، جا گهڙي وسندي مينهن؛**
**هلو ته پڇون سهڻي، جا ڪر چالي نينهن؛**
**جنهن کي راتو ڏينهن، ميهار ئي من ۾.**
(سر سهڻي: داستان 3، بيت 11)

شاهؒ جي شاعريءَ ۾ اهڙو ڪو مضمون نٿو ملي، جنهن ۾ انهن ڪردارن ۽ سرن جي تشريح نه ڪيل هجي. اڪثر بلڪ گهڻو ڪري مختلف مضمونن ۾ سهڻي کي روح سان تشبيهه ڏني وئي، جيڪا هن دنيا ۽ هن جي رنگينين، آرائشن ۽ آسائشن کي ڇڏي عالم ارواح طرف سفر ڪري ٿي. هيءَ ڳالهه ڪيتري قدر ئي صحيح مقدس چو نه هجي، ان سان اختلاف رکي سگهجي ٿو. هر ڪردار جيان ان جي موضوع ۽ روح سان به اختلاف ڪرڻ بهتر آهي. هر ڪردار جو هڪ مقصد هوندوآهي، جنهن جي هوءَ علامت بڻجي ٿو. شاهه جي هر عورت ڪردار ۾ ڪا نه ڪا اهڙي صفت آهي، جيڪا جيڪڏهن ڪنهن به عورت ۾ هجي ته اها هڪ سٺي ۽ مثالي عورت ليکبي. شاهه سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ اهڙين يارهن عورتن جي ڪردار کي پيش ڪيو آهي، جيڪي پنهنجي ڪنهن نه ڪنهن خوبي سبب منفرد آهن. ڪجهه ڪردارن ۾ هڪ کان وڌيڪ خوبيون به آهن. ان ڏس ۾ هن مضمون جو ليکڪ الياس عشقي لکي ٿو ته: ڳالهه اها آهي ته شاهه جي ذهن ۾ هڪ مڪمل ۽ مثالي عورت جو تصور هو، جنهن جو ملڻ ناممڪن هو. شاهه سائين، عورتن جي سڀني صفتن ذريعي پنهنجي مڪمل ۽ مثالي تصور کي مختلف ڪردارن جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي."

نوٽ: مضمون ۾ ڏنل شاهه جا بيت 'اينڊرائڊ ايپليڪيشن - راجا ساند (Multi-lingual version 5.0) 'شاهه جو رسالو- مرتب: ڪلياڻ آڏواڻي' تان کنيا ويا آهن.

◙



**ڊاڪٽر اسد جمال پلي**
عمرڪوٽ

# سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڏهه سالہ جشن*

## (58-1968ع)

اڄ هن مضمون ۾ پاڻ جنهن ماضي جي دلپذير داستان جي ياد تازي ٿا ڪريون، اهو هڪ شاندار جشن ۽ پروگرام هو، جنهن جا تفصيل ڪجهه هن طرح هئا تہ پاڪستان جي مرڪزي سرڪار سال 1958ع کان 1968ع تائين جي ڏهہ سالہ ڪارڪردگي تي مشتمل هڪ عوامي آگاهي جو پروگرام ترتيب ڏنو. هن پروگرام جو مطلب اهو هو تہ فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي هِن ڏهہ سالہ دور ۾ ملڪ ۾ ڪهڙا ستارا آيا ۽ ڪهڙا ڪهڙا اهم ڪم ٿيا، تنهن کي عوام اڳيان ظاهر ڪيو وڃي. انهي عوامي آگاهي واري پروگرام کي مرڪزي حڪومت جي ڏهہ سالہ جشن جو نالو ڏنو ويو. هيءُ جشن سڄي ملڪ ۾ تمام ڌام ڌوم سان ملهايو، ملڪ جي مختلف ادارن جي ڏهہ سالہ دور ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا، انهن کي جلسن، اجتماعن ۽ ادبي پروگرامن جي شڪل ۾ منعقد ڪيو ويو، مختلف ادارن طرفان انهن پروگرام جا بروشر ۽ خبرنامہ ڇپائي تقسيم ڪيا ويا، مرڪزي سرڪار جي هدايتن تحت هن ڏهہ سالہ جشن تحت سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي تاريخي ابتدائي ڪارڪردگي تي مشتمل هڪ شاندار جشن بنگلہ نمبر 3 سول لائين ۾ 14- آڪٽوبر 1968ع تي منعقد ڪيو، جڏهن کان بورڊ جي آفيس ڪراچي کان حيدرآباد منتقل ٿي تہ اُها آفيس هن بنگلي ۾ قائم ٿي، هيءُ بنگلو قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن جي ذاتي ملڪيت هو، مگر پاڻ بورڊ کي اهو بنگلو اعزازي طور ڏنائون. ساڳي طرح بورڊ جي آفيس جڏهن اُتان کان امين منزل ڳاڏي کاتي منتقل ٿي تہ اهو 1967ع ۾ قبلہ سائين جو بنگلو هو جيڪو بہ پاڻ سنڌي ادبي بورڊ کي اعزازي طور آفيس لاءِ ڏنو هئائون.

هن ڏهہ سالہ جشن ۾ مهمان خاص جناب مسروررحسن صاحب ڪمشنر حيدرآباد هئا. ڪانفرنس ۾ تلاوت ڪلام پاڪ بعد جناب قبلہ مخدوم زمان طالب المولىٰ صاحب خطبہ استقباليہ ڏنو ۽ جناب عبدالله خواب حمديہ ڪلام پيش ڪيو، محترم غلام محمد گرامي صاحب اردو ۾ بورڊ جو علمي تعارف پيش ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ جي اعزازي سيڪريٽري جناب سيد اسدالله شاهہ حسيني صاحب سنڌي ادبي بورڊ جي شروعاتي تاريخ 1940ع کان ۽ ڪارڪردگي جي تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي، هيءُ رپورٽ 32 صفحن تي مشتمل آهي، اسان هن تفصيلي رپورٽ مان سنڌي ادبي بورڊ جي قيام کان وٺي ان جي ابتدائي ميمبرن جا تفصيل 1968ع تائين ۽ سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪاري بورڊ ۽ بعد ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ٺهڻ تائين جي تاريخ، ۽ 1968ع تائين بورڊ جي سيڪريٽرين جا نالا، بورڊ جي قيام جا اغراض و مقاصد، بورڊ جا رسالا، آمدني جا وسيلا، مستقبل جو پروگرام ۽ بورڊ جي ضرورتن تائين سڀ احوال مڪمل رپورٽ تان ڪنيو آهي. جڳهہ جي ڪشادگي سبب هيءُ جشن، بورڊ جي آفيس امين منزل بجاءِ هن بنگلي ۾ منعقد ٿيو.

---

* هن مضمون جي تياريءَ ۾ خاص طرح سان آلا شڪرگذار آهيان، سيد اسدالله شاهہ حسيني صاحب جو، جنهن جي ڇپيل رپورٽ تان مون مڪمل مواد حاصل ڪيو. ساڳي طرح موجوده چيئرمين جناب محترم سعيدالزمان 'عاطف' صاحب جو بہ شڪرگذار آهيان. جنهن هن مضمون لاءِ سڀ فوٽو مهيا ڪيا ۽ محترم نفيس احمد شيخ صاحب جو بہ شڪريو، جنهن سڀني فوٽن تي ڪيپشن لڳائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي ۽ رپورٽ جي ڪاپي پڻ مهيا ڪئي. (اسد جمال)

**سنڌي ادبي بورڊ جو قيام:**

"سنڌ جي" علمي، ادبي، مذهبي، تهذيبي، تمدني، ۽ ثقافتي ورثي جي اهميت کي محسوس ڪندي، وقت جي حڪومت سنڌ، آگسٽ 1940 ۾، سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ ناهيو، جنهن جو چيئرمين مرحوم ميران محمد شاهه هو ۽ هيٺيان ميمبر هئا.

1. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، 2. شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، 3. علامه آءِ. آءِ. قاضي، 4. پيرومل مهرچند آڏواڻي، 5. سوڀراج نرملداس فاني، 6. پير علي محمد شاهه راشدي، 7. راءِ بهادر ڄڳتسنگهه آئلمل، 8. خانبهادر محمد صديق ميمڻ، 9. آغا عبدالنبي خان، 10. ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي، 11. مولانا دين محمد وفائي، 12. مولانا محمد عبدالڪريم چشتي

مرحوم عثمان علي انصاري هن بورڊ جو سيڪريٽري ۽ ديوان لالچند امرڏنومل ڄڳتياڻي جوائنٽ سيڪريٽري هئا.

1941ع کان 1947ع تائين، هن بورڊ، پنهنجي وس آهر ڪافي خدمت ڪئي. انهيءَ عرصي ۾ مختلف خالي ٿيندڙ جاين تي هيٺين صاحبن، ميمبر جي حيثيت سان ڪم ڪيو.

1. پروفيسر رام پنجواڻي، 2. حڪيم محمد احسن، 3. مخدوم محمد صالح ڀٽي، 4. محمد حنيف صديقي، 5. ديوان گوپيرام رڪياڻي

1947ع ۾، حڪومت سنڌ، مٿئين بورڊ جي نئين سر تشڪيل ڪئي، جيئن پيش نظر مقصد ۾ وڌيڪ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ اپاءُ ورتا وڃن. هن بورڊ جو چيئرمن سيد ميران محمد شاهه مرحوم، وائيس چيئرمن ڊاڪٽر دائود پوٽو مرحوم ۽ سيڪريٽري عثمان علي انصاري مرحوم مقرر ڪيا ويا ۽ هيٺيان ميمبر نامزد ڪيا ويا.

(1) پيرعلي محمد راشدي، (2) خانبهادر محمد صديق ميمڻ، (3) ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل، (4) مولانا دين محمد وفائي، (5) مولوي عبدالرزاق، (6) سيد عبدالحسين شاهه موسوي، (7) مخدوم محمد صالح ڀٽي، (8) علاؤالدين سمون، (9) غلام مصطفيٰ پرڳڙي، (10) اياز حسين قادري، (11) محمد بخش واصف، (12) آغا تاج محمد

1950ع ۾، وري هڪ "هاءِ پاور ايگزيڪيوٽو ڪميٽي فار سنڌي لٽريچر" (سنڌي ادب لاءِ اعليٰ اختياري جي ڪاروباري ڪميٽي) مقرر ڪئي وئي ته مرڪزي صلاحڪار بورڊ جيڪي رٿائون، سنڌي ادب جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ناهي، تن کي اها ڪاميٽي عمل ۾ آڻي. ان ڪاميٽيءَ جا هيٺيان ميمبر صاحب ٿيا:

1- وزير تعليم، حڪومت سنڌ- چيئرمن، 2- سيد ميران محمد شاهه- ميمبر، 3- آغا بدرالدين دُراني، 4- شيخ عبدالمجيد سنڌي، 5- سيڪريٽري، محڪمه تعليم، حڪومت سنڌ 6- سيڪريٽري، محڪمه ماليات، حڪومت سنڌ، 7- ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ- سيڪريٽري

جولاءِ 1951ع ۾، ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ جي بجاءِ، ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري محمد ابراهيم جويو مقرر ڪيو ويو.

ڊسمبر 1951ع ۾، "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" کي ختم ڪيو ويو ۽ "هاءِ پاور ايگزيڪيوٽو ڪميٽي فارسنڌي لٽريچر" جا ميمبر، سَتن مان وڌائي يارهن ڪيا ويا ۽ ان کي "سنڌي ادبي بورڊ" جو نالو ڏنو ويو، جنهن نالي سان هي بورڊ، هن وقت تائين موجود آهي.

ان وقت، هيٺيان ميمبر انهيءَ بورڊ تي نامزد ٿيا:

1. وزير تعليم، سنڌ — چيئرمن
2. سيڪريٽري، محڪمه تعليم، سنڌ — ميمبر
3. سيڪريٽري، محڪمه ماليات، سنڌ
4. ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن، سنڌ
5. جي. ايم.سيد
6. شيخ عبدالمجيد سنڌي
7. علامه آءِ. آءِ. قاضي
8. شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽو
9. سيد ميران محمد شاهه
10. آغا بدرالدين دُراني
11. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڊسمبر 1954ع ۾، بورڊ جي نئين سر تشڪيل ڪئي ويئي ۽ حڪومت سنڌ جو وزير اعظم اُن جو چيئرمين ۽ وزير تعليم حڪومت سنڌ جو وائيس چيئرمين ٿيا ۽ هيٺيان صاحب ان بورڊ جا ميمبر نامزد ڪيا ويا:

(1) سيڪريٽري، محڪمه تعليم، سنڌ، (2) ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن، سنڌ، (3) پيرعلي محمد راشدي، (4) سيد ميران محمد شاهه، (5) آغا بدرالدين دُراني، (6) شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽو، (7) علامه آءِ. آءِ. قاضي، (8) سيد حسام الدين راشدي، (9) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، (10) مولوي خير محمد نظاماڻي

مارچ 1955ع ۾، حڪومت سنڌ، ”سنڌي ادبي بورڊ“ کي هڪ خودمختيار ادارو قرار ڏنو ۽ ان جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ آئين منظور ڪيو. نئين تشڪيل موجب، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، بورڊ جو پريزيڊنٽ، جي.ايم.سيد وائيس پريزيڊنٽ ٿيا ۽ هيٺيان ميمبر نامزد ڪيا ويا:

1- پيرعلي محمد راشدي، 2- آغا عبدالنبي، 3- مخدوم محمد زمان ”طالب المولىٰ“، 4- الهه بخش سرشار عقيلي، 5- سيد حسام الدين راشدي، 6- مولوي خير محمد نظاماڻي، 7- ڊاڪٽر دائود پوٽو، 8- سيد ميران محمد شاهه.

ان طرح، آغا تاج محمد ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، بحيثيت نمائندگان سنڌ يونيورسٽي؛ سيڪريٽري، بورڊ آف مئنيجمنٽ اينڊ ڪنٽرول- سنڌ پراونشل لئبرري اينڊ ميوزم؛ ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ- ايڪس آفيشو ميمبر ڪري ڪنيا ويا.

1957ع ۾، بورڊ جي آئين ۾ ترميم آڻي، مٿين ٻن ايڪس آفيشو ميمبرن جي جاءِ تي هيٺيان ٻه صاحب ميمبر مقرر ڪيا ويا.

1. ڊائريڪٽر آف ايڊيوڪيشن، حيدرآباد ڊويزن
2. انسپيڪٽريس، گرلس اسڪولس، حيدرآباد ريجن

انهيءَ کان ڪجهه وقت اڳ، مولوي خيرمحمد نظاماڻي استعفا ڏني ۽ سندس جاءِ تي عثمان علي انصاريءَ کي نامزد ڪيو ويو. سيپٽمبر 1961ع ۾، اولهه پاڪستان جي گورنر جي حڪم موجب، هيٺيان صاحب، اڳوڻن ميمبرن جي جاءِ تي کنيا ويا.

1. ڪمشنر، حيدرآباد ڊويزن چيئرمن
2. وائيس چانسيلر، سنڌ يونيورسٽي

يا سندس نمائندو ايڪس آفيشو ميمبر

3. چيئرمين، بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن، حيدرآباد ريجن ميمبر
4. ڊائريڪٽر آف ايڊيوڪيشن، حيدرآباد ريجن
5. مخدوم محمد زمان ”طالب المولىٰ“
6. سيد حسام الدين راشدي
7. سيد ميران محمد شاهه
8. شيخ علي محمد (ايڊيٽر ”عبرت“)
9. عبدالغفور پرهڙي

نومبر 1961ع ۾، اولهه پاڪستان جي گورنر، ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن جي جاءِ تي، مخدوم محمد زمان صاحب ”طالب المولىٰ“، تمغه پاڪستان، ميمبر قومي اسيمبلي پاڪستان کي بورڊ جو چيئرمن نامزد ڪيو. هي زرين قدم ڪٿي، حڪومت گويا بورڊ کي عوام جي حوالي ڪيو ۽ عوام ۾ بورڊ جي حيثيت کي اهميت ڏني. انهيءَ کان علاوه، وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽيءَ کي ميمبر ڪري رکيو ويو. اڳي سندس پاران، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، نمائندگي ڪري سگهيو ٿي، تنهن صاحب کي به هاڻ بورڊ جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.

نومبر 1963ع ۾، سيد ميران محمد شاهه وفات ڪئي ۽ سندس جاءِ تي جولاءِ 1964ع ۾، پروفيسر محبوب علي چنا کي ميمبر مقرر ڪيو ويو.

مئي 1968ع ۾، بورڊ جي نئين تشڪيل ڪئي ويئي، جنهن تي هيٺيان صاحب ميمبر نامزد ڪيا ويا:

1. مخدوم محمد زمان ”طالب المولىٰ“ چيئرمن
2. وائيس چانسيلر، سنڌ يونيورسٽي ميمبر
3. ڊائريڪٽر آف ايڊيوڪيشن، حيدرآباد ريجن
4. آغا عبدالنبي خان عليگ
5. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
6. ڊاڪٽر نبي بخش صاحب قاضي

7. خديجه خانم دائود پوٽو
8. عبدالغفور پرڳڙي
9. خانصاحب عبدالله چنا

## بورڊ جا سيڪريٽري

1. محمد ابراهيم جويو جولاءِ 1951ع کان فيبروري 1961ع تائين
2. عثمان علي انصاري (اعزازي) مارچ 1961ع کان سپٽمبر 1961ع تائين
3. سيد شاهه محمد شاهه آڪٽوبر 1961ع کان سپٽمبر 1962ع تائين
4. سيد ميران محمد شاهه (اعزازي) آڪٽوبر 1962ع کان جون 1963ع تائين
5. محمد ابراهيم جويو (اعزازي) جولاءِ 1963ع کان جولاءِ 1967ع تائين
6. غلام رباني (وقتي)
7. ڊاڪٽر سيد اسدالله شاهه "بيخود" حسيني (اعزازي) نومبر 1967ع کان هن وقت تائين.

## اغراض و مقاصد

سنڌي ادبي بورڊ، هيٺين مقصدن لاءِ قائم ڪيو ويو.

(1) سنڌي نثر ۽ نظم جي پراڻن نسخن کي هٿ ڪري، سڌاري، چنڊي ڇاڻي ڇپائڻ؛
(2) پراڻن سنڌي مصنفن جي بيش بها ڇپيل ڪتابن کي وري نئين سر ڇپائڻ؛
(3) طبعزاد نثر ۽ نظم جا مسودا ڇپائڻ؛
(4) سنڌي گرامر، سنڌي لغت، لوڪ ادب، افسانا، ڊراما ۽ سنڌ جي تاريخ لکارائي، شايع ڪرڻ؛
(5) دنيا جي ڪلاسيڪي ادب جي چونڊ ڪتابن جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪرائي ڇپائڻ؛
(6) سنڌي عالمن جا عربي، فارسي ۽ ٻين ٻولين ۾ مختلف موضوعن تي لکيل مسودا، نئين سر شايع ڪرڻ.
(7) ٻارڙن لاءِ صالح ۽ صحتمند ادب پيدا ڪرڻ.
(8) سائنس ۽ نفسيات تي لکيل طبعزاد ڪتاب يا مستند ڪتابن جا سنڌي ترجما ڇپائڻ؛
(9) سنڌ متعلق، عربي، فارسي ۽ انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتابن جا سنڌي ۽ اردو ۾ ترجما شايع ڪرڻ؛
(10) تصوف ۽ اخلاق تي ٻين ٻولين مان ترجما ۽ طبعزاد ڪتاب ڇپائڻ؛

مٿي بيان ڪيل پروگرامن مان ڪيترن تي ڪافي ڪم ٿي چڪو آهي. پراڻي دور جي ڪيترن اديبن ۽ شاعرن جي نثر ۽ نظم جا ڪيترائي ڪتاب بورڊ شايع ڪري چڪو آهي.

جديد عالمن جا مختلف فنن، جهڙوڪ علم و ادب، شعر و شاعري، تاريخ، نفسيات، سِيرَ، فلسفه، ناول، افسانه وغيره تي به ڪافي انداز ۾ ڪتاب عوام جي خدمت ۾ پيش ڪيا ويا آهن— ساڳيو مثال، ٻين ٻولي تان ترجمو ٿيل ڪتابن جو آهي.

سنڌ جي تاريخ کي اٺن دورن ۾ ورهايو ويو هو ۽ ان جي لکڻ جو ڪم مختلف مورخن جي سپرد ڪيو ويو. انهيءَ اسڪيم هيٺ، ايڇ. ٽي. لئمبرڪ جو قديم سنڌ تي لکيل پهريون جلد ("Sind-A General introduction") شايع ڪيو ويو آهي، ۽ ٻيو جلد پريس ۾ آهي. ان طرح مولانا غلام رسول مهر جي اردوءَ ۾ لکيل "تاريخ ڪلهوڙا" (2 حصا) شايع ٿي چڪي آهي. باقي ڇهه جلد به عنقريب مڪمل ٿيڻ وارا آهن ۽ اميد ته جلد شايع ٿيندا.

سنڌي گرامر تي هڪ ڪتاب لکجي چڪو آهي، جو عنقريب جديد دور جي تقاضائن موجب، ترميمن ۽ اضافن بعد ڇاپيو ويندو.

لوڪ ادب اسڪيم جي نظرداري، بورڊ جي معزز ميمبر، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي ذمي هئي، ۽ هن اسڪيم هيٺ 40 جلد شايع ٿيڻا هئا، جن مان 22 ڇپجي چڪا آهن. 5 جلد پريس ۾ زير طبع آهن ۽ باقي جلدن جو مواد گڏ ٿي چڪو آهي.

سنڌي لغت اسڪيم جو نگران به محترم ڊاڪٽر بلوچ صاحب آهي. لغت جو هڪ ضخيم جلد شايع ٿي چڪو آهي ۽ ٻيو جلد پريس ۾ ڇپجي رهيو آهي

مٿين اسڪيمن تي، موجوده بورڊ جي اراڪين، نهايت سرجوشيءَ سان عمل پيرا ٿيڻ جو فيصلو ڪيو آهي؛ ۽ ٻيون ڪيتريون اسڪيمون منظور ڪيون آهن، جن مان ڪي هي آهن:

(1) سنڌ جي تهذيب، تمدن، ڳوٺن، شهرن، ذاتين، ڏنڻن، جبلن، ٺين، ٻيلن، پکين، مشهور عالمن ۽ اديبن متعلق معلومات افزا ۽ مستند انسائيڪلو پيڊيا شايع ڪرڻ، جنهن جو نالو "سنڌ جو سونهون" رکيو ويو آهي.

(2) سنڌ جي مختلف پراڻي لئبررين ۾ جيڪو سنڌ متعلق مواد آهي، يا سنڌي علماء ۽ ادباء جا جيڪي ڪتاب موجود آهن، تن جون فهرستون تيار ڪري، هٿ ڪري، شايع ڪرڻ. انهن ٻنهي اسڪيمن تي عنقريب ڪم شروع ٿي رهيو آهي.

مٿي ڏنل مختصر تعارف کان پوءِ، هيلتائين، "سنڌي ادبي بورڊ" طرفان جيڪي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، انهن جو ذڪر ڪجي ٿو:

(1) سنڌي ڪتاب 153
(2) اردو ڪتاب 5
(3) فارسي ڪتاب 23
(4) عربي ڪتاب 7
(5) انگريزي ڪتاب 6

**مهراڻ:**

مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن کان سواءِ، بورڊ جي ٽه ماهي رسالي "مهراڻ" جا سالها سال سنڌي علم و ادب، تهذيب و تمدن ۽ شعر و شاعري جي تحقيق، تدقيق ۽ تنقيد جي ذريعي خدمت ڪئي آهي، اها به تحسين جي لائق آهي. هن ئي رسالي جي ذريعي جديد ۽ قديم اصناف سخن کي فروغ ڏنو ويو. جتي ادب لطيف، نظم، آزاد نظم، غزل، رباعيون، مثنويون، قطعا وغيره رسالي جي صفحن جو سينگار بنيا آهن؛ اُتي وايون، ڪافيون، بيت، مداحون وغيره پنهنجي قديم سونهن ۽ سوڀيا سان "مهراڻ" کي آراسته ۽ پيراسته ڪري چڪيون آهن. بيمثال تحقيقي مقالا، دراما، ناٽڪ، افسانا وغيره به هن رسالي جي افاديت کي اجاگر ڪرڻ ۾ وڏو حصو رکن ٿا. هيءُ ئي رسالو آهي جنهن جي ذريعي نوآموز شاعرن ۽ اديبن جون تخليقون عوام جي ذهنن کي محظوظ ڪن ٿيون، ۽ ڪهنه مشق استاد، محققن ۽ شاعرن جو ڪلام قلبن کي ڪيف ۽ دماغن کي راحت بخشين ٿا.

**گل ڦل:**

ٻارن لاءِ رسالو "گل ڦل" به ڪيترا سال سنڌ جي سپوت نونهالن لاءِ نصيحت، اخلاقي قدرن، ديني تعليم ۽ دنياوي سمجهه جا سبق ڏئي چڪو آهي.

"سنڌي ادبي بورڊ" پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ تقريباً هڪ لک صفحا ڇپائي عوام جي خدمت ۾ پيش ڪري چڪو آهي، ۽ اها اميد آهي ته انشاالله تعاليٰ ڪيترا لک صفحا اڃا اوهان جي توجهه جي طفيل حاضر ڪبا.

حضرات- اميد ته اوهان محسوس ڪيو هوندو ته اوهان جي هن اداري پنهنجي ٿورڙي عرصي جي ايامڪاريءَ ۾ ڪيترو نه عظيم الشان ڪم ڪيو آهي ۽ پاڪستان ۽ هن علائقي جي ڪيڏي نه قابل قدر خدمت ڪئي آهي. پاڪستان جي مختلف علمي ادارن ڪانسواءِ، دنيا جي ڳوشي ڳوشي مان عالمن ۽ اديبن هن اداري جي ڪارڪردگيءَ تي ڪيترائي تحسيني ۽ تهنيتي خط اسان ڏي موڪليا آهن، جن کي طوالت جي خوف کان هتي پيش ڪري ڪون سگهيا آهيون.

**بورڊ جي آمدنيءَ جا وسيلا:**

بورڊ جي آمدنيءَ جا ٻه ذريعا آهن: هڪ حڪومت جي طرفان گرانٽ، ٻيو ڇاپيل ڪتابن جي وڪري مان آمدني. حڪومت جي طرفان نهايت حوصله افزا مدد ٿيندي رهي آهي ۽ هر سال هڪ لک روپيا گرانٽ به ملندي رهي آهي.

گرانٽ کان علاوه، بورڊ، ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جي طرفان پرائيمر، پهريون، ٻيو، ٽيون، چوٿون ۽ ڇهون سنڌي درسي ڪتاب به ڇاپي ٿو. انهيءَ کان سواءِ بورڊ، سنڌي نصاب لازمي، نائون- ڏهون، يارهون- ٻارهون، سوشل اسٽڊيز (تاريخ ۽ جاگرافي) به ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي طرفان شايع ڪري ٿو. انهن ڪتابن مان به ڪجهه آمدني ٿئي ٿي. ايترو عرض ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته هن کان اڳي سمورا سنڌي درسي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ئي شايع ڪندو هو، سرڪار کي ڪابه رائلٽي ڪانه ڀپاري ويندي هئي. ان جو مقصد اهو هو ته هڪ ته بورڊ جي طرفان شايع ٿيل ڪتاب ديده زيب، ڇپائي ۽ بائينڊنگ جو عمدو

نمونو هوندو ۽ پروفن جي غلطين کان بہ پاڪ هوندا، ۽ ٻئي طرف انهن ڪتابن جي آمدنيءَ مان بورڊ وڌيڪ ڪارائتا ڪم ڪري سگهندو. ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ کي بهرحال، اسان کي هر ڪتاب تي مقرر ٿيل رائلٽي بہ ڏيڻي پوي ٿي ۽ سمورا درسي ڪتاب بہ اسان کي شايع ڪرڻ لاءِ ڪونہ ٿا ڏنا وڃن. اهو اوهان کي يقين ٿو ڏيارجي تہ اسان جا ڇپايل درسي ڪتاب هر لحاظ کان ٻين تاجرن جي ڇپايل درسي ڪتابن کان پروفن جي صحت ۽ ڇپائيءَ جي خوبصورتيءَ ۾ بهتر آهن.

اسان کي ٻين علمي ڪتابن مان جيترو انهن جي ڇپائيءَ تي خرچ ٿئي ٿو، انهيءَ کان گهٽو گهٽ آمدني ٿئي ٿي.

فارسي ۽ عربي ڪتابن جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾، مرڪزي حڪومت، بورڊ کي ساڍن پنجن لک روپين جي امداد ڏني، جا رقم ڪتابن جي ايڊٽ ڪرائڻ ۽ ڇپائڻ تي خرچ ڪئي ويئي آهي، ۽ هيلتائين اسان ٽيهہ ڪتاب شايع ڪري چڪا آهيون.

**مستقبل جو پروگرام ۽ آمدنيءَ جي وڌائڻ لاءِ اُپاءَ**

جيتوڻيڪ بورڊ سوَن جي تعداد ۾ ڪتاب شايع ڪري چڪو آهي، تڏهن بہ اسان وٽ سوين نسخا موجود آهن، جن کي شايع ڪرائڻو آهي. ڪيترين اسڪيمون- مثلاً 'سنڌي' ۾ لکيل تبليغي ادب جي اشاعت، "سنڌ جو سونهون"، ڪتبخانن جي جاچ ۽ ڪتابن جون فهرستون شايع ڪرڻ، عربي ۽ فارسي جي باقي رهيل مخطوطن کي ايڊٽ ڪرائي شايع ڪرڻ- اجا تشنهٔ تڪميل آهن، جن تي عمل ڪرڻ لاءِ ڪافي رقم جي ضرورت آهي. آمدنيءَ جا تہ ڪيترا وسيلا ٿي سگهن ٿا:

(1) بورڊ وٽ ڇپيل ڪتابن جو ذخيرو، جن جي قيمت 907746 رپيا آهي، اُنهن جو نيڪال ڪرڻ.

(2) محڪمهٔ تعليم حيدرآباد ريجن طرفان انعام ۽ لائبررين جي لاءِ هر سال ڪتاب خريد ڪيا وڃن. بورڊ جي ڪتابن لاءِ سمورا ڪتاب واپارين جي بجاءِ سڌو سنئون بورڊ جي بُڪ اسٽال تان خريد ڪيا وڃن، بورڊ جي ڪميشن جي اصول موجب، خود حڪومت کي هڪ لک رپيا خرچ ڪرڻ سان هڪ لک ٽيهہ هزارن جا ڪتاب ملندا.

(3) حيدرآباد ميونسپالٽيءَ طرفان جيئن ٻين علمي ادبي ادارن جي مدد ڪئي ٿي وڃي، تيئن هر سال بورڊ جي لاءِ بہ گرانٽ منظور ڪئي وڃي.

(4) سنڌ جون مختلف يونين ڪائونسلون، ٽائون ڪميٽيون ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسلون، پنهنجي لائبريرين لاءِ بورڊ کان ڪتاب خريد ڪن.

(5) مختلف بئنڪون، خصوصاً نئشنل بئنڪ آف پاڪستان ۽ حبيب بئنڪ لميٽيڊ طرفان هر سال بورڊ کي امداد ڏني وڃي.

(6) مختلف ڪارخانيدار ۽ مخير حضرات بورڊ جي مالي مدد ڪن.

**بورڊ جون ضرورتون**

نهايت افسوس سان ظاهر ڪرڻو ٿو پوي تہ بورڊ وٽ آفيس جي لاءِ توڙي ملازمن جي رهائش جي لاءِ ڪا جڳهہ ڪانهي. مرحوم نياز احمد صاحب، سابق ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن جي خصوصي توجهہ جي ڪري بورڊ کي لطيف آباد ۾ سَت ايڪڙ زمين ملڻ جو دلاسو ڏنو ويو هو. اها زمين آفيسن جي لکپڙهين ۾ گهٽجي گهٽجي وڃي هڪ ايڪڙ ۽ هڪ گهٽي تائين پهتي. هاڻ تہ انهيءَ جي ملڻ جو بہ ڪو آسرو ڪونہ آهي. اڄ جيڪڏهن لطيف آباد ۾ بورڊ لاءِ ڪجهہ زمين الاٽ ڪئي وڃي تہ اسان جا گهڻا مشڪل حل ٿي پوندا. اميد تہ عاليجناب مسرور حسن خان صاحب جن هن ڏس ۾ اسان جي مدد ڪندا."

**شڪريو**

هن تفصيل کان پوءِ سيد اسدالله شاهہ حسيني صاحب هن جشن جي انتظامن ڪرڻ تي ۽ ڪامياب ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيو آهي. خاص طرح جناب ڪمشنر مسرورحسن صاحب جو جنهن مهمان خصوصي جي حيثيت سان سنڌي ادبي بورڊ جي اراڪين کي شرف بخشيو. سندس ذاتي ڪوشش ڪيترن ئي سرڪاري ادارن خاص طرح يونين ڪائونسلن بورڊ جا ڪتاب خريد ڪيا، ان کان پوءِ علاوه جناب ڪيپٽن عثمان علي عيساڻي ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد، سابق اي.ڊي.بي.ڊي محترم رسول بخش انڙ ۽ جناب اي.آر ڪاظمي صاحب جو بہ شڪريو ادا ڪيو.

بورڊ جي موجوده ميمبرن جنهن فراخدلي ۽ همت افزائيءَ کان ڪم ورتي هن تقريب جي ملهائڻ جو فيصلو ڪيو، انهي لاءِ جيتري تعريف ڪجي اوتري ٿوري، هن تقريب جو سمورو انتظام ۽ پروگرام، سنڌي ادب جي روح روان، اديبن ۽ شاعرن جي سرپرست عاليجناب مخدوم محمد زمان صاحب ”طالب المولىٰ“، تمغهٔ پاڪستان، چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ پنهنجو قيمتي وقت صرف ڪري پنهنجي ذمي ڪنيو، اها سندن خاص نوازش چئبي.

قبلهٔ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب جن نهٔ صرف پنهنجا بنگلا بورڊ جي آفيس لاءِ طويل عرصي تائين، جيستائين ڄام شورو ۾ آفيسون ٺهيون، اعزازي طور پيش ڪيا پر جڻ تهٔ هن اداري جي دوام ۽ بقا لاءِ هميشهٔ لازوال قربانيون ڏنيون. پاڻ نهٔ صرف هن سنڌ جي قومي اداري کي پنهنجو ادارو سمجهيائون، پر ان کي هميشهٔ پنهنجو ادارو سمجهيائون. هن اداري لاءِ سندن اولاد جون اهڙيون ئي بي مثال خدمتون آهن، هنن خدمتن جو پيو نعم البدل آهي ئي ڪونهٔ.

بورڊ جي معزز ميمبر جناب خانصاحب عبدالله چنهٔ صاحب جي مهرباني جنهن جشن لاءِ شاميانن، نشستن، لائوڊ اسپيڪر ۽ اليڪٽرسٽي وغيره جو سڄو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو. مخدوم زاده جناب محمد امين ’فهيم‘ صاحب جن هيءُ سڄو پروگرام رڪارڊ ڪيو ۽ ريڊيو پاڪستان وارن پروگرام رڪارڊ ڪري نشر ڪيو ۽ عوام تائين پهچايو. هنن سڀني جا ٿورا ۽ احسان مڃيا.

محترم حسين بخش خادم سروري موسيقارن ۽ فنڪارن کي تقريب ۾ شامل ڪرڻ جو سمورو ڪم خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏنو. بورڊ جي سڀني اراڪين ۽ ڪارڪنن ۽ تعلقدارن بورڊ جي مختلف علمي ۽ فني شعبن جي سربراهن ۽ سندن مددگارن جو پڻ شڪريو.

”هيڊ آفيس جي اراڪينن مان مسٽر غلام رباني آگرو، عبدالجبار عباسي، محمد رمضان، يارمحمد پنهور، غلام علي شاهه هن جشن جي انتظام ۽ ضروري ڪمن ۾ مدد ڪئي. ”مهراڻ“ جي ايڊيٽر مولانا غلام محمد گرامي صاحب ۽ سندس سرگرم معاون مسٽر ناشاد دعوتنامن ۽ تقريرن جي ڇپائيءَ ۾ جا مدد ڪئي اُن لاءِ خاص طرح ممنون آهيان.“ سيد اسدالله حسيني صاحب هيءُ شڪريهٔ ادائي جو سلسلو اڳتي وڌايو آهي. اهڙي طرح بڪ اسٽال جي عملي مسٽر محمد امين بلوچ، شوڪت حسين شورو راهي، انور الدين جمالي، احمد خان ميمڻ، نمائش جي انتظام ڪرڻ ۾ دلي تعاون ڪيو. بورڊ جي پريس مان مسٽر علي بخش احمدزئي، مسٽر الهه بچايو، ڪريم بخش، ولي محمد طاهرزادو ۽ ڪمپوزرن ۽ بائينڊرن جون پڻ هن تقريب کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ڪوششون رهيون. هنن سڀني جي بهٔ تعريف لازمي آهي.

تقريب جي آخر ۾ مهمان خاص جناب مسرورحسن صاحب تقريب کي خطاب ڪندي قبلهٔ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جا ٿورا مڃيا. هُن بورڊ جي سڄي انتظاميهٔ ۽ ڪارڪردگيءَ جي تعريف ڪئي، هُن صاحب بورڊ جي اشاعتي سلسلي ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ لوڪ ادب جي موضوعن تي ٿيل ڪم جي اهميت تي پڻ ڳالهايو ۽ ترجمن جي ڪم جي گهڻي تعريف ڪئي. هن قبلهٔ مخدوم صاحب محمد زمان طالب المولىٰ جي بورڊ جي ڪيل خدمتن کي نهٔ صرف ساراهيو، پر پنهنجي طرفان مڪمل تعاون جو يقين پڻ ڏياريو. هن جشن ۾ بورڊ جي ڪتابن ۽ نسخن جي بهترين نمائش پڻ رکي وئي. آخر ۾ هڪ عاليشان ۽ پُرتڪلف مانجهاندي جو پڻ بندوبست هو، جنهن بعد جشن پنهنجي اختتام تي پهتو.

# مرڪزي حڪومت پاڪستان جي ڏهہ سالہ جشن جي سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ منعقد ٿيل تقريب جو تصويري البم



قبلہ مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' تقريب ۾،
صدر محفل مسٽر مسرورحسن (ڪمشنر حيدرآباد) سان مصافحو ڪندي.



تقريب (1958ع کان 1968ع) ۾ قبلہ مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ'
صدر محفل مسٽر مسرورحسن (ڪمشنر حيدرآباد) جي آجيان ڪري رهيا آهن.



ڪانفرنس جي شروعات کان پهرين، مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘ ۽
مسٽر مسرورحسن (ڪمشنر حيدرآباد) تبادلهٔ خيال ڪندي.




ڪانفرنس جي شروعات کان پهرين پنڊال ۾ مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘
مسٽر مسرورحسن (ڪمشنر حيدرآباد) ويٺل آهن. ٻي قطار ۾ مخدوم امين محمد ’فهيم‘،
غلام نبي ميمڻ (سابق وزير مغربي پاڪستان) ۽ عثمان علي عيساڻي صاحب ۽ ٻيا معززين.



تقريب جي شروعات، تلاوتِ ڪلام پاڪ سان
ڪاٻي ڪان: مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ'، مسٽر مسرورحسن (ڪمشنر حيدرآباد) ۽ اسد الله شاهه حسيني،
(سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ)




محترم عبدالله 'خواب' حيدرآبادي (شاعر) پنهنجو حمديه ڪلام پيش ڪندي،
اسٽيج تي ڪاٻي ڪان: مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' ۽ مسٽر مسرورحسن (ڪمشنر حيدرآباد)




مولانا غلام محمد گرامي صاحب، 'سنڌي ادبي بورڊ جو علمي تعارف' اردو ۾ پيش ڪندي.
اسٽيج تي کاٻي کان: مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ'، مسٽر مسرور احسن (ڪمشنر حيدرآباد) ۽
سيد اسدالله شاھ حسيني (سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ)



سيد اسدالله شاھ حسيني (سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ) بورڊ جي ڪارڪردگي پيش ڪندي
اسٽيج تي ساڄي کان: مسٽر مسرور احسن ۽ قبلہ مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ'



قبلہ مخدوم محمد زمان ’طالب المولیٰ‘، خطبۂ استقباليہ ڏيندي.



قبلہ مخدوم محمد زمان ’طالب المولیٰ‘ خطبہ استقباليہ ڏيندي. اسٽيج تي صدر محفل مسٽر مسرورحسن
(ڪمشنر حيدرآباد) اسدالله شاھ حسيني (سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ) ۽
غلام رباني آگرو (اسسٽنٽ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ)




قبلہ مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ'، صدرِ محفل مسٽر مسرورحسن (ڪمشنر حيدرآباد) کي مرحبائي خطبو (ڪاسڪيٽ ۾) پيش ڪندي.



مسٽر مسرورحسن (ڪمشنر حيدرآباد) حضرت مخدوم نوح سرورؒ جو فارسي ۾ ترجمو ڪيل قرآن مجيد جو نسخو (قلمي) چُمندي
تصوير ۾ ساڄي ڪان: آغا عبدالنبي عليگ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ'، مدد علي سنڌي ۽ سيد اسدالله شاھ حسيني (سيڪريٽري س.ا.ب).



ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مسٽر مسرورحسن کي حضرت مخدوم نوح سرورؒ جي قرآن مجيد جي فارسي ترجمي (قلمي نسخي) تي بريفنگ ڏيندي، ساڄي هٿ تي قبلہ مخدوم محمد زمان 'طالب المولیٰ'، عبدالله چنا، اسد الله شاهہ حسيني ۽ آخري قطار ۾ قاضي محمد اعظم صاحب، ۽ مدد علي سنڌي نظر اچي رهيا آهن.



قبلہ مخدوم زمان 'طالب المولیٰ' طرفان ڏنل ضيافت ۾، مسٽر مسرورحسن (ڪمشنر حيدرآباد)، قاضي محمد اڪبر، آغا عبدالنبي عليگ ۽ ٻيا موجود آهن.



تقريب ۾، قبلا مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ، مهمان خاص جناب مسرور حسن (ڪمشنر حيدرآباد) سان محوِ گفتگو



تقريب ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو گروپ فوٽو-
ساڄي کان: سيد اسدالله شاهه حسيني (سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ) آغا عبدالنبي عليگ (بورڊ جو ميمبر)، مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ'، خانصاحب عبدالله چنه، غلام رباني آگرو (اسسٽنٽ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ)
ٻي قطار ۾: بورڊ جا ملازم سڄي کان: انورالدين جمالي ۽ عبدالجبار عباسي.

قرآن سان سرشار گهر جا سڀ ڀاتي گڏجي روزانو جي بنياد تي هن اداري جي سيوا ۽ سنڀال ڪندا آهن. ان لاءِ الڳ ڪوبه ملازم رکيل ناهي. هيءُ ادارو چوويهه ڪلاڪ کليل رهي ٿو، اڌ رات جو به هيءُ ادارو ڏيکاريو ويندو آهي. تبليغي جماعت سان ايندڙ غير ملڪي، شام، مصر، تيونس، عراق سعودي عرب جا ماڻهو، گلگت، چترال، سوات ۽ ڪي.پي.ڪي کان به سياح هي ادارو ڏسڻ ايندا آهن. درس ۽ تدريس لاءِ مسجد شريف ۾ ٻارن لاءِ الڳ انتظام آهي، جيئن ته هيءُ نازڪ ڪم آهي، جنهنڪري معصوم ٻارن کي ان کان پري رکيو ويو آهي، صفائيءَ ستھرائي جو ڪم نهايت پاڪائيءَ سان گهر جا ڀاتي وڏي عشق سان ڪندا آهن. ان لاءِ الڳ ڪوبه ڀنگي رکيل ناهي. هن اداري ۾ تحقيق لاءِ ايندڙن خاطر انتظامات آهن، ڊاڪٽر محمد اسماعيل ميمڻ ٽنبو باگو واري اداري جي سهڪار سانْ مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ جي نسخي نورالقرآن تي پي.ايڇ.ڊي ڪئي آهي. 2015ع ۾ ڀريون پيرو سکر ۾ اسلامي قرآن نمائش رمضان المبارڪ ۾ هن اداري ٻاران ٻن ڏينهن لاءِ لڳائي وئي، جنهن جو افتتاح ان وقت جي سيڪريٽري ثقافت سعيد احمد اعوان ڪيو هو، هن اداري جو ماهوار خرچ سٺ کان ستر هزار روپيه آهي، جيڪو فقير ماڪو صاحب برداشت ڪندو آهي. هن اداري جي وسعت ايتري آهي، جو هڪ ئي وقت ۾ سؤ ماڻهو ڏسي سگهن ٿا، ايندڙ عالم ۽ ڪلمورا بورڊ ناهڻ جون صلاحون ڏيندا آهن، مگر ماڪو فقير ائين مناسب نٿو ڄاڻي، هن اداري جي اها پيشڪش آهي ته جيڪو ماڻهو هن اداري تي ايم.فل يا پي.ايڇ.ڊي ڪرڻ چاهي ته ٻن کان ٽي هزار روپيه اعزازيو کيس ڏنو ويندو. هن اداري تي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ايم.فل ۽ پي.ايڇ.ڊي ڪرائي ٿي، ادارن کي به قرآني نسخا ناول آهن، سياح چين ۾ رهندڙ محافظن کي به تحفا قلمي نسخا ڏنا ويا آهن، روس جي ٽيهن عالمن کي اداري قرآني تحفا ڏنا آهن.

مدينه قرآن ڪامپليڪس مدينه جو تعاون قرآني نسخن موڪلڻ ۾ تعاون رهندو آهي، جتان ڪافي قرآني نسخا ايندا آهن، هن اداري سان ٻاران ڪيسيٽ قرآن به ورهايو ويندو آهي.

هتي هڪ قديم قلمي نسخو آهي، جيڪو هڪ سئو پنجهتر سال پراڻو آهي، نورالقرآن تي جيڪا پي.ايڇ.ڊي ٿي ۽ ان تي جيڪا ٿيسز لکي وئي ان جي مهورت هن اداري ۾ ٿي هئي.

مختلف وقتن تي جناب رسول بخش پليجو، سيد خورشيد احمد شاهه، عزيزالله ٻوهيو، فتاح ملڪ، ادل سومرو ۽ اياز گل به هن اداري ۾ آيا آهن. ماڪا ڳوٺ ۾ لطيف جو لوڙهو به آهي، جنهن ۾ هڪ اوتارو هو، جنهن ۾ ويهڻ ڪري ماڪو فقير لطيف جو شيدائي ٿيو. سنڌس چوائي ته اتي ديدار فقير ميواتي رهندو هو، هونئن ته هُو پنجابي هو پر کيس لطيف سائينءَ جو رسالو ياد هو. ان فقير کي ڏسي ٻڌي لطيف شناسيءِ جو شوق ٿيو، اهو وقت 1984ع جو آهي.

جڏهن کان لطيف شناسي شروع ٿي، جنهن کان پوءِ قرآن آگاهي ڏي راغب ٿيس، ان کان علاوه حجاز مقدس جا ڪيترائي تبرڪات جهڙوڪ غلاف ڪعبه، وادي حجاز، جبل نور جا يادگار پٿر به ميوزم ۾ موجود آهن. هن اداري ۾ چار گيلريون قائم آهن. جن ۾ سيرت النبي، حاجي مولوي احمد ملاح گيلري، لطيف گيلري، ۽ قرآن حڪيم جديد سائنس اسلامي ۽ ثقافتي گيلري، ايندڙن جي دلچسپي جو مرڪز رهن ٿيون. اداري ۽ ماڪا فقير کي مختلف ادارن ۽ شخصيت ٻاران ڪافي ايوارڊ ۽ سَندون به مليل آهن. هن اداري جي معلومات تائين تُرت رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ مفصل ڪيٽلاگ تيار ٿيل آهي، جيڪو هر زيارتيءَ جي رهنمائي ڪري ٿو، هن اداري جي ترتيب ۽ سنوار ۾ مشهور اديب ۽ مصور قاضي خضر حيات جا مفيد مشورا ۽ رهنمائي شامل رهي آهي، ٻاهتر سالن جي عمر ۾ به فقير امان الله ماڪو هن اداري سان جيءُ سان جڙيل آهي.

حوالو: 1. ذاتي مشاهدو، 2. فقير امان الله ماڪو جي زباني معلومات.

# محترم امان الله ماڪو جي سڪر ۾ قائم ڪيل 'الفرقان' گئلريءَ جون تصويرون



سينگار ۾ چئي ٿو: علامه صاحب قديم درويشن وانگر خانگاھ کو آشرم مولانا عبيدالله جي نگرانيءَ سن ۾ قائم ڪرڻ گهريو ٿي، جتي نوجوانن جي اعلي آدرشن جي تربيت ٿي سگهي. علامه صاحب سنڌ جو سالڪ ۽ صوفي 'سيد' ۽ 'سن' کي سنڌ جو مستقبل ۽ مرڪز سمجهي ٿو. جنوري 1932ع جي هڪ خط ۾ لکي ٿو: "تنهنجي خط پهچڻ بعد عجيب مظهر پيش آيم، سن شريف - هڪ جاءِ ۾ School of Wisdom (مڪتب حڪمت) ۽ ٻي جاءِ ۾ ورلڊ ريليجن (World Religion) دين فطرت جو هيڊ ڪوارٽر ڏسڻ ۾ آيم. سن شريف سنڌ جو مرڪز خدا گهريو ته پريان پريان جا ماڻهو سن ۾ سنتوءَ جي زيارت تي ايندا، پر افسوس اهو خواب ۽ آدرش ساپيان نه ٿي سگهيو. ساڳي ڪتاب 'ساهڙ جا سينگار' 1935ع ۾ علامه صاحب لکي ٿو: "آءٌ توکي بيحد پيار ڪريان ٿو. توکي ان جي پرواھ هجي يا نه! اسان هر شئي جا خوبصورت، سچي ايمانداري آهي ان کي پيار ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نٿا سگهون. "هي آهي سنڌ جي ٻن عاشقن صوفي ۽ سالڪن جا وچن ۽ وعدا جن جي ساپيان نه نه ٿي، پر علامه صاحب ستن سالن جي مختصر عرصي ۾ مادر علمي سنڌ يونيورسٽيءَ جهڙي عظيم علمي شعور مهذب حياتي گذارڻ لاءِ اسان سنڌين کي انمول ۽ ٻي بها تحفو ڏئي هليا ويا ۽ اسان هن جي حياتيءَ ۾ قدر ۽ احترام نه ڪري سگهياسين. اسان ڏوهاري ۽ شرمسار آهيون! پير علي محمد راشدي چيو، "قومون ماڻهن سان ٺهنديون آهن. ماڻهو اٿلپ هوندا ته قوم ڪئي لهي سگهبي." علامه صاحب ۽ جي.ايم.سيد جا خواب نيٺ ساپيان ٿيا پاڪستان ٺهڻ کان اڳ 26 فيبروري 1947ع تي سنڌ يونورسٽيءَ جو بل سنڌ اسيمبلي پاس ڪري 26 اپريل 1947ع تي ڪراچيءَ ۾ پهرين سنڌ يونورسٽي قائم ٿي جيڪي هڪ جهد ۽ جدوجهد جو تاريخي ۽ وڏو مثال هو.ڊاڪٽر اي.بي حليم پهريون وي.سي ٿيو اها ڊگري ڏيندڙ بند يونيورسٽي هئي. سال 1951ع ۾ علامه صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو 9 اپريل تي حيدرآباد وديالا هاءِ اسڪول ۾ قائم ٿي. ڪراچي کان ٻن ٽرڪن ۾ ڪجھ فرنيچر ۽ 4000 هزار ڪتاب ڪٽي پهتو. هن کي هڪدم تدريسي يونيورسٽي Teaching University ۾ تبديل ڪيو. ملڪ ۾ سڀ کان پهرين ايڊيوڪيشن فئلڪٽي قائم ڪري ڊاڪٽر اين.اي بلوچ کي سربراھ مقرر ڪيائين. وڏي جدوجهد سان چار شورو ۾ نيو ڪئمپس لاءِ زمين ورتي جڏهن ته نوڪر شاهي يونيورسٽي گنجي ٽڪر تي قائم ٿي ڪئي. جديد يونيورسٽي يارهن ڪاليجن جي ڪئمپس کي عملي روپ ڏيڻ لاءِ رات ڏينهن هڪ ڪري ڇڏيائين ۽ ستن سالن جي مختصر عرصي ۾ پنهنجو خواب سچو ڪري ڏيکاريو. جرمنيءَ مان تعميرات جي ماهر ڊاڪٽر Docker کي وٺي نيو ڪئمپس جو پلان ٺهرايو. جڏهن ته پهرين ٽن سالن ۾ پندرهن فئڪلٽيون ۽ سائنس جي لئب پڻ قائم ڪيائين سائنس جي سامان لاءِ پاڻ انگلينڊ مان سستو سامان وٺي آيو ۽ پاڙو خرچ نه ورتائين. سموري ڪم ۾ ڊاڪٽر اين.اي بلوچ سائس هٿ ونڊايو ۽ گڏ رهيو 1985-86ع ۾ ڊاڪٽر Docker کي وني سميت ڊاڪٽر بلوچ دعوت ڏئي وٺي آيو ۽ يونيورسٽيءَ جي تعميرات ۽ علامه صاحب جي ساروڻين تي ليڪچر ڏئي يادن جا گلاب نيو ڪئمپس تي نڇاور ڪيا (هن مقالي جو مصنف ان يادگار تقريب ۾ موجود هو ۽ ڊاڪٽر ڊاڪر ۽ سندس ونيءَ سان مليو هو) هن موقعي تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪتاب ڇپائي سامعين ۾ ورهايو هو. علامه صاحب جي مقرريءَ تي سموري دنيا مان شاندار پيغام آيا ۽ ساراھ ٿي ته هُو دنيا جي وڏن عالمن ۽ فلاسفرن مان هڪ اعلي دماغ ۽ ذهين شخصيت Unparalleled selection جي چونڊ هئي. علامه صاحب ليڪچرس وسيلي استادن ۽ شاگردن جي ذهني تربيت ۽ باڪردار ٺاهڻ لاءِ هفتيوار مسجد ۽ سينيٽ هال ۽ پنهنجي بنگلي سول لائين تي خطاب ڪندو هو، جتي ماڻهن جا وڏا ميڙ جمع ٿيندا هئا. علامه صاحب ظاهري مذهبي هو، پر اندر کان سيڪيولر ۽ نمازون به ڪونه پڙهندو هو تنهن به اسلامي مذهب جي شاندار روايتين، قراني روح ۽ سڀني مذهبن جي ايپاس تي دسترس هئس ۽ انجو پرچارڪ هو. سنڌ ۽ ڀٽائي جو سچو عاشق جنهن پنهنجي اڻٿڪ محنت سان اساڏ کي جديد يونوسٽي ناهي ڏني. ان زماني ۾ وي.سي جي پگهار ٽي هزار هئي، پر پاڻ ٻه هزار وٺندو هو. يونيورسٽيءَ جي زور پرڻ تي موٽرڪار نه ورتائين، پر گهر مان يونيورسٽي پنهنجي بگهي ۾ ايندو ويندو هو.

اهو هاڻوڪين ويسين VCs لاءِ سبق آهي، جيڪي يونيورسٽيءَ جي بجيٽ مان ڪارن جا فليٽ وٺي آفيسرن سميت هلن پيا ۽ يونيورسٽيءَ کي تباهہ ڪيو اٿن. سنڌ ۽ ڀٽائي جو سچو عاشق هو شاهہ جو رسالو بہ ايبٽ ڪري ڇپايو، پر ان مان ڪيڏارو ڪڍي ڇڏيائين ان تي تمام گهڻي تنقيد ٿيس ۽ سوال ٿيا پر ڪنهن جواب نہ ڏنائين!! ڊاڪٽر بلوچ ۽ علامہ قاسمي بہ ان جي تقليد ڪئي، اڳتي هلي ڊاڪٽر صاحب ڪيڏارو شامل ڪيو، جيڪي رسالي جو روح آهي. علامہ صاحب هميشہ پنهنجي خطاب ۾ ان ڳالھ تي زور ڏيندو هو تہ يونيورسٽيون سياسي اثر کان آزاد رهن، پر اهو خواب ساڀيان نہ ٿي سگهيو، تنهنڪري اسان جي ملڪ جو تعليمي نظام ڪمزورين جي ور چڙهي ملڪي سياست جي اثر هيٺ رهيو. سندس ڪاوشن سان جديد ۽ آٽوميٽڪ پريس، يونيورسٽي ڪيفيٽيريا، بوڪ اسٽال، ڊسپينسري ۽ لائبرري قائم ٿي، جنهن ۾ ستاويهہ هزار ڪتاب ۽ هڪ سؤ اڻلڀ نسخا موجود هئا. اڄ اها لائبرري علامہ صاحب جي نالي سان ڄام شورو ۾ هڪ شاندار پنج منزلن واري جديد ۽ خوبصورت عمارت ۾ قائم آهي. اها عمارت هزهائينيس آغا خان، سائين غلام مصطفي شاهہ جي دور ۾ تعمير ڪرائي ڏني. هن ۾ لکن جي تعداد ۾ ڪتاب ۽ هزارين ناياب نسخا موجود آهن جنهن جو معمار پڻ علامہ صاحب هو اڄ بہ روزانو هزارين شاگرد فيضياب ٿين ٿا. لياقت ميڊيڪل ڪاليج 1954ع ۾ سرڪار منظور ٿيو ۽ علامہ صاحب جي ڪوششن سان ڄام شورو ۾ قائم ڪرايو ۽ موجوده عمارت جي پيڙهہ جو پٿر بہ پاڻ نصب ڪرايو ۽ ڪاليج جو موجوده مونوگرام پڻ مدر ايلسا قاضي ڊيزائن ڪري ڏنو هو. 1955ع ۾ ون يونٽ ٺهڻ ڪانپوءِ بہ علامہ صاحب يونيورسٽيءَ جي تعمير ۽ ترقي لاءِ جاکوڙ ڪري لاڳيتو ڪم ڪندو رهيو. 1958ع ۾ ايوبي مارشل لا لڳو علامہ صاحب ان گهٽ ۽ پوسٽ واري ماحول ۾ 12 مئي 1959ع ۾ استعيفي ڏني. ان دوران سنڌ يونورسٽي نيو ڪئمپس جا سڀ پراجيڪٽ مڪمل ٿي چڪا هئا. 13 اپريل 1968ع تي علامہ صاحب 3 وڳي ڌارا ڏينهن جو رڪشا گهرائي سنڌو درياھ جي ونتري بندر ڏانهن رواني ٿيڻ کان اڳ ۾ هڪ خط بنگلي جي ڊرائنگ روم ۾ ڇڏيو جنهن ۾ لکيل هو: "مان Lircamia جو مريض آهيان ڳيڙيون پوڻ شروع ٿيون آهن (مدر ايلسا پڻ ان بيماري وگهي جهان ڇڏيو) مان نٿو چاهيان تہ ڪو مهنو بيهوشيءَ جي حالت ۾ رهي پوءِ دم ڏيان ۽ ان طرح سيني کي تڪليف ۾ وجهان. اهو خط اي.ڪي بروهي جي نالي تي هو خط ۾ اهو بہ هو تہ سندس وفات جي خبر لنڊن ۽ يورپ ۾ نہ ڏني وڃي. علامہ صاحب سنڌ جي عوام کي سنڌ يونيورسٽيءَ جهڙو عظيم ادارو ناهي ڏنو. سندس ساٿياڻي مدر ايلسا هي جهان ڇڏي چڪي هئي ملڻ وارن عقيدت مندن بہ اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏنو هو ڪنهن جي لاءِ جيئي! افسوس تہ سنڌي قوم پروسي واري ناهي ۽ پنهنجن محسنن کي پنهنجو نٿا سمجهن!!

هيءَ ضخيم ۽ مدلل ڪتاب سالن جي جاکوڙ بعد تمام گهڻن عالمن برک اديبن علامہ صاحب جي عقيدتمندن جي انٽرويوز ۽ دستاويزن ڪتابن مضمونن وسيلي تاريخي معلومات وٺي ,Historical n Case Studies Qualitative method ڪتب آڻي وڏي محنت سان هي ڀھريون آدرشي ڪتاب علامہ صاحب جي مڪمل حياتيءَ تي تحقيقي طريقي سان آڌاريل ۽ سينگاريل آهي. علامہ صاحب جي حياتيءَ جا يادگار ۽ گهڻا فوٽا هٿ ڪري ڪتاب کي سونهن ۽ حسناڪين وسيلي تيار ڪيو ويو. ڪتاب ۾ علامہ صاحب جا اهم شخصيتن ڏانهن لکيل خط. سالوار مڪمل ڪرانالاجي جنهن ۾ علامہ صاحب جي حياتيءَ بابت تفصيل ڏنل آهي اهو تہ ڪمال جو ڪم آهي، جنهن ۾ مصنف Encyclopedic knowledge معلومات ڏني اسان جي محسن عظيم تعليمي ماهر، سنڌ ۽ ڀٽائي جي عاشق، سالڪ ۽ صوفي کي پنهنجي خوبصورت نثري تحرير وسيلي بيمثال پيٺا ڏني. مدد علي سنڌيءَ وڏو ڪارنامو ڪري ادبي دنيا ۾ يقينن عزت ۽ احترام جي جاءِ والاري ٿو تنهن لاءِ جس لهڻي ۽ مبارڪون. ڪتاب جي آخر ۾ سنڌي ۽ انگريزيءَ جي ڪتابن جا حوالا ڏنل آهن، جيڪي ڪتاب جي اعلي معيار ۽ سائنٽيفڪ تحقيقي ڪم جي تصديق ڪن ٿا.



محسن ملاح
محرابپور

# مولائي ملاح، جي ڪتاب جو مطالعو
## عيد، عشق ۽ سنڌ

سنڌي ٻوليءَ جي هن نامياري ليکڪ ۽ (9) نون ڪتابن جي مصنف مولائي ملاح جو ڪتاب: 'عيد، عشق ۽ سنڌ' سنڌي ٻوليءَ ۾ موضوع جي حوالي کان هڪ منفرد ڪتاب آهي. منهنجي نظر مان هن مهل تائين ان موضوع تي اهڙو ڪو جامع ڪتاب ناهي گذريو. اسين سڄريل دنيا سان گڏ ٻيهڻ لاءِ عالمي ڏهاڙا ته ملهائيندا آهيون پر، اڪثر ماڻهن کي انهن ڏهاڙي جي مفهوم، اهميت ۽ تاريخ بابت ڪائي تفصيلي ڄاڻ ناهي هوندي. هن ڪتاب ۾ انهن ڏهاڙن جي اهميت ۽ مقصد بابت ڪافي حد تائين وضاحت سان اهڙي معلومات موجود آهي. جيڪا عام فهم ۽ سهڻي ٻوليءَ سان رقم ٿيل آهي، انهن ڏهاڙن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪتاب ۾ ڪابه فلاسافي ۽ ڏکي ٻولي استعمال ٿيل ناهي. هيءُ ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ ائين پاسندو ته جڻ ليکڪ ڪنهن خاص طبقي لاءِ نه پر، عام ماڻهن جي ڄاڻ ۾ اضافي لاءِ لکيو آهي.

ڪتاب: 'عيد، عشق ۽ سنڌ' ۾ شامل مضمون/ ڪالم ديس جي انهن سادن، مسڪين ماروئڙن جي ڏکي زندگيءَ تي لکيل آهن. جن جي من اندر ۾ سچائي ۽ محبت جي برڪا رت لينا پائيندي نظر ايندي آهي. هي ڪتاب ديس جي هڪ دانهن به آهي، جيڪا ورناءَ جي منتظر آهي. هنن مضمونن ۽ ڪالمن ۾ انهن جي اندر جي ادمن، دردن، مسئلن ۽ احساسن جي عڪاسي ٿيل آهي. اهي مسئلا جن لاءِ هُو سالن کان ٻاڪاريندا اچن.

هن ڪتاب ۾ هنن عنوانن سان: 'اپريو سچ اميدن جو'، 'آئون نه گڏي پرينءَ کي، تون ٿو لهين سچ!' شامل آهن. جيڪي ڏيهه جي ڏکايل ماڻهن جي من اندر جي ترجماني ڪندڙ آهن. غريبن جي زندگيءَ جو وڏو ڏينهن 'عيد' هوندو آهي. جنهن ۾ هو پنهنجي مَن ۾ اڻ مٽي خوشي محسوس ڪندو آهي. وري جڏهن وسيلن جي اڻاٺ هوندي اٿس ته عيد جو تهوار به احساسن جي ماتم ۾ تبديل ٿي ويندو اٿس.



مولائي ملاح، به بار بار انهن ئي حالتن کي هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ويجهي کان ڏٺو ۽ سٺو آهي. تڏهن ته پنهنجي سيني تي هٿ هڻي اها ڳالهه دعوا سان چوي ٿو ته، 'هي ڳالهيون هر ماڻهوءَ جي من سان لڳنديون. پڙهندڙ کي پنهنجون لڳنديون.' ڪتاب ۾ شامل سيني ڪالمن ۾ هڪ دور جي تاريخ رقم ڪيل آهي سڀ ڪهاڻيون ساراهه جوڳيون آهن. جيڪي هر باشعور ماڻهوءَ کي اهڙن موضوعن تي لکڻ، پڙهڻ ۽ عملي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ اُتساهين ٿيون.

ڪتاب جو مهاڳ نامياري ليکڪ اعجاز منگي، به اکر، الطاف اثير ۽ رايو، نوجوان اديب ساجد چانڊيو جو لکيل آهي. ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل ادي حميده گهانگهرو جو لکيل آهي.

**سجاد مهر**
شڪارپور



# ريحانہ نظير جي ڪهاڻين جي ڳُٽڪي 'ٽڪ ٽاڪ گرل' تي هڪ نظر

هيءُ ڪهاڻين جو ڳُٽڪو جنهن کي ناليواري ڪهاڻيڪاره سائڻ ريحانہ نظير 'ٽڪ ٽاڪ گرل' جو جديد نالو اوڍائي هن ۾ پورين پندرهن ڪهاڻين جو پيٽ ڀريو آهي، سي سموريون ڪهاڻيون ڏڪندڙ اک، مضبوط حواسن ۽ ڇُهندڙ احساسن سان لکيون ويون آهن. اُجري جهرڻي جهڙيون اهي آڪاڻيون اتر کان ٿينديون لاڙ کان وجي لڙيون آهن. ڪٿي ڳوڙهو ٿي ڳڙيون آهن تہ ڪٿي آبشار بڻجي مٿان کان هيٺ ڪريون آهن. ڪٿي جبل جهاڳيو اٿئون تہ ڪٿي وري پورب تائين پنڌ پيون آهن. هن جي ڪهاڻين رڳو ڏکڻ ڏي ناهي ڏٺو، پر اوڀر کان اڀري اولهہ ۾ بہ لٿيون آهن. ظاهر آهي اها تپسيا ۽ لکڻ جي ڪرت ٿي آهي، جيڪا شين کي شاهڪار بڻائڻ تائين ڪيترا ئي رندا ٿي روزائي، خيالن جا جهرڻا اوچائي تان ڪيئن ڪيرڻا پون ٿا، پنهنجي جسم جو جُزُ ڪيئن ٿو چاچولٽو پوي، نمن جي ٻور جي خوشبو جهڻڻ، وڻن تي وينل پکين جي پرولين کي سلڻ کان ويندي، اندر جي ڏاڪڻين ۾ پاتال تائين لهڻ جي پريڪٽس ڪرڻ ايڏو سولو بہ تہ ناهي سوچيم تہ ريحانہ نظير صاحبہ پنهنجي 'اندر جي عدالت' ۾ جوابدار بڻجي پاڻ کي پيش ڪرڻ کان پوءِ هي 'ٽڪ ٽاڪ گرل' اسان جي هٿن جي زينت بڻايو آهي. عورت جي خارجي ۽ داخلي حالتن جو پوسٽ مارٽم ڪيو اٿائين ۽ درد جي ڪيفيت کي پنهنجي قلم جي سگهہ سان ڪٿي ماڻهي پني جي پيٽ ۾ لاهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين.

معاشري ۾ موجود گندن ڪردارن جا ڪنڌا ڪٽايا اٿائين ۽ درد جي ٽوپن سان جيڪا روح جي رلي جڙي اٿائين ان کي پڙهجي ٿو تہ لڳي ٿو ڪيڏي نہ ڏورانهين پنڌ پئي آهي. توڙي جو سندس ڪهاڻيون عورت جي چوڌاري ڦري رهيون آهن ۽ سماجي مسئلن ۾ گهريل هن طبقي جي معصوم عورت جي جذبن جي عڪاسي ڪئي اٿائين پر گڏ گڏ منظرن کي اهڙي پينٽ ڪيو اٿائين، جيئن ڪنهن مصور جي ڪا حقيقي تصوير اُڪريل هجي.... "اسٽوپڊ" هن ڪتاب جي شروعاتي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ جوڪري ايتري اتاولي آهي پر هوڏانهن ڇام کي ڪا جر ئي ڪانہ ٿي اچي، سونهن گهٽو سستي پيش ڪئي اٿائين.... جنهن ۾ هڪڙو جملو هي بہ نوٽ ڪرڻ جهڙو جڏي وئي آهي تہ:



"سونهن جي دماغ ۾ ڇام جا چيل لفظ ڪنهن دهل جيان وڄي رهيا ها"

دهل واري تشبيهہ ٿوري عجيب آهي، پر ليکڪ کي جيئن تہ ست خون معاف هجن ٿا تہ هوءَ لفظن کي ڪيئن ٿي وڄائي سو دهل بجاءِ ڪنهن ٽڪلوَ واري شئي سان تشبيهہ هجي ها تہ وڌيڪ.... ڪهاڻي پُراثر آهي ۽ ڪلائيميڪس تائين پنهنجو سحر رکي ٿي...

ڪهاڻي "بُري عورت" بہ ڪنهن نئين ليمي کي نچوڙڻ جي ڪوشش تہ آهي پر پاڻ ئي چئي آئي آهي تہ منٽو ڪٿي لکيو آهي تہ منهنجي ڪهاڻين ۾ جيڪي برائيون آهن، اهي اصل ۾ هن معاشري جون برايون آهن مان تہ صرف آئينو ڏيکاريو آهي.

ڪهاڻي 'ٽياس تي ٽنگيل' جو پس منظر روايتي لڳو، اهڙي قسم جون ڪهاڻيون ڪافي اڳ

**عبدالواحد 'عاصي' هڪڙو**
ٽنڊو الهيار

# سنڌ جي سهڻن ڏات ڌڻين جي ياد ۾
# قومي ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعرو
## (15-16 ڊسمبر 2021ع)

ڪشمور آرٽس ڪائونسل، غالب، سنڌ فيض بخشاپوري اڪيڊمي جي طرفان 15 ۽ 16 ڊسمبر 2021ع تي ٽن نشستن تي ٻڌل ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، هيءَ ڪانفرنس هنن معتبر شاعرن ۽ اديبن جي ياد ۾ رکي وئي: غالب سنڌ فيض بخشاپوري (بخشاپور)، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري (حيدرآباد)، ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري، (حيدرآباد)، سيف الله خالد يوسفاڻي (عمرڪوٽ)، محمد شعبان بخت (ڪشمور)، مرحوم ڪرم الله نياز پنهور (ڪنڌڪوٽ).

هن سلسلي ۾ پهرين نشست محترم منور علي مناڻي صاحب ڊپٽي ڪمشنر (ڪشمور ڪنڌڪوٽ) جي ميزباني ۾ ضلع ڪائونسل ڪمپليڪس ڪنڌڪوٽ ۾ 15 ڊسمبر 2021ع اربع ڏينهن صبح 11 وڳي شروع ٿي، هن ڪانفرنس جي صدارت سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر جناب ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب ڪئي، جڏهن ته مهمان خاص ڪوئيٽا (بلوچستان) کان آيل براهوي ادبي سوسائٽي جو روح روان جناب عبدالقيوم 'بيدار' صاحب هو ۽ اعزازي مهمان جناب رسول بخش تميمي صاحب هو. تلاوت ڪلام کان پوءِ مشهور نعت خوان جناب محمد خالد قادري صاحب حضرت فيض بخشاپوري جي نعت شريف ٻڌائي سڄي محفل کي ابتدا ۾ ئي پرخمار بنائي ڇڏيو.

تقريب کي خطاب ڪندي جناب منور علي مناڻي صاحب ملڪ جي ڏورانهن علائقن کان آيل سڀني مهمانن کي آڌرڀاءُ ڪيو، هن چيو ته هي جيڪي اسان جي سنڌي ادب جا وڏا قلمڪار هئا انهن جي ياد ۾ هيءَ ڪانفرنس منعقد ڪئي ويئي آهي، غالب سنڌ فيض بخشاپوري صاحب پنهنجي دور جو تمام وڏو صاحبِ طرز شاعر هو، ڪيس سڄي ملڪ ۾ صفِ اول جي شاعرن ۾ مڃتا مليل هئي، سندس شاعريءَ جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيل آهن. تقريب جي صدر جناب ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب چيو ته هيءَ اسان جا ڇهه ئي شاعر، اديب، ليکڪ، صحافي ۽ مفڪر سنڌي ادب جو سرمايو آهن. جناب فيض بخشاپوري سڄي ملڪ ۾ سنڌي ۽ اردو شاعري جي وڏن شاعرن جي موجودگي ۾ مشاعرن جي صدارت ڪئي ۽ ڪيس پنهنجي وقت جي وڏن شاعرن داد ڏنو، فيض صاحب قادرالڪلام شاعر هو، سندس شاعريءَ جا اڳ ۾ ننڍا ننڍا ڪتاب شايع ٿيا. بعد ۾ فيض اڪيڊمي طرفان سندس ڪليات محترم نواز علي ٻومڪي صاحب شايع ڪرائي آهي. پروفيسر قلندر شاهه لڪياري نه صرف وڏو تعليمدان پر وڏو مفڪر، دانشور، مقرر، اديب ۽ شاعر هو. هن پنهنجي علم ۽ فڪر سان سنڌ جي نوجوان نسل جي آبياري ڪئي، سنڌ ۾ سندس علمي ادبي ڪاوشن ڪانسواءِ نوجوان شاگرد اديبن جو وڏو تعداد موجود آهي. قلندر شاهه جي ادبي فياضي به مشهور هئي. مون کي فخر آهي ته مون کي هن عظيم مفڪر جي 40 سالہ استادانه رفاقت نصيب ٿي. محترم عابد لغاري صاحب شاعرِ سنڌ ۽ شاعرِ اسلام جي نالن سان مشهور هو، پاڻ 60 ڪتابن جو مصنف هو. سندس Ph.D جو موضوع 'تاجپور جي نواب

خاندان جون ادبي خدمتون' هو، جيڪو پڻ شايع ٿيل آهي. عابد لغاري صاحب ڪيترين ئي ادبي تنظيمن جو روح روان پڻ هو. هُن ڪيترائي ادبي جشن، ڪانفرنسون ۽ مشاعرا ڪرايا. هڪ نيڪ، موحد ۽ سچو انسان هو، الله پاڪ کيس اڳئين جهان ۾ خوش رکي، سيف الله خالد اسان جي دور جو نوجوان ۽ پختو شاعر هو، هن غزل تي سٺي دسترس حاصل ڪئي، ڪيس پنهنجي وقت جي استاد شاعرن داد ڏنو. هُو نثرنويس به سٺو هو. ساڳي وقت سُگهڙ ۽ ڪمپيئر پڻ هو. معمور يوسفاڻي جي هن شهزادي شاعر نه صرف پنهنجي والد جي ادبي حيثيت جو مانُ رکيو، پر ادبي حلقن ۾ امتيازي حيثيت پڻ ماڻي. محترم شعبان بخت صاحب خاموش ادبي ڪارڪن، رسالي نئين زندگيءَ سان طويل عرصو واڳيل ۽ نهايت پختو شاعر هو. پاڻ ڪشمور جو هو، مگر حيدرآباد ۾ زندگي گذاريائين ۽ سڄي سنڌ جي علمي ادبي حلقن ۾ سندس مڃتا هئي، محترم ڪرم الله نياز پنو صاحب استاد تعليمدان ۽ سٺو شاعر هو، هن مقامي سطح جي مشاعرن ۾ پنهنجي شاعري تي خوب داد حاصل ڪيو.

اعزازي مهمان محترم رسول بخش تميمي صاحب پنهنجي عالمانه ۽ مفڪرانه خطاب ۾ سڀني شخصيتن تي جامع نموني ڳالهايو. هن پروفيسر قلندر شاهه، محترم عابد لغاري ۽ سيف الله خالد جي دوستي ۽ رفاقتن جون سارونيون ٻڌائي پنڊال کي آبديده ڪري ڇڏيو. مهمان خاص جناب عبدالقيوم 'بيدار' پنهنجي انتهائي اديبانه لهجي ۾ جناب فيض بخشاپوريءَ جي اردو شاعريءَ جو ڀرپور جائزو پيش ڪيو. هُن چيو ته سڄي ملڪ ۾ اردوءَ جا صفِ اول جا شاعر سندس ڪلام، ادائگي ۽ اردوءَ دانيءَ جا مداح هئا. هُن فيض صاحب جي صحافتي ڪردار تي پڻ روشني وڌي. هن چيو ته فيض صاحب جهڙو خطاب جو حوصلو ۽ شعر پڙهڻ جو انداز هر ڪنهن شاعر جي حصي ۾ نه آيو. تقريب کي سيف الله خالد جي دوست سنڌي ادب جي محقق ۽ شاعر جناب زاهد ڪنڀار، سيف الله خالد جي استاد محترم الله بچايو مشتاق آريسر صاحب، نصرالله لغاري، سيد ڪاظم لکياري ۽ عبدالواحد عاصي هڪڙو (راقم) پڻ خطاب ڪيو. آخر ۾ هنن سڀني تقريبن جي روح روان ۽ محرڪ جناب نواز علي ٻومڪي صاحب سڀني آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا. خاص طرح ڊپٽي ڪمشنر جناب منور علي مٺياڻي جا جنهن نه صرف هن ڪانفرنس ڪوٺائڻ ۾ سندس مدد ڪئي، پر پاڻ بنفسِ نفيس شريڪ ٿي کيس احسانمند ڪيو. هن پري پري کان آيل مهمانن جو پڻ شڪريو ادا ڪيو ۽ سڀني آيل مندوبين جا احسان مڃيا.

ڪانفرنس جي اختتام بعد ٻنپهرن جي ماني جو اهتمام هو. ٿوري توقف بعد مشاعري جي نشست شروع ٿي. هن نشست جي صدارت ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب ڪئي جڏهن ته مهمان خاص جناب عبدالقيوم 'بيدار' صاحب هو. اعزازي مهمان جناب الله بچايو مشتاق آريسر صاحب ۽ جناب رسول بخش تميمي صاحب هئا. مشاعري ۾ پري کان آيل مهمان شاعرن سان گڏ تمام جهجهن شاعرن شرڪت ڪري پنهنجو تازو ڪلام ٻڌائي شاعرن ۽ حاضرين کان داد وصول ڪيو، جن شاعرن هن مشاعري ۾ شرڪت ڪئي انهن ۾ ٽنڊو محمدخان آيل محترم زاهد ڪنڀار، جاتي کان محترم اقبال شاهين، سڄاول کان آيل جناب محمد ٻارڻ صاحب، نواب شاهه کان آيل محمد اقبال پلهه، ڪوئٽه بلوچستان کان آيل جناب نياز مگسي صاحب، حيدرآبد کان نواب نصرالله لغاري صاحب، ڄامشوري کان ڪاظم رضا لکياري، 'عاصي عبدالواحد هڪڙو، الله بچايو مشتاق آريسر، نواز علي 'نواز' ٻومڪي صاحب، رسول بخش تميمي صاحب، محترم عبدالقيوم بيدار صاحب ۽ ٻين شرڪت ڪئي، جن ۾ مقامي شاعرن به شرڪت ڪئي،

اُنهن ۾ اردُو اُترادي، انجم چنہ، حيدر علي حاڪم نوناري، راحت نياز پنہور، علي بخش، يار محمد ساند ۽ ٻيا شامل هئا. تقريب جي آخر ۾ ڊاڪٽر اسد جمال صاحب پنهنجو ڪلام بہ ٻڌايو ۽ صدارتي ڪلمات ۾ هُن فيض بخشاپوري صاحب جي فن ۽ فڪر تي پڻ روشني وڌي. هن خاص طرح محترم نواز علي ٻومڪي صاحب جا ٿورا مڃيا جنهن قومي سطح جا هيءُ عاليشان پروگرام ترتيب ڏنا.

ٻئي ڏينهن صبح جو 10 بجہ بخشاپور لڳ فيض آباد ۾ عاليشان مشاعرو منعقد ٿيو. مشاعري کان پهرين سڀني آيل مهمان فيض بخشاپوري مرحوم جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي، فيض بخشاپوري مرحوم، سائين قلندر شاهہ، ڊاڪٽر عابد لغاري صاحب، سيف الله خالد، شعبان بخت ۽ ڪرم الله نياز پنہور صاحب جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهري، دعا بعد فيض بخشاپوري مرحوم جي بنگلي جي آڳنڌ ۾ حافظ محبوب بنگلاڻي تلاوت ڪلام پاڪ ڪئي ۽ بعد ۾ عاليشان قومي سنڌي اردو مشاعرو ٿيو. هن مشاعري جي صدارت محترم ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب ڪئي. مهمان خاص ڪوئيٽہ (بلوچستان) کان آيل جناب عبدالقيوم بيدار صاحب هو، جڏهن تہ اعزازي مهمان 'عاصي' عبدالواحد هڪڙو (راقم) هو، اسٽيج تي ڪنڊڪوٽ جو جهونو شاعر حافظ عطا حسين بجاراڻي پڻ موجود هو، سڀ کان پهريائين سڀني شاعرن کي اجرڪون اوڍايون ويون، هيءَ اجرڪون محترم نواز علي ٻومڪي صاحب جي اڳواڻي ۾ فيض صاحب جي خاندان طرفان هيون. سڀني صحافين کي اجرڪون اوڍايون ويون. ان بعد فيض صاحب جي نعت شريف محمد خالد قادري پيش ڪئي. ان کان پوءِ ٻومڪي ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر جناب نصرالله ٻومڪي سڀني مهمانن کي آڌرڀاءُ ڏنو. جنهن بعد مشاعري جي تقريب شروع ٿي. هيءُ مشاعرو 2 وڳي تائين هليو. محترم ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب پنهنجو خطاب ۾ اها ڳالهہ خاص طرح ٻڌائي تہ اهو جناب نواز علي ٻومڪي صاحب ۽ فيض صاحب جي خاندان جو خاص اعزاز آهي تہ هو هر سال فيض صاحب جي ياد ۾ مشاعرو ۽ ڪانفرنس منعقد ڪن ٿا، جنهن ۾ ڪراچيءَ کان وٺي اسلام آباد تائين جا پوري ملڪ جا نامور شاعر شريڪ ٿيندا رهن ٿا، بعد ۾ انتهائي پُرتڪلف ۽ ست رڃي ٻنپهرن جي ماني ڪارائي وئي.

شام جو 6 وڳي ڪمشور ۾ هن سلسلي جي آخري تقريب محفل مشاعرو ٿيو، هن مشاعري جي صدارت جناب عبدالقيوم بيدار صاحب ڪئي، مهمان خاص ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب هو، جيڪي مقامي شاعر شريڪ ٿيا، انهن ۾ شڪستہ مزاري، غلام جيلاني منگي، ڪي بي ڪوسو، الله رکيو کلوڙ ۽ آصف علي سومرو شامل هئا، محترم افق بشير چنہ ڪمپيئرنگ ڪئي. محترم بيدار صاحب پنهنجي صدارتي خطاب ۾ سڀني جا ٿورا مڃيا ۽ نواز علي ٻومڪيءَ کي هيترا تفصيلي پروگرام ڪرائڻ تي مبارڪون ڏنيون، اهڙي طرح هيءُ ٻن ڏينهن ۾ چئن نشستن وارو پروگرام اختتام پذير ٿيو.

مخدوم سعيد الزمان "عاطف" جو بورڊ جي ٻين ترقياتي ڪمن سان گڏ هڪ اهم ڪم سنڌي ادبي بورڊ ۾ مخدوم طالب المولىٰ جي نالي سان هيءُ آڊيٽوريم آهي جنهن کي مڪمل ڪري پروگرام ڪرائڻ جي لائق بڻايو آهي، جتي ڪيترائي پروگرام ٿيا آهن، جيڪي دنيا ليول تي ڏٺا ويندا آهن، اسان مخدوم صاحب جي هن ڪم جي ساراهه ڪيون ٿا ۽ اميد ڪيون ٿا ته اڳتي به بورڊ جي ترقي ۽ ملازمن جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندا رهندا. ان کان اڳ مشاعري جي خاص مهمان ميمبر ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو خطاب ڪندي چيو ته سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان هيءُ اهڙو مشاعرو بورڊ جي خوبصورت پروگرامن جو تلسسل آهي، سنڌي ادبي بورڊ جي اها خوشقسمتي آهي جو هن جا اڪثر چيئرمين مخدوم خاندان سان تعلق رکن ٿا، مخدوم جميل الزمان ادبي بورڊ ۾ ترقياتي ڪمن جو بنياد وڌو ۽ مخدوم سعيد الزمان عاطف هن کي پايه تڪميل تي پهچايو آهي، جنهن ۾ آڊيٽوريم ۽ ٻين بلڊنگس جي تعمير ڪئي وئي آهي. ڪيئي خوبصورت آفيسون ٻاهران لان ۾ ڪيتريون ٻيون آفيسون زير تعمير آهن. پريس بهترين ڪم ڪري ٿي پئي. ماهوار 'سرتيون'، ماهوار 'گل ڦل' ۽ ٽماهي رسالو 'مهراڻ' پنهنجي وقت سر سان شايع ٿين ٿا، ڪتاب ڇپجن ٿا، سنڌي ادبي بورڊ سنڌ يونيورسٽي کي پنج ايڪڙ زمين جيڪا ادبي بورڊ سان گڏ آهي ان جي گذارش ڪئي آهي جنهن ۾ هڪ عاليشان لائبريري ۽ ايم.فل ۽ پي.ايڇ.ڊي جي شاگردن لاءِ هاسٽل ۽ ڪجهه ڪمرا ٺهرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جيڪي ان لائبريري مان فائدو حاصل ڪندا ۽ ڪنويشن هال ٺهرائڻ جو به پروگرام رٿيو آهي، هتي وقت بوقت وڏا ادبي پروگرام ڪرايا وڃن ٿا جنهن ۾ هر طبقي سان لاڳو افراد شرڪت ڪن ٿا، اڄ جو مُشاعرو به ان جي هڪ ڪڙي آهي. مشاعري جي ٻي خاص مهمان مريم مجيدي صاحبه خطاب ڪندي چيو ته سنڌي ادبي بورڊ جون ادب جي واڌ ويجهه لاءِ ڪيل ڪوششون ساراهه جوڳيون رهيون آهن، هن ادب جي واڌاري لاءِ تمام گهڻيون ڪوششون ڪيون آهن، خاص طرح هن جي ڪتابن جي ڇپائي ۽ ادبي رسالن جو وقتائتو اچڻ هميشه سُلتا ۽ مڃتا ماڻڻ وارو عمل رهيو آهي. ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ مشاعري کي خطاب ڪندي چيو ته اسان جي مانواري محترم چيئرمين قبله سعيد الزمان "عاطف" صاحب جي سرپرستيءَ ۾ جيڪي بورڊ ۾ اهم انقلابي ڪم ٿيا آهن، انهن ۾ سيمينار، ادبي ميڙاڪا، تعزيتي گڏجاڻيون ۽ مشاعرا اهم آهن، نون ڪتابن جي اشاعت ۽ بورڊ مان نڪرندڙ ٽنهي رسالن جو وقت سر اچڻ شايع ٿيڻ آهي، هنن سڀني پروگرامن سان نه صرف سنڌ جي قومي اداري پنهنجي سنڌ کي پنهنجو ڪيو آهي، پر سنڌ جي لکيل پڙهيل ۽ باشعور طبقي، اديبن ۽ شاعرن هن قومي اداري کي به پنهنجو ڪيو آهي، ڪيترن ئي نون لکندڙن رسالن ۾ لکڻ شروع ڪيو آهي ۽ ڪيترن ئي نون دوستن هنن پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ شروع ڪئي آهي، ايئن سنڌ جو هيءُ قومي ادارو هڪ گلدستي جيان ڄام شوري مان پنهنجي خوشبوءِ سان سنڌ کي واسي رهيو آهي. ناليواري شاعر خليل عارف سومري چيو ته اسان جي روشن روايت آهي ته ادب ۽ ٻوليءَ جي بچاءُ، بقاءُ ۽ ڦهلاءُ ڦولار لاءِ ڪارائتا ثابت ٿين ٿا، سنڌي شاعري ڪيترو ۽ ڪهڙو سفر طئي ڪيو آهي ۽ هاڻ سندس پنڌ ڪيڏانهن آهي ان سچي تاريخ کي ۽ ادب جي تعمير کي پاڻ پسائڻ ۽ پنهنجي ڪارج جي اهميت ڄاڻائڻ لاءِ مشاعره تمام وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا.

مخدوم سعيد الزمان "عاطف" شاعر هئڻ سبب چيئرمين ٿيڻ کان پوءِ ادب ۽ شاعريءَ جي فروغ لاءِ جيڪو جاندار ۽ شاندار ڪردار ادا پيا ڪن اهو قابل تحسين آهي.

مشاعري کي خطاب ڪندي مخدوم سليم الله صديقي چيو ته مخدوم سعيد الزمان ”عاطف“ صاحب سنڌ جي ثقافت تاريخ ۽ ادب لاءِ جيڪا نئين روايت قائم ڪري ادبي محفل جو اهتمام ڪيو آهي اهو يقينن مبارڪ لهڻي، يقينن ان جو اثر اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ رهنمائي جو باعث بڻبو. سنڌي ٻولي لاءِ هيءَ روايت، جيڪا سنڌن وڏن کان هلندڙ هئي تنهن کي قائم رکي پاڻ سنڌ لاءِ خوش آئينده ۽ دير اثر پيغام ڏنو آهي. ليکڪ اديب ۽ دانشور محترم تاج جويو مشاعري کي خطاب ڪندي چيو ته مشاعرو سنڌ جي روايت نه آهي، مشاعرو اردو شاعريءَ جي روايت آهي، جنهن ۾ طرحي غزل، محفل ۽ مشعل هوندي آهي، ان ڪري سنڌي مشاعرو آزاد آهي، جنهن ۾ هر صنف چئي ويندي آهي، ان ڪري سنڌي مشاعرو، يا شاعريءَ جي محفل سڏي سگهجي ٿي. سنڌي ادبي بورڊ شاعرن کي مانُ ڏئي اهم ڪم ڪيو آهي.

صوفي محبوب علي ستاري مشاعري کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌي ادبي بورڊ طرفان منعقد ڪيل هڪ بهترين مشاعرو آهي، اسان جي نون ۽ پراڻن شاعرن پنهنجو پاڻ مهايو. سنڌ جي مختلف شهرن کان آيل شاعرن جي خيال کي ٻڌي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ادب جي دنيا ۾ مان بلڪل نئون آهيان، مون کي ڏاڍو سٺو لڳو انتهائي لطف محسوس ڪيو، سنڌ ادبي بورڊ جي هن محفل کي مخدوم صاحب مچائي آهي ڪيس جس هجي اهڙا مشاعرا اڳتي به ادبي بورڊ منعقد ڪرائيندو رهندو ته جيئن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اسان جي انهن شاعرن کي پذيرائي ملي، جيڪي اسان جو سرمايو آهن، هڪ راءِ پڻ پيش ڪئي ته ڪافي قلمي نسخا جيڪي سنڌ جي تاريخ بابت لکيل آهن جيڪڏهن انهن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپائجن ته بهتر ٿيندو. سرور نواز ٻگهيي ڳالهائيندي چيو ته جڏهن کان وڻي مخدوم سعيد الزمان ”عاطف“ صاحب بورڊ جا چيئرمين ٿيا آهن تڏهن کان سنڌي ادبي بورڊ جا اڱڻ آباد ٿي ويا آهن، پاڻ اديب، شاعر ۽ ادب دوست شخصيت جا مالڪ آهن، سندن ايامڪاريءَ ۾ بورڊ جو ڪم بهتر نموني سان هلي رهيو آهي هتي ڪيترائي پروگرام پڻ ٿيا آهن جن ۾ تعزيتي ميڙاڪا، مچ ڪچهري، سگهڙ ڪچهري ۽ ٻيا ادبي پروگرام ٿيندا رهن ٿا ۽ سندن سرواڻيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ هڪ دفعو ٻيهر اڳوٽو جاهه و جلال ماڻڻ طرف وڌي رهيو آهي، هڪ ادبي بورڊ پاران منعقد ڪيل مشاعري وارو قدم يقينن تاريخي نوعيت جو آهي، ڇاڪاڻ ته اهڙيون سرگرميون ئي ادبي بورڊ جي وڃايل وقار کي ٻيهر واپس ورائڻ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون، بورڊ جي ملازمن، آفيسرن ۽ ميمبرن پاران ادبي ماڻهن سان رابطه ڪاري وارو عمل پڻ ادبي بورڊ جي ناماچاري جو سبب بڻبو. ناليواري ليکڪ شاعر ۽ صحافي اظهار سومري چيو ته سنڌي ادبي بورڊ هڪ ڀيرو نئين حسناڪ انداز سان سامهون اچي رهيو آهي هيءَ مشاعرو ان جي بهترين شروعات آهي، شاندار ماضي رکندڙ هي ادارو جيڪو پنهنجي ساکي جوڀن ڏانهن واپس موٽڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو ته ان کان وڏيڪ سنڌي ادب کي ٻيو ڇا کپي. سينيئر صحافي دودي چانڊيي خطاب ڪندي چيو ته وڏي عرصي بعد اڄ ادبي بورڊ جي هن مشاعري ۾ اچڻ ٿيو، اسان جي وڏين شخصيتن هيءَ ادارا قائم ڪيا آهن، انهن کي پنهنجي جوهر ۾ ڀرپور انداز ۾ ڪم ڪرڻ گهرجي، آئون اميد ٿو ڪريان ته هيءَ مشاعرو هن سنڌي ادبي بورڊ ۾ وري ساهه وجهندو.

مشاعري ۾ شريڪ ٿيندڙ اديبن، دانشورن ۽ ٻين شاعرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري پنهنجي نڪور شاعري پيش ڪئي. مشاعري بابت ڳالهائيندي چيو ته سنڌي ادبي بورڊ پاران ڪرايل مشاعري ۾ شرڪت جو موقعو مليو. مشاعري ۾ سنڌي ٻولي جا

شاعر مختلف شهرن کان آيل هئا. انتهائي شاندار مشاعرو ٿي گذريو. اڄ ڊگهي عرصي کان پوءِ ادبي بورڊ جو عاليشان پروگرام ڏسي محسوس ٿي رهيو آهي ته هاڻي سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي پراڻي اوج کي ضرور بحال ڪري وٺندو.

نالي واري براڊ ڪاسٽر نصير مرزا پنهنجي ڪمپيئرنگ دوران ڳالهائيندي چيو ته ننڍي کنڊ ۾ اردو سان گڏ سنڌي مشاعرن جي شاندار تاريخ رهي آهي، 20 صديءَ جي ابتدا ۾ گدا شاه، قليچ بيگ، ميرعبدالحسين سانگي سوڌو بيا ڪيترائي شاعر هئا، جيڪي مشاعرا ڪندا هئا، پوءِ 'بزم خليل' ۽ 'بزم طلب المولیٰ' پاران شاندارن مشاعرن جي روايت پروان چڙهي، جنهن کان پوءِ ريڊيو ۽ ٽي.وي.ءَ تي پڻ مشاعرا ٿيڻ لڳا، اڄوڪو هيءُ ميڙاڪو تاريخي مشاعرن جو تسلسل محسوس ٿي رهيو آهي، جنهن تي بورڊ چيئرمين مخدوم سعيد الزمان جي اڳواڻي ۽ رهنمائي ۾ ان جي پوري ٽيم جس لهڻي. مشاعري ۾ ڊاڪٽر عرفانه ملاح، امر سنڌو، فهيم نوناري، ڊاڪٽررشيده پنهور ۽ ٻين شاعرن ۽ ليکڪن پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته سنڌي ادبي بورڊ پاران ڪرايل مشاعرو تحسين جوڳو ڪم آهي. اهڙا منعقد ڪيل پروگرام ادارن جي جياپي ۽ ماڻ مرتبي کي وڌائڻ لاءِ تمام ضروري آهن. اهڙا پروگرام ڪرڻ سان ڪتاب پڙهندڙ، شاعر ۽ اديب پڻ لاڀ حاصل ڪندا. سنڌي ادب ۾ سنڌي ادبي بورڊ جون ڪوششون قابل تحسين آهن خصوصاً مشاعرو انتهائي بهترين رهيو. انهي عمل سان اسان جي ادبي ڪيتر ۾ سرهائي ايندي. انهي مثبت عمل سان معاشري جي بهتريءَ سان گڏ علم ۽ ادب جي خدمت ٿيندي.

مشاعري ۾ ڊاڪٽر رخسانه پريت چنڙ، سائڻ نذيرناز، مريم مجيدي، گلبدن جاويد مرزا، ثمينه ميمڻ، نجمه پنهور، عربيه نور، سرور نواز ڀگهيو، گل ٽڪڙائي، خطائي ٽيبو، ياسمين چانڊيو، خليل عارف سومرو، شاه زمان پنگر، فدا حسين 'فدا' چانڊيو، ثاقب ابڙو، سليم چنا، آسي زميني، علي اصغر لاڙڪ، غلام حسين مشتاق سچاروي، راشد ابڙو، قاصر نواز ڀگهيو، نعيم ملڪ، محبوب سنڌي، ذوالفقار علي هالار، علي محمد درد سولنگي، لطيف حيدر، غلام رسول غرق، سجاد ميرائي، عاجز چنو، طالب پنيرو، مجاهد مهڙ، علي اڪبر شائق ۽ ٻين نڪور تخليقون پيش ڪيون. مشاعري ۾ سنڌ جي مختلف شهرن کان گهڻن ليکڪ شاعرن، کان علاوه عام ماڻهن به شرڪت ڪئي. آخر ۾ نالي واري ليکڪ شاعر ۽ براڊڪاسٽر نصير مرزا پنهنجي خوبصورت انداز ۾ محفل جي پڄاڻي ڪئي.



**الله بچايو مشتاق آريسر**
ميرپورخاص

# ديوانِ عارف جي تقريب رونمائي

تاريخ 11- فيبروري 2022ع تي جمع جي ڏينهن شام جو 4 بجي روٽري ڪلب ميرپورخاص سينٽرل طرفان، سنڌ جي مشهور سگهڙ ۽ شاعر پنهل فقير 'عارف' لغاري جي ڪتاب 'ديوان عارف' جي رونمائي تقريب منعقد ٿي. 'ديوان عارف' سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪيو ويو آهي ۽ هن ڪتاب جو مرتب جناب عبدالواحد 'عاصي' هڪڙو صاحب آهي. تقريب جي صدارت سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر جناب ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب ڪئي ۽ هيءَ تقريب روٽري ڪلب ميرپورخاص سينٽرل جي آفيس ۾ منعقد ٿي. تقريب جي ميزبانيءَ جا فرائض ڪلب جي موجوده صدر جناب شهزادو ملڪ صاحب انجام ڏنا، جڏهن ته تقريب جي انعقاد جو سڄو سهرو محترم رفيق لغاري صاحب جي سِر سونهي ٿو، جيڪو يونين ڪائونسل ڪاڪ جو سابق چيئرمن ۽ عارف فقير جو رشتيدار پڻ آهي. محترم شهزادو ملڪ صاحب سڀني آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو. سڀني مهمانن کي پنهل فقير عارف جي خاندان جي نوجوانن اجرڪن جا تحفا ڏنا. تقريب کي سنڌ جي سگهڙن جي سرواڻ محترم تاج محمد هاليپوٽو، قائم سولنگي، عبداللطيف لغاري، راقم ۽ ٻين ڪلب جي عهديدارن پڻ خطاب ڪيو. ديوان جي مرتب محترم عبدالواحد عاصي هڪڙو صاحب پنهنجي خطاب ۾ چيو ته آءٌ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن مخدوم سعيد الزمان عاطف ۽ پبليڪيشن ڪميٽي جي ميمبرن ۽ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جو تمام گهڻو شڪرگذار آهيان جن جي مهربانين سان هيءُ ديوان اڄ اسان جي هٿن ۾ آهي.

تقريب کي صدارتي خطاب ڪندي ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب چيو ته سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن محترم قبله مخدوم سعيد الزمان عاطف جي اها دورانديشي ۽ اعليٰ ادبي ذوق آهي جنهن نه صرف ٻين ڪميٽين سان گڏ پبليڪيشن ڪميٽي جو قيام عمل ۾ آندو ۽ ڪميٽين کي خود مختيار پڻ ٺاهيو ته جيئن بورڊ جو ڪاروهنوار سهڻي نموني هلي سگهي.

مخدوم صاحب جتي بورڊ جي ٻاهرين ڏيک کي سينگاريو آهي. وڻڪاري ۽ ٻارڪن سان بورڊ جي ايوان کي سرسبز ڪيو آهي، بورڊ کي پنهنجو جهنڊو ڏنو آهي، جيڪا هڪ خودمختيار اداري جي شناخت آهي. نيون بلڊنگون تعمير ڪرايون آهن ۽ اڳين بلڊنگن جي مرمت ڪرائي آهي. ملازمن کي ترقيون ڏنيون آهي. بورڊ مان جاري ٿيندڙ ٽنهي رسالن مهراڻ، گل ڦل ۽ سرتيون جي معيار کي به بلند ڪيو آهي ۽ انهن رسالن جو وقت سر اجراءُ ممڪن بنايو آهي اتي ريپرنٽ ڪتابن جو وڏو تعداد شايع ڪيو آهي ته ڪيترائي نوان ۽ معياري ڪتاب پڻ شايع ڪرايا آهن، هيءُ 'ديوان عارف' پڻ انهن نون ڪتابن جي لسٽ ۾ شامل آهي.

پنهل فقير 'عارف' پنهنجي دور جو نمائنده شاعر ۽ سگهڙ هئو. سندس ڪلام سندس حياتي ۾ شايع نه ٿي سگهيو. سندس شاعريءَ جا ڇهه ڪتاب مڪمل آهن. محترم عبدالواحد عاصي صاحب انهن مان وڏي جاکوڙ سان ديوان الڳ ڪري پوءِ ان کي ترتيب ڏئي اهم ڪم ڪيو آهي. وقت جي ضرورت آهي ته پنهل فقير عارف جو باقي ڪلام جيڪو محترم عبدالواحد عاصي صاحب وٽ موجود آهي، منظر عام تي اچي. هن اهم ادبي ڪم ۾ محترم نواب امداد علي خان ۽ تاج محمد هاليپوٽو صاحب جا به ٿورا مڃيا جن عبدالواحد عاصيءَ جي هن نيڪ ڪم ۾ مدد ڪئي.

آخر ۾ محترم محمد رفيق لغاري صاحب سڀني آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا. هن چيو ته آءٌ خصوصاً سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن جناب مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' جو احسان مند آهيان، جنهن جي مهربانين سان هيءُ ديوان عوام جي هٿن ۾ آهي. آءٌ ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب جو پڻ شڪر گذار آهيان جنهن 'بورڊ' جي طرفان نمائندگي ڪري اسان جو مانُ مٿانهون ڪيو آهي.




’ديوان عارف‘ جي رونمائي تقريب ۾ ساڄي کان: مولا بخش لغاري، محمد رفيق لغاري، امتياز ڪنڀار، شهزادو ملڪ، ڊاڪٽر اسد جمال پلي،
عبدالواحد عاصي هڪڙو، تاج محمد هالرپوٽو ڪتاب جي رونمائي ڪندي



تقريب جا مندوبين




تقريب ۾ ساڄي کان: محمد رفيق لغاري، شهزادو ملڪ، ڊاڪٽر اسد جمال پلي (صدارتي خطاب ڪندي)،
عبدالواحد عاصي هڪڙو، تاج محمد هاليپوٽو

حفيظ چانڊيو

# سمنڊ سيويو جن

ڪتاب ’سمنڊ سيويو جن‘ ۾ ليکڪ پروفيسر ستار سومري ڪوشش ڪئي آهي تہ شاهہ سائينءَ جي شعرن جي صحيح تشريح ڪري، بي پهچ ماڻهن جي داد رسي ڪري وٺي، ڇو جو پاڻ جنهن ڌرتيءَ تي رهون ٿا، تنهن مٿان مختلف دورن ۾ حملي آورن پاران ڌرتي ڌڻين جي پيرن هيٺان ڌرتيءَ کي کسڪائڻ جون ناڪام سازشون سٽبيون رهيون آهن، ان اثر هيٺ رهندڙ ماڻهن منجهہ جيڪو خوف پيدا ٿيو آهي، تنهن کي بي اثر بڻائڻ لاءِ هن شاهہ سائين جي شاعريءَ کي نجات جو ذريعو ڀانئيو آهي.

ليکڪ پروفيسر ستار سومري ڪتاب ’سمنڊ سيويو جن‘ ۾ پهريون مضمون ڪتاب جو ٽائيٽل آهي، جنهن ۾ ليکڪ سنڌ جي تاريخ بيان ڪئي آهي، جنهن ۾ هُو ماضيءَ ۾ سنڌ جي وڻج ۽ واپار جو ذڪر ڪندي هن مختلف ملڪن سان سنڌس واپاري تعلقاتن جي تاريخ پيش ڪئي آهي، سنڌس هن مضمون ۾ انهن ملڪن جا نالا آهن، جن سنڌ کي واپار جو مرڪز سمجهي اتي واپار سانگي ايندا رهيا، تن ۾ سريلنڪا، ايراني نار آفريڪا، مصر، ايران، عراق، لنڪا(سيلون) ۽ جاوا سماترا وغيره اچي وڃن، جن درياهي رستي سان سنڌ ملڪ اچي، هتان شيون خريدي، ٻين ملڪن ۾ وڪرو ڪري، ناڻو ڪمائيندا هئا.

هن مضمون ۾ ليکڪ ڪيترن محققن جا حوالا پيش ڪيا آهن، جن ۾ ايس.پي چهلاڻي، ڊاڪٽر ممتاز حُسين پٺاڻ، پيرومل، ارنيسٽ هيمنگوي جهڙن علم پرور اعليٰ ماڻهن جو ذڪر ملي ٿو.

هن ڪتاب ’سمنڊ سيويو جن‘ ۾ ليکڪ پروفيسر ستار سومري سنڌ کي ماضيءَ ۾ صنعتي مرڪز قرار ڏنو آهي، جنهن ۾ مهين جي دڙي کان اڳ ۽ بعد ۾ ٻين ملڪن سان واپاري تعلقن جو بيان ڪيو ويو آهي.

ان کان علاوه ڪتاب ’سمنڊ سيوو جن‘ ۾ شاهہ ۽ عشق، سر ڪيڏاري جو انقلابي پهلو، شاهہ لطيف وٽ سماجي اڏاوت جو عظيم تصور، شاهہ لطيف جون سورميون ۽ اڄوڪو سنڌي سماج، شاهہ جي ڪلام ۾ عورت جي عظمت، شاهہ سائين هڪ رهبر شاعر ۽ شاهہ جي شاعريءَ ۾ خوبصورت تشبيهون‘ جي عنوانن سان باقي اٺ مضمون شامل آهن.




پروفيسر ستار سومرو، ڪتاب ’سمنڊ سيوو جن‘ ۾ سر ڪيڏاري ۾ انقلابي پهلو واضح ڪندي لکي ٿو تہ:”شاهہ لطيف جهڙي امن پسند، پيار ڪندڙ ۽



**حافظ احمد الدين انڙ**
پنوعاقل

# علامه قاسميءَ جي 18 ورسيءَ جي تقريب

سنڌ جي صد قابل احترام عالم علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي سالانہ ڏھاڙي جي موقعي تي، سندن وصال واري تاريخ 9- ڊسمبر 2003ع جي حوالي سان 18-هين ورسي، سندن آخري آرامگاھ تي احترام سان ملھائي ويئي. ان موقعي تي دستوري طرح منعقد ڪيل هڪ ساده مگر پُروقار تقريب ۾ اديبن ۽ شاعرن، صحافين ۽ مداحن، شاگردن ۽ خاندان جي فردن وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿي، سندس گوناگون علمي ادبي تحقيقي ۽ ديني خدمتن تي روشني وجھندي، عقيدت جو خراج پيش ڪيو. اِن موقعي تي علامہ صاحب جي خاندان مان سندس فرزندن، خاص طرح سان سندن علمي روايتن جي محافظ پروفيسر نذير احمد قاسمي ۽ انجنيئر رشيد احمد قاسمي پڻ شرڪت ڪئي.



حيدرآباد جي صحافي ڪالوني ۾ ميان غلام نبي ڪلھوڙي جي مقبري واري احاطي جي اندر، علامہ صاحب جي مزار تي، گلن جون چادرون چاڙھڻ سان تقريب جي شروعات ڪئي ويئي، جنھن جي اڳواڻي، 'علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر' جي ڊئريڪٽر، ڊاڪٽر قاضي خادم صاحب ڪئي. حاضرين عقيدتمندن طرفان علامہ صاحب جي مزار تي گل پاشي ڪان پوءِ ايصال ثواب لاءِ مغفرت جون دعائون گھريون ويون.

ان ڪان پوءِ تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ٿي. ان موقعي تي مقررين پنھنجا تاثرات بيان ڪندي، علامہ قاسمي صاحب جي مثالي علمي ۽ ديني، خدمتن ڪي سنڌي ادب، تعليم ۽ سماج لاءِ نيڪ فال قرار ڏنو.

پروفيسر نذير احمد قاسمي آيل مھمانن جي آجيان ڪندي چيو تہ والد صاحب جي اڄ 18 هين ورسي آهي، جو پاڻ بھتر جھان ۾ آهن، پر سندن انتھائي غيرمعمولي شفقت ۽ ننڍين وڏن توڙي ٻارن سڀني سان هڪجھڙي پيار جي حوالي سان سندن روحاني خوشبو جو واس ۽ سڳنڌ هميشہ موجودگي طور محسوس ٿيندو رهندو آهي.

پروفيسر نذيراحمد، سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين جي حيثيت ۾ سندن خدمتن جو تفصيل سان ذڪر ڪندي ٻڌايو تہ 1977ع ۾ جڏهن کين اداري جي صدارت سونپي ويئي، ان وقت بورڊ ۾ ڇپائيءَ جي وڌيڪ گھُرجن جي پيش نظر بورڊ لاءِ جديد آفسيٽ آٽوميٽڪ مشينريءَ جي ضرورت محسوس ڪندي علامہ صاحب ان لاءِ ڀرپور ڪوششون ورتيون، ۽ PC

ون ۽ ٻيا گهربل ڪاغذ تيار ڪرائي، لاڳيتو سنڌ سرڪاري اختيارين سان رابطي ۾ مصروف رهيا. سندن انهن اڻٿڪ جاکوڙي ڪاوشن جي نتيجي ۾ اُن وقت جي علم دوست وزير ثقافت ۽ تعليم سنڌ جسٽس (ر) سيد غوث علي شاهه صاحب بورڊ لاءِ نهايت عمده معيار، آفسيٽ پرنٽنگ مڪمل يونٽ جون مشينون جرمنيءَ مان گهرائي ڏنيون، جيڪي 85-1984ع ڌاري ڄامشوري ۾ نصب ڪيون ويون.

پروفيسر نذير احمد اهو پڻ ٻڌايو ته هڪ مرحلي تي، علامه صاحب جي سفري سهولت لاءِ صدر مملڪت پاڻهرتو جنهي خلوص ۽ صدق سان موٽرڪار جو تحفو موڪليو، پر والد صاحب ڪمال ايثار جو مظاهرو ڪندي اها گاڏي اداره سنڌي ادبي بورڊ جي نالي ۾ رجسٽر ڪرائي ڇڏي، سمورن علمي حلقن جي مٿان اها حقيقت اڄ به ائين ئي روشن ۽ آشڪار آهي، جڻ ته اها ڪلهه ڪلهوڻي ڳالهه آهي.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي، قاسمي صاحب جي صحافتي خدمتن جو تفصيلي ذڪر ڪندي، ٻن رسالن”الرحيم“ ۽ ”الولي“ تي روشني وڌي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽريٽ لاءِ ”رهنما“ (گائيڊ) جي حيثيت ۾ سندن خدمتن جي اپٽار ڪئي.

ڊاڪٽر رفيق احمد مگرئي پنهنجي تاثرات ۾ ان نُقطي کي اُجاگر ڪيو ته طلوعِ اسلام کان پوءِ مختلف عرب مُلڪن ۾ اسان جي ’سنڌي‘ عالمن، علم و فضل، حڪمت و دانش جا جيڪي حيرت انگيز مثال قائم ڪيا، انهن جي احوال کان اسان کي گهڻي کان گهڻي آگاهي علامه قاسمي جي تحقيقات مان ئي ملي سگهي آهي، جو اصل ماخذ عربي ٻوليءَ ۾ آهن.

نفيس احمد ’ناشاد‘ پنهنجي تاثرات ۾ علامه صاحب جي ذاتي اوصاف جو تذڪرو ڪندي ٻڌايو ته علامه صاحب کي پنهنجن دوستن، همعصرن، لاڳاپي وارن، شاگردن ۽ زيردستن لاءِ هميشه سهڻو گمان رهندو هو. ناشاد صاحب، خاص طرح مثال ڏنو ته 1977ع کان وٺي 1989ع تائين 12/11 سال سنڌي ادبي بورڊ جي سرواڻيءَ دوران، تماهي رسالي ’مهراڻ‘ جي سرپرست اعليٰ جي حيثيت ۾، علامه صاحب کي، اداره ’مهراڻ‘ جي مقرره منصبي فرضن لاءِ هميشه هڪ خاص وضعدارانه اطمينان ۽ احترام رهيو ۽ سندن طرزِ عمل ۾ ڪڏهن به تِر جيترو به فرق ڪونه پيو، جنهن کي اختيارن ۾ دخل چئي سگهجي.

سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري سيد سڪندر علي شاهه پنهنجي عملي سان گڏ علامه صاحب جي مزار تي بورڊ طرفان گلن جي چادر چاڙهي ۽ پنهنجي تاثرات ۾ ٻُڌايو ته توڙي جو علامه صاحب جي صدارت واري دور جا ملازم هاڻي اداري ۾ ڪي نالي ماتر بچيا آهن، پر اڄ به سمورن ملازمن کي علامه قاسمي صاحب جي علمي خدمتن ۽ اداري جي فلاح و بهبود لاءِ ورتل ڪوششن جو پورو پورو ادراڪ ۽ فخر حاصل آهي ۽ ڪين وڏي عقيدت سان ياد ڪيو ويندو آهي. قرآن شريف فارسي مترجم حضرت مخدوم نوح سرورؒ جي اوائلي اشاعت جي ابتدا، علامه صاحب جي يادگار دور ۾ سندس ئي تحرڪ ۽ توجهه سان ٿي، جنهن جا مهتمم به پاڻ هئا.

تقريب جي صدر، جناب ڊاڪٽر قاضي خادم پنهنجي خطاب ۾ علامه قاسمي جي تحقيقي ڪاوشن ۽ علمي مرتبي جي ذڪر سان گڏ، خاص طرح سان ’علامه قاسمي چيئر‘ جي مالي صورتحال طرف ڌيان ڇڪائيندي، سنڌ يونيورسٽي انتظاميه کان گهُر ڪئي ته چيئر جي مالي مدد لاءِ توجهه ڪيو وڃي، جيئن ڪمن ڪارين جون ڏکيايون آسانيءَ ۾ تبديل ٿين.

ڊاڪٽر قاضي خادم علامه قاسمي صاحب کي عقيدت جو خراج پيش ڪندي، ساڻس گهاريل يادگار دور جون سارونيون سنڀاريندي، سندس خدمتن کي ايندڙ نسلن لاءِ رهبري ۽ رهنمائي جو باعث قرار ڏنو.

آخر ۾ خيرات جي ماني تي ۽ انجنيئر رشيد احمد قاسمي آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو، پڇاڙيءَ تي اجتماعي دُعا جي سعادت (راقم الحروف) کي حاصل ٿي.



مير علي شاهه ڪاظمي

# سنڌي ادبي بورڊ ۾ ٽن ڏينهن جو ڪتابي ميلو ۽ بورڊ جي سابق چيئرمينن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ ڪوٺايل تقريب

سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي واڌاري لاءِ قائم سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو طرفان ٽن ڏينهن جي حوالي سان تاريخ 13 فيبروري 2022ع کان 15 فيبروري تائين ڪتابي ميلي ۽ بورڊ جي سابق چيئرمينن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ تقريب ڪوٺائي وئي. جنهن لاءِ پهرين ڏينهن 13 فيبروري تي ڪتابي ميلي جو افتتاح بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان ”عاطف“ ڪيو.

افتتاح جي موقعي تي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان ”عاطف“ ڪتابي ميلي ۾ لڳايل اسٽالن جو دورو ڪري پبلشرن کي سنڌي ادبي بورڊ ۾ اچڻ تي ڀليڪار ڪئي ۽ سهڪار ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيو، ان موقعي تي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بورڊ کي مثالي اداري بڻائڻ ۾ اسان جون ڏينهن رات جون ڪوششون جاري آهن، اسان جي مٿان اهو فرض هو ته ڪتابن جي ڇپائي ۽ ادبي سرگرمين سان گڏ انهن چيئرمين صاحبان کي به خراج تحسين پيش ڪريون، جن سنڌي ادبي بورڊ کي هڪ شاندار علمي ۽ ادبي ادارو بڻائڻ ۾ پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪيو. بورڊ جي چيئرمين جو اهو به چوڻ هو، ته ڪتابي ميلي لڳائڻ جو مقصد نوجوان نسل کي ڪتابن طرف متوجهه ڪرڻ آهي. ڪتابي ميلي ۾ هر عمر جا ماڻهو شريڪ آهن، آهن، جيڪو پڻ اسان جو مقصد هو. هيءُ ڪتابي ميلو ٽن ڏينهن تائين جاري رهندو. سنڌي ادبي بورڊ طرفان ايندڙ مهيني ۾ سنڌي اردو مشاعرو ڪرايو ويندو، جنهن سان سنڌ ۾ سنڌي اردو اديبن ۽ آبادي ۾ وڌيڪ ويجهڙائپ قائم ٿيندي، هن چيو ته سنڌ حڪومت کي بورڊ ۾ تعميراتي ڪمن لاءِ بجيٽ لاءِ لکيو آهي، جيئن ئي بجيٽ ملندي ويندي ترقياتي ڪم جاري رکيا ويندا، ڇاڪاڻ ته هن وقت جيڪا اسان کي بجيٽ ملي رهي آهي ان جو 80 سيڪڙو پگهارن تي خرچ ٿي رهيو آهي، ان ڪري محدود وسيلن ۾ ڪتابن جي ڇپائيءَ سوڌو ٻيون ادبي ۽ علمي سرگرميون ڪري رهيا آهيون ۽ بورڊ مان جاري ٿيندڙ رسالن کي به وقت سر شايع ڪيو پيو وڃي.

هن چيو ته پهرئين ڏينهن جي ادبي نشست ۾ بورڊ جي اڳوڻي چيئرمين مخدوم طالب المولىٰ جي شخصيت کي پيپر پيش ڪيا ويا، اڳوڻي چيئرمين مخدوم طالب المولىٰ جي شخصيت تي تيار ڪيل ڊاڪيومينٽري پڻ پيش ڪئي وئي.

تقريبن جي پهرئين ڏينهن ادبي نشست ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ ڪانفرنس ٿي گذري، جنهن جي صدارت نامياري شاعر شبير شاهه هاتف ڪئي، جنهن ته اعزازي مهمان سرفراز راڄڙ، ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، مختيار ملڪ هئا. ڪانفرنس جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي. ڪانفرنس جي شروعات ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي سرتيون رسالي جي ايڊيٽر، نامياري شاعره ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي پروگرامز آرگنائيزنگ ڪاميٽي جي چيئرپرسن گلبدن جاويد مرزا آيل مهمانن کي آجياڻو ڏيندي چيو ته سنڌي ادبي بورڊ ٽن سالن جي هن مختصر عرصي ۾ موجوده چيئرمين مخدوم سعيدالزمان ”عاطف“ جي سربراهيءَ ۾ ڀن ڏهاڪن جيترو ڪم ڪيو آهي، جيئن اداري جو خوبصورت انفراسٽرڪچر، 114 جديد ۽ قديم ادب تي نوان ۽ ري پرنٽ ڪتاب شايع ڪرايا آهن. سنڌ جي تاريخ تي انگريزيءَ ۾ ترجمي تي ڪم هلندڙ آهي ۽ ترقياتي ڪمن بابت شهيد بينظير ڀٽو ريسرچ هاسٽل ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جديد لائبرري ۽ ٻيا ڪم هلندڙ آهن ۽ ٽن سالن جي عرصي ۾ هي ٽيون ڪتابي ميلو آهي. آخر ۾ صدارتي خطاب ڪندي شبير شاهه هاتف چيو ته مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن اهي عظيم انسان آهن، جن سنڌي ثقافت، سنڌي ٻولي ۽ علم و ادب سان محبت ڪئي آهي. پاڻ سنڌي ٻولي جي الفابيٽ تي ڪم ڪيائون. لغات تي ڪم ڪيائون. حضرت نوحؒ خاندان پاڻ واحد هستي آهن، جن شاعريءَ جي هر صنف کي اوج ڏياريو. پاڻ سنڌ جي ادارن جي سرپرستي ڪيائون. بزمِ طالب المولىٰ جي پليٽفارم تان نوجوان شاعرن ۽ ليکڪن جي همٿ افزائي ڪئي. سنڌي ادبي بورڊ کي هڪ ڪمري جي آفيس مان

ڪلي هن خوبصورت عمارت تائين آڻڻ جديد ۽ قديم ادب جا سوين ڪتاب ڇپائڻ سندن ڪمال آهي.

تقريب کي خطاب ڪندي نامياري شاعر ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرز جي ميمبر مختيار ملڪ چيو ته مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي دور جي ادبي ڌرين ۾ غير تڪراري ۽ قابل قبول شخصيت هو. طالب المولىٰ هڪ ئي وقت عروضي ۽ غير عروضي شاعريءَ ۾ طبع آزمائي ڪئي. طالب المولىٰ سنگيت سان چاهه رکندو هو. سندس شاعريءَ ۾ موسيقيءَ جو رچاءُ هو. سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرز جي ميمبر ڊاڪٽر عبدالغفار سومري خطاب ڪندي چيو ته مخدوم طالب المولىٰ سنڌي علم ۽ ادب جي نهايت همه گير شخصيت آهي، هو شاعريءَ سان گڏ نثر تي به مهارت رکن ٿا، سندن علمي شخصيت جو هڪ اهم پهلو تحقيق پڻ آهي، انهيءَ پس منظر ۾ پاڻ ديوانِ طالب المولىٰ ۽ 59 اکرن يا آواز تي ديوان ترتيب ڏنائون. اهڙيءَ طرح سنڌي مخففات سندن ادبي تحقيق جو شهپارو آهي. سندن علمي تحقيق جو مثال گيڙو رنگ جي اصليت کي پترو ڪرڻ آهي، جنهن تي ڪانئن اڳ ڪنهن به ڪجهه نه لکيو آهي. مون کي 'گيڙو' ڪتاب تي تحقيق ڪندي اها رهنمائي ملي. سنڌي ٻوليءَ جي نامياري شاعر ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرز جي ميمبر سرفراز راجڙ چيو ته قبلا حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ تمام وڏي ۽ گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ هئا. سندن سنڌي ٻولي، علم ۽ ادب لاءِ شاندار خدمتون آهن. سنڌي ادبي بورڊ لاءِ سندن بيحد گهڻيون خدمتون آهن ۽ بورڊ کي پنهنجي زمين به ان وقت جي سنڌ جي وڏي وزير غلام مصطفىٰ جتوئي کان موجوده هنڌ وٺي آفيسون ٺهرايون. پاڻ اميري ۾ فقيري ڪيائون. سنڌ هن عظيم شخصيت کي ڪڏهن به وساري نٿي سگهي. نامياري محقق ۽ اديب ۽ سنڌي ادبي بورڊ آف گورنرز جي ميمبر ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ ڳالهائيندي چيو ته مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي وجود ۾ نه صرف هڪ شخص بلڪ هڪ انجمن هو، هو هڪ مثالي ادبي تحريڪ هو، سندن شخصيت، ادارن جي سرپرستي ۽ قلم ڏکين جي همت افزائيءَ جو اهڙو مثال قائم ڪيو، جيڪو سندن طبقي جيئن سنڌ واسين لاءِ علم دوستي ۽ ادب پروريءَ جا قدر ۽ نظريو قائم ڪيو.

ٽن ڏينهن جي تقريبن جي ٻئي ڏينهن تاريخ 14 فيبروري 2022ع تي ٻهرين نشست ۾ . سيد ميران محمد شاهه، جناب آغا نبي پٺاڻ، جناب قاضي محمد اڪبر ۽ جناب محمد ايوب کهڙو کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ تقريب ٿي گذري، تقريب جي صدارت ميڊم ممتاز پنهور ڪئي، جڏهن ته خاص مهمان سيد شبير شاهه "هاتف" هو. تقريب ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي چيئرمن خانبهادر ايوب کهڙو بابت ڳالهائيندي سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرز جي ميمبر ڊاڪٽر ممتاز پنهور چيو ته خانبهادر محمد ايوب کهڙو جو سنڌ ۽ پاڪستان جي تحريڪ ۾ اهم ڪردار آهي، سنه 1901ع ۾ وڏيري شاهه محمد جي گهر ۾ جنم ورتو. هو سماٽ جي کهڙا قبيلي مان هو. چيف منسٽر هئڻ ڪري 1942ع ۾ قائم ٿيل سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين ٿيو.

تقريب کي خطاب ڪندي سيد شبير شاهه "هاتف" سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي چيئرمين سيد ميران محمد شاهه جي شخصيت تي ڳالهائيندي چيو ته هو پنهنجي دور جو تمام وڏو ماڻهو هو. هُو جڏهن وزارت ۾ آيو ته پاڻ تعليم تي وڌو ڌيان ڏنائين خاص ڪري نياڻين جي تعليم تي وڏي جاکوڙ ڪيائين جيئن مدرسته البنات حيدرآباد ۽ ٻيا اسڪول ۽ ڪاليج ڇوڪرين لاءِ کولرايائين، هن هميشه سنڌ جي حقن ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ جاکوڙيو. ميران محمد شاهه، جويڪو سياستدان به آهي، سماج سڌارڪ به آهي، اديب به آهي ته شاعر به آهي، جو نه رڳو اعلىٰ انتظامي عهدن تي رهيو. ۾ علمي ادبي ادارن جي سرپرستي ڪئي. سنڌي ٻوليءَ جي نامياري شاعره محترمه ڊاڪٽر سحر امداد حسيني جو سيد ميران محمد شاهه تي لکيل مقالو سرتيون رسالي جي ايڊيٽر گلبدن جاويد مرزا پڙهيو.

سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي چيئرمن قاضي محمد اڪبر بابت محترم اديب، صحافي نياز پنهور جي لکيل خاڪي کي نصير مرزا پيش ڪيو ۽ ٻڌايو ته قاضي محمد اڪبر جو تعلق سيوهڻ جي عباسي خاندان سان هو، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي سندس چاچو ۽ ناميارو حڪيم قاضي عبدالقيوم والد هو، قاضي خاندان جو تعلق حڪمت، سياست ۽ صحافت سان هو، 1946ع ۾ سائينجي.ايم.سيد سان اليڪشن ۾ بيٺو. سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي چيئرمين آغا غلام نبي پٺاڻ بابت ڳالهائيندي نصير مرزا چيو ته آغا غلام نبي پٺاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو ٻهريون چيئرمن رهيو.

آغا صاحب ائنٽي ون يونٽ فرنٽ ۾ شامل ٿيو، جنهن جو صدر محمد ايوب کهڙو هو ۽ ٻين ميمبرن ۾ جي.ايم.سيد، پير پاڳارو، مخدوم طالب المولىٰ، مير غلام

جهڙا مدبر شخصيتون شامل آهن. جناب عبدالحميد آخوند جي علمي ۽ ادبي خدمتن بابت ڳالهائيندي سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو جي چيئرمين ۽ نامياري محقق ڊاڪٽر محمد علي مانجهي چيو ته محترم عبدالحميد آخوند هڪ سنڌ شناس ۽ انسان شناس شخصيت آهي هُو سنڌ، سنڌي ٻولي، تهذيب، قديم آثار، سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف جي شاعري ۽ لطيف جي شاعري جو عاشق رهيو آهي، سنڌ جي موسيقي، راڳ راڳيندڙن ۽ فنڪارن سان نه رڳو محبت ڪندڙ رهيو آهي پر ڪيترن ئي راڳيندڙن ۽ فنڪارن کي ڏيهه ۽ پرڏيهه ۾ متعارف ڪرائي، سنڌ جو نالو روشن ڪيو آهي. غلام رباني آگرو صاحب جي علمي ۽ ادبي خدمتن تي ڳالهائيندي محترمه ڊاڪٽر ريحانه نظير چيو ته غلام رباني سنڌي ڪهاڻي جو سرموڙ ڪهاڻي نويس آهي، سندس ڪهاڻين ۾ سنڌ جي سماجي زندگي جو عڪس پسجي سگهي ٿو، سندس جڳ مشهور افسانو شيدو ڌاڙيل سنڌي ڪهاڻي جو اهم ڪردار آهي، جنهن کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي ۾ شريف بدمعاش هيرو جو تصور جوڙيو، محترم غلام رباني سنڌي ادبي لاءِ وڏيون خدمتون ڏنيون آهن جيڪي وسارڻ جوڳيون ناهن.

ٽن ڏينهن جي تقريبن جي ٽئين ۽ آخري ڏينهن جي ٻي نشست ۾ جناب مخدوم جميل الزمان، جناب پير مظهرالحق ۽ محترمه ڊاڪٽر حميده کهڙو کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ تقريب ٿي گذري، تقريب جي صدارت سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرز جي ميمبر جناب ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب ڪئي، تقريب دوران جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جي خدمتن تي ڳالهائيندي ناماري اديب جناب نصير مرزا صاحب چيو ته جميل سائين پنهنجي خاندان جا اهڙا ڀهريان پڳدار آهن، جن مخدومان هالا، حضرت عباس علمدار ۽ حضرت ابوبڪر صديق وغيره بابت نثر ۾ شاندار ڪتاب لکيا آهن، شاعري ڪين ورثي ۾ مليل هئي. سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي چيئرپرسن ڊاڪٽر حميده کهڙو بابت ڳالهائيندي تهمينه مفتي چيو ته حميده کهڙو سنڌ جي دانشور، سياستدان، استاد تاريخدان شخصيت آهي سنڌي ادبي بورڊ جي پهرئين عورت چيئرپرسن ۽ پهرئين سنڌي عورت جنهن آڪسفورڊ مان پي ايچ ڊي ڪئي. اڳوڻي چيئرمن پير مظهرالحق بابت ڳالهائيندي پير راحيل حسين چيو ته سنڌي ادبي بورڊ تمام بهترين ڪم ڪري رهيو آهي، مخدوم سعيد الزمان جي چيئرمين ٿيڻ ادبي بورڊ جي لاءِ بهترين فيصلو آهي، پير مظهر الحق 2007ع کان 2008ع تائين بورڊ جو چيئرمين رهيو، پير مظهر الحق پنهنجي دؤر ۾ بينظير ڀٽو جي نالي سان هڪ ڪتاب ڇپرايو ۽ ان کان علاوه ٻيا به ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا. ناماري اديب مخمور بخاري، سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي چيئرمين مخدوم جميل الزمان بابت ڳالهائيندي چيو ته سياسي، روحاني شخصيت هجڻ سان گڏوگڏ علمي ادبي شخصيت پڻ آهن، پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين جي حيثيت ۾ بورڊ جون نيون عمارتون جوڙايون جيڪي وقت جي ضروت هئي، پاڻ شاعر، اديب ۽ بااخلاق وضعدار شخصيت جا مالڪ آهن. ناماري ليکڪ فهيم نوناري ڳالهائيندي چيو آءٌ شڪرگذار آهيان جو مون کي ڊاڪٽر حميده کهڙو جي علمي، سماجي، ادبي ۽ سياسي زندگي بابت ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو. جڏهن ايوب جي دور ۾ سنڌ ۾ ون يونٽ مڙهيو ويو ته هن لنڊن مان شاگردي واري زماني ۾ مخالفت ڪئي، سنڌ يونيورسٽي جي تاريخ جي شعبي ۾ استاد طور خدمتون سرانجام ڏنائين. هن جا 10 کان وڌيڪ انگريزي ۾ ڪتاب ڇپيل آهن ۽ سوين انگريزي ۽ سنڌي ۾ ڪتاب ڇاپيل آهن، سنڌ اندر روشني پکيڙڻ لاءِ اهم ڪم ڪيو.

سنڌي ادبي بورڊ ۾ چيئرمينن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ ٻئي ڏينهن جي تقريبن ۾ ٻي نشست دوران سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪرايل نون ڪتابن عمرڪوٽ ضلعي جي قبرستانن جي ڪتبن جو مطالعو، تاريخ جا گم ٿيل ورق، چين جون مشهور شخصيتون ، گيتن جي گلزاري ۽ ديوانِ عارف جي مهورت ڪئي وئي.

تقريب جي آخر ۾ صدارتي خطاب ۾ ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ چيو ته هن نشست جا موصوف ٽئي چيئرمين سنڌ جي وڏن، سياسي ۽ سماجي گهراڻن جا فرد ۽ ادب جي دنيا جا وڏا نالا آهن. اسان جي بورڊ جي موجوده چيئرمين صاحب هنن سيني سابق چيئرمين کي خراج عقيدت پيش ڪري بلند خيالي ۽ اعليٰ ادبي ۽ علمي ذوق جو مظاهرو ڪيو آهي، هن پروگرام جي آرگنائيزرن کي مبارڪون ڏنيون ۽ خاص طرح محترم نصير مرزا جي ٽن ڏينهن جي پُرخلوص ڪمپيئرنگ جي پڻ ساراهه ڪئي.

سنڌي ادبي بورڊ جام شورو ۾ لڳل ڪتابي ميلي جي 3 ڏينهن ۾ خريدارن جي وڏي انگ جنهن ۾ مختلف اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي شاگردن ۽ عام پڙهندڙن وڏي انگ ۾ پهچي ڪتاب خريد ڪيا.

"MEHRAN" (Regd. No: NS-20)Quarterly

## سنڌي ادبي بورڊ ۾ تازو تعمير ڪرايل باب جي. ايم سيد




ننڍين تصويرن ۾ چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" افتتاح ڪندي ۽ دعا گهرندي